

# ديسي سيڻ ڪجن

(سُر ديسيءَ جو مطالعو)


مرتب

تاج جويو





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ديسي سيڻ ڪجن

(سُر ديسيءَ جو مطالعو)

مرتب

تاج جويو

شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ

2005ع/ 1426ھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٻه سؤ ايڪهٺين عُرس تي پڙهيل مقالن جو
ڪتاب، 'شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه مرڪز، ڀٽ شاهه' جي گولڊن جوبليءَ
(پنجاهه سالن پوري ٿيڻ) جي موقعي تي پڌرو ڪيل

---

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: ديسي سيڻ ڪجن (سُر ديسيءَ جو مطالعو)
مُرتب: تاج جويو
پهريون ڇاپو: جولاءِ 2005ع
ڪمپوزنگ: موهن مدهوش، انٽل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد
پيسٽنگ: قمر الزمان گهانگهرو
ڇپائيندڙ: مهتاب اڪبر راشدي، سيڪريٽري
شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه
ڇپيندڙ: ايسٽ لائين ڪميونيڪيشنز، ڪراچي، فون 5221325

قيمت =/200 روپيا

---

هي ڪتاب، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي جي سيڪريٽري، مهتاب اڪبر راشديءَ، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ پاران، ايسٽ لائين ڪميونيڪيشنز مان ڇپائي، ڀٽ شاهه مان پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ٻه اکر | مهتاب اڪبر راشدي | 5 |
| مرتب پاران | تاج جويو | 7 |
| آجيان جي تقرير | سيد انوار حيدر<br>اڳوڻو اڊيشنل چيف سيڪريٽري<br>ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ | 11 |
| ڪليدي تقرير<br>(سُر ديسي ۽ جي حوالي سان) | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 15 |
| سنڌ جي ثقافت ۽ اسان | شبير احمد قائمخاني<br>صوبائي وزير ثقافت ۽ سياحت<br>حڪومت سنڌ | 24 |
| صدارتي تقرير | سيد سردار احمد<br>سينيئر وزير حڪومت سنڌ | 29 |


## سُر ديسيءَ جو مطالعو


| | | |
|---|---|---|
| ▲ سُور جي سائنس ۽ شاھ جو رسالو | ڊاڪٽر اسد جمال پلي | 45 |
| ▲ سر ديسي: ترتيب ۽ تفهيم | محمد حسين ڪاشف | 64 |
| ▲ سر ديسي: سنگيت درسني ۾ | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 74 |
| ▲ شل، سيجي ٿئي مَ اوطاق! | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 79 |
| ▲ سر ديسيءَ جي لغات | الهنواز زُڪنائي | 90 |
| ▲ سر ديسيءَ ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون | معمور يوسفاڻي | 124 |
| ▲ مٿي مار ڳماڪ | سحر امداد | 135 |
| ▲ سر ديسيءَ جي ٻولي | ڊاڪٽر هدايت پريم | 151 |
| ▲ سر ديسيءَ جون لساني خوبيون | فهميده شاھ سبزواري | 159 |
| ▲ لنگھي ڪا لهه لڪير | عنايت بلوچ | 166 |
| ▲ سر ديسيءَ جو جائزو | پروفيسر عنايت الله زنگيجو | 171 |
| ▲ ڪمزور عورت جو سگھارو پيغام | ڊاڪٽر مهر النساءِ لاڙڪ | 180 |
| ▲ ديسي سيڻ ڪجن | تاجل بيوس | 190 |
| ▲ سر ديسيءَ جو مطالعو | ڊاڪٽر بشير احمد 'شاد' | 193 |
| ▲ پيرڙم پيچ پنهون ۽ سين | ڊاڪٽر پروفيسر نور افروز خواجه | 202 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| ▲ سُر ديسيءَ جو مختصر جائزو | ڊاڪٽر خورشيد عباسي | 208 |
| ▲ شاهه لطيف ۽ سسئيءَ جو سفر محبت | پروفيسر موهن لعل پريمي | 214 |
| ▲ سُر ديسيءَ ۾ پهاڪن، چوڻين ۽ قولن جو ذخيرو | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 220 |
| ▲ شاهه لطيف ۽ بلوچي ٻولي | رخمان گل پالاري | 229 |
| ▲ سُر ديسيءَ ۾ شاهه جي دور جون سماجي، سياسي ۽ تاريخي حالتون | انوساگر ڪانڌڙو | 240 |
| ▲ سُر ديسيءَ جا مبهم ڪردار | بدرڌامراهو | 248 |
| ▲ سُر ديسيءَ ۾ جدوجهد جو درس | عابد مظهر | 255 |
| ▲ سُر ديسيءَ جي ٻوليءَ جي حسناڪي | رڪيل مورائي | 259 |
| ▲ سُر ديسيءَ ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال | مخمور بخاري | 264 |
| ▲ سُر ديسيءَ جو اڀياس | زيب نظاماڻي | 271 |
| ▲ سُر ديسيءَ ۾ آيت، حديث، اقوال ۽ لفظ "بائي" جو استعمال | حزب الله آءِ. سومرو | 281 |
| ▲ سُر ديسيءَ ۾ جانورن ۽ پکين جا اهڃاڻ | 'عاطف' عبدالجبار جوڻيجو | 288 |
| ▲ سُر ديسيءَ ۽ سسئيءَ جو عزم | ڊاڪٽر علي نواز نظاماڻي | 312 |
| ▲ شاهه جو سُر ديسي ۽ سسئيءَ جا دشمن | گدا حسين خاصخيلي | 318 |
| ▲ سُر ديسيءَ ۾ شاهه سائينءَ جي حقيت نگاري | سرور نواز ٻگهيو | 324 |
| ▲ سُر ديسيءَ جي لغت ۽ ٻوليءَ جو بيان | اسير محمد اياز قريشي | 328 |


### اردو حصه


| | | |
|---|---|---|
| ادبيات عالم اور نغمات (بحوالہ سُر سسئي آبري اور ديسي) | سيد مظهر جميل | 333 |
| سُر ديسي اور محبوب ازلي کي جستجو | ڊاڪٽر قاسم صافي | 358 |
| سُر ديسي کا فلسفہ غم | مرزا کاظم رضا بيگ | 361 |


### English Section


| | | |
|---|---|---|
| 1 | Relevance of Shah's poetry today | Muslim Shamim |
| 7 | Environments that lead Shah Latif's Poetic Excellence in Sindh | M.H. Panhwar |
| 18 | Shah Abdul Latif and his poetry | Rahim Dino Mahar |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻه اکر

ثقافت ۽ سياحت کاتي جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ چارج وٺندي مون کي ٿورو مختصر عرصو ٿيو آهي. اها مون لاءِ اعزاز جي ڳالھ آهي تہ مون کي منھنجي ذميوارين سنڀالڻ سان ئي "**ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز**" جي گولڊن جوبلي تقريبات ملهائڻ جي سعادت حاصل ٿي رهي آهي.

مون هن کان اڳ بہ ثقافت کاتي ۽ ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز جي سيڪريٽريءَ جون ٻہ طرفيون ذميواريون سنڀاليون آهن ۽ پنهنجي وس، وسعت ۽ اپروچ (approach) موجب لطيف سائينءَ جي فڪر جي واڌ ويجھ لاءِ ڪم ڪيو آهي. هن وقت، "**گولڊن جوبلي تقريبات**" جي انعقاد سان گڏ هيٺيان ڪتاب منظر عام تي آڻيندي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون:

(1) **ديسي سيڻ ڪڄن (سر ديسيءَ جو مطالعو)**: مرتب: تاج جويو

(2) رسالہءِ اويسيہ (شاھ لطيف ۽ مخدوم معين رح جي خط و ڪتابت) مترجم: نياز همايوني

(3) **لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاھ**: محمد حسين ڪاشف

(4) **ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز- گولڊن جوبلي سووينئر**

مٿين ڪتابن جي ترتيب، تدوين ۽ اشاعت لاءِ سنڌي زبان جي نامياري اديب محترم تاج جويي ۽ سووينئر جي اشاعت لاءِ ايسٽ لائين ڪميونيڪيشنز جي سربراہ محترم فتاح دائودپوٽي جي ٿورائتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهيان، جن مون سان ۽ منهنجي ڪاتي جي آفيسرن سان مڪمل سهڪار ڪيو ۽ هي اشاعتي ڪم تڪميل تي پهتو.

آءٌ ثقافت، سياحت ۽ سماجي ڀلائيءَ جي صوبائي وزير جناب شبير احمد قائمخانيءَ جي احسانمند آهيان، جنهن مختصر عرصي ۾ "ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز" جي گولڊن جوبلي تقريبات جي حوالي سان رٿيل ٽن روزه پروگرام- "سنڌي اردو مشاعري" (07 جولاءِ 2005ع)، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي قيام ۽ ڪاڪردگيءَ بابت سيمينار (08 جولاءِ 2005ع) ۽ "انٽرنيشنل شاهه لطيف ڪانفرنس" (09 جولاءِ 2005ع) جي سلسلي ۾ اسان جي هر موڙ تي اخلاقي ۽ مشوراتي مدد ۽ رهنمائي ڪئي.

آءٌ ثقافت ڪاتي جي ڊائريڪٽر اين. ڊي جتوئي صاحب، ڊپٽي ڊائريڪٽر منظور احمد قناصري ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن جي به ٿورائتي آهيان. جيڪي مون سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا ۽ هي "تاريخي پروگرام" (Historical Event) ڪرڻ ۾ اسان ڪامياب ٿيا آهيون.

**مهتاب اڪبر راشدي**

سيڪريٽري
ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ
۽ سيڪريٽري، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز،
ڀٽ شاهه

ڪراچي، سنڌ

21-05-2005



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مُرتب پاران

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عُرس جي موقعي تي هر سال ڪانفرنس ٿيندي آهي ۽ هڪ وڏي عرصي کان شاهه جي رسالي جي ڏار ڏار سُرن تي مختلف اديبن ۽ عالمن طرفان پيش ڪيل مقالن جا ڪتاب ڇپجندا رهيا آهن.

اها منهنجي خوش بختي چئجي، جو گذريل ستن سالن کان اها ذميواري مون تي پئي رهي آهي ته ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهيل مقالن جي ترتيب، تدوين ۽ ايڊيٽنگ آءٌ ڪريان. هيءُ ڪم ايڏو آسان نه آهي، ڇو ته سواءِ ٿورن عالمن ۽ اديبن جي باقي لکندڙن جي مقالن جي ٻوليءَ، صورتخطيءَ، جملن جي سٽاءَ ۽ مواد جي صحت، تصحيح، ترتيب ۽ ٻيهڪ جي نشانين جي درست ادائگيءَ لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پوي ٿي، ايتريقدر جو ڪيترن مقالن جي مواد کي نئين سر ٻه لکڻو پوندو آهي، ڇو ته ڪيترا ليکڪ نه پيرائن جو خيال ڪندا آهن، نه ٻيهڪ جي نشانين ۽ گرامر جو درست استعمال ڪندا آهن ۽ نه حوالا درست انداز ۾ ڏيندا آهن. پوءِ به اهو اٺ- ڪانئيو ڪم، لطيف سائينءَ سان عشق جي جذبي هيٺ ڪندو رهان ٿو.

هن سال، ڪانفرنس لاءِ جيتوڻيڪ هفتي ڏيڍ جو عرصو ڪم ڪرڻ لاءِ مس مليو، پر آءٌ ٿورائتو آهيان ثقافت ۽ سياحت جي صوبائي وزير جناب شبير احمد قائمخاني، ثقافت ۽ سياحت کاتي جي اڳوڻي ائڊيشنل چيف سيڪريٽري سيد انوار حيدر، ڊائريڪٽر جنرل اين. ڊي جتوئي، ڊپٽي ڊائريڪٽر منظور احمد قناصري جو، جن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اعتاد ۽ پرخلوص سهڪار سان نہ رڳو ڪانفرنس ڪامياب ٿي، پر هن سال گذريل ڪيترن سالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ معياري ۽ مقصد وارا مقالا پڻ پيش ڪيا ويا.

هن سال ڪانفرنس لاءِ 'سُر ديسي' تجويز ڪيو ويو هو. ڪانفرنس، ممتاز مرزا آڊيٽوريم حيدآباد ۾ ٿي هئي، جنهن جي صدارت حڪومت سنڌ جي سينيئر ۽ ناٽي واري وزير جناب سردار احمد ڪئي. خاص مهمان جي حيثيت ۾ ڪليدي تقرير (Key note Speach) برک اسڪالر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب پيش ڪئي، جڏهن تہ ميزبان جي حيثيت ۾ جناب شبير احمد قائمخاني ۽ سيد انوار حيدر صاحب ڪانفرنس کي خطاب ڪيو.

ڪانفرنس جي موقعي تي ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ **"شاھ جو رسالو ۽ سُور"** جي عنوان سان هڪ شاهڪار تحقيقي مقالو پيش ڪيو ۽ هُن منهنجي مشوري سان اُن کي بعد ۾ نہ رڳو 'سُر ديسي'، پر ٻين سُرن جي بيتن جي روشنيءَ ۾ وڌيڪ ڀرپور لکي ڏنو. آءٌ سمجهان ٿو تہ سائنسي حوالي سان شاھ جي رسالي جو هي پهريون تحقيقي ڪم ڪيو ويو آهي.

ٻيو اهم مقالو منهنجيءَ نظر ۾ سيد مظهر جميل جو **"ادبيات عالم اور نغمات لطيف"** آهي، جيڪو ڪانفرنس ۾ پيش ڪيو ويو. سيد مظهر جميل هن کان اڳ **"جديد سندهي ادب"** نالي اردوءَ ۾ اهڙو شاهڪار ڪتاب لکي ۽ مقبوليت ماڻي چڪو آهي، جنهن جهڙي رتائتي تحقيق سنڌي عالمن بہ گهٽ ڪئي آهي. سُر ديسي ۽ سُر آبريءَ جي حوالي سان مظهر جميل جو هي اردوءَ ۾ لکيل مقالو، سنڌي ادب ۽ لطيفيات جي شاگردن لاءِ نوان رُخ ۽ گوشا کوليندو.

اهڙيءَ طرح سُر جي لغات جي حوالي سان الهنواز رڪٽائيءَ جي محنت نہ رڳو ڪانفرنس دوران ساراهي وئي هئي، پر پڙهندڙ ضرور اُن مان لاڀ حاصل ڪندا. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر نواز علي شوق، معمور يوسفاڻي، ڊاڪٽر سحر امداد، فهميده شاه سبزواري، رخمان گل پالاري، ڊاڪٽر هدايت پريم، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انور ساگر ڪانڌڙي جا مقالا سُر ديسيءَ جي موسيقيءَ، شاهه جي دور جي سماجي ۽ سياسي حالتن جي جائزي، سنڌي ٻوليءَ جي خوبين، صرف ونحو ۽ گرامر توڙي ٻوليائي جوڙجڪ، شاهه ۽ بلوچي ٻوليءَ جي واهپي جي حوالي سان تحقيق جا نوان رخ پيش ڪن ٿا. ٻين مقالن ۾ به اهم مواد آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شاهه لطيف تي دستوري ۽ روايتي تحقيق کان هٽي، نون رخن ۽ نون موضوعن جي حوالي سان اُن جو جائزو ورتو وڃي، جيئن اسان لطيف سائينءَ جي پيغام جي عالمي، انساني، قومي ۽ عوامي رُخن کي وڌيڪ سمجهي، ان جي افاديت ۽ اهميت کي عام ڪري سگهون.

ڪانفرنس جي موقعي تي سيد سردار احمد (سينيئر وزير حڪومت سنڌ) اعلان ڪيو هو ته جيڪڏهن تاج جويو وقت سر هنن مقالن کي سهيڙي ڏيندو ته هو وعدو ڪري ٿو ته، 30 جون 2005ع کان اڳ هو اُهي مقالا ڪتابي صوت ۾ ڇپائي ڏيندو.

ان ڏس ۾ گذارش آهي ته، مون پنهنجو فرض پورو ڪري. 14 جون 2005ع تي مسودو ثقافت کاتي ۽ پبلشر سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي حوالي ڪيو آهي، اميد ته سردار صاحب پڻ پنهنجي وعدي کي پاڻي ڏئي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪزجي گولڊن جوبلي تقريبات جي موقعي تي هي مقالن جو ڪتاب پڌري ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو.

آءٌ سينيئر وزير حڪومت سنڌ جناب سيد سردار احمد، صوبائي وزير ثقافت ۽ سياحت جناب شبير احمد قائمخاني، محترم مهتاب اڪبر راشدي (سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت کاتي)، محترم اين. ڊي جتوئي (ڊائريڪٽر جنرل) ۽ خاص ڪري محترم منظور احمد قناصري (ڊپٽي ڊائريڪٽر) جو ٿورائتو آهيان، جن جي اعتماد ۽ پُرخلوص سهڪار سان هي ڪتاب، 'ڀٽ شاهه ثقافت مرڪز' جي گولڊن جوبلي تقريبات جي موقعي تي پڌرو ٿي رهيو آهي. ڪتاب جي ترت اشاعت لاءِ ايسٽ لائين ڪميونيڪيشنز ڪراچيءَ جو سربراهه فتاح دائودپوٽو صاحب ڪيرون لهڻي.

- تاج جويو

ڪراچي
14- جون 2005ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيد انوار حيدر
اڊيشنل چيف سيڪريٽري
ثقافت کاتي حڪومت سنڌ

# آجيان جي تقرير

جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا، جناب سيد سردار احمد سينئر منسٽر، حڪومت سنڌ، جناب شبير احمد قائمخاني، وزير ثقافت سنڌ، جناب سيد مظهر جميل، جناب آغا سليم، جناب تاج جويو صاحب، ڀائرو ۽ ڀينرو!

السلام عليڪم!

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه سرزمين سنڌ جي صحيح معنيٰ ۾ ڪامل ۽ مڪمل "دانش" آهي، جا ماضيءَ جي صدين تي ڦهليل آهي ۽ مستقبل جي ڄُڳن تائين موجود رهندي. سنڌ جو سمورو شعور فقط لطيف جي فڪر ۾ سمايل آهي ۽ لطيف جي شاعري، سنڌ جي اداراڪ جو عرق ۽ جوهر آهي. حضرت لطيف جي "دانش" "عام عشق" نه آهي، عام عقل نه آهي، اها سراپا "وجدان" آهي، عشق ۽ عقل کان مٿي ۽ ماورا معاملو آهي. لطيف جي دانش، ادراڪ ۽ وجدان جي سمورين دلپذير ڪيفيتن جي انتها آهي. اهڙي "انتها"، جتي عام اداراڪ ۽ وجدان جي رسائي ممڪن نه آهي. واديءِ سنڌ کي لطيف جي "دانش" تي بجا طور تي فخر ۽ ناز حاصل آهي ۽ اهو ناز سنڌ جي روشن مستقبل سان وابسته تصور ڪرڻ کپي.

لطيف جي حيرت انگيز ۽ همه گير فڪر کي اُنهيءَ پايي ۽ پيماني تي دنيا جي آڏو اُجاگر ڪرڻ لاءِ اسان جي آڏو تاريخ جو هڪ گونجندڙ سوال آهي، هڪ مستقل سوال، هڪ اهم سوال! جنهن جي جواب لاءِ اسان سيني کي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ کپي. جيڪڏهن اسان پوري سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجي پاڻ کان اهو جواب لهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته افسوس سان اسان کي اُن جو جواب "نفي" ۾ ملندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان لطيف جي روح پرور ۽ آفاقي فڪر ۽ پيغام کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ انهيءَ پيماني تي حق ادائي ڪري ڪو نہ سگهيا آهيون. جنهن جي "طلب ۽ تقاضا" بهرحال موجود آهي. اسان سيني تي تاريخ جو اهو فرض ۽ قرض بهرحال جيئن جو تيئن قائم ۽ برقرار آهي. -

لطيف هن ڌرتيءَ جو هڪ اهڙو وڏو ۽ عالمي شاعر آهي، جنهن جي صدا صدين تي ڦهليل آهي ۽ جنهن ۾ پوري انسان ذات جي ترقيءَ ۽ بهبوديءَ جا سمورا راز ۽ حل مضمر آهن. ان طرح اسان ڌرتيءَ جي هن وڏي شاعر جي فڪر ذريعي پنهنجو مستقبل خوبُ سنواري سگهون ٿا. اچو تہ عهد ڪريون تہ اسان ا وڏي پيماني تي لطيف جي حق ادا ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪريون. جيڏو لطيف "وڏو" ۽ "اهم" آهي.

جيئن هينئر محترم تاج جويي ٻڌايو تہ لطيف سائينءَ جي فڪر کي ڦهلائڻ لاءِ ڪانفرنس جو هي سلسلو ١٩٣٢ع کان شروع ٿيو هو ۽ خاص ڪري ٥٣_ ١٩٥٢ع کان وٺي پابنديءَ سان (ڪن ٿورن وقفن سان) جاري آهي تہ هاڻي وقت جي اها تقاضا آهي تہ اسان اُن سلسلي کي وڌيڪ آب ۽ تاب، اهتمام ۽ انتظام سان اڳتي وڌايون ۽ اُن لاءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون ۽ ڪوششون ڪتب آڻيون.

شاهہ لطيف جي آفاقي ۽ مستقل پيغام. مان اسان سنڌ وارا پنهنجي روشن مستقبل لاءِ بہ ڪيئي روشن راهون طئي ڪري سگهون ٿا. خاص ڪري موجوده دور ۾ اسان نوان سنڌي ۽ پراڻا سنڌي گڏجي، لطيف سائينءَ جي فڪر مان خوب لاڀ حاصل ڪري سگهون ٿا، جيڪا هن دور جي گهرج ۽ تقاضا آهي. اوهان جي آڏو هڪ تازو وٽندڙ مثال اهو آهي تہ لطيف سائينءَ جي فڪر کي عام ڪرڻ يا مجموعي طرح "سنڌي ادب" کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اسان جا نوان سنڌي بہ حتمي المقدور ڪوشان آهن، تن مان سيد مظهر جميل جي ڪاوش جو تازو مثال اوهان جي آڏو آهي. هن جو "جديد سنڌهي ادب" ڪتاب سندس محنت ۽ خلوص جو هڪ روشن دليل آهي. اميد آهي تہ اردو زبان ۾ هي ضخيم ۽ اهم ڪتاب سنڌ ۾ پسند ڪيو ويندو ۽ سيد مظهر صاحب جي محنت کي قدر جي نظر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ڏنو ويندو. ان طرح اسان اُن منزل طرف وڌي سگهنداسون تہ هن وقت جي اصل "تقاضا" ڇا آهي؟ اها هڪ اهم "تقاضا" آهي. جنهن کي هميشہ آڏو رکڻ گهرجي.

اڄ سيني دوستن جي هن معزز (August) ڪانفرنس جي موقعي تي آجيان ڪريان ٿو. مون کي اُميد آهي تہ اسان کي تمام سٺا مقالا ٻڌڻ جو موقعو ملندو ۽ اسان جي اها ڪوشش هوندي تہ اهي مقالا ايندڙ سال تہ پر اسان جلد ئي ڇپائي پڌرا ڪريون تہ جيئن شائقين [جلد ئي اُن جو مطالعو ڪري سگهن] ....... اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن محفل ۾ سڄو مقالو پڙهڻ ممڪن ئي ڪونهي، ڪي ڪي مقالا اڍائي ڪلاڪن يا ڪي ڪلاڪ ڏيڍ جا بہ ٿي سگهن ٿا. تاثير گهٽ آهي. تاج صاحب اوهان کي ٻڌائيندو تہ هر هڪ مقالي نگار ۽ دانشور کي ڪيترو وقت ڏنو ويو آهي. ان مختصر وقت ۾ مقالي نگار پنهنجي مقالي جو تت (synopsis) يا اُن جا خاص نقطا (points) بيان ڪندو جنهن مان اسان سمجهي سگهنداسون تہ هن مقالي ۾ ڪهڙي نئين ڳالهہ آهي. باقي تفصيلي مقالو ڪتاب ۾ شايع ڪيو ويندو. گذريل سال وارا مقالا (اڄ) ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي اچي ويا آهن. جلد اوهان کي اهو ڪتاب پيش ڪنداسون. مون کي اميد آهي تہ هن ڪانفرنس ۾ اسان کي سٺن مقالن ٻڌڻ جو موقعو ملندو.

اڄ عرض ڪندو هلان تہ ڪلچر ڊپارٽمينٽ پنهنجي پوري ڪوشش ڪري رهيو آهي. اسان وٽ فنڊن جي کوٽ بہ آهي. اسان جون پيون بہ محدودگيون (limitations) آهن. اڄ هتي سنڌ حڪومت جو سينيئر وزير صاحب اسان وٽ موجود آهي، جنهن کي ڏسي مون کي ذاتي طرح ڏاڍي خوشي بہ ٿئي ٿي. اسان ڪيس هٿ ٻڌي گذارش ڪنداسون تہ اسان کي مناسب فنڊ ڏنا وڃن تہ اسان شاهہ لطيف ۽ سنڌ جا پيا جيڪي بزرگ، عالم ۽ دانشور آهن، جن جي نالن سان سنڌ چمڪي رهي آهي ۽ جيڪي سنڌ جي آسمان جا ستارا ۽ چنڊ آهن، انهن جي ڪمن (works) جي اسان تبليغ (propagate) ڪري سگهون ۽ ماڻهن کي ٻڌائي سگهون تہ توهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جا وڏا ڪير هئا ۽ توهان جا دانشور ڪير هئا؟ انشاءَ الله تعاليٰ اسان جي اها ڪوشش رهندي.

شاهه صاحب جو عرش [ ڪالهه ڪان] شروع ٿي چڪو آهي. اسان جو ڪالهوڪو سمورو ڏينهن ڏاڍو مصروف گذريو. اسان ڀٽ شاهه هئاسون. راڳ جي محفل بہ ڏاڍي زبردست ٿي گذري. جيڪا رات جو ٽين چئين بجي تائين هلي. ثقافت کاتي جو وزير صاحب بہ اتي موجود هو. راڳ کان سواءِ [ سگهڙن جي ڪچهري]، رانديون، نمائشون ۽ ٻيا بہ سٺا پروگرام ٿيا. اها شاهه صاحب جي ذات جي برڪت آهي، جو اسان سنڌ ۾ اها رونق ڏسون ٿا، گهر گهر ۾ رونق ڏسون ٿا - خاص ڪري حيدرآباد ضلعو خوش قسمت آهي، جتي شاهه صاحب جو ڏينهن ملهايو وڃي ٿو ۽ "ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز" بہ هتي آهي، ان مرڪز کي پنجاهه سال پورا ٿي چڪا آهن. ان جي گولڊن جوبليءَ جي موقعي تي جلد اسان هڪڙو وڏو پروگرام ٺاهينداسون. ان ۾ اسان جي ڪوشش هوندي تہ ملڪ جي پريزيڊنٽ ۽ پرائيم منسٽر صاحب کي بہ گهرايون ۽ کين گذارش ڪريون تہ اهي بہ هتي اچن. اسان انٽرنيشنل ڪانفرنس گهرائينداسون. جنهن ۾ شاهه صاحب جي ڪم (works) ۽ شخصيت تي ٻين ملڪن ۾ بہ جيڪو ڪم ٿيو آهي يا جن ڪم ڪيو آهي، تن دانشورن کي بہ هتي گهرايون ۽ انهن کي اوهان جي آڏو پيش ڪريون تہ اهي پنهنجي (ڪم جو) ڪمال توهان جي آڏو اچي پيش ڪري سگهن. انشاءَ الله هيءُ زبردست پروگرام ٿيندو ۽ اسان جي ڪوشش اها ئي آهي تہ شاهه صاحب تي جيڪو ڪم ٿئي ٿو اهو ڀٽ شاهه ۾ تہ ضرور ٿئي، پر حيدرآباد ۾ بہ ٿئي، ڪراچي ۾ بہ ٿئي، لاهور ۾ بہ ٿئي، ڪوئيٽا ۾ بہ ٿئي ۽ اسلام آباد ۾ بہ ٿئي. شاهه صاحب کي سڄي پاڪستان جا ماڻهو پڙهن ۽ سمجهن تہ هو ڪيڏو وڏو دانشور / شاعر هن (سنڌ) ڌرتيءَ تي پيدا ٿيو ۽ پاڪستان جو عظيم ورثو آهي.

مان انهن لفظن سان گڏ توهان کان اجازت وٺندس. اميد آهي تہ اسان کي اڄ بهترين مقالا ٻڌڻ لاءِ ملندا.

اوهان جي مهرباني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪليدي تقرير
## (سُر ديسيءَ جي حوالي سان)

اڄ سنڌ جي سدا حيات صوفي شاعر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٻه سؤ ايڪهتين عرس جي سلسلي ۾ سڏايل ’شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس‘ ۾، ’خصوصي مقالي‘ (Keynote speech) پيش ڪرڻ جي سعادت، مون جهڙي گوشه نشين ۽ لطيف سرڪار هڪ ادنيٰ عاشق کي بخشي، مون تي وڏو احسان ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ آءٌ حڪومت سنڌ جي وزير ثقافت، محترم شبير احمد قائمي صاحب ۽ ثقافت شعبي جي مانواري چيف سيڪريٽري محترم سيد انوار حيدر کان سواءِ لطيف ادبي ڪانفرنس جي منتظمين جو دل جي گهراين مان شڪر گذار آهيان.

خواتين و حضرات! هن دفعي، لطيف سائينءَ جي، سُر ديسيءَ تي تحقيقي مقالن پيش ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي اديبن مان، ڪيترن کي دعوت ڏئي، گهرايو ويو آهي.

لطيف سرڪار ”**سُر ديسيءَ**“ ۾، جتي پنهنجي سورمي سسئيءَ جي پنهونءَ لاءِ پيار، سڪ ۽ سوز جي سلسلي ۾ عڪاسي ڪئي آهي، اُتي پاڻ هن سُر ۾، هڪ اَبلا، تنها ۽ پنهنجن جي ٺي طرفان ڌڪاريل عورت جي همت ۽ پنهنجي پرينءَ کي پٺيان وڃي پُڄڻ لاءِ سندس عزم ۽ پختي ارادي تي قائم هجڻ جو ذڪر ڪيو آهي. هن سُر ۾ شاهه لطيف، سنڌ جي عورتن جي نفسياتي ڪيفيتن جي لفظن ۾ نقش نگاري به ڪئي آهي.

لطيف جي رسالي ۾ جتي سسئيءَ جهڙي پُرعزم ۽ اَٽل ارادي واري ڪردار جو نالو اچي ٿو، اُتي سندس ٻين سورمين ـ سهڻي، مومل، مارئي، نوري، ليلان، ڪؤنرو، موکي ۽ ريٻارڻ کان سواءِ ڪن ٻين گمنام سورمين جو به ذڪر ملي ٿو. پهريان هن مصرع:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تن جيسلمير ياٽين جَسُ، جي لي الله ڪارڻ لَنديون.

۾ لطيف سائينءَ جيسلميرياڻين جي ڪهڙيءَ خصوصيت ڪي نروار ڪرڻ طرف اشارو ڪيو آهي ۽ ڪهڙي تاريخي حوالي جو ذڪر ڪيو آهي؟ مون اڄ کان ٽي سال اڳ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر طرفان ڪوٺايل. ”شاهه لطيف ڪانفرنس“ ۾ پڙهيل پنهنجي مقالي ۾ جهڙيءَ ريت شاهه جي رسالي ۾. سنڌ، ڪڇ، گجرات، راجستان ۽ ڪاٺياواڙ جي تاريخي ماڳن، مڪانن، تاريخي ماڻهن ۽ تاريخي حوالن طرف حاضرين جو ڌيان ڇڪايو هو. تيئن اڄ بہ هن شاهه لطيف ڪانفرنس ۾ آءٌ هڪ سوال پڇڻ جي اجازت چاهيان ٿو تہ لطيف سائين ڪهڙي سبب پنهنجين ايترين سارين سورمين مان فقط سسئيءَ تي ايترو مهربان ٿي، سندس لاءِ پنج سُرَ ڇيا؟

منهنجي هن سوال جو جواب. لطيف جي هر سُرَ جي فقط روحاني راز بيان ڪرڻ سان. لطيفَ جي پارکُن ۽ لطيف جي ڪلام تي تحقيق ڪندڙن کي مطمئن ڪري نہ سگهبو. اهو ڪو پيو سبب تي سگهي ٿو. جنهنڪري لطيف. سسئيءَ کي پنجن سُرن ۾ ڳايو.

سسئيءَ جي ڪردار کي سنڌ، پنجاب، بلوچستان، سرائڪي پٽيءَ، گجرات، ڪڇ ۽ راجستان جي شاعرن، انسان شناسيءَ جي هڪ علامت طور، پنهنجي ڪلام ۾، پنهنجي اظهار جو ذريعو بنايو آهي، ۽ هر شاعر ۽ دانشور، هھڙي لاثاني ڪردار کي مختلف تمثيلن ۽ علامتن ذريعي بيان ڪيو آهي. انهن سيني خطن ۽ علائقن جي شاعرن جي ڪلام جو لُب لُباب هي آهي تہ زندگيءَ ۾، پنهنجي ڪنهن مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ فقط قسمت تي ياڙي ويهڻ، يا هر ڳالهہ لاءِ ائين چوڻ تہ قسمت ۾ ائين لکيل هو، يا هٿ، هٿ تي رکي ويهي رهڻ سان، ڪوبہ انسان پنهنجي منزل ماڻي نہ سگهندو: پر پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ ڪين يا تہ بقول وتائي درويش جي، ڏي سپ ڪجهہ رب ٿو، پر ڪنگهڻ جي ضرورت ٿئي ٿي، اهڙيءَ طرح پنهنجيءَ منزل تي رسڻ لاءِ محنت، ڪوشش ۽ ڪشالن ڪرڻ جي ضرورت ٿيندي آهي، جيئن لطيف سائينءَ فرمايو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُتا اُٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
توجو ساٽيهہ پانئيو، سو ملنجهاندي جو ماڳ
سُلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نہ ملي.

شاهہ لطيف جي شاعري، علامتي شاعري آهي. لطيف جي ڪلام کي 'سُريلن گيتن' (devotional rhymes) مثل سمجهي، فقط اُن کي ڳائڻ ۽ نچڻ تائين محدود ڪرڻ نہ گهرجي، سنڌ جي هن سدا سچاڻ رهنما ۽ رهبر جي ڪلام جي هر مصرع ۾ گهڻو ۽ گهرو مقصد رکيل آهي، جنهن کي "انسان شناسيءَ واري گهڻ۔ پهلو" مضمون جي روشنيءَ ۾ سمجهڻ ۽ پروڙڻ جي ضرورت آهي.

شاهہ لطيف جا سڀ ڪردار، انساني زندگيءَ جي ڌار ڌار 'منج رنگن' جا ڌار ڌار روپ ۽ ويسڌاري آهن. سسئي، سهڻي، مومل، سومل، مارئي، نوري، ليلان، ڪؤنرو ريبارڻ، موکي، وڻجارين، ڪاپائتي، مهاڻين، ساٽياڻين کان سواءِ پنهون، راڻو، ميهار، عُمر، چام تماچي، چنيسر، اُڍو، لاکو ۽ ناڪئا بہ انهيءَ دنيوي رنگ منچ جا ڌار ڌار روپ ۽ ويسڌاري آهن. لطيف، پنهنجي ڪلام جي ڌار ڌار سُرن ۾ جتي انهن سيني ڪردارن کي ڌار ڌار روپن ۽ ويسن ۾ بيان ڪيو آهي، اُتي هُن 'انسان شناسيءَ'، واري مضمون جي دائري ۾، انسان جي وصف، انسان جي سچاڻپ، انسان دوستيءَ جي حوالي سان، سنڌي سماج جي محنت ڪش ماڻهن، هارين نارين، جهانگين ۽ سانگين، لوهارن، ويڄن، طبيبن، ڪورين، ڪاپائتين، ڪتين، ڪنڀاتين، ساتين، مهاڻن، ميربحرن، ملاحن ۽ ناکئن وغيره جهڙن مسڪين ماڻهن جي تمثيل ۾، سنڌ جي اُن زماني جي سماجي زندگيءَ، اقتصادي حالتن جي سياسي پسمنظر، قصن ۽ ڪهاڻين کان سواءِ، وادي سنڌ جي اڻ لکيل تاريخ (Oral History) کي سهيڙيو ۽ سميٽيو آهي، ۽ اُن جي هر پهلوءَ تي روشني وڌي آهي.

شاهہ لطيف، انساني زندگيءَ جو هڪ عظيم شارح آهي. لطيف، سنڌ جي مڙني سورمين ۽ سورمن جي نفسياتي ڪيفيتن کي، لفظن جي صورت ۾ بيان ڪري، نہ فقط اُنهن ڪردارن کي امر بنائي ڇڏيو آهي ڪين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حيات جاودان بہ بخشي آهي، جن جا عمل، انسان ذات لاءِ هر دؤر ۾ مشعل راهہ بڻيل آهن، ۽ جيڪي سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي ڏار ڏار قدرن جا علمبردار پڻ آهن.

لطيف، سسئيءَ جي تمثيل ۾، سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي ڪيترن ئي قدرن کي نمايان ڪيو آهي. سسئي هڪ اُبلا، اَيري، ضعيف زائفان، اصل ۾ ڀانيئاٽي، ڪيچ جي ڪشالن، اوکن ۽ اٿانگن پنڌن کان اڻڄاڻ، جبلن ۽ لڪن جي لنگهن کان ناآشنا آهي، پر لطيف جي نظر ۾، منجهس هر اُها خوبي ۽ خصوصيت موجود آهي، جيڪا هڪ باهمت، پُرعزم، اٽل ارادو رکندڙ ۽ مستقل مزاج عورت ۾ هوندي آهي. لطيف ۽ ڪانئس ٽي صديون اڳ، پير صدرالدين، اهڙين خصوصيتن واريءَ عورت کي 'پدمڻي' سڏيو آهي. 'پدمڻي' ڪهڙين خصوصيتن واريءَ عورت کي چئبو آهي، اُن جي باري ۾، هڪ ڌار، طويل مقالي لکڻ جي ضرورت آهي. پيرصدرالدين عورتن جا چار قسم بيان ڪيا آهن. پدمڻي، چيتڻي، هَستڻي ۽ ڪامڻي. هيءَ هڪ وڏو ۽ اهم موضوع آهي، جنهن تي اجا سنڌي ٻوليءَ، بلڪ پاڪستاني ٻولين ۾ تحقيقي ڪم ڪونہ ٿيو آهي. لطيف جو ڪمال اهو آهي، جو هن پنهنجيءَ هر سورميءَ جي ڌار ڌار خوبين ۽ خصوصيتن کي پنهنجي رسالي ۾ ڳايو آهي.

لطيف پنهنجيءَ ڪنهن بہ سورميءَ کي، ڪٿي بہ، روڄ راڙو ڪندڙ، هُل هنگامو مچائيندڙ يا هلڪي طبيعت رکندڙ ڪردار وانگر بيان نہ ڪيو آهي، پر لطيف جي هر سورمي صابر، نياز ۽ نمرتا واري، پنهنجي حال تي راضي: رهندڙ، بردبار، همت واري، پرعزم، پختو ارادو رکندڙ ۽ مستقل مزاج طبيعت رکندڙ ڪردار آهي. شاهہ، سسئيءَ، مومل، سهڻيءَ ۽ ليلا جي تمثيل ۾ پنهنجي محبوب جي انتظار، اوسيئڙي، سڪ، سوز ۽ فراق واريءَ حالت دوران بہ بردبار ۽ ساڀيا ڏيکاري آهي. هن مومل کي هيئن ايلاز ڪندي ڏيکاريو آهي:

ڪتين ڪر موڙيا، ٽيڙو اُڀا ٽيئي،
راڻو رات نہ آئيو ويل ٽري ويئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪُهه سا ڪاٽي راتڙي، جا پرينءَ ري پيئي،
مون کي ڏنءَ ڏيئي، وچي ڍوليو ڍٽ قراريو.

يا ڪٿي وري سهڻيءَ جهڙيءَ باهمت ۽ بي خوف عورت، جيڪا درياءَ جي دهشت، ڪُنن جي ڪڙڪن، درياهه جي خوفناڪ جانورن جي پرواهه نه ٿي ڪري، پر الله جي آسَ ڪري، درياهه ۾ گهڙي ٿي پوي، انهيءَ جي اُن جذبي کي، هيٺينءَ ريت منظر ۾ چٽيو آهي:

دهشت دَمَ درياه ۾، جت جايون جانارن،
نڪو سنڌو سيرَ جو، مَپُ نه ملاحن،
درندا درياه ۾، واڪا ڪيو وَرن،
سچا پيڙا پار ۾، هليا هيٺ وچن،
پرزو پيدا نه ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪوجو قهر ڪُنَن ۾، ويا ڪينَ وَرَن،
اُتي اَٽِتارُن، ساهڙ! سير لنگهاءِ تون.

اهڙيءَ طرح لطيف، نوريءَ، مارئيءَ، ليلان، ڪؤنروءَ، موکيءَ، ريبارڻ وغيره جي ڪردار جي ڏار ڏار خوبين ۽ خوصيتن کي نروار ڪيو آهي.

سسئي، بردباريءَ، بيباڪيءَ، اٽل ارادي، پختي عزم ۽ مستقل مزاجيءَ جي علامت آهي. سسئي، پنهنجي پنهونءَ جي تلاش ۾، جنهن پختي عزم، اٽل ارادي ۽ مستقل مزاجيءَ سان، پنيور کان پاهر نڪري، وندر جي واٽ وٺي، اُنَ جا پيرا ڪنيا، ۽ پنهنجي پرينءَ کي پسڻ لاءِ ڏونگر ڏاريا، جبل جاڳيا، پنهنجا پير پٿون ڪيا، سندس جسم جو حال اهڙو اچي بڻيو، جو سندس ٽنگن ۽ پيرن طرفان اڳتي وڌڻ کان لاچار هجڻ جي باوجود، سسئيءَ همٿ ڪانه هاري، ۽ چوي ٿي ته:

ڏونگر! ڏوراپو، پهريون چونديس پرينءَ کي
پَهڻ پير پٿون ڪيا، تريون چنيون تو،
رحم نه پيئُ روح ۾، قدر منهنجو ڪو،
واڪو ڪنديس ووا مون سين جبل تو جاڙون ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سسئي، پنهور مان نڪرڻ مهل، جيڏين سرتين کي الوداع تي ڪري ۽ چوي ٿي تہ:

سرتيون سڀ سچ، متان ڪا مون سان هلي،
پاٽي ناهي پنڌ گهٽو، اڳيان رائو رُڃ،
متان مري اُڃ، ڪا ڏئي پاراتو پنهل کي،

سر ديسيءَ ۾، سهڻي لطيف، انسان کي، سنڌس زندگيءَ ۾، سامهون ايندڙ ڏکن، ڏوجهرن ۽ ڏولاون جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح هُن، هن سُر ۾ سنڌس فقيرن ۽ ساٿين کي، پختي عزم ۽ اٽل ارادي رکڻ ۽ هرحال ۾ مستقل مزاج هئڻ جو درس ڏنو آهي. هُو فرمائي ٿو تہ پنهنجيءَ حياتيءَ ۾، هر انسان کي سوين ڏک، ڏاکڙا ۽ ڏنجهہ سامهون ايندا آهن. تنهنڪري جيڪڏهن سالڪ جو ارادو پختو ۽ اٽل هوندو؛ جيڪڏهن سنڌس عزم پختو هوندو تہ پوءِ هُن کي پنهنجي پريندءَ واريءَ منزل تائين رسڻ ۾ ڪابہ دشواري سامهون اچي نہ سگهندي. اهڙو سالڪ ۽ پيار جي پنڌ جو پانڌيئڙو، پريندءَ جي پسڻ ۽ پنهنجي محبوب جي وصل ۽ ميلاپ جي اُميد ۽ آسري کي راحت سمجهي اڳتي ايئن وک وڌائيندو آهي، جيئن هرڻ، سراپ کي پاٽي سمجهي اُن جي پٺيان پڄندو آهي، يا جيئن هُما پکيءَ جي پرواز ۾ تيزي هوندي آهي سچن سالڪن ۽ پختي عزم ۽ اٽل ارادي رکندڙ انسان لاءِ، سنڌس منزل مقصود تي رسڻ، ڪو مشڪل ڪم ڪونہ هوندو آهي، جيتوڻيڪ اهڙن پرعزم انسانن وٽ، سندن پريندءَ کي پسڻ لاءِ، ظاهري طور ڪوبہ سمر ساڻ نہ هوندو آهي، پر اهڙن سچن سالڪن جو حمايتي، هميشه هوت پاڻ ئي هوندو آهي؛ جيئن:

سمر جنين نہ ساڻ، هوت حمايتي تن جو،
ڪري چيچ چپر ۾، پنهون ايندو پاڻ،
ٽيندي ريجهہ رهاڻ، لحظي منجهہ لطيف چئي،

حاصل مطلب تہ پٽائيءَ جو رسالو اوکي ۽ اٿانگي سفر ۾، عزم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ استقلال جي رهنمائيءَ لاءِ، بيشمار مثالن سان ڀريو پيو آهي. لطيف هڪ عاشق جي تمثيل ۾، سمجهايو آهي ته: جي سڪڻ جي سڌ ڪندين، ۽ سُوريءَ کان ڪؤ ڪندين ته پرينءَ کي ڪيئن پسي سگهندين؟ عشق ڪا راند ته نه آهي: عشق جي ميدان ۾ گهڙڻ جو شوق اٿيئي ته سُوريءَ کي سينگار سمجھ: سوريءَ تي چڙهڻ کان ڪين ڪيٻاءِ، چاڪاڻ ته پختي عزم ۽ اٽل ارادي وارو عاشق، سُوريءَ تي چڙهڻ کي، سيج تي چڙهڻ جي برابر سمجهندو آهي:

سُوري آهه سينگار، اصل عاشقن جو،
مڙڻ، موٽڻ، ميهڻو، ٿيا نظاري نروار،
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.

بهرحال، سسئيءَ جو ڪردار، هڪ پُرعزم، پختي ۽ اٽل ارادي واري انسان جو ڪردار آهي: اهڙو انسان، هرحال ۾ ثابت قدم رهندو آهي، جنهن لاءِ لطيف پنهنجو سڄو رسالو ڀري ڇڏيو آهي.

خواتين و حضرات! آخر ۾ هن موقعي جو فائدو وٺندي، آءٌ سنڌ سرڪار جي سينيئر وزير، سنڌ دوست ۽ لطيف دوست انسان جي خدمت ۾، ڪي گذارشون عرض ڪرڻ جي اجازت چاهيان ٿو.

سيد صاحب! ماشاءَ الله، اوهين هڪ سُڄاڻ وزير، لطيف شناس ۽ سنڌ دوست آهيو. اوهين خود سوچيو ته لطيف جهڙي هڪ بين الاقوامي شاعر، مفڪر ۽ صوفي بزرگ جي ڪلام جي حوالي سان، سنڌ سرڪار ڪهڙي خدمت ڪري رهي آهي؟ چا، اوهين سمجهو ٿا ته سڄي سال ۾ فقط هڪ ڏينهن تي مشتمل ادبي ڪانفرنس ڪرائڻي، ۽ اُن موقعي تي سنڌ مان ڪن ٿورن اديبن ۽ شاعرن کي گڏ ڪري، فقط هڪ ڪتاب شايع ڪرڻ سان، سنڌ سرڪار، لطيف جهڙي اعليٰ ۽ عظيم صوفي شاعر سان، انصاف ڪري رهي آهي؟

منهنجا سائين، گذريل حڪومتن جي زماني ۾، ”شاهه لطيف، ڀٽ شاهه، ثقافتي مرڪز“ طرفان، نه فقط هرسال شاهه لطيف ادبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪانفرنس جو پٽ شاهه تي اهتمام ڪيو ويندو هو پر اُن مرڪز طرفان، لطيف شناسيءَ جي حوالي سان، لطيف جي پيغام ۽ ڪلام تي تحقيق پڻ ڪرائي ويندي هئي. اُن سلسلي ۾، گذريل پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت طرفان، سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر، بلڪ بين الاقوامي سطح جي اديبن ۽ دانشورن جي همت افزائيءَ ۽ لطيف سائينءَ تي تحقيق ڪرائڻ جي سلسلي ۾ Shah Latif Centre of Excellence قائم ڪيو ويو هو، جنهن لاءِ، حيدرآباد جي ڪمشنر جي صدارت هيٺ، هڪ "ائڊوائيزري ڪميٽي" پڻ جوڙي وئي هئي. مذڪوره ڪميٽيءَ جا چار پنج اجلاس پڻ ٿيا هئا ۽ هڪ اسڪيم پڻ منظور ڪئي وئي هئي. شاهه لطيف سينٽر آف ايڪسيلنس لاءِ محترمه بي نظير صاحبه، هڪ ڪروڙ روپيا پڻ منظور ڪيا هئا، جيڪي رليز تي حڪومت سنڌ وٽ پهتا پڻ هئا. اُن سلسلي ۾ پٽ شاهه تي، لطيف جي سجاده نشين کان، سنڌن حويليءَ واري عمارت خريد ڪئي وئي هئي، ۽ ڪمشنرصاحب، اُن عمارت جو قبضو پڻ ورتو هو ۽ اُن عمارت ۾ شاهه لطيف سينٽر آف ايڪسيلنس جي گهرج مطابق تبديليءَ جو ڪم پڻ شروع ٿيو هو.

جناب سيد صاحب، اُن عمارت ۾ نه فقط سينٽر آف ايڪسيلنس جو دفتر قائم ٿيڻو هو پر اُن عمارت ۾ شاهه لطيف جي ڪلام جي سلسلي ۾ تحقيقي لائبرري، لطيف جي راڳ جي مطالعي لاءِ، 'لطيف سائونڊ لائبرري ۽ آرڪائيوز، آڊيو/ وڊيو لائبرريءَ کان سواءِ، محققن لاءِ، ڪمرا ۽ ڪين تحقيق جي سهوليت مهيا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو.' اُنهيءَ پروجيڪٽ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ، في الحال عارضي طور پروجيڪٽ ڊائريڪٽر به مقرر ڪيو ويو، جنهن کي پهرين ڪمشنر جي آفيس ۾، شهباز بلڊنگ اندر ۽ پوءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾، ٻه ڪمرا ڏنا ويا هئا، جتي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جي دفتر کان سواءِ، تحقيقي لائبرريءَ لاءِ، ڪافي ڪتاب ۽ ٻيو مواد موجود ڪيو ويو هو، پر منهنجا سائين، لوڪل باڊيز جي موجوده نظام جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، حيدرآباد لاءِ، پنجاب کان ڊي. سي. او صاحب امپورٽ ڪيو ويو، جنهن پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنگدليءَ، عدم توجهيءَ ۽ لطيف جي اهميت کان ناآشنا هجڻ سبب، مذڪوره پروجيڪٽ کي، خاموشيءَ سان، رديءَ جي ٽوڪريءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو.

سيد صاحب! اوهين خود انصاف ڪريو ته، ههڙي بين الاقوامي مفڪر ۽ شاعر لاءِ جتي شيڪسپيئر جي شهر جهڙو مرڪز قائم ڪرڻ جو فيصلو ٿيل هو، اُتي سال ۾ فقط هڪ ڏينهن جي ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي، اُن ۾ پڙهيل مقالن کي ڇپائڻ سان سنڌ حڪومت، ڌارين جي اڳيان ڪهڙي مُنهن سان لطيف کي عالمي مفڪر ۽ شاعر ڪوٺي، ڪنڌ ڪٿي سگهندي؟

منهنجا محترم، آءٌ، لطيف جي هڪ ادنيٰ عاشق جي حيثيت ۾، اوهان جي خدمت ۾ گذارش ٿو ڪريان ته يا ته لطيف سائينءَ جي درگاهه شيخ حفيظ صاحب کي ڏئي، اُن کي حڪم ڪيو وڃي ته هُو هيءُ مرڪز Privatise ڪاتي جي معرفت ڪنهن ميمڻ يا چوڌريءَ کي وڪرو ڪري ڇڏي، يا ته لطيف شناسيءَ کي فروغ ڏيڻ لاءِ، Shah Latif Centre of Excellence کي فعال بنائي، لطيف جي پارڪن تي مشتمل هڪ ائڊوائيزري ڪميٽي، نئين سر قائم ڪئي وڃي، پر اُن ڪميٽيءَ جا چيئرمئن، سينيئر وزير جي حيثيت ۾ اوهين پاڻ هجو. ڇاڪاڻ ته اوهين هر دور ۾ هڪ باعمل آفيسر رهيا آهيو. اوهان کي لطيف جي حيثيت ۽ اهميت جي چڱي ڄاڻ آهي.

خدارا !شاهه لطيف سينٽر آف ايڪسلنس کي ٻيهر بحال ڪريو ۽ گذريل حڪومت جي زمائي ۾ منظور ٿيل اسڪيم وارا فائيل کولرائي، لطيف سرڪار جي ڪلام ۽ پيغام کان، دنيا وارن کي واقف ڪريو: جنهن چيو آهي ته:

سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شبير احمد قائمخاني
وزير ثقافت ۽ سياحت،
حڪومت سنڌ

# شاهه لطيف، سنڌي ثقافت ۽ اسان

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي ٢٦١ هين عرس مبارڪ جي حوالي سان هن ادبي ڪانفرنس ۾ آيل دوستن، بزرگن ۽ ڀينرن کي سلام پيش ڪريان ٿو.

اسان هميشه ڪوشش ڪئي آهي ته جيڪا ذميداري اسان جي حوالي ڪئي وئي آهي، جيڪو ڪم اسان جي حوالي ڪيو ويو آهي، ان کي خُوش اسلوبيءَ سان پورو ڪريون. ثقافت کاتو، حضرت شاهه سائين ۽ سنڌي ثقافت جي حوالي سان پنهنجي وسيلن ۽ وسعت آهر خدمت ڪري رهيو آهي، پوءِ به ڪي اخبارون اسان جي مخالفت ۾ لکن ٿيون ۽ ڪي سان جي ڪم جي ساراهه (Fever) ڪن ٿيون. ڪجهه مسئلا (Problems) ضرور آهن. ثقافت کاتي بابت جيئن اسان جي ائڊيشنل چيف سيڪريٽري ثقافت کاتي جناب انوار حيدر صاحب ڳالهه ڪئي ته اسان وٽ فنڊ گهٽ آهن. اڄ اسان جي وچ ۾ نائي وارو وزير ۽ سينيئر وزير جناب سردار احمد صاحب موجود آهي. آءٌ موقعي جو فائدو وٺندي، ڪيس ڪجهه عرض ڪندس. جيئن ته رڳو تقريرن مان ڪجهه نه ورندو آهي، جيستائين ڪ ماڻهو ڪو عملي ڪم نه ڪري ۽ عملي ڪم تڏهن ٿيندا آهن، جڏهن وسيلا (source) هوندا آهن. اسان وٽ ڪيترائي پروپوزل (proposals) آهن، وڏي رٿابندي (planning) آهي ته اسان سنڌ جي ثقافت کي ڪهڙيءَ ريت ترقي وٺايون، promote ڪريون. بهرحال، اها هڪ حقيقت آهي ته سڀ کان مسڪين ۽ سڀ کان غريب اسان جي منسٽري آهي، ثقافت جي وزارت – اسان سينيئر منسٽر صاحب کي اهو عرض ڪنداسون ته اسان کي وڏيڪ فنڊ ڏنا وڃن ته جيئن اسان جو ثقافت کاتو ڪجهه ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهي. بهرحال، اسان جو جيڪو اپرو سپرو حال آهي، اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون“ مختلف هنڌن تي پروگرام به ڪرايون ٿا. اسان جي ڪوشش آهي تہ اسان سنڌ جي ثقافت کي ترقي ڏياريون، هر ضلعي ۾ وڃي ”ثقافتي پروگرام“ ڪريون. اسان ڪجهه قدم به کنيا آهن. اسان منٺيءَ ۾ ”مارئي ميلو“، ادبي ڪانفرنس ۽ سنڌي اردو مشاعرو منعقد ڪرايو. جيڪو ميلو ١٩٦٥ع کان پوءِ پيهر وري نہ لڳو هو. ان کان سواءِ اسان ميرپورخاص ۾ ٽن ڏينهن جو فيسٽيول (Festival) به ڪرايو. ڪراچيءَ ۾ به اسان جي ڪوشش آهي تہ ’ثقافتي پروگرام‘ ڪرايون، اسان هر هنڌ وڃي ادبي ڪانفرنسون، مشاعرا، سيمينار ۽ ثقافتي شو وغيره ڪرائي خدمت ڪرڻ چاهيون ٿا.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ نہ رڳو سنڌ جو، پر دنيا جو عظيم صوفي شاعر آهي. شاهه صاحب جي ٢٦١ هين عرس مبارڪ جي موقعي تي اسان جي پارٽيءَ جي قائد محترم الطاف حسين ڀائيءَ هڪڙو پيغام لنڊن مان فئڪس ڪيو آهي(هن گذريل سال به ان قسم جو پيغام موڪليو هو). جيڪو آءٌ هتي پڙهان ٿو، توهان اجازت ڏيو تہ اوهان کي اُهو پيغام، اردوءَ ۾ پڙهي ٻڌايان:

## الطاف حسين جو پيغام

> ارضِ سندھ ہمیشہ امن کا گہوارہ رہا ہے۔ حضرت شاہ عبداللطیف بھٹائی وہ عظیم بزرگ ہستی ہیں، جنہوں نے اپنی صوفیانہ شاعری کے ذریعے انسانوں کو امن ومحبت کی پیغام دیا ہے، اورسندھ سمیت عالم انسانیت کی خیرخواہی کے لئے دعاگو ہیں۔ حضرت شاہ عبداللطیف بھٹائی نے دنیا کو محبت، امن، بھائی چارے، انسان دوستی، ایثار اور قربانی کا درس دیا اور اپنی شاعری کے ذریعے احترام انسانیت کا جو پیغام دیا ہے وہ صرف اہل سندھ یا کسی مخصوص طبقے کے لئے نہیں، بلکہ تمام انسانوں کے لئے ہے۔
>
> غرض یہ کہ فکرلطیف ایک عالمگیر پیغام امن ومحبت ہے۔ حضرت شاہ عبداللطیف بھٹائی کا سُر دیسی، ۳۰ سروں اور سسئی کی داستانوں میں سے ایک اہم سُر ہے۔ یہ سر اپنی معنوں



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

میں بڑی وسعت لئے ہوئے ہے۔شاہ صاحب نے اس سُر کے ابیات میں علامات کے ذریعے سندھ دھرتی کے امن وسکون کو تباہ کرنے والے عناصر کا تذکرہ کرتے ہوئے امید کی کرن دکھائی کہ ایک دن کوئی نہ کوئی نجات دہندہ ضرور پیدا ہوگا جو سندھ دھرتی کو ظلم، جبر و استبداد کی ظلمتوں سے آزاد کردے گا۔آپ کا کلام پوری دنیا کے لئے سایہ اور رہنمائی کا سرچشمہ ہے اور آپ کی تعلیمات پر غور و فکر اور عمل کرنے سے ہی سندھ دھرتی کے باسی اپنے اصل مقصد حیات کو پا سکتے ہیں۔آج سندھ کے عظیم صوفی بزرگ شاعر شاہ عبداللطیف بھٹائی کا ۲۶۱ واں سالانہ عرس مبارک بڑے جوش اور جذبے سے منایا جا رہا ہے۔آیئے اس عرس مبارک پر یہ عہد کریں کہ اہل سندھ اپنے روایتی پیار و محبت اور بھائی چارے اور اتحاد کے ذریعے اپنے حقوق حاصل کریں گے۔تاریخ گواہ ہے کہ سندھ نے کبھی بھی شدت پسندی میں پہل نہیں کی، ارض سندھ ہمیشہ امن وسکون کا گہوارا رہا ہے۔یہاں کے رہنے والے اخوت اور بھائی چارے کے بندھن میں صدیوں سے بندھے چلے آ رہے ہیں۔وہ انتہاپسندی سے نفرت کرتے ہیں اور اپنے جائز حقوق پُرامن جدوجہد سے حاصل کرنا چاہتے ہیں آیئے ہم سب مل کر حضرت شاہ عبداللطیف بھٹائی کے درس محبت کو عام کریں تا کہ دنیا میں امن اور اخوت قائم ہو سکے۔شاہ لطیف کے پیغام کو عام کرنا اور اس پر عمل کرنا سندھ کے باسیوں پر فرض ہے۔ مجھے یقین ہے کہ سندھ کے باسی حضرت شاہ لطیف بھٹائی کے پیغام کو عام کرنے میں اپنا بھرپور کردار ادا کریں گے۔اور سندھ سمیت تمام عالم انسانیت کے لئے اپنی مثبت جدوجہد اور کاوشیں جاری رکھیں گے۔

خواتين و حضرات! جيئن تہ مون اسان جي قائد تحريڪ، الطاف حسين جو بيان توهان کي پڙهي ٻڌايو آهي، اسان جي اها ڪوشش آهي تہ اسان جنهن ڌرتيءَ تي ڄاوا آهيون، سنڌ ڌرتي – جنهن اسان جي وڏن، اسان جي مائٽن کي پنهنجي گود ۾ پناهہ ڏني، اسان جو آڌر ڀاءُ (wel come) ڪيو، تہ اسان تي اُن سنڌ ڌرتيءَ جو جيڪو قرض آهي، اهو الله سائين موقعو ڏئي تہ لاهيون ۽ هن ڌرتيءَ جي خدمت ڪريون. اسان کي خبر آهي تہ هتي پاڻيءَ جو وڏو مسئلو آهي. سنڌ ۾ پاڻيءَ جي سخت ڪوٽ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرسان سنڌو درياهه موجود آهي. اوهان اُتي وڃي ڏسو ته اُن جي پيٽ ۾ واري پئي اُڏامي. اسان کي به افسوس ٿئي ٿو. انشاءَ الله تعاليٰ اسان ۽ توهان س گڏجي هن سنڌ ڌرتيءَ جي خدمت ڪنداسون. اُن لاءِ ڪوشش ڪنداسون. ۽ جيڪي غاصب آهن، انهن کان سنڌ جو جيڪو جائز حق آهي، اُهو ضرور وٺنداسو.

ٻي ڳالهه ته ثقافت کاتو يا اسان سڀ ڪجهه نه آهيون. اسان ڪي "عقل ڪل" نه آهيون. اوهان سڀ اديب، ليکڪ ۽ دانشور وينا آهيو. اوهان اسان کي تجويزون (Suggestions) ڏيو ته اسان ڇا ڪريون. سنڌ جي ثقافت، ادب ۽ تاريخ جي بهتريءَ لاءِ ڇا ڪريون! يقيناً غلطيون به انسانن کان ٿينديون آهن، اسان کان به ٿينديون هونديون. دوست اسان کي ڪي تجويزون لکي موڪليندا آهن. اسان اُنهن تي عمل به ڪندا آهيون ۽ اڳتي به عمل ڪنداسون. اهڙو اوهان کي يقين ڏياريان ٿو.

مون ابتدا ۾ چيو ته ڪجهه اخبارون اهڙيون آهن. جيڪي اسان جي مخالفت ۾ لکنديون آهن. اها هر ڪنهن جي سوچ جي ڳالهه آهي. صحافت جو فرض آهي ته صحافي پنهنجي ايمان، ضمير، سچائيءَ ۽ ذميواريءَ سان لکي. ظاهر ڳالهه آهي، جيڪو ماڻهو ڪجهه لکندو آهي، اُن مان سندس ذهنيت جي خبر پوندي آهي.

اسان جڏهن چوندا آهيون ته اسان سنڌ جا خير خواهه آهيون. اسان سنڌ ڌرتيءَ جي ترقيءَ ۽ خدمت لاءِ ڪوشش ۽ جاکوڙ ڪري رهيا آهيون. اهو وقت ثابت ڪندو ته اسان ڇا ڇا ڪيو آهي. ڪجهه اخبارون اسان لاءِ لکنديون آهن ته سنڌ جي ثقافت کاتي جو وزير غير سنڌي آهي ـ ته ان جو آخر مطلب ڇا آهي؟ اسان اُن کي دل ۾ نه ڪندا آهيون. پر سنڌيءَ ۽ غير سنڌيءَ جو آخر سرٽيفڪيٽ ڪهڙو آهي؟ ظاهر ڳالهه آهي ته اهڙي سوال اُٿارڻ مان ذهنيت جي خبر پوندي آهي. هاڻي اهڙيون ڳالهيون، ويڇا ۽ دُوريون ختم ٿي ويون آهن. سنڌ جا رهاڪو هڪ ٻئي جي ويجهو ٿي ويا آهن. پائر ٿي ويا آهن، پر اهڙن ليکن مان بدگمانيون جنم وٺنديون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حضرت شاهه صاحب . جيئن الطاف پائيءَ چيو پنهنجي صوفيانه شاعريءَ ذريعي اهو ئي امن، اتحاد، اخوت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آهي. انشاءَ الله اسان اُن عظيم پيغام تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون ۽ شاهه جي پيغام کي عام ڪنداسون. جيئن انوار حيدر صاحب (ائڊيشنل چيف سيڪريٽري ڪلچر ڊپارٽمينٽ) ٻڌايو ته 'ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز' کي پنجاهه سال ٿي ويا آهن، ان جون 'گولڊن جوبلي تقريبات' اسان جلد شايان شان نموني منعقد ڪنداسون. اسان ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين هنڌن تي لطيف سائينءَ جي فڪر ۽ پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ سيمينار ۽ ادبي ڪانفرنسون ڪنداسون. اسان ڪان بهتريءَ لاءِ جيڪي ٻچي سگهيو قدم کڻنداسون.

آءُ اوهان جو وڌيڪ وقت ڪو نه ٿو وٺان، وڏا اديب ۽ دانشور ويٺا آهن، اُهي تياري ڪري آيا آهن، پنهنجا مقالا پڙهندا.

آءُ معذرت ڪريان ٿو اسان ڪوشش ڪئي ته هن آڊيٽوريم جو اي – سي پلانٽ ڪم ڪري، مون کي ٻڌايو ويو ته اڌ ڪلاڪ ۾ اُهو ڪم ڪندو، پر اهڙا آثار نظر ڪو نه ٿا اچن، ان ڪري پکن جو بندوبست ڪيو اٿئون، مڙئي گذارو ڪيو ويو آهي.

مهرباني!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيد سردار احمد
سينيئر وزير حڪومت سنڌ

# صدارتي تقرير

جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب صدر محفل،
جناب سيد مظهر جميل صاحب،
جناب شبير احمد قائمخاني صاحب،
جناب ايم. ايچ پنهور صاحب،
محترم تاج جويو صاحب،
خواتين و حضرات – السلام عليڪم!

آءٌ ڪو مقالو لکي ڪو نہ آيو آهيان، آءٌ ڪو اديب بہ نہ آهيان، ڪو شاعر بہ نہ آهيان، پر شاعرن ۽ اديبن جو عقيدتمند آهيان. توهان کان سکڻ آيو آهيان، توهان کي ٻڌڻ آيو آهيان، ۽ ڪوشش ڪريان ٿو تہ پنهنجي علم ۾ ڪجهہ اضافو ڪريان. اُن ڪري آءٌ هتي اوهان وٽ حاضر آهيان. آءٌ مختصر وقت وٺندس، ليڪن ضروري ڳالهيون ڪندس. مون مختلف مقررن جون ڪجهہ ڳالهيون، ۽ ڪي نقطا نوٽ ڪيا آهن، آءٌ انهن جي حوالي سان ڪجهہ ٻڌائڻ چاهيان ٿو.

تاج جويي ٻڌايو تہ ’شاهہ لطيف ادبي ڪانفرنس‘ جي ابتدا ١٩٣٢ع کان ٿي آهي. تڏهن ڀٽ شاهہ ۾ ڪا پڪي عمارت (آڊيٽوريم وغيره نہ هو)، ريگزارن (ڀٽن) ۾، تنبن ۾، گرميءَ ۾ ڪانفرنس ٿيندي هئي. اُن تي مون کي ياد آيو تہ ننڍپڻ ۾ اسان حيدرآباد ۾، مسجد ۾ خاص ڪري جمعي جي نماز پڙهڻ ويندا هئاسون. هڪ مولانا، جنهن جو نالو ’بتاشو‘ هو، پاڪستان بنجڻ کان پوءِ هتي آيو هو. حيدرآباد ۾ نماز پڙهائيندو هو، ڏاڍو ٿلهو متارو هو. هو اڪثر هڪ ڳالهہ چوندو هو تہ پراڻي زماني ۾ مسجدون ڪچيون هونديون هيون، پر اڄ مسجدون پڪيون بہ آهن، عاليشان قسم جون ۽ روشن بہ آهن. اڳي مسجدون تہ برابر ڪچيون هونديون هيون، پر ماڻهن جا ايمان ڏاڍا پڪا هوندا هئا. اڄ ايمان ڏاڍا ڪچا آهن، جڏهن تہ مسجدون پڪيون آهن.

_ تہ اڄ ڪانفرنس (هتي ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾) ٿي رهي آهي، پيلي عمارت پڪي نہ بہ هجي ها، يا جيئن هن وقت ايئرڪنڊيشنر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪم نہ ٿو ڪري، تہ ڪو حرج نہ آهي. ضرورت فقط خلوص، محبت ۽ جدوجهد جي آهي. پوءِ پلي ٽر جو ريگزار هجي، چاهي ملير هجي يا ڪراچي هجي يا حيدرآباد هجي، اُتي ويهي اسان ادبي ڪانفرنس ڪري سگهون ٿا. صرف ضرورت خلوص، عقيدت ۽ محبت جي آهي.

ان سلسلي ۾ ٿورو اڳ جيڪا ڳالهہ ڊاڪٽر الانا صاحب ڪئي، آءٌ ان سان متفق آهيان. آئون ٿورو وقت اڳ سوچي رهيو هئس تہ اها ڳالهہ ضرور چوندس تہ فقط هڪ ساليانيءَ نشست/ڪانفرنس ڪرڻ سان ڪو خاطر خواهہ فائدو نہ ٿيندو. مون کي افسوس آهي تہ اڄوڪي ڪانفرنس ۾ ڪيترا اديب، شاعر ۽ عالم مقالا لکي آيا آهن، پر ڪين ايترو وقت نہ ملي سگهيو، جو اُهي پنهنجا مقالا مڪمل پڙهي سگهن. ان سلسلي ۾ آءٌ اهو چوندس، جيئن هينئر تاج جويو صاحب چيو تہ اوهان اهي سڀ مقالا ڪيس موڪليو. آءٌ خاطري ڏياريان ٿو اوهان کي تہ جيڪڏهن جويو صاحب مقالا ڪمپوز ڪرائي، جناب انوار حيدر صاحب (ائڊيشنل چيف سيڪريٽري ڪلچر ڊپارٽمينٽ، جيڪو خود اسان سان هتي گڏ آهي) کي پهچائيندو تہ آءٌ وعدو ڪريان ٿو تہ اهي هن سال ۳۰ جون کان اڳ ڪتاب جي صورت ۾ ڇپرائي ڏيندس. گهٽ ۾ گهٽ اُهي مقالا، جيڪي هتي پڙهيا نہ ويا، يا جن جو هتي اختصار پيش ڪيو، انهن سمورن جي ڇپائيءَ جي ذميواري آءٌ پاڻ تي کڻان ٿو. انشاءَ الله، ۳۰ جون کان اڳ انهن کي ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو.

هي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون آهن، جيڪي آءٌ چوڻ گهران ٿو. هي جيڪي نوجوان مقالي نگار آهن، اُهي جنهن حوالي (reference) سان ڳالهہ ڪري رهيا هئا، جن مان ڪن چيو تہ لطيف سائين بلوچي ۽ سرائيڪي لفظ بہ شاعريءَ ۾ ڪم آندا هئا، تہ ڪن چيو تہ هن ڪم نہ آندا هئا. اُن سلسلي ۾ آءٌ هڪ عرض ڪندس تہ سنڌي زبان تي تمام گهٽي تحقيق (research) ٿي آهي ۽ هيءَ هڪ نهايت قديم زبان آهي. ان سان ڪنهن کي بہ ڪو اختلاف نہ آهي. پهرين اهو تاثر ڏنو ويندو هو، هڪڙو مڪتبءِ فڪر (school of thought) هوندو هو، جيڪو چوندو هو تہ سنڌي زبان سنسڪرت مان نڪتي آهي. ليڪن جيڪا تازي تحقيق (latest research) ٿي آهي ۽ جيڪا مستند تحقيق آهي. اوهان سڀ اديب، قابل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شخص، دانشور ۽ اسڪالر ويٺا آهيو. سڀ ڄاڻو ٿا تہ سنڌي زبان، سنسڪرت کان ڪافي پراڻي زبان آهي. اها ڳالهہ بلڪل ٺٺي آهي، ان تي تحقيق ٿي چڪي آهي. اوهان تحقيقي ڪتاب ڏسندا تہ معلوم ٿيندو تہ هيءَ زبان تمام قديم آهي.

سائين جي. ايم. سيد هڪ ڪتاب ("پيغام لطيف") لکيو آهي، جنهن جو مون وٽ اردو ترجمو موجود آهي. ان ۾ هُن ڄاڻايو آهي تہ قديم سنڌ جون حدون اُهي نہ آهن، جيڪي هينئر آهن. هڪ زماني ۾ سنڌ ڪشمير تائين پکڙيل هئي. بلوچستان بہ اُن ۾ شامل هو. هيءُ سمورو بيلٽ (خطو) "سنڌ" سڏبو هو. اُها سنڌ آهستي آهستي گهٽجندي وئي. اُن جا چار حصا هئا. (١) سنڌ، جيڪا موجوده سنڌ آهي، جتي سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، (٢) موجوده سرائيڪي بيلٽ ملتان تائين، اهو بہ سموري جو سمورو سنڌ هو. اُتي بہ سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. (٣) سمورو بلوچستان بہ سنڌ جو حصو هو. جتي پڻ سنڌي زبان ڳالهائي ويندي هئي، جتان جي قديم زبان سنڌي آهي، بلوچي بعد ۾ آئي (٤) هي سڄو راجستان ڪڇ جي رڻ سميت. اتي بہ سنڌي زبان ڳالهائي ويندي هئي.

_ تہ مون پئي چيو تہ تحقيق مان ثابت آهي تہ سنڌي زبان نهايت پراڻي زبان آهي ۽ ڏاڍي بہ ڏاڍي ترقي ڪري رهي آهي.

..... هي جيڪو نوجوانن جو خيال آهي، جيڪي هتي ويهي [سنڌي ٻوليءَ بابت] نعرا هڻي رهيا آهن، انهن کي آءٌ چوان ٿو تہ سنڌي زبان قديم زبان آهي ۽ قديم زبانن کي ڪو بہ ختم نہ ٿو ڪري سگهي. اوهان يونيورسٽيءَ ۾ [سنڌي ] پڙهو يا نہ پڙهو. شاهہ لطيف جي زماني ۾ ڪيتريون يونيورسٽيون هيون؟ سچل سائينءَ جي زماني ۾ ڪيتريون يونيورسٽيون هيون؟ ليڪن اڄ انهن (صوفي شاعرن) جو سمورو ادب /سموري شاعري اسان وٽ موجود آهي. سنڌي زبان ترقي ڪندي آئي آهي، ترقي ڪندي رهي ٿي ۽ ترقي ڪندي رهندي. اوهان ڪو بہ فڪر نہ ڪريو. سنڌي زبان تي ڪو بہ حرف نہ ايندو ان کي ڪير بہ نقصان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهچائي نه سگهندو. مون اوهان جو پمفليٽ ڏسي ورتو آهي، اُن جو مڪمل متن مون پڙهيو آهي ۽ پاڻ وٽ سنڀالي رکيو آهي. اسان جي وزير تعليم محترمه حميده کهڙو آهي. ڏاڍي قابل عورت آهي، سنڌ جي نياڻي آهي، هتي جي رهواسي آهي، منهنجا اُن سان بهتر تعلقات آهن، آءُ ڪيس اوهان جو پمفليٽ ضرور پهچائيندس ۽ اوهان جي طرفان ڪيس پوريءَ طرح سفارش ڪندس ته اوهان جو هي [ٻوليءَ جو] معاملو ، حل ڪري. اوهان بلڪل مطمئن رهو. ائين ڪڏهن نه ٿيندو ته اوهان جي يا اسان جي سنڌي زبان کي ڪنهن طرح نقصان پهچي. ائين نه ٿيندو.

ڪجھ هلڪيون ڦلڪيون ڳالهيون ٿي ويون - هتي جيترين عورتن مقالا پڙهيا، هڪ اڌ کان سواءِ سڀني (جي مقالن مان) اهو محسوس پئي ٿيو ته انهن شاھ لطيف کي پنهنجو شاعر بنائي ورتو آهي ۽ اسان ماڻهن (مردن) کان بلڪل ڌار پنهنجو ساعر بنائي ورتو آهي... اها ڳالھ ٺيڪ آهي ته عورتن جي باري ۾، سسئيءَ جي باري ۾ ، شاھ صاحب تمام گهڻو لکيو آهي، تمام گهڻيون ڳالهيون ڪيون آهن. پر حضرت لطيف جي شاعري، آءُ سمجهان ٿو ته اها سڀني لاءِ آهي، سمورن انسانن لاءِ آهي، ان ۾ مرد، عورت، هندو، مسلمان سڀ موجود آهن. ان ۾ ذات پات (۽ مذهب) جي ڪا تفريق نه آهي، چو ته شاھ صاحب عالمي شاعر آهي.

اسان جي هڪ خاتون، جنهن جو نالو شايد امر سنڌو هو، ۽ جيڪا هن وقت اٿي وئي آهي، ان ڏاڍي سٺي ڳالھ ڪئي آهي ته اسان جي آڏو هڪ vision هئڻ گهرجي. هن اهو به چيو ته تاريخ رڳو بادشاهن کي سوانح حيات جو نالو نه آهي. هن اها ڳالھ بلڪل درست چئي، اها ڪارلائل جي فلاسافي آهي. ڪارلائل تاريخ بابت چيو هو ته اُها وڏن وڏن بادشاهن ۽ وڏن وڏن ماڻهن جي سوانح حيات (Biography) آهي. هن جي نظر ۾ اها ئي تاريخ هئي، پر اها حقيقت نه آهي. هيگل، تمام وڏو جرمن فلاسافر ٿي گذريو آهي، اُن جو اوهان نالو ضرور ٻڌو هوندو. هيگل جو فلسفو، جنهن تي ڪارل مارڪس جي سموري نظرئي جو بنياد آهي، ته اُن (هيگل) چيو هو ته هيءَ جدوجهد، هي تضاد، هي ضد (contrasts) ئي تاريخ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غريبن ۽ اميرن جا اختلاف ۽ تضاد. ۽ اها جيڪا جدوجهد آهي، اُن سان ئي تاريخ ٺهجي ٿي. اها ئي حقيقت ۾ (actual) تاريخ آهي ۽ اهو vision آهي، جنهن بابت امر سنڌوُ ڳالهه ڪئي پئي، جيڪا بلڪل درست آهي تہ: جدوجهد (strugle) جو نالو ئي تاريخ آهي. ان ۾ عورتون هجن خواه مرد، جدوجهد هميشہ مظلومن جي ٿيندي آهي آهي. مظلوم، ظالم جي خلاف جدوجهد ڪندو آهي. جيڪڏهن اوهان سمجهو ٿيون تہ مرد ظالم آهن تہ اوهان انهن جي خلاف جدوجهد ڪريو. جيڪڏهن هي ماڻهو سمجهن ٿا تہ امير ظالم آهن تہ اهي سندن خلاف جدوجهد ڪن. جيڪڏهن عوام سمجهي ٿو تہ حاڪم ظالم آهن تہ انهن جي خلاف جدوجهد ڪن ـ ۽ اها ئي اسان جي تاريخ بنجندي ئي اچي ۽ بنجڻ گهرجي.

... ڪجهہ ننڍيون ننڍيون ڳالهيون آهن. جيڪي اوهان سان ڪندو هلان ٿو.

هڪ ڳالهہ بابت مون کي ٿورو شڪ آهي، جيتريقدر مون کي معلوم آهي تہ حضرت شاهہ لطيف ١٦٨٩ـ٩٠ ڌاري جنم ورتو هو ۽ سندن وفات ١٧٥٢ع ۾ ٿي هئي. هي حقيقت ۾ اهو دور آهي، اوهان جيڪڏهن تاريخ جو مطالعو ڪندؤ تہ اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندو تہ هن خطي جي مختلف حصن ۾ جيڪي ڏاڍ/ وارداتون ٿيون آهن. تن بابت اسان جي بزرگن، صوفي شاعرن جو ڪهڙو رد عمل (re_ action) هو. ان ئي دور ۾ توهان ڏسندؤ تہ پنجاب ۾ بلا شاهہ جهڙو صوفي شاعر موجود آهي. اهو دور يا ان کان ٿورو اڳ ساڳيو دور آهي، جنهن ۾ اورنگزيب خوشحال خان خٽڪ [۽ سندس قوم تي] ظلم ڪري ٿو. سڀ خوشحال خان خٽڪ کي وڏو شاعر تہ مڃين ٿا، پر ماڻهو اهو نہ ٿا سمجهن تہ هن پنهنجي علائقي/ملڪ لاءِ ڪهڙي جدوجهد ڪئي. هو اورنگزيب سان پنهنجي [ماڻهن جي حقن لاءِ وڙهيو] ۽ اورنگزيب کيس جيل ۾ وجهي ڇڏيو. اها آهي خوشحال خان خٽڪ جي تاريخ – تہ هي اهو دور آهي، جنهن ۾ هنن صوفي شاعرن جو ڪلام سرجيو ۽ اهو اڄ اسان تائين پهتو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آءٌ اوهان کي عرض ڪريان ٿو ته اوهان تحقيق ڪريو. مظهر جميل صاحب "جديد سنڌي ادب" بابت [اردو زبان ۾] تحقيق ڪئي آهي. اوهان جيڪي مرد، عورتون، نوجوان محقق آهيو، اوهان ريسرچ ڪريو. شاهه لطيف جو جيڪو دور (period) آهي ان تي تحقيق ڪريو. شاهه لطيف جي دور کي اڳيان رکي، ان دور ۾ سمورن علائقن تي نظر وجهندؤ ۽ صوفي شاعرن کي ڏسندؤ ته اوهان کي معلوم ٿيندو ته کهڙا صوفي شاعر هئا، جن انهيءَ وزن، انهيءَ طرز ۾ ڪلام چيو آهي، انهن جو ماٿهن تائين جيڪو ڪلام پهتو آهي، ان ۾ ڪيتري "هڪجهڙائي" (uniformity) آهي. خاص ڪري مون بلا شاهه کي ڪافي پڙهيو آهي. اوهان بلا شاهه کي پڙهي ڏسو، اوهان شاهه لطيف کي پڙهي ڏسو يا اُن دور جي ٻين شاعرن کي پڙهو، پوءِ سندن ڪلام پنجابيءَ ۾ آهي. سرائيڪيءَ ۾ آهي، سنڌيءَ ۾ آهي يا فارسيءَ ۾ آهي، ساڳيو آهي، [هڪ ئي فڪر تي ٻڌل آهي].

هڪ ڳالهه آءٌ پلجي ٿو وڃان. هڪ صاحب چيو ته بلوچي لفظن/ فقرن وارا بيت شاهه صاحب جا نه آهن. آءٌ نه ٿو سمجهان ته ڪو ائين هوندو. مون ريسرچ نه ڪئي آهي، پر آءٌ وثوق سان چئي سگهان ٿو ته بلوچي زبان جا لفظ به سنڌي ۾ موجود آهن، اهي اصلي سنڌي زبان ۾ هئا. جيڪي بلوچستان ۾ اڄ ڳالهايا وڃن ٿا. اوهان ائين نه سمجهو ته شاهه لطف اهي لفظ ڪم نه آندا آهن. شاهه صاحب اهي لفظ ضرور ڪم آندا آهن [هو پرپاسي جي سمورين زبانن جي ڄاڻ رکندو هو]

هڪ ڳالهه آءٌ پلجي ٿو وڃان. هڪ صاحب چيو ته بلوچي لفظن/فقرن وارا بيت شاهه صاحب جا نه آهن. آءٌ نه ٿو سمجهان ته ڪو ائين هوندو. مون ريسرچ نه ڪئي آهي، پر آءٌ وثوق سان چئي سگهان ٿو ته بلوچي زبان جا لفظ به سنڌي ۾ موجود آهن، اهي اصلي سنڌي زبان ۾ هئا. جيڪي بلوچستان ۾ اڄ ڳالهايا وڃن ٿا. اوهان ائين نه سمجهو ته شاهه لطيف اهي لفظ ڪم نه آندا آهن. شاهه صاحب اهي لفظ ضرور ڪم آندا آهن [هو پرپاسي جي سمورين زبانن جي ڄاڻ رکندو هو]



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

... هتي الهنواز رڪٽائي صاحب تمام سٺي ڳالهه ڪئي، هن جو مقالو تحقيق (research) وارو هو. هن تمام گهٽي کوجنا ڪئي آهي. هن لفظن جون درست معنائون ڏيون، هڪ لفظ جون ڪيتريون معنائون پڌايون. ان تي مون کي اردو جو هڪ شعر ياد اچي رهيو آهي ته:

خرد کا نام جنون رکھ دیا، جنون کا خرد،
جو چاہے آپ کا حسن کرشمہ ساز کرے

اوهان جيڪي چاهيو سو ڪريو. پر جيڪو خرد (عقل) آهي، سو خرد آهي ۽ جيڪو جنون آهي، اهو جنون (چريائي) آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن خرد (عقل) تي وڃي ٿو.

هن خطي ۾ هڪ ٻيو وڏو صوفي (ويدانتي) شاعر ٿي گذريو آهي، دوها چوندو هو. ڪبير ڀڳت ـ اوهان سندس نالو ٻڌو هوندو. ان جو هڪ دوهو مون کي ياد آهي. جيئن الهنواز رڪٽائيءَ چيو. تيئن هن جو به غالباً ساڳيو مقصد آهي. ڪبير چوي ٿو:

رنگي کو نارنگي کهين، اُتم مال کو کويا،
چلتي کو گاڙي کهين،ديک ڪبيرا رويا

[يعني رنگين ميوي(مالٽي وغيره) کي ماڻهو نارنگي يعني بي رنگ چون ٿا ۽ ٺهيل کير (اُتم مال = مائي) کي وري وڃايل (کويا) چيو وڃي ٿو. ماڻهن تي عجب ٿئي ٿو ته اُهي هلندڙ شيءِ کي گاڙي (گاڙهنا-بيهاري ڇڏڻ) چون ٿا. اها صورتحال ڏسي ڪبير روئي ٿو]

هي اُهي لفظ آهن، جن جو مطلب سمجهڻ آسان نه آهي. شاعر اُهي به خاص طرح صوفي شاعر، جڏهن معشوق، لفظ ڪم آڻين ٿا ته ان معشوق جو مطلب ڇا آهي؟ اُهو هُو پاڻ ڄاڻن ٿا. (شاهه صاحب چيو آهي ته) "سسئي، 'پنهون پنهون' چوندي خود 'پنهون' ٿي وئي آهي. يعني هن پاڻ کي محبوب ۾ سمائي ڇڏيو. ته هيءَ حقيقت عارفانه آهي، اها سمجهڻ جي ڳالهه آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هتي محترم ايم. ايڇ پنهور صاحب ذڪر ڪيو ايڇ. ٽي سورلي (H.T. Sorly) جي ڪتاب "Musa Pervagans" جو، آءٌ حتي الامڪان ڪوشش ڪندس ته جيڪڏهن اُن ڪتاب تي بندش آهي ته اها لهي وڃي ته جيئن ماڻهو اهو ڪتاب ڏسن ۽ پڙهن ته واقعي اُن ۾ اها ريسرچ آهي. [هن شاهه صاحب جي دنيا جي وڏن شاعرن سان ڀيٽ ڪري ڪيس دنيا جو وڏو شاعر ثابت ڪيو ويو آهي] ان جو مطالعو ڪرڻ ۾ ڪو به حرج نه آهي. آءٌ [ سورلي جو ] ڪتاب هٿ ڪري پڙهندس ۽ ضرور به ضرور ڇپائڻ جي ڪوشش ڪندس.

ـ تاريخ ڪير به لکي. اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته "اردو ادب جي تاريخ" ڪنهن اردودان نه لکي، پر هڪ هندي دان رام بابو سڪسينه لکي. هن اردو ادب جي جيڪا تاريخ لکي آهي، اهڙي تاريخ ڪنهن اردو دان به اڄ تائين نه لکي آهي. جيڪڏهن مظهر جميل "جديد سنڌي ادب" نالي سنڌي ادب جي تاريخ لکي آهي ۽ هو سنڌي( ڳالهائيندڙ) نه آهي ته ڇا ٿي پيو! هن هي ڪتاب لکي ڪنهن سنڌي اديب کان وڌيڪ سنڌي ادب جي خدمت ڪئي آهي. [ ان تي ڪيس شاباس ڏيڻ گهرجي].

ـ آءٌ واضح ڪريان، جيئن تاج جويي صاحب چيو يا جيئن ڊاڪٽر الانا صاحب چيو ته اسان سڀ سنڌي آهيون، سنڌ اسان جي زمين آهي، سنڌ اسان جو ديس آهي. اسان سنڌي ڳالهايون يا نه ڳالهايون، اسان سنڌي آهيون، اسان سنڌ جا رکوالا آهيون.

آءٌ [سنڌ جي تاريخ] بابت اوهان کي ڪجهه ٻڌايان ٿو. اڄ کان ڪي ٽي مهينا اڳ مون اهو سوچيو، پنهنجي خيال کان اهو ويچار ڪيم ته سنڌ جي تاريخ نامڪمل آهي. سنڌ جي تاريخ تي وڌيڪ مستند (Authentic) ڪتاب / تاريخي ڪتاب "چچنامو" آهي، چچنامي جو فارسي ايڊيشن، علي ڪوفيءَ جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيل [مخدوم امير احمد جي سنڌي ترجمي ۽ ] ڊاڪٽر نبي بخش جي ايڊيٽنگ سان ڇپيو آهي. ان جو اردو ترجمو به ڇپجي چڪو آهي. اهو ڪتاب اصل عربيءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لکيل هو، اڃا تائين خبر پئجي نہ سگهي آهي تہ ان جو اصل مصنف ڪير هو؟ محمد بن قاسم جي وقت جا ۽ سندس وفات کان ڪي ٽيھ چاليھ سال پوءِ جا بہ اُن ۾ واقعا شامل آهن. ضرور ڪو اهڙو ماڻهو هوندو، جنهن اهي سمورا واقعا ڏٺا هوندا يا ويجهڙائيءَ واري وقت جو هوندو. جنهن اهو ڪتاب عربيءَ ۾ لکيو هوندو، پر اسان وٽ ان جو اصلي عربي متن موجود نہ آهي. چچنامي ۾ ڪيترا واقعا / ڳالهيون غلط آهن، جن تي تحقيق (research) بہ ٿي آهي. عالمن ان تي لکيو بہ آهي. خاص ڪري، ڊاڪٽر بلوچ جهڙن محققن ان ۾ ڪيترين وضاحتون شامل ڪيون آهن. چو تہ ان (چچنامي) ۾ ڪيترين ڳالهيون مستند نہ آهن، جن تي شڪ ڪري سگهجي ٿو پر اسان کي ان کي رد ڪرڻ لاءِ شهادتون (evidences) نہ آهن. ان تي اڃا بہ تحقيق ٿيڻ گهرجي.

_ تہ مون ڳالهہ پئي ڪئي تہ مون اهو مناسب سمجهيو تہ ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ جا ڪتاب / پراڻو رڪارڊ هڪ هنڌ جمع ڪرايان. اُنهن ڪتابن / مسودن جو [ مطالعو ڪري] تلاش ۽ ريسرچ ڪريون . آءٌ ان نتيجي تي پهتو آهيان، جيڪو ٿورو گهڻو سنڌ جي تاريخ جو مواد مون پڙهيو آهي تہ اڪثر ڪتاب جيڪي سنڌ متعلق آهن، انهن مان ڄاڻ پوي ٿي تہ پراڻي زماني ۾ سنڌ ۽ هند کي هڪ سمجهيو ويندو هو. جيترا بہ پراڻا ڪتاب ملن ٿا، اها ڳالهہ مسلم بہ آهي• تہ ابتدا جا ١٠٠، ٢٠٠ سالن جا سمورا ڪتاب عربيءَ ۾ ملن ٿا. ان کان پوءِ جيڪي ڪتاب لکيا ويا، اُهي گهڻو ڪري فارسيءَ ۾ آهن. اُهي ڪتاب گهڻو ڪري واپارين (traders)، سياحن(tourist) ۽ تاريخدانن (historians) لکيا آهن. انهن مان ڪي بنيادي قلمي نسخا (manuscripts) برلن ۾ آهن، ڪي پئرس ۾ آهن، ڪي لنڊن ۾ آهن ۽ ڪي ڪنهن ٻئي هنڌ موجود آهن.

مون ان سلسلي ۾ هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي، جنهن ۾ مون سيڪريٽري تعليم، سيڪريٽري ثقافت، محترم مهتاب اڪبر راشدي ۽ ٻين کي گهرائي چيو تہ اچو تہ ڪوشش ڪريون تہ **سب مسودا/ دستخط گڏ ڪريون، جن ۾ سنڌ بابت مواد آهي، انهن کي ترجمو ڪرايون تہ ان مان**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان کي سنڌ جي تاريخ بابت نيون شيون ملي سگهن ٿيون. مون اِن سلسلي ۾ ٻي ڳالهه ٻه ڪوٺائي، جنهن ۾ اير. ايچ پنهور صاحب کي به دعوت موڪلي وئي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب به آيو پيا به ڪي ماٺهو آيا هئا. اُن جو مقصد اهو هو ته ڪو اهڙو فورم تشڪيل ڏجي، جتي اها معلومات گڏ ڪجي ته ڪهڙو ادارو ڪهڙو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ان وٽ ريسرچ لاءِ ڪهڙا وسيلا (resources) موجود آهن ته [ جيئن متئين منصوبي تي عمل ڪجي] منهنجي پهرين ڳالهه ٻولهه جو ماڻهن غلط مطلب ورتو. انهن وڏا وڏا پروپوزل ڏنا ته هن قسم جي آفيس ٺاهيو هيترا پئسا ڏيو پر منهنجو مقصد اهو نه هو. آءٌ ٽين ميٽنگ انشاءَ الله جلد حيدرآباد ۾ سڏائيندس. ڊاڪٽر الانا صاحب ۽ ٻين عالمن ۽ اديبن کي به گهرائيندس – ته مقصد اهو آهي ته مون هڪ اهڙو فورم بنايو آهي، جيڪو سنڌ جي تاريخ بابت [ سوچ ويچار ۽ تحقيق ڪندو]. ان سلسلي ۾ آءٌ ٻن ٽن هفتن اندر حيدرآباد ايندس. اوهان مان ڪجهه دوستن ۽ عالمن کي ضرور مدعو ڪندس – ته هي فورم اهو ڏسي ته ادبي لحاظ کان، تاريخي لحاظ کان ڪهڙا ادارا آهن، جيڪي ريسرچ جو ڪم ڪن ٿا. ڪين ڪهڙو ڪم ڏجي. بجاءِ ان جي جو اسان نوان ادارا کوليون، جيڪي ادارا اڳ موجود آهن، ملي رهيا آهن، جن جو پنهنجو دائره ڪار (scope) آهي، جيڪڏهن انهن وٽ پئسن جي کوٽ آهي ته پئسا ڏيون ۽ جيڪڏهن ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي ضرورت آهي ته اُن جو پورائو ڪريون. اسان وسيلا (sources) موجود ڪري ڏيون ته جيئن اُهي پنهنجي (field) ۾ اڳتي وڌي سگهن ۽ تحقيق جو ڪم ڪري سگهن.

– [ ٿورو اڳ] ڊاڪٽر الانا صاحب چيو ته ”شاهه لطيف ايڪسيلينس سينٽر“ لاءِ [ڀٽ شاهه ۾] عمارت به ورتي وئي هئي، جيڪڏهن اهڙو provision آهي ته انشاءَ الله اُن جي ترقيءَ ۽ جوڙجڪ (structure) لاءِ، حڪومت کان جيڪي ٿي سگهيو، اسان ضرور ڪنداسون، آءٌ بلڪل ڪوشش ڪندس، اوهان جو [ ثقافت کاتي جو] ائڊيشنل چيف سيڪريٽري به ويٺو آهي، وزير صاحب (شبير احمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قائمخاني) بہ ويٺو آهي. ان قسم جي رٿائن لاءِ S.N.E منظور ٿيندي آهي، آءٌ معلومات هٿ ڪري، ان کي عملي جامو پارائيندس.

- جيستائين [ سنڌ جي تاريخ واري منصوبي ۽ فورم] جو تعلق آهي، ان جي ٻن گڏجاڻين جي صدارت مون ڪئي آهي. ان کان پهرين سيڪريٽري صاحب صدارت ڪندو هو.

آءٌ ڏسان ٿو تہ هي صاحب انهن ٻنهي مسئلن بابت ڪهڙا پروپوزل آڻين ٿا. پهرين جولاءِ کان اڳ ڪين ڪهڙا فنڊ گهرجن ۽ ڪهڙي مد ۾ گهرجن – اميد تہ انهن جي منظوريءَ ۾ ڪا بہ رڪاوٽ نہ پوندي، جيڪڏهن بجيٽ ٺهڻ کان پوءِ اوهان انگ اکر (figures) ڪٺي ايندؤ، گهرجون (demands) ڪٺي ايندؤ. بجيٽ ٺاهي ڪٺي ايندؤ تہ آءٌ منظور نہ ڪندس. اهو سڀ ڪجهہ صوبي جي بجيٽ ٺهڻ کان اڳ ٿيڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ اها ڳالهہ غير قانوني ٿيندي. اسيمبليءَ جي منظور ڪيل بجيٽ ۾ ڪا بہ ڦير ڦار نہ ٿيندي – منهنجي گذارش آهي تہ اوهان جو سيڪريٽري صاحب ۽ وزير صاحب جيڪي بہ چاهين، پروپوزل ٺاهي ڪٺي اچن، مون سان گڏجاڻي ڪن، آءٌ گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندس ۽ [ پروپوزل مناسب هوندا] تہ ٻن ٽن سالن جي بجيٽ منظور ڪندا سون. پر رقم ڪهڙي مد ۾ گهرجي، پاليسي ۽ پروپوزل ٺاهي ڏيو. گاڏي خريد ڪرڻي آهي. ايئرڪنڊيشنز لڳائڻا آهن. اهڙين ڳالهين جو آءٌ سخت مخالف آهيان. انهن جي منظوري نہ ڏيندس، اوهان اهو ڪم ڪريو، جنهن سان تحقيق جو مقصد پورو ٿئي. اوهان ڪهڙن اسڪالرن کي ٻاهر ڪهڙين يونيورسٽي ۾ تحقيق لاءِ موڪلڻ چاهيو ٿا؟" ڪهڙا اسڪالر جرمني يا ٻين ملڪن ۾ تحقيق ڪرڻ لاءِ تيار ٿين ٿا، تہ اهڙي اجازت ڏبي.

- هن قسم جي ڪانفرنس لاءِ منهنجي تجويز آهي تہ هر ٻن يا ٽن مهينن ڪانپوءِ ٿيڻ گهرجي. سال کان پوءِ جيڪا ڪانفرنس ٿئي ٿي، اها ڪو نتيجو نہ ٿي ڪڍي. ماڻهن کان ڳالهيون وسري وڃن. هر ٻئي مهيني ڪانفرنس ٿيڻ گهرجي. اوهان سڌا ۽ تحقيقي مقالا پڙهو. اهي ڪانفرنسون شاهہ تي بہ ٿيڻ گهرجن، پر ٻين عالمن ۽ شاعرن جهڙوڪ سچل سرمست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**تي به ٿين، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري تي به ٿين گهرجن. اوهان جيئن مناسب سمجهو. جن به عالمن / شاعرن ادبي خدمتون ڪيون آهن، جيڪي اسان جا شاعر ۽ اديب آهن، تاريخدان آهن، انهن بابت ڪانفرنسون ٿين گهرجن.** اوهان چئنلائيز ڪريو. انهن ڪانفرنس ۾ تاريخ تي به بحث ڪري سگهون ٿا. اڄ اهو زمانو نه آهي، جو اسان رڳو ادب تي ڳالهه ڪريون. ادب ۾ ته هر ڳالهه موجود آهي. تاريخ به ادب جو باب آهي.

_ ته مون اوهان کي گوش گذار پئي ڪيو آهي ته ان سلسلي ۾ / **ادبي ڪانفرنس جي سلسلي ۾ آءٌ مدد ۽ ذاتي خدمت ڪري سگهان ٿو.**

_ شاهه لطيف جي پيدائش ۽ وفات بابت مون کي ڪجهه confusions آهن ته سنڌن ولادت ٩٠_ ١٩٨٩ع ڌاري ۽ وفات ١٧٥٢ع ٿي ته ان حساب سان هي عُرس ٢٦١هون ته نه ٿيندو [ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب اُتي بيهي وضاحت ڪئي ته هجري سالن جي حساب سان هي ٢٦١ هون عرس بيهي ٿو ] ...ته مون عيسوي سالن جي حوالي سان اندازو لڳايو. تڏهن غلط فهمي ٿي، پر هجري سن جي حساب سان عرس بابت منهنجي غلط فهمي هاڻي دور ٿي وئي آهي.

_ آءٌ اهو چوندس ته صوفي شاعرن جو ڪلام موسيقيءَ سان واسطو رکي ٿو. فنڪار پوءِ اها عابده پروين هجي، محمدّ جمن هجي يا پٺاڻو خان هجي، اُهي صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائين ٿا [ ته دلين تي وڏو اثر ڪري ٿو] صوفياڻو ڪلام وڏو اثر انگيز آهي. ان جو انسان تي وڏو اثر ٿئي ٿو. ان ۾ اعليٰ تخيل موجود آهي ۽ انسان [ سُر ۾ ٻڌي ] پنهنجي خيال ۾ الائي ڪٿان جو ڪٿي وڃيو نڪري. آءٌ توهان کي پنهنجو تجربو ٻڌايان ته مون کي پٺاڻي خان جي آواز ۾ خواجه غلام فريد جي ڪافي وڻندي آهي.

ميڏا عشق وي تون، ايمان وي، تون
ميڏا مندر، مسيت تي، قرآن وي تون

منهنجي نينڊڙي ڏوهٽي آهي، ڏيڍ ٻن سالن جي، اها مون وٽ اچي ويهندي هئي، جڏهن آءٌ پٺاڻي خان جي آواز ۾ غلام فريد جي ڪافيءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[ ٽيپ رڪارڊ ] تي آن ڪندو هوس، ننڍڙيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري ڪيس وندرائيندو هوس تہ هوءَ هن ڪافيءَ جي سُر ۽ سحر ۾ ڪوئجي ننڊ پئجي ويندي هئي. مون کي بہ ننڊ نہ ايندي آهي تہ اهو ڪلام لڳائي ڇڏيندو آهيان، اُن مان ايترو سڪون ۽ راحت ملندي آهي جو بيان نہ ٿو ڪري سگهان.... سرائيڪي ڇا آهي، پنجابي ڇا آهي؟ ان کي ڇڏي ڏيو. انهيءَ ڪافيءَ ٻڌڻ سان جيڪا ڪيفيت طاري ٿيندي آهي ۽ اهو سُر جيڪا محويت بخشيندو آهي ان مان دلي راحت حاصل ٿيندي آهي، تہ اهو وڏو ڪمال آهي، اسان جو صوفي بزرگن/ شاعرن جي شاعريءَ جو — تہ آءُ اوهان جو شڪر گذار آهيان. جو اوهان مون کي [ صوفي بزرگ حضرت شاهہ لطيف جي] هن ڪانفرنس ۾ گهرايو مون کان **شاهہ لطيف جي سلسلي ۾ جيڪا بہ خدمت ٿي سگهي، آءٌ ضرور ڪندس.**

مهرباني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ جو مطالعو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner




جتي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

ايڊمن: صاحب خان ”سورهه“ ميرائي

Cell No: 0344 - 3919786

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُورَ جي سائنس ۽ شاهه جو رسالو

## سُور ڇاکي چئجي؟( وصف):

عام طرح سور، تڪليف، مصيبت يا بيماريءَ کي چئجي ٿو پر درحقيقت "سور" جسم ۾ موجود تڪليف جو اطلاع ڏئي ٿو ۽ وقت سر اُن جي تدارڪ جو تاڪيد ٿو ڪري. ڪئنسر (Neo_plasm) جا ڳوڙها (Tumours) يا ڦٽ (wounds) انڪري ئي خطرناڪ آهن، جو اهي شروع ۾ سور نہ ڪندا آهن ۽ نظرانداز ڪيا رهبا آهن ۽ تمام دير سان ڏکندا آهن. جسم اندر وڌندا، ويجهندا ۽ پاڙون پکيڙيندا ويندا آهن. ايستائين جو پوءِ انهن جي وجود کي جسم ’مان دفع (Irradicate) ڪرڻ ناممڪن ٿيو پوي.

شيرنگٽن (Sherrington) لکي ٿو تہ:

"The Pain is physical adjunct of an imperative protective reflex."

يعني، "سُور، اضافي طبعي، تحفظ وارو عمل آهي، جيڪو انساني خواهش جي وس ۾ نہ آهي." مطلب تہ اگر انسان چاهي تہ سور ٿئي ۽ چاهي تہ نہ ٿئي، ايئن نہ آهي. البتہ سُور سعادت آهي، جو انسان کي پنهنجي معالج وٽ وقت سر پهچائي ٿو. شاهه صاحب فرمايو تہ:

سَوَ سُکن ڏيئي، ورهُ وهاير هيڪڙو،
مون کي تنهن نيئي، پَير ڏيکاريو پرينءَ جو.

ڪوسٽئنزو لکيو آهي’تہ:

"Pain is associated with detection and perception on Noxious stimuli."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"سور ڪنهن اندرين تڪليف يا تحرڪ کي ڳولڻ ۽ محسوس ڪرڻ سان منسلڪ آهي."

يعني تہ سور خود محسوس ڪرڻ ۽ جستجو ڪرڻ جو پيو نالو آهي: يا آسان لفظن ۾ ايئن چئجي تہ سور منزل طرف رهبري ٿو ڪري. جيئن شاهہ صاحب چيو آهي:

نيڻر منهنجو نينهن، اُجاري اڃو ڪيو.

–

سُورن سونهائي، هُئي آسونهين سسئي.

–

اگهي اگهائي، رنجَ پريان کي رسئو.
چڪيم چڱائي، سورانگهي سوريءَ تان!

ڊورلينڊ (Dorland) جي لغت ۾ لکيل آهي تہ:

"It serves as protective mechanism insofar as it induces the sufferor to remove or withdrawl from source."

"سور_ دفاعي عمل طور ڪم ڪري ٿو ۽ متاثر کي مجبور ٿو ڪري تہ سور پيدا ڪندڙ ذريعي کي پاڻ کان پري ڪر يا پاڻ ان کان پرِي ٿيءُ."

هن سهٽيءَ وصف مطابق اگر اسان شاهہ لطيف جي سُر سسئيءَ جي حوالي سان سُور ڏيندڙ ذريعو "ڏير ۽ ڏاگها" چئون تہ ڳالهہ ڪيترو بهتر بيهندي:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهي ڏنم ڏک
سي سڀ پانيم سک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي

مٿي ڄاڻايل ساڳيءَ لغت ۾ Paint جي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي.

"To, apply a liquid to a specific area as remedial or protective measure."

يعني "هڪ خاص جاءِ تي ڪنهن پاڻياڻي مواد جو دفاعي تدبير طور استعمال ڪرڻ."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تن سورن کي شاباس، جنين مون سين گھاريو!
(شاهه)

## سور جي نظام جي بيهڪ:

سور جو نظام جسم ۾ ائين آهي، جيئن ڪنهن گھر ۾ بجليءَ جي تارن جو نظام. جيڪي آخر ۾ سڀ هڪ مئن سئچ (Main switch) ۾ وڃن ٿيون؛ جتان هڪ ٿلهي تار ذريعي جنريٽر يا گرڊ اسٽيشن تائين پهچن ٿيون. جهڙيءَ طرح هنن بجليءَ جي تارن ۾ هڪ بلب کان وٺي گرڊ اسٽيشن تائين اچڻ ۽ وڃڻ جا ٻه رستا مقرر آهن. بلڪل اهڙيءَ طرح جسم ۾ ٻه ٻه رستا مقرر آهن: هڪ رستي سان جسم مان سُورَ جو احساس ڪٽي تارون (Afferents) دماغ تائين پهچن ٿيون ۽ ٻئي رستي سان تارون دماغ مان دفاعي حڪم ڪٽي (Efferents) سُورَ واري جسم جي حصي تائين پهچن ٿيون.

هتي اسين گرڊ اسٽيشن کي "دماغ" (Brain) ٿا چئون ۽ مئن سئچ کي ڪرنگھي اندر موجود "مغزي ڏوري" (Spinal cord) ٿا چئون ۽ "تارن" کي "احساس جون تندون" (Nerves) ٿا چئون. جيڪي پيغام پهچائيندڙ (Afferents) ۽ دماغ کان پيغام ڪٽي ايندڙ (Efferents) قسمن جون آهن. هن سڄي نظام کي تندن جو نظام (Nervous system) ۽ هن سرشتي جي مطالعي کي Neurology (نيورولاجي) چئجي ٿو. جيڪا هن صديءَ جي وڏي سائنس (Neuro_science) طور سامهون آئي آهي: جنهن جون ڪيتريون ئي شاخون آهن. مثال طور:

(i) Neuro_ Anatomy
(ii) Neuro_ physiology
(iii) Neuro – bio_chemistry
(iv) Neurology
(v) Neuro_ medicine
(vi) Neuro_ Surgery



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان کان علاوه علم نفسيات جي مختلف شاخن جو مطالعو بہ هن علم تي مدار رکي ٿو. سائنسدانن هن صديءَ کي "Neuro Science" جي صدي" قرار ڏنو آهي ۽ هن صديءَ ۾ سائنس جون تمام گهڻيون تحقيقون، هن شعبي ۾ ٿينديون. مطلب تہ هن صديءَ ۾ "Nervous system" جون تندون خوب وڄنديون.

تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄن.
(شاهہ)

"نروس سسٽم" يا "تندن جي نظام" کي خاص طرح "احساس" (Sensation) ۽ "تحرڪ" (Motor) جي حصن ۾ ورهائبو آهي. احساس کي وري (۱) عام احساس (General sensation) ۽ (۲) خاص احساس (Special sensation) ۾ تقسيم ڪيو آهي. عام احساس جي نظام ۾ ٻيا بہ احساس آهن، پر هتي اسين "سور" (Pain) جي ڳالهہ ڪنداسين: جيڪو وري ٻن طريقن جو آهي.

**(الف) تَن جو سور**(Pheripheral pain):

مون "تن" لڳر تيئن وهين جئن وڻ وڍي واڍو.
(شاهہ)

**(ب) مَن جو سور**(Central pain)

ٽيڙا پاڻ قرار، مون "من" ڳڍي گوندرين!

اسان حواس خمس(پنجن حواسن) جو مطالعو ڪريون ٿا، جن ۾ (۱) ذائقو (Taste)، (۲) سنگهڻ يا سونگهڻ (Smell)، (۳) ڇهڻ (Cutanous sensation)، (۴) ٻڌڻ (Audition)۽ (۵) ڏسڻ (Vision) شامل آهن. انهن مان هتي اسين پنهنجي موضوع مطابق، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ کي وڌيڪ بحث هيٺ آڻينداسين.

"تَنَ جي سُور" کي حضرت ڀٽ ڌڻيءَ "سُر يمن ڪلياڻ" ۾ تفصيلي طور واضح ڪيو آهي ۽ اهي نظريا ۽ وصفون بيان ڪيون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي اڄ جي سائنسي وصفن سان نهڪي اچن ٿيون:

ويڄن سين وائي پيا، ڪري نہ ڪيائون.

پر جيئن جيئن اسين رسالي جو مطالعو ڪيون ٿا تہ "تَنَ جي سُورَ" تي "من جو سور" غالب پوندو نظر اچي ٿو. جيئن:

پير پٽائين ڪونئرا، ڏونگر متي ڏي،

پاڻ نہ پسي ڦٽيو، ڪڙهي ڪيچين ڪي.

هن مضمون ۾ اسين "من جي سور" تي خاص طرح بحث ڪنداسين، جنهن "سور" لاءِ "ٻوليءَ جي بادشاهہ" پنهنجي رسالي ۾ ايترا تہ نالا ڏنا آهن، جو ڪٿين "ڏهس" ۽ "ويهس" ٺاهي سگهجن ٿا؛ جيئن: اگهائي، ڦوڙائو، فراق، گوندر، غم، سور، ڪوسو واءُ، جاڙ، ڏُکندو، ڏک، ورهہ، رنج وغيره.

**سور جو مرڪز ۽ عمل:**

سور جي سمجهہ صرف دماغ جي اعليٰ حصي (Cortex) ۾ آهي. باقي جيڪي بہ رستا آهن يعني تندون (Nerves) ۽ مرڪز (Nuclei)، اهي هٿن پيرن جي آڱرين کان وٺي دماغ جي اندرين حصن تائين صرف "سُورَ جي احساس" کي ڪٽي ويڻ لاءِ سواري (Transport) جو ڪم ڏين ٿا. دماغ ۾ ئي سور جي نوعيت کي سمجهيو (Interpretation) ۽ ان جي تدارڪ جو سوچيو ۽ حڪم (Motor activity) ڪيو ويچي ٿو. سور جي نوعيت جي حساب سان يا تہ اهو حل خوشبختي يا بدبختي هجي ٿو. هاڻي اهو تدارڪ اگر "تر تيلهڻ" آهي تہ "ڪرم جو ڪاڍو" ئي چئبو. جيڪو "پٽن جو پنڌ" ٿو ڪرائي.

اڃ ڪرم جو ڪاڍو، نہ تہ پٽن ڪير پنڌ ڪري!

هتي هڪ ڳالهہ قابل غور آهي تہ دماغُ، جتي سور جي سمجهہ بہ آهي ۽ ان جو تدارڪ بہ آهي، اتي خود دماغ، سُورَ جي احساس کان بلڪل خالي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"The brain itself is insensitive to Pain." (Dorland)

ان لفظ "Insensitive" جو لفظي ترجمو تہ "بي۔ حس" ٿيندو، پر هتي مفهوم بيهندو "معتبر". دماغ، سُورَ جي حوالي سان "وڏيرو" آهي، جيڪو سُورَ جو نياءُ ڪري، سندس فرياد ٻڌي، داد ڪري، ڪيس گس سونهائي ٿو. لطيف سائين فرمايو آهي تہ:

سسئي لنگهيو سو، مرد جنهن ملت ڪيا،
جبل وڏو جو، نوڻ مڙوئي نينهن کي.

سائنسي مشاهدن ۽ تجربن اها ڳالھ ثابت ڪئي آهي تہ دماغ جو اهو ننڍي ۾ ننڍو حصو، جيڪو هڪ دماغ جون مڪمل خاصيتون (Functional Units) رکي ٿو، ان کي نيوران (Neuron) چئبو آهي.

نيوران جي وصف سنيل (Snell) هن طرح لکي آهي تہ:

"Neurons are excitable cells that are specialized for reception of stimuli and conduction of nerve impulse."

"نيوران اُهي تحرڪ جي صلاحيت رکندڙ جيو۔ گهرڙا يا خُليہ (cells) آهن، جيڪي ڪنهن خاص محرڪ جي حرڪت کي محسوس ڪن ٿا ۽ اُن کي اڳتي (دماغ طرف) منتقل ڪن ٿا."

هاڻي اهو ڏسون تہ نيوران ڪيئن ٿا تحرڪ ۾ اچن يا وري جڏهن جسم تي ڪنهن ڏک، زخم يا ڪنهن ٻئي stimuli (ڇهنڊڙيءَ) (جيڪو ڪنهن سٺي يا خراب آواز، خبر، سٺي يا خراب شڪل ڏسڻ يا ڪنهن خوش ذائقي ۽ خوشبودار يا بدبوءِ جي شڪل ۾ هجي) جو اثر پوي ٿو تہ نيوران ۾ ڪهڙي تبديلي اچي ٿي.

سائنس ثابت ڪيو آهي تہ هڪڙا خاص ڪيميائي مادا، پنهنجي مخصوص تبديلين ڪري نيوران جي تحرڪ جا ذميوار آهن. انهيءَ تحرڪ جي عمل کي "Action Potencial" چيو ويو آهي ۽ اهي مادا 'سوڊيم ۽ پوٽيشم' (Sodium and Pottassium) آهن. جيترو ڇُهنڊڙي (Stimuli زوردار، اوترو اثر بہ گهڻيرو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪلورين (CL) جو اخراج وري انهيءَ عمل کي روڪي ٿو. ۽ چهنڊڙيءَ (Stimuli) جي اثر کي زائل ڪري ٿو. يعني هڪڙا ڪيميائي مادا جڏهن ظاهر ٿين ٿا تہ سُور ٿئي ٿو ۽ ٻيا وري جڏهن ظاهر ٿين ٿا تہ سُور غائب ٿيو وڃي. جڏهن سور گهٽ ٿيڻ وارا ڪيميائي مادا ظهور پذير نہ ٿا ٿين تہ وري "هٽ جون پڪيون" ڏئي انهيءَ ڪيميائي عمل کي شروع ڪرايو وڃي ٿو، جنهن سان سور گهٽ ٿئي ٿو.

سور گهٽ يا ختم ڪرڻ جا ٻہ خاص طريقا آهن: (١) جسم جي سُورَ واري حصي کي غافل ڪيو (Anesthesia) وڃي، (٢) يا سور جي چهنڊڙيءَ (Stimuli) کي ختم ڪيو وڃي. هن طريقي لاءِ انهن خاص ڪيميائي مادن کي سڃاڻ ڪرڻ ضروري آهي. انهيءَ سڃاڻپ جو هڪ ذريعو اهي خاص برتن (Recipents) آهن، جن ۾ ڪَنَ (Auditory) ۽ اکيون (vision) خاص آهن.

جهڙيءَ طرح ڪنهن خاص خوشبوءِ واري کاڌي جي ذڪر سان اسان جي وات ۾ پاڻي (salavia) اچي ويندو آهي، جنهن جي ذائقي جو اسان کي ماضيءَ ۾ تجربو رهيو آهي، اهڙيءَ طرح ڪن آوازن يا شين جي ذڪر سان، جيڪي بہ اسان جي ماضيءَ ۾ تجربي ۾ رهيون هجن، اسان جي جسم (دماغ) ۾ خاص ڪيميائي تبديليون اچن ٿيون ۽ اهي "لذت ۽ سرور" جو سبب بڻجن ٿيون. ۽ انهيءَ لذت ۽ سرور جي احساس دوران "سُور" ختم ٿو ٿي وڃي:

مون کي جياريوءِ، پريان جي ڳالهہ ڪري
ڍُنو اچ اڏيوءِ، هينئڙو ڪوٽ بُرج جيئن.

هي ڪيميائي تبديليون مثبت (Secretion) ۽ منفي (Inhibitory) هونديون آهن، ڇاڪاڻ تہ The chemical agents stimulate the nerve endings (Snell).

(ڪيميائي تبديليون، احساس جي تندن کي چورين ٿيون).

هيءَ سڄو بحث اها ڳالهہ ثابت ٿو ڪري تہ سور صرف ڏک لڳڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(Impact) سان نہ. پر حواس خمسہ (Special senses) جي تحرڪ سان بہ ٿئي ٿو. هي حواس خودڪار تندن جي نظام (Autonomous Nerves) تحت ڪم ڪن ٿا. جيڪي ڪنهن بہ طرح اسان جي خواهش ۽ مرضيءَ مطابق نہ آهن.

اڪين ڪي آئون، جان ڪي جهلون پائيان.

هتي هڪ ڳالهہ اجا بہ خاص آهي تہ اهي احساس انساني جسم ۾ ڪڏهن داخل ٿين ٿا. سائنس (Embryology) مطابق جيئڻ ٻار سرجي (Fertilization) ٿو تہ هڪ خاص شڪل وجود ۾ اچي ٿي ۽ پوءِ اها تبديلين جا انيڪ مرحلا طئي ڪري حياتيءَ جو مظهر وٺي ٿي. يعني:

سرجيس تان سور، ساماڻي تان سڪ وڻيا.

هو جي سُور سُڄن، مون پينگهي ۾ پرائيا!

هاڻي جيڪڏهن "سرجڻ" سان "سور پرائڻ" واري حقيقت کي سائنس ثابت ٿي ڪري تہ پوءِ هيٺيون حقيقتون بہ ليبارٽرين جي ڪيميائي تجربن ۽ خوردبين (Micro scopes) کان پري نہ آهن، تہ:

'ميثاقان' ميهارسين، لڏيون مون لائون.

يا

"الست بربڪم". جڏهن ڪن پيوم،

"قالو بلي!" قلب سين، تڏهن تت چيوم،

تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين!

## سور جو گس يا رستو:

جيڪڏهن پير تي ڪا شيءِ لڳندي تہ اتان "تند" (offerent Nerve) اهو احساس ڪٽي "ڪرنگهي" (Vertebral Column) اندر موجود "مغزي ڏوري" (Spinal cord) تائين پهچائيندي. مغزي ڏوريءَ اندر جنهن جاءِ تان اهو احساس داخل ٿيندو آهي، ان کي "مغزي ڏوريءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پويون سڱ" (Dorsal Horn) چئبو آهي.
"The dorsal horn has been called a gate, where pain impulses can be gated."
(مغزي ڏوريءَ جو پويون سڱ. اهو دروازو آهي، جتان سور دماغ ڏانهن داخل ٿئي ٿو).
سور جا ٻه قسم آهن: (١) تيز رفتار سور (Fast Pain)، (٢) سُست رفتار سور (Slow pain) تيز رفتار سور، جن تندن مان داخل ٿئي ٿو، اهي "پردي دار تندون" (Mylenated) آهن. هنن تندن ۾ سور جي رفتار ١٢ کان ٣٠ ميٽر في سيڪنڊ آهي. سست رفتار سُور "بي پردي تندن"، (un Mylenated) مان اڌ کان ٻه ميٽر في سيڪنڊ جي رفتار سان سفر ڪري ٿو.

نَوَ نيئر، ڏهہ ڏنوٽيون پندرهن پينڊ پياس
جڏهن سڄڻ ياد پياس تہ چرڪ چنائين هيڪڙي

ان بعد سور دماغ جي هڪ خاص حصي ٿئلمس (Thalamus) ۾ داخل ٿئي ٿو. ٿئلمس سوُر کي سميٽي، سموهي، دماغ جي اعليٰ درجي (Cortex) ڏانهن اماڻي ٿو. Cortex دراصل اها اوطاق آهي، جتي سُور جو "شڪريو" ادا ڪيو وڃي ٿو، جنهن بروقت آگاهي ڏني ۽ هاڻي انهيءَ اوطاق (Cortex) ۾ ئي اهو فيصلو ٿئي ٿو تہ هاڻي سور لاءِ ڪهڙو قدم (Motor activity). کڻجي. هتي سور جو اصل ڪم مڪمل ٿئي ٿو ۽ سور کي شاباس ٿي ملي تہ:

تن سورن کي شاباس، جنين مون سبن گهارئو،
ٻيلي ٿئڙم ٻچرين، هئا هماري پاس،
جڏهن ٻنهونءَ کي ملياس، تہ ويچارا وري ويا.

هيءُ اهو گس يا رستو آهي، جيڪو "تن جو سور" (Periphral Pain) وني ٿو. مگر جيڪو سور (Central pain) اسان کي حواس خمسہ، خصوصاً ڪنن ۽ اکين ذريعي ملي ٿو، ان جي حد اجا صحيح نموني سائنسي دنيا ۾ ٻ. مقرر ڪانهي، البتہ رستو طئہ آهي. اسان ڏسون ٿا تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنن جي گهاڙٽ (Anatomy) پڙهندي پڙهندي، اسين دماغ ۾ داخل ٿي وڃون ٿا. ۽ ڪٿي بہ حد يا دروازو مقرر ڪونہ ٿا ڪريون. ساڳي صورتحال اکين جي بناوت پڙهڻ وقت بہ آهي. اکيون (Vision) ۽ ڪن (Audition) دراصل بہ وڏا برتن (Recipants) آهن. جيڪي پڻ مختلف طريقن (Senses) سان دماغ تائين پنهنجا مشاهدا پهچائين ٿا ۽ دماغ ۾ ئي انهن جو تجزيو ٿئي ٿو. ڪن (Ears) "آواز جون لهرون" گڏ ڪن ٿا. اهو ڪم سڀ ڪن (Ears) ڪن ٿا. انسان خواهہ جانورن جا. پر ڪن جو دماغ وارو حصو يا "دماغي ڪن" هر ڪنهن ۾ مختلف صلاحيتون رکن ٿا. هيءَ صلاحيت نہ صرف انسان ۽ جانور جي علحده آهي، پر انسان کان پئي انسان جي بہ علحده آهي: ان ڪري ظاهري ڪن ۽ دماغي ڪن ۾ فرق آهي:

هي ڪن گاڏهان وکٽي، پيا ڪي ڪن ڳنهيج
تنين سين سٽيج، سپيريان جي ڳالهڙي.

بلڪل اهڙيءَ طرح دماغ جون اکيون يا اندر جي اک (Visual cortex) ئي اصل اک آهي. حضرت سلطان باهو رحہ فرمايو تہ:

قرب حق نزديک مَن حبل الوريد.
تو جمالش را نہ بيني بي بصر.

(يعني تہ حق تعاليٰ جو قرب "حبل الوريد" (Carotial arteries – شہ رگ) کان بہ ويجهو آهي، پر تنهنجي اندر جي اک بند آهي، ان ڪري نہ تو ڏسي سگهين) اندر جي اک دماغ اندر ڏسڻ، ڏٺل شيءِ کي سڃاڻڻ، سمجهڻ ۽ پرروڙڻ جو مرڪز آهي. هيءُ مرڪز ڪياڙيءَ واري دماغ جي حصي ۾ هوندو آهي. عام طرح ٻهراڙيءَ ۾ ڏاها چوندا آهن تہ نانگ کي مارڻ لاءِ پهريون ڌڪ ڪياڙيءَ ۾ هڻو تہ انڌو ٿي پوي، ۽ پوءِ وڏيک وڙهي نہ سگهندو ۽ مارڻ آسان ٿي پوندو.

"اندر جي اک" سان ڏسڻ جي صلاحيت اگر انسان ۾ اجاگر ٿي وڃي تہ پوءِ "وٺڪار" وجهڻ جي ضرورت ئي نہ ٿي پوي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڃين ڇو وتڪار، هت نہ ڳولين هوت کي،
لکو ڪين لطيف چئي، پاروچو ٻئي پار،
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

اک جي ذريعي جيڪو سورُ پهچي ٿو، اهو بہ "معتبر" آهي تہ جيڪو "سرور" پهچي ٿو، اهو بہ "معتبر" آهي ۽ ان جو ثاني پيو ڪو "سرور" ڪونهي. لطيف رحہ فرمايو تہ:

آيا آس ٿيام، پاروچا پنيور ۾،
پسي پهر پنهونءَ جي، ننهن سين نيڻ ٺريام،
گوندر وسريام، سڪن شاخون ڪڍيون.

شيون ڏسڻ هر اک جو ڪم آهي، پر اُنهن جو "معيار" سمجهڻ لاءِ هر ڪنهن اک جي پنهنجي صلاحيت آهي."دراصل اها صلاحيت اندر جي اک ۾ هوندي آهي. انهيءَ ڪري ٿي چيو ويو تہ اصل حسن ڏسڻ واري جي اک ۾ آهي، نہ ڪ نظر ايندڙ شيءَ ۾."

جيڏيون ڏنان جي، صورت ساهڙ ڄام جي!

—

جيڏيون ڏٺان جي، مون جيئن هوت اکين سين!

—

امڙ جي ڏنوءِ، مون جيئن هوت اکين سين،
چرخو چيهاڙيون ڪري، پيري هوند پڳوءِ

سنيل (Snell) لکيو آهي تہ:

(17) "Emotional component of pain is due to activation of the cingulated gyrus cortex, and the cingulated gyratory has been reported to lesison the distress associated with chronic pain".

"سوز جي احساس جو تجزياتي (جذباتي) پهلو دماغ جي خاص حصي (Cingulated gyrus cortex) جي جاڳائڻ سان منسلڪ آهي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ حصي جو آپريشن (Gyratory) سور جي تڪليف ۽ شدت کي گهٽ (غائب) ڪريو ڇڏي". .

آپريشن (Gyrectomy) کان سواءِ بہ اها ڪيفيت ڪنهن خاص ڇهنڊڙيءَ (Stumuli) يا خيال اچڻ سان بہ ٿئي ٿي. جيڪا ماڻهوءَ کي پيڻ سيني تڪليفن کان غافل ڪريو ڇڏي.

ارٽ سورينديُ اوچتو پرينءَ پورُ پيوس،
پهو پٽ ڪريوس، هُو هٽ هتي ئي رهيو.

"تن جو سور" ڪنهن شيءِ جي لڳڻ (Impact) سان ٿئي ٿو. جيڪو جسم اندر پکڙيل "احساس جون تندون (Pheripheral Nerves) دماغ ڏانهن پهچائن ٿيون. "من جو سور" وري "خاص حواسن (Special senses) ۽ خاص طرح اکين (Vision) ۽ ڪنن (Audition) ذريعي ٿئي ٿو. انهيءَ سڄي عمل کي "خود ارادیت واري احساس جي تندن" (Autonomic Nervous System) ذريعي ڪيو وڃي ٿو.

انسان جيڪو آواز ٻڌڻ چاهي ۽ نہ ٻڌي سگهي، ۽ نہ ٻڌڻ چاهي، پر مجبوراً ٻڌڻو پوي تہ اهو هڪ "سُور" آهي. اهڙيءَ طرح جيڪا شيءِ ڏسڻ چاهي ۽ نہ ڏسي سگهي ۽ ڪي شيون وري ڪيس زوريءَ ڏيکاريون وڃن تہ اهو بہ "وڏو سور" آهي. اهو "سُور" مومل، مارئي، سهڻي، ليلان، خواہ رٻ کي مليو. رٻ کي تہ اهو بہ چيو ويو تہ اگر "بروو شهزادو" توکي مليوَ تہ ٻنهي کي ڪليانڻ بادشاھ کُهي ڇڏيندو. پوءِ بہ هن پنهنجي سور جو علاج انهيءَ ڪسڻ واري فيصلي کي قبول ڪيو. سسئي تہ چئي چڪي تہ:

سرتيون مون سُور، پسڻا پرائيو!

هيءَ ڪيفيت ڪڏهن ڪڏهن ايترو تہ غالب پئجي ويندي آهي، جو وهم ۽ گمان يقين ۾ تبديل ٿي ويندا آهن ۽ نظر ايندڙ هر تصوير ۾ ساڳي شڪل هوندي آهي.

اچي عزرائيل، سُتي جاڳائي سسئي،
تي ٻورڙئي دليل تہ پنهونءَ ماڻهو موڪليو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هائي هن "جاڳايل سور" (Activatioh کي خاموش ڪيئن ڪجي. ان جا هي خاص طريقا آهن:

**(١) عام دوائن/ گورين ذريعي.**

ان کي وقتي طور خاموش ڪري سگهجي ٿو، پر جيئن ئي انهن جو اثر ختم ٿيندو تہ آواز ايندو تہ:

وهان ڪيئن ماٺ ڪري، هيڏو سور سهي،

پنهونءَ سين پياءِ، ٿي نياڳي نڏبون ڪرين!

**(٢) غفلت:** دماغ جي ان حصي کي مڪمل غافل (Anesthesia) ڪري ڇڏجي يا غائب (operation) ڪري ڇڏجي. وقتي غفلت بہ دائمي حل ڪونهي ۽ اگر آپريشن ڪري ڇڏبو تہ پوءِ، ائين ٿيندو تہ:

تن سُکن کهڙي سار، وٺا مينهن ملير تي

(٣) ٽيون ۽ آخري حل اهو آهي تہ جيڪا اکين جي طلب آهي، اُها پوري ڪجي: يعني جيڪو Stimuli اکين مان آيو، ان جو ضد سامهون آڻجي. يعني اگر پنهونءَ جي وڇڻ سان سور ٿيو آهي تہ پنهونءَ کي واپس ورائجي تہ سور لهي وڃي.

پسندي پنهونءَ کي، اکين کيو آرام!

اگر 'حاصلِ جستجو' نہ مليو تہ بہ وجبو، انهيءَ گس سان، جتان ملڻو آهي، پوءِ پلي پاڻ ختم ٿيڻو ٿي وڃي.

وَهُہ وڃايو پاڻ، هٿي ڪنڌ ڪپن سين.

انهيءَ جستجو ۾ هلڪي ڦلڪي ڏک کي تہ ليکبو بہ ڪونہ:

آڏو ٽڪر ٽِر، متان روهہ رَتيون ٿيين.

سُور جيئن پراڻو ٿو ٿئي، تيئن شديد ٿو ٿئي. سنيل (Snell لکيو آهي تہ:

After any thing more than a minor enjury, the post_



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

injury pain persists while the injury heals. Cherecteristically stimuli in the injured area that would normally cause only minor pain produce hyper. alagasia.

"يعني زخم ايرڻ کان پوءِ بہ سور جو احساس رهي ٿو ۽ زخم واري جاءِ تي اگر اهڙي ڇهنڊڙي (Stimuli) ڏبي، جيڪا عام طرح ٿورو سور ڪرائي ٿي، زخم واري جاءِ تي تمام گهڻو سور ڪرائيندي."

سامونڊيڪو سُور، مون مارينڊو ڪڍهين

اڄڪلهہ سائنس جي هر شعبي ۾ مهارت/اسپيشلائيزيشن (Specialization) جو دور آهي. اهڙيءَ طرح سور جي علاج لاءِ ماهر (Specialist) ڪين. هڪڙا سور دوائن سان تہ ٻيا سور آپريشن سان لهندا. جيڪو سور آپريشن سان لهڻو آهي، ان کي "ڊپڙا" ڇا ڪندا. جيڪو سور "صحبت" سان لهڻو آهي، ان کي "آپريشن" ڪٿي ڪجي. هن نظريي جي اپٽار پٽ ڌڻيءَ پوٽا ٽي سؤ سال اڳي "سُر يمن ڪلياڻ" ۾ "طبيب" ۽ "حبيب" جي نالن سان ڪري ڇڏي آهي:

جتي حبيب هٿڻ، نائڪ پري نبهن جي،
تتي طبيبن، وڃا وڃي وسري.

–

اُٿياري اٿي ويا، منجهان مون آزار،
حبيب ئي هٿي ويا، پيڙا جي پچار،
طبيبن تنوار، هڏ نہ وڻي هاڻ مون!

–

جان ڪي ڪري طبيب، دارون هن درد جو،
هٿيو سي حبيب، اڪوڙيو اڏ ڪري.

–

تن طبيب نہ تون، سڏ نہ لهين سور جي!

نيورولاجي (Neurology) جي علم ۾ اسين "اڏاري سور" يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"پرديسي سور" (Reffered pain) جو خاص مطالعو ڪريون ٿا. دماغ توڙي مغزي ڏوريءَ جي جن مرڪزن تان هڪ ڪان وڏيڪ (جسم جي) حصن کي تندون (Nerves) احساس پهچائين ٿيون. انهن مان اگر جسم جو هڪ حصو تڪليف ۾ ويو تہ سور ٻئي حصي ۾ بہ ٿيندو. اهو "اڌارو" يا "پرديسي سور" چئبو. جيئن "دل جو سور" ڏائي ڪلهي ۽ ڏائي ٻانهن ۾ بہ ٿيندو. اهڙيءَ طرح عرق النسا (Sciatica) جيڪا بيماري تہ چيلھ جي آهي، پر سور پيرن ۾ بہ ٿيندو ۽ پير ڏنيڻ سان يا ٻانهن جو علاج ڪرڻ سان هي سور ڪيئن ڇڏيندو. لطيف رحہ جي مشاهدي جو ڪمال تہ ڏسو:

هاريا ويچ مُياس، ڪَلَ ڪچاڙيا ڪانئيين

جيئن سا ڪاني ڪانهن لوسيندي لاتيون ڪري
اچي پيئي لوچتي، درد پريان جي دانهن
ويچ ڏنيين چو ٻانهن سُور هنيئين ڪي سامهان

ميڊيڪل سائنس جي علاج ۾ اهو شرط آهي تہ تڪليف مريض پاڻ ٻڌائي، ٻئي ڪي سورن جي ڪهڙي سُڌ هوندي، "جن سندا تن سامهان". ڊاڪٽرن جي تربيت ۾ هن کي History Taking چئبو آهي. ٻتائي، اهو طريقو هيئن ٿو سمجهائي تہ:

سرتيون سوراتن جي، ڪوھ ٿيون پٽر پُون
گهاءَ نہ لڳن گهٽ جو، ريا مان ٿيون رون
چيتاريو نہ چُون، پار مَنهنجي پرينءَ کي

انهيءَ ڪري سورن وارو پاڻ بيان ڪري تہ:

اچو سورن واريون، ڪريون سور پچار،
مُٺ مٺ سورن سيڪنهن، ڪانهي سورن ڏار،
ڏنر جي ڏاتار، مون جهوليءَ پائي جهليا.

**سور جي تشخيص (Diagnosis) ۽ علاج (Treatment):**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سور جي تشخيص، علاج لاءِ تمام اهم آهي. انهيءَ سان گڏ سُور جو سبب (Itiology)، شدت (Intensity) ۽ پهتل نقصان (Damage) سڀ سور جي علاج لاءِ لازمي آهن.

**(الف) سور جو سبب (Itiology):** سور جو سبب رسالي ۾ هرڪنهن سورائتي ۽ سورائتي جي سور جو سبب واضح ڏنل آهي. مثال:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهي ڏنم ڏک.
پينر آءُ پلياس، مون سگ سجائي نه ڪيو.

—

ڪرڪن ڪجاياس، پيلي پاس پُرن جي.

—

سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگهه مينهيون

—

چنيسر جي چت ۾، ڪي جو اڳ هئو.
تهان پوءِ ٿيو، مٽيي متي مامرو.

—

چارڻ چنگ ٻنگ لهي، وڄايو وڏاڻ.

**(ب) سور جي شدت ڪيتري آهي:**

ساجن توهان ڌار، ڏنم ڏينهن قيام جو.

—

هنيون هُت ٿيو، هت متي ۽ ماهه.

—

وڃان ٿي وٽڪار، ڏنم پير پنهوءَ جو.

—

اڄ پڻ دانهون دانهن، واڍوڙڪي مَنهين.

**(ج) سور جي تشخيص ڪيئن ڪجي:**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وِيچ وڃائون ڇڏ، توکي سڌ نہ سور جي،
آنديئي جي اگهن لئہ، سي گوريون گورين گڏ،
سوئي صاحب سڏ، جو پرکا لهي پيڙ جي.

—

تن طبيب نہ تون، سڌ نہ لهين سور جي.

**(د) سور جو فائدو (Gracefullness):**

اگهي اکهائي، رنج پريان کي رسئو،
چڪيم چگائي، سورانگهي سوريءَ تان.

—

سور جنين کي سرئو، سري تن صحت،
مٺي مصيبت، آهي عاشقن کي.

**(هہ) سور پر تسلي (Reassurance):**

علاج جو پهريون مرحلو ’سورائتي‘ لاءِ تسلي ۽ دلاسو آهي،
جيڪو سور جي شدت کي گهٽو گهٽ ڪري ڇڏي.

ڏونگر ڏکوين کي، دلاسا ڏجن.

—

ڏونگر مون سين روءِ، ڪڏي پار پنهونءَ جا.

—

ماندي ٿي نہ مارئي، تنهنجو الله بہ آهي.

—

ليلان ليلائيج، اٿئي ماڳ منٿ جو!

—

آگميو آهي، لڳهہ پسُ لطيف چئي!

—

مون جهڙ ڏٺو اُپ پر، يوليا لڏ مَر لاهہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

_

اڄ پڻ اتر پار ڏي، تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

**(و) درد جو دارون:**

ويڄن ويني ئي، دوست پيهي دَر آئيو،
صحت جي سرير ۾، ڪل ڪڙين پيئي،
پيڙ پري ويئي، اچڻ ساڻ عجيب جي!

_

ٿيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو،

_

ٻڪي ڏيندم ٻاجھ جي، نهاري نجيب،

_

ڏور ڏڪاريا ڀڄ، مينهن منهن ڏيکاريو،

_

نابوديءَ نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو.

_

سڀ سميون سڀ سومريون سين ڳچيءَ هس،
ڍول ٽنين جي ڳس، هيناٿيون هلن جي!

**حرف آخر:**

Neurology, Neuro surgery ۽ Neuro Anatomy جي هن جديد سائنسي موضوع جي روشنيءَ ۾ لطيف جي ڪلام جي پرک منهنجي ابتدائي ڪوشش آهي. لطيفيات منهنجي ذوق ۽ تسڪين جو موضوع آهي ۽ Neurology سان منهنجو روزگار وابسته آهي. مون ڪوشش ڪئي آهي ته شاهه جي ڪلام کي سائنسي تجربن ۽ مشاهدن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي روشنيءَ ۽ پسمنظر ۾ به پڙهجي. انهيءَ سلسلي ۾ مون پهريائين "سور جي سائنس ۽ شاهه جو رسالو" جي عنوان کي منتخب ڪيو آهي. اگر شاهه جي عالمن وٽ هيءُ موضوع ۽ ڪوشش قبول پئي ته اڳتي ٻين موضوعن تي به لکڻ جي ڪوشش ڪبي. مون کي هن ڏِس ۾ شاهه جي عالمن جي رهبريءَ جي ضرورت آهي. مون کي خوشي ٿيندي اگر ڪي رايا ۽ مناسب مشورا مون تائين پهچندا.

"سُر ديسي" تي ڪانفرنس جي صدارتي خطبي ۾ قابل احترام پروفيسر غلام علي الانا صاحب انگلنڊ ۾ ڇپيل انگريزي زبان ۾ هڪ ڪتاب جو ذڪر ڪيو. جيڪو پڻ هن موضوع سان وابسته آهي، ۽ وٽن موجود آهي: جيئن ئي اهو ڪتاب مون کي ميسر ٿيندو ته ان مان استفادو ضرور ڪبو.

انهيءَ اقرار ۾ ڪا قباحت ڪانهي ته سائنسي مضمونن کي ادبي رنگ ڏيڻ مون جهڙي سيڪڙاٽ لاءِ مشڪل ڪم آهي. انهيءَ ڪري ڪٿي ڪٿي ڪو جهول ٿيا هجن يا مناسب لفظ اپٽار لاءِ نه مليو هجي ته ان کي منهنجي عجلت ۽ 'ڪم علمي' ڄڻجي. مون ڪوشش ڪئي آهي ته سائنس جون ڏکيون وصفون ۽ ڳرا جملا عام فهم ۽ هلڪا ڪريان. اڳتي به اها ڪوشش جاري رهندي.

**حوالا:**


(۱) شاهه جو رسالو (مختلف ڇاپا)

(2) Medical Physiology, By: William_ F. Ganong.

(3) Physiology, By: Linda. S_ Costanzo.

(4) Neuro_ Anatomy_ Richard. S. Snell.

(5) Dor Land's_ Illustated Medical Dictionary.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسي: ترتيب ۽ تفهيم

تحقيق جي حوالي سان "گنج" جو نالو ضرور ٻڌبو هو تہ اهو حضرت شاھ لطيف جي درگاھ پُرانوار تي موجود آهي، پر سواءِ هڪ ٻن محققن جي ٻئي ڪنهن کي بہ اُن مان استفادي حاصل ڪرڻ ۽ زيارت ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪانہ ٿي هئي. ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جي دسترس ڪريمي درگاھ واري شاھ سائينءَ جي رسالي تائين ٿي. ان وقت مرحوم علامہ دائودپوٽو صاحب ٿي هو، جنهن درگاھ لطيفيءَ جي تڏي تي ويهي "گنج" جو اڀياس ڪيو. موجوده دؤر ۾ گنج جي اشاعت ڪان اڳ بي اهڙي سعادت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي نصيب ٿي. هاڻي اشاعت بعد "گنج" موجود آهي. ان جو سهرو حميد آخوند صاحب ۽ مرحوم ممتاز مرزا ڏي وڃي ٿو، جن هڪ تاريخي ڪم ڪيو.

اوائلي دؤر ۾ محققن آڏو شاھ سائينءَ جي ڪلام تي تحقيق جي سلسلي ۾ ٽي چار قلمي نسخا رهيا. اهڙن نسخن جو ذڪر اسان کي گربخشاڻي صاحب وٽ بہ ملي ٿو تہ عثمان علي انصاريءَ وٽ بہ نظر اچي ٿو. انهن قلمي نسخن سانُ گڏ "ٽرمپ" صاحب واري نسخي، بمبئي ڇاپي ۽ مرزا قليچ بيگ واري ترتيب ڏنل رسالي جو پڻ ذڪر نظر اچي ٿو. تحقيقي نقطهءِ نظر کان واحد ڊاڪٽر نبي بخش جو اسم گرامي نظر اچي ٿو، جنهن گنج سميت پنجاھ (٥٠) قلمي نسخن ۽ ارنيسٽ ٽرمپ، بمبئيءَ مان شايع ٿيل (١١) يارهن ڇاپي نسخن، گورنمنٽ ۽ مرزا قليچ بيگ واري رسالي کي ملائي جملي ٦٣ شاھ جي قلمي ۽ ڇاپي رسالن کي پنهنجي تحقيقي عمل مان گذاريو آهي. انهن ۾ ڪي اهڙا نسخا بہ آهن، جي شاھ سائينءَ جي وصال کان پوءِ جي چاليهن پنجاهن سالن جي وچ جا آهن. انهيءَ ايڏي قلمي ۽ ڇاپي مواد مان هر بيت ۽ ان جي سٽ کي پيٽي ان مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صحيح متن لاءِ نتيجو اخذ ڪرڻ هڪ وڏو علمي ۽ تحقيقي ڪم آهي. ڊاڪٽربلوچ صاحب صرف روايت جي بنياد تي پنهنجي تحقيقي ڪم جو جومدار نہ رکيو آهي، پر دراتيت کي بہ ڪم آندو آهي. سسئيءَ جي سُرت جي بيتن وارو مواد بہ انهيءَ مرحلي جو مرهون منت آهي.

جنهن حد تائين شاهہ جي ڪلام جي بيتن جي صحيح متن جو تعلق آهي تہ ان لاءِ بمبئيءَ وارا رسالا، مرزا قليچ بيگ وارو ترتيب ڏنل رسالو گربخشاڻيءَ، آڏواڻيءَ، محمد عثمان ڏيپلائيءَ، عثمان علي انصاريءَ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڀانهي خان شيخ جا ترتيب ڏنل شاهہ جا رسالا موجود آهن. هر مرتب لطيف جي ڪلام کي پنهنجي طور صحيح طريقي سان پيش ڪرڻ ۽ ان جي معنيٰ ۽ مطلب کي سمجهڻ ۾ وسئون ڪين گهٽايو آهي. رسالن ۾ سسئيءَ جي سلسلي سان بہ وٽن اِهوئي طريقہ ڪار آهي، جنهن کي هر مرتب پنهنجي نموني ڪلام جي ماخذات جو فرض سرانجام ڏنو آهي. سواءِ هڪ ٻن مرتبن جي ٻئي ڪنهن بہ ڪلام جي تدوين جي مصدقہ اصولن کي نہ بيان ڪيو آهي، نہ وري پوئواري ئي ڪئي آهي. ڪن سهيڙيندڙن وٽ ڪلام جون پريون ٻڌل آهن تہ وري ڪن جي "آڻ" ۾ "ڪاڻ" لائق ڪيترائي "ڪٽا" نظر اچن ٿا. هرصاحبَ وٽ پنهنجا دليل ۽ پنهنجو عنديو آهي.

هتي سسئيءَ متعلق شاهہ سائينءَ جي چيل سيني سُرن جي بيتن ۽ **"سر ديسيءَ"** جي بيتن بابت ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ جيئن پڙهندڙن ۽ سامعين تي اهو واضح ٿئي تہ شاهہ جي ڪلام سان ٻيل ڪير پيو ڪري ۽ نالي ۾ بيتن جون پريون کهڙي ڪيٽ مان پيون اچن. آيا اهو عمل علمي، فڪري ۽ تحقيقي طور تي ڪيتري قدر درست آهي. اها سوچ وقت جي تقاضائن سان ٺهڪي اچي ٿي يا اُن جي برعڪس آهي؟

تمر فقير جي سسئيءَ وارن بيتن کي ڇڏي، اسان ڏسنداسون تہ سسئيءَ جي سُرن جي حوالي سان رسالي جي قديم توڙي وچئين دور جي شروع وارن ڇاپي رسالن اندر لطيف سائينءَ ۽ ٻين شاعرن جي بيتن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعداد ۱۱۷۲ بيت ۽ ۱۲۴ وايون بيهي ٿو. ميين اسماعيل ڪاهوڙيءَ واري گنج ۾، جنهن جو ڪاتب سيد عبدالعظيم شاهه آهي، "سُر سسئيءَ" جي عنوان هيٺ ۹۰۲ بيت ۽ ۵۳ وايون آهن. سُرن جي ڪا تقسيم ٿيل ڪانهِ آهي. ۱۸۶۷ع ۾ مطبع حيدري واري ڇاپي ۾ سسئيءَ جي سيني سُرن ۾ ۸۱۶ بيت ۽ ۵۳ وايون ۽ خالي سُر ديسيءَ ۾ ۱۳۹ بيت ۽ اٺ وايون آهن. مرزا قليچ بيگ جي ۱۹۱۳ع واري ڇاپي ۾ جملي سسئيءَ جي سُرن ۾ ۸۷۸ بيت ۽ ۵۴ وايون ۽ صرف سُر ديسيءَ ۾ ۱۶۲ بيت ۽ ۱۰ وايون آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وٽ سسئيءَ جي سيني سُرن ۾ ۷۰۸ بيت ۽ ۶۲ وايون ۽ رڳو ديسي سُر ۾ ۱۲۲ بيت ۽ ۱۱ وايون آهن. مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ واري ترتيب ڏنل رسالي ۾ سسئيءَ جي سيني سُرن ۾ ۸۲۶ بيت ۽ ۵۱ وايون ۽ سُر ديسيءَ هيٺ ۴۴ بيت ۽ ۱۰ وايون ڏنل آهن. آڏواڻيءَ وٽ سسئيءَ جي سيني سُرن ۾ ۳۲۸ بيت ۽ ۱۰ وايون ۽ رڳو سُر ديسيءَ ۾ ۵۱ بيت ۽ هڪ وائي ڏنل آهي. عثمان علي انصاريءَ وٽ سسئيءَ جي سيني سُرن ۾ ۷۴۳ بيت ۽ ۶۰ وايون ۽ رڳو سُر ديسيءَ هيٺ ۱۲۶ بيت ۽ ۷ وايون ڏنل آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وٽ "شاهه جو رسالو شاهه جو ڪلام" ۾ سسئيءَ جي سيني سُرن ۾ ۶۹۱ بيت ۽ ۶۸ وايون ۽ صرف سُر ديسيءَ ۾ ۱۱۹ بيت ۽ ۱۰ وايون ڏنل آهن. "شاهه جو رسالو. رسالي جو ڪلام" واري عنوان هيٺ سسئيءَ جي سيني سُرن ۾ ۴۸۱ بيت ۽ ۵۶ وايون ڏنل آهن. ان ڪان سواءِ تمر فقير جا ۲۷ بيت ۽ ۳ وايون ۽ تمر فقير جي چيل ٿيه اکريءَ جا ۲۹ بيت الڳ ڏنل آهن. ٻانهون خان شيخ، جنهن وٽ شاهه جي رسالي جي ڪلام لاءِ سچائيءَ جي دعويٰ آهي، ان جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي ۾ سسئيءَ جي سُرن ۾ جملي ۱۱۰۰ بيت ۽ ۷۹ وايون آهن ۽ صرف سرديسيءَ هيٺ ۲۹۵ بيت ۽ ۱۴ وايون آهن.

سسئيءَ جي نسبت سان رسالي جي ڪلام ۾ ميين شاهه ڪريم جا ٽي بيت، شاهه حبيب جو هڪ بيت، عيسي فقير جا ڇهه بيت، ميين شاهه عنات رضويءَ جا سورهن بيت، شاهه شريف جو هڪ بيت، گرهوڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عبدالرحيم جو هڪ بيت، حاجي محمد سمي ڪاتب جا ٽي بيت، مخدوم محمد زمان لنواريءَ واري جا ٽي بيت، لطف الله جو هڪ بيت، سيد محمد راشد روضي ڌڻيءَ جا ٻه بيت، جمعي فقير جو هڪ بيت، پير شاهه جو هڪ بيت، جملي اوٽيتاليهه بيت آهن. اهي رسالي جي ڪلام مان ڌار ڪجن ته باقي ۴۴۲ بيت ٿين ٿا. تمر فقير وارن بيتن کان سواءِ "شاهه جي ڪلام ۽ رسالي جي ڪلام" جي بيتن جو تعداد ۱۱۳۳ بيت ۽ ۱۲۱ وايون ٿئي ٿو. ٻئي طرف ٻانهي خان وٽ هڪ ڏڪ ۾ ۱۱۰۰ بيت آهن. انهيءَ تعداد کي نه "گنج" پهتو آهي ۽ نه گربخشاڻي ۽ نه وري ڊاڪٽر بلوچ. هت منهنجو مقصد ادارن جي ذميواري ۽ شخصن جي ذهني، فڪري ۽ تحقيقي معيار ڏانهن آهي. مون هتي "سُر ديسيءَ" جي بيتن جو تعداد مختلف نسخن موجب اختصاري نسخن جي بنياد تي ڏنو آهي. "سُر ديسيءَ" کي سسئيءَ جي چيل سُرن ۾ ٽيون نمبر ڏنل آهي ۽ اڪثر ڇاپي رسالن ۾ انهيءَ نظر سان اچي ٿو.

دنيا جي هن عظيم شاعر "**سُر ديسيءَ**" ۾ رومانيت واري ڪردار سسئيءَ کي محبت جي لڱل ميخ ۽ عشق جي تير بي پير جي لڱل گهاون سبب گهايل جي پيدا ٿيندڙ حالتن کي مختلف روپن ۽ زاوين سان بيان ڪيو آهي. سنوپري سسئي، پنهونءَ جي پريت ۾ ايترو ته غلطان ۽ محبت ۾ متوالي هئي، جو ڏينهن ڏاگها ڪاهي، من ۾ ميرائيءَ جو ٻج رکي سندس اوٺي تي آيا. عشق جي عميق بحر ۾ ڏيرن جي ڏنگائي ۽ مَٺ گهرائيءَ واري مامر کي سمجهي ڪين سگهي. پنهونءَ جي پريت ۾ پريتياٽي ڏيرن جي چتر زباني ۽ دلبي واري روش تي هرڪجي. "هڪ پنهل ڪاڻ ٻانهي ڪل ٻروچ جي" مصداق مٿانئن گهور پئي وئي ۽ ساهه صدقو پئي ڪيائين: چوته" مزمانن مهري آٽي جهڪايا جهوڪ ۾". پوءِ اهوئي ٿيو جو جت رت پائي نه ٿيا، ننگ پائي نه ٿيا، پنهونءَ کي پڪ پياري، نينهن جي نشي کي نست ڪري، ڪيس ڪجاون تي ڪڙي راتورات ڪرها ڪاهي روانا ٿي ويا. "صبح ٿي سارين ته اُٺ نه اوطاقن ۾". سسئي پنيورن ٻاهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪري ساٿ جي پويان پيرا ڪٽي ڪمرڪشي ٿي ۽ ثابوتي سندرو ٻڌي ٿي. سسئيءَ کي سرتيون انهيءَ سفر بابت سمجهائين ٿيون ۽ ميار رکن ٿيون تہ تو جڏهين ڏاگهن کي ڏٺو هو تہ انهن گونئرن جي گوڏن کي وارن سان ونگين ها، نيئر وجهي ڪلف ڪڙا هٽين ها. "ڪنجيون جي ڪلفن جون، ڪنهن جنهن لل لڪاءِ" واري ڪارڪرين ها تہ ويندي ضرور نيئرن لاهڻ لاءِ توڪان پڇن ها ۽ توکي ڪا پروڙ پئجي وڃي ها تہ مامرو ڇا آهي. سسئي سياڻي ٿي "آڏا ڏونگر لڪيون، بار سُڃن باري"، "بروڏو بار گهڻو، ويجهو نہ وٽڪار"، هاڙهي هٽي پاڻ پٽون ڪندينءَ، وراٽيائين تہ:

پنهونءَ سين پريت جو، ڪو جو پيچ پيوم،
پَنيي هن پنيور ۾، وهڻ وہ ٿيوم،
متيون موٽڻ سنديون، ڪاڪيون ڪيم ڏيوم،
سرتيون ساهہ سندوم، ٿيو حوالي هوت جي.

الله توهار ڪري ڪيچين پويانَ ڪاهي پوي ٿي. ڏک ڏاڪڙا ڏسي ٿي، پير پٿون ٿين ٿا، راتو رت سان ريٽو ڪري وجهي ٿي. پنهنجي اندر جو حال بيان ڪندي ڏيرن ۽ ڏاگهن کي ڏوراپا ڏئي ٿي، "پر ۾ پيڙ پنهون جا، ڪڙي ۽ ڪڙهي". پنهون جا پيرا واءُ لٽي ٿو، سج اُلهي اوير ڪري ٿو. ڇپر ۾ چلي آڏ تراڇا ور وراڪا جهاڳي ٿي، مرون منهن پون ٿا، آهون ۽ دانهون ڪري ٿي. انهيءَ حال زار تي شاعر بيساختہ فرمائي ٿو تہ "ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين"، "سسئي ۽ سور، ويا پٽيندا پاڻ ۾"، "تن سورن کي شاباس جنين نيہ نيايو". ڏکيءَ جي آهن ۽ دانهن سبب رڃ ۾ رڙ پئجي وڃي ٿي. نينهن جو شينهن سسئيءَ کي بر پيٽائڻ تي ڪمر ڪشايو بيٺو هو. الله توهار ڪري هيڪلي هلي، اهو ڪجهہ ڪيائين، جو شاعر کي چوٽو پئجي ويو تہ "سسئي لنگهيو سو، مرد جنهن مات ڪيا."
سسئيءَ جي پرمل پنهونءَ چام لاءِ ووڙ ۽ جيءَ جي جهجهڻ ۽ عشق جي اولانبن ۾ ڪامڻ ۽ پچڻ، ڏيرن ڏاگهن تي ميارون، ڏاري هٹڻ ڪري ڏار ڪري وڃڻ واري مذڪور ۽ پنهونءَ سان پريت ۽ عشق جي پختي پيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيچ جو واه جو ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ سڄي سفر ۾ لطيف سرڪار سسئيءَ سان ٻٽ هلندو نظر اچي ٿو ۽ ڪنهن بہ قدر ڪٿي بہ سندس نہ هئڻ جي وار وٽي نظر ڪانہ ٿي اچي. سسئيءَ جي سيني ۾ وک وک تي جو ڪجھ وهي ۽ واپري ٿو. انهيءَ ڪيفيت کي هن مهان شاعر پنهنجي لافاني ڪلام ذريعي اظهاري صورت ڏئي ڪردار جي اها ترجماني ڪئي آهي، جيڪا حقيقت جي غماز آهي. شاعر جو پنهنجي ڪردار سان انهيءَ قسم جو ڳوڙهو تعلق، جتي ڪردار کي امرتا بخشي ٿو، اتي سرجڻهار جي تخليق انهيءَ صداقت سبب دائميت جي صورت اختيار ڪري ٿي. لطيف جي ڪلام جو پوءِ اهو "سُر ديسي" هجي يا ڪو ٻيو، گهرائيءَ سان مطالعو ڪبو تہ هر ڪردار جا لفظ ڪنن ۾ گونجندا نظر ايندا. هتي سُر ديسيءَ ۾ بہ اسان کي اهو سڄو نظارو اکين آڏو ڦرندو نظر ايندو. جنهن ۾ سسئي ورن ۾ واڪا ڪندي، پنهون پنهون پڪاريندي، دردان دانهون ڪندي، ڏيرن ۽ ڏاگهن کي ڏوراپا ڏيندي، الهندڙ سج جي اوٽ ۾ ڪنهن ڇپر جي چاڻ ۾ نظر ايندي ۽ سندس صدا جي صداءِ بازگشت انسان تہ پري ٿيا، پر ڏونگرن کي ڏڪائي ڇڏيو هوندو.

متي شاهہ جي ڪلام ۽ مختلف رسالن ۾ سسئيءَ جي ناتي سان بيان ڪيل شاعري سان گڏ "سُر ديسيءَ" جي بيتن ۽ واين جي تعداد کي ڳنڍ سميت ڏنو ويو آهي ۽ سُر ديسيءَ ۾ سمايل مضمون کي پڻ اختصار سان بيان ڪيو ويو آهي، اڄ ڪلھ اصل مسئلو شاعر جي ڪلام جي اصليت وارو آهي ۽ ٻيو اهو تہ ڇا شاهہ تي تنقيد نہ ٿي ڪري سگهجي؟ اهي اهڙا سوال آهن، جيڪي تفصيلي گفتگوءَ جا محتاج آهن. پهرئين سوال کان اڳ پوئين سوال لاءِ عرض ڪندس تہ لطيف سائين ۽ ان جي ڪلام تي اهو تنقيد ڪري، جيڪو لطيف جي بيان ڪيل مقام "لوچيان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نہ حد" کان اڳيرو هجي، ۽ جنهن "نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا هونگ نہ هون" جو نظارو ڏٺو هجي ۽ "الست ارواحن کي جڏهين چيو رب جبار "جو منظر ماڻيو هجي ۽ اتي پهتل هجي جتي "جامع سڀ جهان،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهن محراب پرينءَ جو_ اڏامي ات ويو عقل ۽ عرفان" جو ويد ديکيو هجي، اهو بلاشڪ ڪري سگهي ٿو باقي شيڪسپيئر تي تنقيد يا والتيئر ۽ آسڪروائلڊ تي ٿيل تنقيدن جا حوالا ڏئي پٽ ڏٿيءَ جي ڪلام يا شخصيت لاءِ تنقيد جو جواز پيدا ڪرڻ نهايت هلڪي ڳالهه آهي. لطيف جو ڪلام اصول تلافيءَ کان پاڪ آهي. اهي تہ "شيلي" ۽ "بائرن" هئا، جن پنهنجي شخصي ڪمزورين تي پردي وجهڻ لاءِ نوان فلسفا تخليق ڪيا. لطيف اهڙين مڙني ڳالهين کان مٿاهون آهي.

باقي رهي ڳالهه ڪلام جي اصليت جي، تنهن لاءِ هر مرتب ۽ مؤلف وٽ پنهنجو پنهنجو ماڻ آهي. ڇا انهيءَ سلسلي ۾ انفرادي معيار لائق ترجيح آهي يا ڪن متفقہ ۽ معياري اصولن کي اڳيان آڻي، پوءِ ترتيب جو ڪم سرانجام ڏجي؟ هن سلسلي ۾ رسالي جي نہ، پر شاهہ جي ڪلام جي رسالي جي ترتيب جي تاريخ تي نظر وجهڻ ضروري آهي. مختلف رسالن ۾ "سُر ديسيءَ" جي ڏنل بيتن جي مواد ۽ ترتيب تي نظر وجهڻ سان اهو بخوبي معلوم ٿيندو تہ ڪلام جي مرتبن مان ڪنهن وٽ ڪهڙو معيار آهي. ۽ ڪهڙي مرتب ڪلام جي تصحيح ۽ اُن جي اصليت لاءِ جاکوڙيو آهي ۽ ڪنهن ڪانگڙ جون پريون ٻڌي اڇي دَن پيڙيون ڪيون آهن ۽ ڪنهن پيل ڪئي آهي. ۽ ڪنهن سڏيون اوڙون ڏئي سيبتا بنا ٻڌا آهن. هرڪنهن جو پورهيو پڌري پٽ آهي. اهو اصول تہ ڪلام جو گهٽي ۾ گهٽو هئڻ شاهہ سائينءَ جي وڏائيءَ جو دليل آهي. ان سان ڪوبہ محقق سهمت نہ ٿيندو. ڳالهہ اصولن جي هلندي، نہ ڪي ڇاڇي مامي جي روايتن جي. ڪلام جو صوري حسن، بلاغت ۽ معنيٰ خيز هئڻ ئي ڪلام جي اعليٰ معيار جو دليل آهي. پريون تہ فقير محمد ڪرناٽي، غلام حسين نوحاڻي ۽ لنجواڻي فقيرن وٽ پڌيون پيئون آهن، پر انهن کي تہ شاهہ سائينءَ جو ڪلام نہ چئي سگهبو. "املهہ اڻ توريا" بہ شاهہ سائينءَ جي گودڙيءَ ۾ سمائجي نہ سگهيا. خالي "اديون عبداللطيف چئي" ڳنڍڻ سان اهو شاهہ سائينءَ جو ڪلام نہ ٿي سگهندو. جيستائين ان لاءِ پيٽ يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مصدقہ روايت، جيڪا درايت جي اصول تي پوري اچي، ان وقت تائين اهڙي ڪلام کي قبول ڪرڻ لطيف جي اعليٰ مقام واري شاعريءَ سان هٿ چراند ٿيندي. مرتب کي ڪلام جي ترتيب وقت پنهنجي معيار کي واضح ڪرڻ ضروري آهي، صرف لطيف جو ڪلام چئي ماڻهوءَ جي عقيدت جو ناجائز فائدو وٺڻ کو علمي ۽ تحقيقي ڪارنامو نہ آهي. لطيف جي عظيم شاعريءَ کي ايترو هلڪو ۽ سستو ڪري پيش ڪرڻ لائق تحسين نہ آهي. اهو امر تجاهل عارفانہ جي زمري ۾ اچي ٿو. ان جي بنياد تي ڪو محقق نٿو ٿي سگهي. تحقيق جيڪڏهن ڪو مرتب اهڙي تساهل جو شڪار آهي تہ اداري/ ادارن جو فرض آهي تہ ان لاءِ اهي پنهنجي مصدقہ اصولن کي بيان ڪن. لطيف جي ڪلام جي مرتبن ۽ مؤلفن ۾ سواءِ ڪن اهم عالمن جي بين وٽ اهو عنصر مفقود نظر اچي ٿو. انهيءَ قسم جي رويي شاهہ سائينءَ جي ڪلام لاءِ جيڪا اشتها جي صورت پيدا ڪئي آهي، انهيءَ لطيف جي ڪلام جي صوري، معنوي، بلاغت ۽ معنيٰ خيزيءَ واري معيار کي وڏو نقصان پهچايو آهي، ڪي ادارا پنهنجي اختيار ڪيل غلط حڪمت عمليءَ کي ڪلام جي گهٽائيءَ واري اصول تي منطبق ڪري پنهنجي فرض منصبيءَ جي ادائگيءَ بجاءِ اختيار ڪيل روش تي نازان آهن تہ اسان وڏو ڪارنامو انجام ڏنو آهي.

شاهہ سائينءَ جي ڪلام جي تصحيح ۽ تفهيم جي سلسلي ۾ ڪجهہ اصول اسان کي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وٽ نظر اچن ٿا. ڪن اصولن کي علامہ دائودپوٽي بيان ڪيو آهي، ڪن اصولن کي علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ بيان ڪيو آهي، ڪن اصولن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بيان ڪيو آهي، هر مرتب جي ترتيب ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ڪو جهول نظر ايندو چاڪاڻ تہ هر پڙهندڙ جو پنهنجو پنهنجو ظرف آهي. ليڪن مجموعي طور ڪلام جي سٽاءَ ۾ رس ضروري نظر ايندو. لطيف جي سلسلي ۾ اڄ ڪلهہ تمام گهڻا سوال پيدا ڪيا وڃن ٿا. ان لاءِ آئون هڪ عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ تخليقي عمل جي سلسلي ۾ اسان کي شاعر لاءِ کهڙيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳالهيون ذهن ۾ هئڻ گهرجن:
(الف) واقعي متعلق شاعر جو اڀياس
(ب) واقعات جي احساساتي ڪيفيت، ٻين لفظن ۾ تہ سرجڻهار تي ان جو ردعمل.
(ج) شاعر آڏو پنهنجي تخليق جو تاجي پيٽو
(د) شاعر تي شعري توارد يا نزول جي ڪيفيت ۾ احساس ۽ خيال جي پرواز جو سنگم
(هہ) شاعر جي واقعات جي اڀياس لاءِ قائم ڪيل معروضات جي تفهيم
(و) شاعر جي پنهنجي يوٽوپيا/ ملڪوتي دنيا، جنهن ۾ هر سرجڻهار جو فرض سرانجام ڏئي ٿو.
انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکڻ بعد ئي اسان کي شاعر جي ڪلام تي راءِ ڏيڻ کپي.
سسئيءَ جي سلسلي ۾ **"سُر ديسي"** مراد ۽ مقصديت، مجاز ۽ حقيقت سان گڏ اعليٰ فهم واري فڪر جو شاهڪار آهي، جنهن ۾ سسئيءَ جو اهو ويساهہ ڏيکاريل آهي، جو ازدواجي رشتي بعد طرفين لاءِ ضروري هوندو آهي ۽ حق جي حقيقت ڪيتري اهر هوندي آهي. محبت جي مناس ۾ اوپرائپ ۽ ڏاريائپ جي وتاڪ نظر ڪانہ ٿي اچي، ٻانهڻ ٻيٺي، پريتياٽي پالي ۽ ازل جي انگ پنهونءَ سان پيچ پاتس، جيڪا پنهونءَ جي سندس پائرن (جيڪي سندس ڏير ٿين) کي بہ جيءَ ۾ جايون پئي ڏي، ڪيس خبر نہ هئي تہ ڏيرن جي ڏاڏائيءَ سبب نينهن جو شينهن ڪٺي وجي رڻ ۾ رلائيندو. ڏيرن جي ڏنگائيءَ واري زبان مان سڄڻ جو ساءُ پئي آيس، محبت جي مٺي جي نشي ۾ ويساهہ وسوڙل ٻي ڊپي ٿي سمهي پئي. ليڪن جڏهن پاسو ورائي ڏسي ٿي تہ پنهون پلنگ تي آهي ئي ڪونہ. نہ وري ڏيرن جو پتو ۽ نہ ڪو ڏاگهن جو ڏس. سندس هوش اڏامي وڃي ٿو. پرينءَ پنهونءَ کي نہ ڏسي چوي ٿي تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماءُ وهاڻو وار، ڪڻ پٽراٽي پانهنجي.

گهوڙن هنيون گهٽيون، انن هنئي آءُ.

پينر هن پنيور ۾ دوزخ جو دونهون.

سسئي، واري وسائي، هوت لاءِ هاڙهو هٽي ٽي، اديون هاٽي.
ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو، مٽو اگهاڙو ـ منهنجو ڪڄاڙو پينر هن پنيور ۾".
الله الصمد! واري وري وئي، "جهنگ ٻري رڻ ٽيو پينر ڪاٽي پونءِ ـ منان لاٽو مون، سندو جيئڻ آسرو". سسئي سورن ڄائي، سورن ۾ ساماڻي، سورن پئي، چلي چپرين ٽي.

پنيوران ٻاهر نڪري مون جي سڏ ڪٿا،
تو جي هوند سُئا، هوت نہ ڇڏين ها هيڪلي.

هاءِ! سورن هاٽي سسئي تنهنجو مقدر، "جبل جيڏو جو نينهن مڙئي نُوڻ ڪيو." اڄ سسئي، سنڌ جي صورت ۾ سورن هاٽي آهي. دلبي جي درياءَ ۾ ڪيرٽر جي ڪاهين ۾ ٻاڪاريندي، پنهل، پنهل پڪاريندي وتي:

سسئيءَ ۽ سور، ويا پٽيندا پاڻ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسي: سنگيت درسنيءَ ۾

سسئيءَ جي بيان ۾ رسالي ۾ پنج سُر آيل آهن، اُن ڪري اهڙو تاثر پيدا ٿيو تہ شاهہ صاحب ڪي سسئيءَ جي ڪردار سيني سورمين جي ڪردارن ڪان وڌيڪ متاثر ڪيو ۽ گهڻو ڪلام چيائين، جيڪو پنجن سُرن ۾ سمائجي سگهيو. جيڪڏهن هڪڙي ئي سُر يا عنوان هيٺ سمورو ڪلام رکي ها، تہ بہ تي پئي سگهيو پر مختلف سُرن يا عنوانن هيٺ سسئيءَ جو بيان ترتيب ڏنو ويو، اِن ۾ ضرور ڪا رمز سمايل آهي. اُتل ۽ چنچل جي صلاح سان يا پنهنجي سوچ موجب سُرن کي ناليوار رسالي ۾ رکيائين، تہ بہ هن سلسلي ۾ رمز آهي ۽ اُها آهي "**سنگيت ويچار**".

اِها اسان جي ڪوتاهي ۽ بي علمي آهي، جو اجا تائين شاهہ جي رسالي جي سُرن جو پرتوو مڪمل طور 'سنگيت درسنيءَ' ۾ پسي نہ سگهيا آهيون. ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي پهريون اسڪالر هو، جنهن رسالي جي راڳ ۽ راڳڻين جي هندوستاني راڳ مالا سان نسبت مختصر طور ظاهر ڪئي، مون هن ڪان اڳ سُر سورٺ، راڻي، رامڪلي، بروي، ڪاموڏ ۽ حسينيءَ وغيره تي راڳ جي نسبت ظاهر ڪرڻ جي هڪ طالباڻي ڪوشش ڪئي آهي، پر پنڌ اڃا پري آهي. هن سلسلي ۾ سائين غلام شاهہ ۽ استاد منظور علي خان شاهہ جي راڳ ۽ ڪلاسيڪل راڳ جو عملي موازنو ڪيو هو، جنهن جو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب "**سنڌي موسيقيءَ ۾ مختصر تاريخ**" ۾ ذڪر ڪيو آهي.

سسئيءَ جا پنج سُر، سنگيت جي لحاظ ڪان هن وقت تائين ڪهڙي منزل تي نظر اچن ٿا؟ ان سوال جو جواب هي آهي تہ اڃ منزل ڏي رخ رکي پهرئين ڏاڪي تي قدم رکيو اٿئون. سُر حسينيءَ تي راقم گذريل سيمينار ۾ پنهنجو مقالو پيش ڪيو هو، جنهن ۾ موسيقيءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مستند ڪتابن جي ٽيڪا سان اِها ڳالهه ڪئي وئي هئي تہ رسالي وارو سُر حسينيءَ، هندوستاني راڳ مالا وارو ٺي آهي. هيءَ راڳڻي نسلي طور مالڪونس جو حصو آهي ۽ آساوري ٺاٺ جي اوڊو – سمپورڻ (٥ – ٧) راڳڻي آهي. هن جو موجد جونپور جو حاڪم سلطان حسين شرقي آهي.

سُر ڪوهياريءَ تي اِجا ڪلاسيڪل نسبت جي ڪا ڳالهه سامهون نہ آئي آهي ۽ نالي ۾ ڪوهہ + واري جو اشارو آهي. اِها آلاپ ۾ هڪ ڪلاسيڪل انداز جي راڳڻي محسوس ٿئي ٿي. معذوريءَ جي هڪ وائي "هل هوتن ڪاڻ" محمد جمن ڳائي تہ ان ڪي ڪوهستان جي هڪ راڳڻي / ڌن سڏيو ويو. پر ادائگي ۽ آهنگ مان اِها وائي "پوريا" جي قريب آهي. اِجا اهڙي چٽائي نہ ٿي آهي. اِئين آبريءَ ڪي بہ هن وقت تائين سسئيءَ جي ڪمزوري ۽ اُپرائيءَ جي معنيٰ ۾ چاتو ويو آهي.

اُجوڪي بحث جي موضوع واري سُرَ ديسيءَ جي پرک ڪلاسيڪل موجب ڪري سگهجي ٿي. هڪ تہ هِنَ جو نالو هندوستاني راڳ مالا ۾ آهي ۽ ٻيو هي دليل تہ مومل راڻي جو داستان راڳڻي "ديسيءَ" ۾ موزون ٿيل آهي ۽ هيءَ آسا وري ٺاٺ جي اوڊو – کاڊو (٥ – ٦) راڳڻي آهي. اِن ڳالهه جو عملي مظاهرو اُستاد منظور علي خان ڪيو. اهڙي ڪيسٽ بہ موجود آهي. جنهن ۾ وضاحت ڪندي چيائين تہ "ناراڻي" سان ڪنهن حد تائين ۽ وڌيڪ ويجهو "ديسيءَ" سان آهي. اهڙا تفصيل آءُ راڻي واري مقالي ۾ ڏئي آيو آهيان ۽ هتي وري سسئيءَ جو بيان راڳڻي ديسيءَ ۾ ڪيو ويو آهي.

اڪثر راڳ جي مختلف مڪتبہ فڪر يا سنڌن زبان ۾ "مت" ۾ ڪي فرق بہ هوندا آهن. ديسي راڳڻيءَ بابت پير بخش مغل ڪتاب راڳ ساگر ۾ لکي ٿو تہ "هيءَ راڳڻي اوڊو – سمپورڻ (٥ – ٧) آهي.(١). قاضي ظهورالحق پنهنجي ڪتاب رهنماءِ موسيقيءَ ۾ ديسيءَ بابت مڪمل تفصيل ۽ گوين ۾ باهمي اختلاف جنهن ريت بيان ڪيا آهن، تن جو تت هي آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قاضي ظهورالحق جي لکڻ موجب "ديسي، آساوري ٺاٺ جي آوڊو – سمپورڻ نہ پر اوڊو – ڪاڊو راڳڻي آهي. ديسيءَ جا ٻئي ڏيوت گنڌار ۽ نکاد ڪومل آهن ۽ سُرَ شُڌ آهن(٢). هن جو وادي سُر پنچم ۽ سموادي رکب آهي. (ڪي کرج ۽ مڌم ڪي وادي سموادي ڄاڻن ٿا).

قاضي صاحب، مختلف مڪتبہ فڪر / مت جي مجيندڙن ۾ ڪن سُرن ڪي ڪومل – تيوريعني نرم / تيز ڪري ڪر آڻڻ يا ترڪ ڪرڻ بابت تفصيل بہ ڏنا آهن(٣).

**آروہ:** ساري ما پا ڌا پا ني سا.

**اوروہ:** سا پا ڌا ما پا ڌا گا ري پا گا ري ني ني سا

راڳ راڳڻيءَ بابت ڪا ڳالھ لکي سمجھائڻ مشڪل آهي. هي عملي مظاهري جو موضوع آهي. جيئن ديوگنڌاريءَ ۾ گنڌار ۽ گنڌاريءَ ۾ بہ رکب ڪر اچن ٿا، تيئن ديسيءَ ۾ بہ ڏيوت لڳن ٿا. هيءَ ڳالھ سکڻ واري ڪي عملي مظاهري سان ئي سمجھائي سگھجي ٿي(٥). ٿوري فرق سان هڪ ڪان ٻي راڳڻيءَ جو نقشو ظاهر ٿئي ٿو. مڪتبہ فڪر / مت يا ڪٿي گھراڻي جو بہ ادائگيءَ وغيره ۾ فرق پوي ٿو: جيئن پٽيالہ گھراڻو يا گواليار گھراڻو۔ پر بنيادي ڍانچو ساڳيو رهي ٿو. اهڙيءَ ريت راڳ مالا ۾ راڳ راڳڻين ڪي انساني روپ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. اُهو راڳ جي بنيادي گرنٿن ۾ تصويرن ۾ چٽيو ويو آهي. مثال طور ديسي راڳڻيءَ جو روپ هي آهي:

"معنوي لحاظ ڪان ديسي، سنسڪرت لفظ "ديش" جي پراڪرت صورت آهي. هيءَ راڳڻي، ديپڪ راڳ جي پنجن ڀاريائن (زالن) مان هڪ آهي. راڳ مالا ۾ هن جي تصوير هن ريت آهي. تہ هڪ گوري ناريءَ ڪي نيري رنگ جو ويس ڍڪيل آهي ۽ سارو بدن مٽين سان جھنجھيو پيو اٿس. ڪوئل جھڙو منو آواز اٿس. پلنگ تي ليٽيل پنھنجي پتيءَ پرسان ويٺو ڪٿي ويٺي آهي ۽ اُن سان ناز انداز سان گفتگو ڪري رهي آهي.(٦)

ڪنهن راڳڻيءَ ۾ بيت ۽ وايون موزون ڪرڻ واري عمل ڪي عملي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهائيءَ سان ئي چٽو ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن بيتن ۽ واين ڪي جهونگاربو تہ اُنهن ۾ ڪلاسيڪل راڳ راڳڻين جي ٻولن يا لڪشڻ گيتن جي صورت واضح ٿيندي، مون جيترو اڀياس ڪيو آهي تہ مون ڪي سُر ديسيءَ ۾ بہ جيئن ديسي راڳڻيءَ جي صورت نظر اچي ٿي، اُن موجب مثال ۾ فقط ٽي بيت ۽ هڪ وائي آڻيان ٿو جن ڪي مون آلاپي ڏٺو آهي.

مُنيس جهَل مَهار، ڪُنيس ڪاهہ ۾ ڪر هو
مون نماڻيءَ جي نجهري، پيرو ڪج پنار.
ساجن توهان ڌار، ڏنم ڏينهن قيام جو.

—

ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو
نهاريندس نڪري، ٻوٽن ڪارڻ ٻر.
آڏو ٽڪر ٽر، مٽان روهہ رتيون ٿيئن.

—

اڄ پڻ وسائي اوٺئين، مٿي مارڳ ماڪ.
پنهون نيائون پاڻ سين، تاڙيون پيچي طاق.
هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ لما تُوعَدُوْنَ سُجي ٿي لوطاق
ڇُڪيءَ چوري چاڪ، هاڙهي هوت هلي ويا.

—

چوري چڏم چيرين، ٻارو چل ٻانهي!
جانب جهڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ثاني.......
پورهيت نيو پاڻ سين، پورهيت پرڏياٽي....
پورهيو ڪنديس پرَ جو، پريندس پاٽي....
هوت مَ ڇڏيو هيڪلي هيءَ وندرو وڪاٽي....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## حوالا


١. مغل، پير بخش. راڳ ساگر، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ١٩٩٧ع ص ١٢٨
٢. قاضي، ظهورالحق. رهنماءِ موسيقي، پاڪستان ڪائونسل آف آرٽس، اسلام آباد، ١٩٧٥ع، ص ٢١٨ کان ٢٢٠
٣. ايضاً – ص ص ٢١٩ – ٢٢٠
٤. ايضاً – ص ٢١٩
٥. ايضاً – ص ٢١٩
٦. گربخشاڻي، هوتچند (ڊاڪٽر) شاهه جو رسالو ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ١٩٨٥ع ص ٤٨١.
٧. علامه آءِ آءِ قاضي، شاهه جو رسالو، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٩٣ع ص ٤٤١ کان ٤٨٣.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شل سُڃي مَ ٿئي اوطاق

"اوطاق" لفظ سنڌيءَ ۽ ترڪي زبان ۾ ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. هي ترڪي زبان جو لفظ آهي يا سنڌي زبان جو, اهو هڪ الڳ بحث آهي. اهڙيءَ ريت هڪ ٻيو لفظ "سائين" پڻ ساڳي معنيٰ ۾ سنڌي ۽ ترڪي ٻنهي زبانن ۾ استعمال ٿئي ٿو. ان لاءِ ٻه پڪ سان چئي نه ٿو سگهجي ته ترڪيءَ ڪان سنڌي زبان ۾ آيو يا سنڌي زبان ڪان ترڪي زبان ۾ آيو.

"اوطاق" صدين ڪان سنڌي ثقافت جو مرڪز رهي آهي. اڄ ٻه سنڌي سماج ۾ اوطاق جي وڏي اهميت آهي. اتي ڪچهريون ٿين ٿيون, فيصلا نبيرا ٿين ٿا, شادي مرادي, موتي, فوتي, راڳ رنگ, سگهڙن جون ڪچهريون(١), مچ تي محفلون, ۽ موسيقيءَ جون محفلون منعقد ٿين ٿيون. اسان جي لوڪ ادب جي اٿاهه ذخيري جو مرڪز ٻه اوطاق ئي آهي. سنڌ جي ڳوٺن, وستين ۽ واهڻن ۾ اوطاقون آباد آهن. ڪٿي ڪچيون ته ڪٿي پڪيون, ڪٿي چوديواري ڏنل ته ڪٿي ڍنگرن جو لوڙهو. مهمانن کي مانُ ملي ٿو. قربائتيون ڪچهريون ٿينديون رهن ٿيون. اسان جي سماج ۾ اهو دستور آهي ته وڏي يعني پڳدار پُٽ کي اوطاق لاءِ الڳ زمين ڏني ويجي ٿي. مطلب ته اوطاق جو وڏو مانُ ۽ شانُ آهي. اوطاق ڦِٽي ته سمجهو اهو ڳوٺ ويران ٿي ويو, ڇوته اوطاقون غريب غربي ۽ آئي وئي لاءِ اُجهو آهن. اهي ڳوٺن جي سونهن ۽ سينگار آهن.

حضرت شاهه عبداللطيف سڄي سنڌ جو سير ڪيو, هن سخي مردن جون اوطاقون ڏٺيون, محفلون ۽ ميڙا ڏٺا, سنڌين جي سخا ۽ سچائي ڏٺي. اهوئي سبب آهي, جو ڀٽائيءَ گهڻن ئي هنڌن تي اوطاق جو ذڪر ڪيو آهي: خاص طور اوطاقن ۾ جيڪي جوڳين, سامين ۽ صوفي سنتن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جون ڪچهريون ٽينديون هيون، محفلون مچنديون هيون. ڀٽائيءَ سُر رامڪليءَ ۾ انهن جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي. ڪي بيت اهڙا آهن، جن جي پهرين مصرع جي ٻئي اڌ ۾ هي لفظ اچن ٿا:

.............. ’جان آهن اوطاقن ۾.‘

هتي مثال خاطر انهن بيتن جون مصراعون پيش ڪجن ٿيون:

تان ڪين ساڻن اور، جان آهن اوطاقن ۾.

—

تان ڪين وڃن ويهُه، جان آهن اوطاق ۾.

—

تان ڪين وڃن وچ، جان آهن اوطاقن ۾.

—

تان ڪينءَ وڃن آءِ، جان آهن اوطاقن ۾.

انهن بيتن ۾ ڀٽائي، ڀلارن بزرگن جي صحبت ۾ رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو. جيڪي ٿوري وقت لاءِ اوطاقن ۾ مهمان ٿي آيل آهن. اهو پڻ ٻڌائي ٿو تہ هُو جلد ئي هليا ويندا. جيئن فرمايو اٿن تہ:

’رهيا اٿيئي رات، صبح ويندءِ صابري.‘

تنهنڪري، انهن جي صحبت ۾ رهي ڪجهہ پرائي وٺ. ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ اسان جون اوطاقون پين سماجي ڪمن کان علاوه صوفي سونهارن جي مجلسن جو پڻ مرڪز هيون. وري جڏهن اهي هليا وڃن ٿا تہ انهن جي وڇوڙي تي ڀٽائي ڏاڍي ڏک جو اظهار ڪيو آهي. ان قسم جي بيتن جي ڪنڊي آهي، جن جي شروعات هنن لفظن سان ٿئي ٿي:

’اڄ نہ اوطاقن ۾‘ ......................

هتي مثال خاطر انهن بيتن جي فقط پهرين مصرع ڏجي ٿي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڄ نہ اوطاقن ۾، تازا پٽر ڪک.

–

اڄ نہ اوطاقن ۾، جاڳر جوڳين جو.

–

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين.

–

اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳين جوڙ.

–

اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳيان ذات.

–

اڄ نہ اوطاقن ۾ سندي بابُن بُوءِ.

–

اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي بابُن باس.

شاهہ سائين سُر ”ڪاموڏ“ ۾ فرمايو آهي:

اُنين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

شاهہ صاحب هيءُ لفظ اصطلاحي معنيٰ ۾ پڻ ڪم آندو آهي:
سُر مارئيءَ ۾ مارُئيءَ جي زباني فرمائي ٿو:

سُورن اچي سومرا، اندر ڪي اوطاق.

**سُر ديسيءَ** جو هڪ بيت آهي:

ڪري ڪيچي هليا، آيل اوطاقون،
سُڪيون نہ سيڻن جي ماڳن تان ماڪون
نسوريون ناڪون، سڀي هليا سُور جون.

هتي سسئي پنهنجي ماءُ کي چوي ٿي تہ ’اي امڙ! ڪيچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجي من ۾ اوطاقون ڪري هليا ويا. ٻي معنيٰ هيءَ به ٿي سگهي ٿي ته ڪيچي محفلون مچائي هليا ويا.' مطلب ته اوطاق لفظ پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان وسيع آهي.

شاهه لطيف جو دور يعني ارڙهين صدي عيسويءَ وارو دور پُرآشوب دور هو. مغليه سلطنت جو زوال اورنگزيب جي وفات سان شروع ٿيو. جيئن اورنگزيب تخت نشينيءَ خاطر پنهنجن ڀائرن سان جنگيون ڪيون، تيئن سندس پٽن تخت نشينيءَ تي هڪ ٻئي سان جنگيون جوٽيون. اعظم ۽ ڪام بخش جنگ جي دوران مارجي ويا. معظم بهادر شاهه جي لقب سان تخت تي ويٺو. سندس وفات کان پوءِ سندس پٽن ۾ جنگيون شروع ٿي ويون. جهان دار شاهه ڪامياب ٿيو ۽ دهليءَ جي تخت تي ويٺو. هُو وڏو عياش هو. هڪ ڪنجريءَ سان سندس عشق ٿي ويو. ان عشق ۾ ايڏو انڌو ٿي ويو، جو حڪومت جي ڪمن ڪارين کان به بي پرواهه ٿي ويو. ڪنجر ۽ ڀڙوا سندس درباري بڻيا، جن کي هن وڏا وڏا عهدا ڏنا. ساداتِ بارهه، حسين علي خان ۽ عبدالله خان جهان دار شاهه کي قتل ڪري فرخ سير کي تخت تي ويهاريو. ان ئي دور ۾ سنڌ جي صوفي بزرگ شاهه عنايت کي شهيد ڪيو ويو(٢). فرخ سير به پنهنجن ڪرتوتن سبب گرفتار ٿيو ۽ کيس قتل ڪيو ويو. ساداتِ بارهه، رفيع الدرجات کي حڪومت جون واڳون سونپيون. هُو آفيمي هو. جلد ئي لاڏاڻو ڪري ويو. ان کان پوءِ روشن اختر کي تخت تي ويهاريو ويو. اهوئي روشن اختر 'محمد شاهه رنگيلي' جي نالي سان خوار ٿيو. هن جي چوڻ تي نواب سعادت خان، ساداتِ بارهه جو اثر رسوخ ختم ڪيو ۽ نظام الملڪ حيدرآباد جي شاهوڪار صوبي جو مالڪ ٿي ويو.

١٧٣٧ع ۾ نادرشاهه هندوستان تي حملو ڪيو. ان جي ڦهري ڪاهه قتل، ڪوس ۽ لُٽ ڦُر مغل سلطنت کي ڏوڏي وڌو. اها وچي نالي ماتر رهي ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ پُڄاڻيءَ کي پهتي.

سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت هئي. اها پڻ هڪ وڏي ويل ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئي. ڪڏهن ايران جي آري ۾ ته ڪڏهن مغلن جي مصيبت ۾. ته ڪڏهن وري قنڌاري ڪاهه واري ويل ۾ هئي. جڏهن تڏهن ڌارين جا حملا ۽ لُٽ ڦُر. ان ئي دور ۾ خان آف قلات سنڌ تي حملو ڪيو. سنڌ جي حڪمران ميان نورمحمد ڪلهوڙي، ڪُهڙن جي جامع مسجد ۾ ڪوسُ ڪرايو. ٢٢٢ ماڻهو بيگناهه قتل ڪيا ويا. جن ۾ ڪيترائي حافظ قرآن، قاري، عالم ۽ مخدوم هئا. سي سمورا شهيد ٿي ويا.

١٧٣٩ع ۾ نادرشاهه سنڌ تي حملو ڪيو. سنڌ ۾ وڏي تباهي آئي. مطلب ته ڌارين جي پيلَ سبب، سنڌ جون وسنديون ويران ٿي ويون. اُن پُرآشوب دور ۾ شاهه لطيف جي شاعري ڏکويل دلين کي آٿت ڏنو. سُرور ۽ سُڪون بخشيو.

اڄ نه مغل راڄ رهيو آهي، نه ڪلهوڙن جي حڪمراني. اهي فقط تاريخ جو حصو وڃي رهيا آهن. پر حضرت شاهه عبداللطيف جي اڄ به سنڌواسين جي دلين تي حڪمراني آهي: جنهن فقيريءَ ۾ شاهنشاهي ڪئي. هُو پنهنجي بلند ڪردار ۽ اعليٰ شاعريءَ سبب اڄ به زنده آهي ۽ سدائين زنده رهندو.

**سُر ديسيءَ** جي مطالعي مان اهو محسوس ٿئي ٿو ته پنّائيءَ، سسئيءَ جي سُورن جي اوٽ ۾ سنڌ جا سُور پڻ بيان ڪيا آهن. ان کان علاوه سنڌ جي سُورهيه سرويچن، جوڌن جوانن جي وطن پرستي ۽ بهادريءَ جي تعريف ڪئي آهي.

تاريخ شاهد آهي ته سنڌ جي سُورهيه سرويچن سدائين ڌارين سان مهاڏا اٽڪايا آهن. پنهنجي وطن جي آزاديءَ خاطر هنن ڌارين جي ڦهري ڪاهُن جو مُڙسان مڙسيءَ مقابلو ڪيو آهي. هنن وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. گهاٽي ۾ پيڙايا ويا آهن. تتل ڪڙاهين ۾ اڇلايا ويا آهن. وطن جا عاشق سُوريءَ جو سينگار بڻيا آهن ۽ سُوري ئي وطن جي عاشقن جو سچو سينگار آهي. مثال خاطر "سُر ڪلياڻ" جا ڪجهه بيت پيش ڪجن ٿا:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سُوري تي سينگار، اصل عاشقن جو،
لُڏئا ڪين لطيف چئي، نيزي ٽيا نروار،
ڪُسڻ جو قرار، اصل عاشقن سين.

—

سُوري سينگاري، اصل عاشقن کي،
لُڏئا ڪين لطيف چئي، ٿئا نيزي نظاري
ڪوٺئو ڪناري، آٽئو چاڙهي ان کي.

—

جان وڍيين تان ويهه، اڻ وڍيو تان واٽ ٿيءُ،
هيءُ ٽنين جو ڏيهه، ڪاتي جنين هٿ ۾.

—

اڳيان اڏين وٽ، پوين سر سنباهيا،
ڪاٽ ته پوءِ قبول ۾، مچڻ ڀانيين گهٽ،
مٿا مهاين جا، پئا نه پسين پٽ،
ڪلاڙڪي هٽ، ڪُسڻ جو ڪوپ وهي.

شاهه صاحب "سُر ديسيءَ" ۾ سنڌ جي سُورهين سرويچن جي ساراهه ڪندي فرمايو آهي:

آڏو ٽڪر ٽَر، مٿان روه رتيون ٽئين.

—

جبل ماري جک، جو آڏو عجيبن کي،
توٽي لڪن لک، سڀ لنگهنديس سک سين.

ايڏين تڪليفن هوندي به سنڌن حوصلو ڪيڏو نه بلند آهي. ڪڏهن ته ايڏو ڪوس ٿئي ٿو جو ڪيترائي ڪونڌر ڪسجي وڃن ٿا. سنڌن ونيون ماتمي پوشاڪ پهرين ٿيون. ان ڳالهه طرف اشارو ڪندي ڀٽائي فرمايو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مُهاين وهون، نيرُ مهانگو ڪنديون.

جنگين ۾ ڪڏهن هارَ تہ ڪڏهن ڪاميابي نصيب ٿئي ٿي. سنڌي سُورهيہ جڏهن دشمن کي شڪست ڏين ٿا تہ خوشيءَ مان "هوجمالو" ڳايو وڃي ٿو:

منهنجو ڪٿي آيو خير سان، هو جمالو!

جڏهن ونين جا ور جنگ کٽي خير سان واپس پنهنجي پنهنجي گهر اچن ٿا تہ سنڌن سيئِ سُور ڪافور ٿي وڃن ٿا. هُو خوشيءَ مان ڳيچ ڳائين ٿيون. اهڙو هڪ منظر شاهہ سائينءَ جي **"سُر ديسيءَ"** جي هن وائيءَ ۾ نظر اچي ٿو:

جيس جيس وو جيڏيون! منهنجو لالڻ آيو پيهي
لالڻ آيو پيهي، وئڙا سُور سيپئي....!

ڳالهيون ڪنديس ڳجهہ جون منهن مقابل ويهي
لالڻ آيو پيهي، وئڙا سُور سيپئي....!

ڪٿوري بارُ پري، ڏونگرَ آير ڏيهي.
لالڻ آيو پيهي، وئڙا سُور سيپئي....!

هُئي شڪستي سسئي، راض پنهونءَ جي ريهي
لالڻ آيو پيهي، وئڙا سُور سيئي...!
جيس جيس وو جيڏيون منهنجو لالڻ آيو پيهي!

شاهہ صاحب هن سُر ۾ کي بيت علامتي انداز ۾ چيا آهن. مثال طور هيءُ بيت ملاحظ فرمايو:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهي ڏنم ڏڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سي سپ پانير سُک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي

جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته **"ڏاگها ڏير ۽ ڏونگر"** علامتون آهن يعني ڏاگها ۽ ڏونگر ڏاريا آهن، ته ڏير پنهنجا. تاريخ گواهه آهي ته ڏاريا ته هونئن ئي ڏاريا آهن، جيڪي ڪڏهن به پنهنجا ٿي نه ٿا سگهن. ان حقيقت جو اظهار شاهه صاحب هن ريت ڪيو آهي:

ڏُريان ئي ڏاريان، مٺ مُٺيءَ جا نه ٿئا.

پر ڪيترن ئي پنهنجن لوڀ ۽ لالچ ۾ اچي، ويڪائُو مال ٿي، ڏارين جا ايجنٽ بڻجي، پنهنجن کي ڏک ڏنا ۽ ان جي عيوض وڏا عهدا ۽ فائدا حاصل ڪيا. پر سنڌواسين قومي جدوجهد ۾ انهن ڏکن کي سُک سمجهي، پوئتي پيرُ نه هٽايو.

شاهه صاحب **سُر ديسيءَ** ۾ جيڪو لفظ "اوپرا" استعمال ڪيو آهي، سو چٽيءَ ريت ڏارين جي ڪاهن طرف اشارو آهي. فرمائي ٿو:

اڱڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏينهن ڏِٺاءِ،
ڪنجيون جي ڪرڦن جون ڪِنهن جنهن لَلِ لڪاءِ

هي بيت پڻ ڏارين جي حملن طرف اشارو ڪن ٿا:

پڻ ٿا پلاٽين، اوٺي اڄ اُباڪرا.

—

پڻ ٿا پلاٽين، اوٺي گهٽو اباهرا،
هُو جي هلڻ سنديون، ڳاهون ڳالهائين،
مون کي ٿا مارين، سڄڻُ سانباهي ڪئو.

'پڻ ٿا پلاٽين' اشارو آهي حملي ڪرڻ جي تياريءَ ڏانهن. هُو پاڻ ۾ 'پارسي بولي' ڳالهائي سازشون سٽي رهيا آهن. "ڳاهون ڳالهائين" اشارو آهي. وڏين سازشن، حملن ۽ تباهين جي تياريءَ طرف.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تاريخ شاهد آهي تہ هر دؤر ۾ سنڌ تي ڌارين ڪاهون ڪيون ۽ ماڻهن جو ڪوس ٿيو. مال ملڪيتون لٽيون ويون. عورتون بيوه ۽ ٻار يتيم ٿي ويا. اهڙين حالتن ۾ سڄي سنڌ ڄڻ ڪربلا بڻجي وئي. جتي ڪٿي ماتم ٿيڻ لڳو. ڪهرام مچي ويو. پٽائي ان دردناڪ منظر جي طرف اشارو ڪندي "سُر ديسيءَ" ۾ فرمايو آهي:

هَي هَي ڪئو هاءِ، ٿي پاڻ هٿي سر پٽڻين!

'هي هي هاءِ'، 'روئڻ پٽڻ'، 'پٽڻ سان مٿو هڻڻ' ڪيڏو نہ دردناڪ منظر آهي. ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

اُجهي ۽ منجهي، اٺ ئي پهر آتڻ ۾.

جيئڻ ڪنهن ڪان واٽ وڃائجي وڃي، حيران ۽ پريشان هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندو رهي، ڪيس ڪاٻہ وڃڻ جي واٽ نظر نہ اچي، انهيءَ غم ۾ اُجهي ۽ منجهي! اهي لفظ ڏک ۽ درد جي هڪ ڪيفيت ظاهر ڪن ٿا.

"سُر ديسيءَ" جي هن مصرع تي ذرا غور ڪريو. سخت سُورن ۽ ڏکن ڏاڪڙن ڪيس جُهور ۽ چُور ڪري وڌو آهي:

وينئي ٻڪي ٻاڦ، جهولي جُهٽڪ جُهني ڪي!

شاهہ صاحب "سُر ديسيءَ" ۾ سنڌواسين جي سُورن جي تصوير نهايت ئي دردناڪ نموني ۾ پيش ڪئي آهي. تشبيهہ بہ ڪمال جي آهي:

پيئي ڪٺي پساهہ ڏکي ڏيئي وٽ جيئڻ!

ڏيئو ٻاري، وٽ ڪي ٻاهہ ڏئي، پوءِ اهو منظر ڏسو تہ توهان کي ڏکن سُورن جي صحيح تصوير نظر ايندي.

مٿي بيان ڪيل شعرن ۾ اهڙا دردناڪ منظر چٽيا ويا آهن، جو هنيون لوڻ ٿيو وڃي.

مطلب تہ ڌاريا پنهنجا ڪٽڪ ڪاهي، نہ فقط ماڻهن جو قتلِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عام ڪن ٿا. پر شاهوڪار سنڌ جون قيمتي شيون ڪرف ٽوڙڻي، در پيچي لٽي ڪٺي وڃن ٿا. گهر گهر روڄ ۽ راڙو آهي. هر وسندي ويران آهي. 'اوطاق' جيڪا اسان جي تهذيب، ثقافت ۽ لوڪ ادب جو سرچشمو هئي، سا ويران ٿي وئي. ڀٽائي ڏاڍي ڏک مان فرمائي ٿو:

اڄ بہ وسائي اوٺيين، مٿي مارڳ ماڪ،
پنهون نياڻون پاڻ سين تاڙيون پيچي طاق
هيهات هيهات لما توعدون، سُڃي ٿي اوطاق!
ڇُڪيءَ چوري چاڪ هاڙهي هوت هلي وٺا!

'اوطاق' جي ويرانيءَ تي شاهہ لطيف کي تمام گهڻو ڏک ٿئي ٿو، ڇوتہ هن ڄاتو ٿي تہ اوطاق ويران ٿي تہ معنيٰ اهو ڳوٺ، اها وسندي جڻ ويران ٿي وئي. ڀٽائيءَ کي تہ اوطاق جي اهميت جو احساس هو، پر اسان کي ان جو احساس نہ آهي. اڳ تہ ڌاريا اوطاقون ويران ڪندا هئا، پر اڄ اسان پاڻ احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿي، ڌاري تهذيب جي شوق ۾ پنهنجون اوطاقون ويران ڪري رهيا آهيون؛ جيڪو وڏو تهذيبي، ادبي ۽ ثقافتي نقصان آهي.

اچو تہ پنهنجون اوطاقون آباد ڪيون، پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ ثقافت کي تباهيءَ کان بچايون؛ دعا آهي تہ:

شل سُڃي مَ ٿئي اوطاق!

**واڌارا:**

(١) اسان جي لوڪ ادب جو سرچشمو اوطاق آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سالن جا سال محنت ڪري لوڪ ادب جا ٤٢ جلد تيار ڪيا، جيڪي سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپجي چڪا آهن. ڊاڪٽرصاحب چوندا ڪئي آهي، پر جيڪڏهن سمورو لوڪ ادب ڪٺو ڪجي تہ شايد سؤ کان بہ وڌيڪ جلد تيار ٿي وڃن. ان کان علاوه ڊاڪٽربلوچ صاحب جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتاب "رهاڻ هيرن ڪاڻ" جا پنج جلد پڻ اسان جي اوطاقن جو ثمر آهن. اهڙي اهمَ شيءِ جو اسان قدر نہ ڪريون، تہ اها اسان جي بي حسيءَ، بي سمجهيءَ ۽ بدبختيءَ جي نشاني آهي.

(٢) تاريخي حقيقت مان اها ڳالھ ثابت ٿي چڪي آهي تہ ميان يارمحمد ۽ ٽني جي نواب اعظم خان پنهي گڏجي جهوڪ تي حملو ڪيو. پر حقيقت هيءَ آهي تہ انهيءَ فتني، ظلم ۽ زيادتيءَ جو مُک جوابدار ميان يارمحمد هو.

(٣) اهو دردناڪ واقعو مخدوم غلام محمد بگائيءَ، الف اشباء جي طرز واري هڪ نظم ۾ نهايت پُرسوز انداز ۾ بيان ڪيو آهي. ان نظم مان ڪجھ مصراعون پيش ڪن ٿيون:

هَيءَ هيءَ ههڙي حاڪمن، وو وو وزيرا،
بي ناحق بيديني ڪَيئي، نُورو نا وجها،
شال نہ هوندين سرخرو ڪوڙهيا ڪاڻُ پياء
پاڙوُن پيغمبر پاڪ جي، اوپالا ايندياءِ،
نورو! هٿان نڪري، ڳهلا ڳالھ وياءِ،
ڪاتي پوندي قهر جي ٻنيوُن ڪا ٻرندياءِ
جهڙي ڪيئي جهان ۾، آڏي سا ايندياءِ.

وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ڪتاب ’محبوب الشهداء مخدوم عبدالرحمان شهيد‘، ص ٩٥ ڪان ١١٠ تائين، مخدوم عبدالرحمان اڪيڊمي کهڙا، ٢٠٠٠ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ جي لغات

حضرت شاهه لطيف جي رسالي ۾ 'سسئيءَ' جي پنجن سُرن مان **"سُر ديسي"** بہ هڪ آهي: جنهن ۾ سسئيءَ سان ڏاڍ ڪندڙ ڏيرن، ڏاگهن، ڏونگرن، اٿن ۽ اوٺارن سان گڏ سسئيءَ جي ڏجهن ۽ ڏاکڙن جو سپڙ شاعريءَ ۾ اظهار ڪيل آهي. هيءُ سر، ٻوليءَ جي لحاظ کان سسئيءَ جي سمورن سُرن ۾ مٿانهون بيٺو آهي. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي رسالي جي وچور موجب سُر ديسيءَ ۾ ست داستان آهن، جن ۾ بيتن ۽ واين جو تعداد هن ريت آهي:

داستان پهريون: ٢٧ بيت ۽ هڪ وائي
داستان ٻيو: ١۴ بيت ۽ هڪ وائي
داستان ٽيون: ٢١ بيت ۽ هڪ وائي
داستان چوٿون: ١٨ بيت ۽ هڪ وائي
داستان پنجون: ١٢ بيت ۽ هڪ وائي
داستان ڇهون: ١٥ بيت ۽ ٻہ وايون
داستان ستون: ١٥ بيت ۽ ٻہ وايون.

اهڙيءَ ريت، ستن داستانن ۾ جملي ١٢٢ بيت ۽ ١١ وايون ٿين ٿيون. سُر ديسيءَ کي "ديشي"، ڏيهي يا پنهنجي ديس جو سڏيو ويو آهي ۽ ڄاڻايو ويو آهي تہ "ديسي" راڳڻي، سنگيت ۾ ديپڪ راڳ جي پنجن ڀاريائن (زالن) مان هڪ آهي. حقيقت ۾ سنگيت ۾ 'ديسي' نالي ڪا بہ راڳڻي موجود نہ آهي، البت "ديس" يا "ديش" نالي راڳڻي ملي ٿي، جيڪا 'سورٺ' جو روپ آهي: ان ڪري آءٌ **سمجهان ٿو تہ "ديسي راڳڻي" خالص سنڌي راڳڻي آهي، جيئن 'راڻو' ۽ 'ڪوهياري' راڳڻيون سنڌي راڳڻيون آهن.**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راڳ جي ڄاڻن کان جڏهن پڇيو ويو تہ ’ديسي راڳڻيءَ‘ جا آروهي، اَمروهي ڪهڙا آهن، تہ هنن ”ديس راڳڻيءَ“ وارو سرگم ٻڌايو. آءُ ائين چوندس تہ هيءَ ديسي راڳڻي، ’لوڙائو راڳڻين‘ مان روپ وٺي ٿي، پر سنگيت جي راڳڻي نہ آهي.

هن سُر ۾ ڏونگر جي ڏجهن، انن ۽ اوٺارن بابت لطيف سائينءَ جو عجيب فلسفو سمايل آهي. سُر ديسيءَ جي هر بيت ۽ وائيءَ ۾ ٻوليءَ جو نهايت برجستو استعمال ٿيل آهي. هيٺئين بيت مان اُن جو ڀرپور اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

اُٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٽيڙهر ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو جنهن لٽيا پنهونءَ جا پير،
پنجون ويري سج ٿيو، جنهن اُلهي ڪئي اوير،
ڇهون ويري ڇپر ٿيو، جنهن سنولن نہ ڪيا سير،
ستون ويري چنڊ ٿيو جو ڪِرِيو نہ وڏيءَ وير،
واهيري جي ويرَ، ڇُلون ڪريان ڇپرين!

هن سُر ۾ شاهہ صاحب اُٺن جي عادتن، ڪاڏن، پنڌ ۽ رفتار جو ذڪر ۽ اٺن جي عمر مطابق نالن جو بيان ڪري، ڄڻ تہ ”اُٺن ۽ اوٺين“ جي ثقافت کي بچائي ورتو آهي:

دوڪَ دهليا جت، گورا هلن نہ گسَ،
ڇوُسال ئي چلٽا ٿي، تنگ نهاري تت،
سُوڏي، اُنين سيد چئي پوءِ پانچارئن پرَت،
اُن اٺانگي پنڌ جي، ڪا نيشن پوءِ نرت،
سسئي وڏي ست، جا اهڙي پَر پنڌ ڪري.

لطيف سائين فرمائي ٿو تہ: ’جتي دوڪ/ ڪنوات دهلجي ويا. گسن ۾ گورا بہ نہ هلي سگهيا، ڇوُسالہ اُٺ بہ چلڻ کان ڇُور ٿيا، اُتي سسئي جبلن جا لَڪ نهاري ٿي. اڃا بہ اڳتي چوي ٿو: جتي پنج سالن اُٺن کي پرت جي پروڙ مس پوي ٿي، ڇال اُن اٺانگي پنڌ جي پکن پيئڻ اُٺن/



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيشن کي ڪا نرت پوي. پر سسئيءَ جو ست ڏسو. جا اهڙي اؤکي واٽ تي پنڌ پئي ڪري.

هُن سر ۾ لطيف سائينءَ شاعرائيون ڪاريگريون، تجنيس حرفي، اندروني قافيا، تشبيهون، وغيره ڪم آڻي، پنهنجي شاعريءَ کي فڪري ڪمال تي پهچايو آهي.

مون هن سُر جي لغات تيار ڪرڻ لاءِ ڪيترن لفظن جي معنائن تي مختصر بحث ڪيو آهي. ڪيترن لفظن جون معنائون ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کان پُڇي پڪ ڪري لکيون اٿم. پوءِ به ٻوليءَ جو جهان وڏو آهي، تحقيقي ۽ کوج جو ڪو ڇيهه نه آهي.

## سُر ديسيءَ جي لغات

### (الف)

**آرياڻي**= آري ڄام جو اولاد، پنهون

ڏاگها ڪيم ڏور، اچا آرياڻي اڳي تيو.

**اوپرا**= اڳ نه ڏٺل، ڌاريا.

اڳڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏيه ڏٺاءِ

**اوڳي**= موڳي، بي سمجهه

ڌاڻيئي نه ڏاگهن کي، اوڳي! ساڻ اڳٽ.

**اڳٽ**= سلوار جو اڳٽ. هتي مراد اها ٻيهي تي نه اُنن جي نيئرن کي کلف هٽي کُنجيون اڳٽ ۾ ٻڌي ڇڏين ها. نه جڏهن ڏير پلاڻين ها ته توکي سجاڳي ٿئي ها ۽ هي سور نه ڏسين ها!

**آيم ساڻ اُنن**= انن ساڻ آيا

جن جو پير نه لڳي پٽيين تن آيم ساڻ اُنن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**اسونهين**= اڻ سونهين، اڻ واقف

هوت پنهون ٿا نين، اسونهين، جو آجڪو.

**اونيٽڙن**= اڻن وارن، جتن

اڻن اونيٽڙن جو، چا وهيٽو وير.

**امر**= حڪم، لکيو

هيءَ ڪميٽي ڪير، جا امر ڪي آڏو ٿئي.

**اگهتجن**= گهتجن نہ، رفتار نہ گهٽائين

پهتي ريءَ پهاڙ پر، اٿ مَ اگهتجن.

**اونيٽڙا آرام**= اڻن وارا آرام سان

اونيٽڙا آرام، لنگهي پب پري ٿيا.

**اباڪڙا**= اُيڪڙا، تڪڙا

پڻ ٿا پلاٽين، اوني اڄ اباڪڙا.

اباهرا= ابهرا، تڪڙا

پڻ ٿا پلاٽين، اوني گهٽو اباهرا.

**آنرا**= وڏن خصين وارا آنرا اُٺ

اوڳارين نہ آنرا ٻڌا چرن نہ ٻُور.

**اوڳارين**: اوڳر ڪن.

جتڪي جانور گاهہ اوڳاريندا آهن، اُنهن مان اٺ بہ هڪ آهي. جانور تڪڙ مان گاهہ کائيندا ويندا آهن، پوءِ جڏهن ويهندا آهن، تڏهن اندران اُهو گاهہ ڪڍي وات تائين آڻي، ان کي ڏندن سان سنهو ڪندا ڳهندا ويندا آهن. ان عمل کي اوڳر چئبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**آيڙو**= آيو. آيم

لالڻ آيڙو پيهي، ويڙا سور سپيئي.

**آريجا اظلام**= ظالم آريءَ جو اولاد

وارو وڙ وٺي ويا. آريجا اظلاهه.

**آسن**= وهڻَ جي جاءِ

آسڻ اڳيان ان جي، پر پر ٻاڏائي.
**السفر قطعة من النار.** "مسافري دوزخ جو ٽڪرو آهي.

**ارواح**= روح جو جمع

جڏهن ڪُن فيڪون چئي آرياڻي ارواح.

**اڳنا**= اڳيان

**اُن تِنِ اِڳئين**= اڳئين پنڌ جو انتظار

مين ڪي معمُور آهي. اٺتڻ اڳئين پنڌ جي.

**آڳانڊو**= آسرو. آڌار

جانب جڏي جيءَ جو. آڳانڊو آهيو.

**الا اچن اوءِ**= الله! اُهي اچن

الله اچن اوءِ جن. آئي من سرهو ٿئي.

**اِڳرا**= گهڻا. تمام گهڻا

عيب منهنجا اڳرا. مان نرمل نڪالي.

**ايرادي**= قسمت

ايرادي آٿي، سانگين سان سنگ ڪيو.

**اَزوري**= بنا زور جي، ڪم طاقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهيان ازوري، تنهنجي جور جبل لنگهايان.

**آسروند**= اميد رکندڙ، اميد وارو

آسروندي آهيان، مان واحد آٽي واري.

**آڏتراڇا**= ابتا سبتا، ڏنگا ڦڏا

آڏ تراڇا آهڙا، ڏونگر ڪي ڏاڪا.

**آهڙا**= ٽڪر ٽوڙا

آڏ تراڇا آهُڙا، ڏونگر ڪي ڏاڪا.

**اجهايس**= وسامي ويس

اجهايس انهن جي، ڦوڙائي فراق.

**آٿن**= سڙن، ٻرن

جيرا، جگر، ٻُڪيون، آريءَ لڳ آٿن.

**الولو**= سُر جي پيراءَ لاءِ ڪي لفظ ڪم آڻبا آهن، جيئن الو ميان!

الا، پنهون، سائين، جيڏيون،وغيره.

الولو، ماري آهيان.

(ب)

**ٻرَ**= سُڃَ، رڻ پٽ

ٻر وڏو، بار گهڻو، ويجهو نہ وٽڪار.

**ٻوتن**= ٻودن، اُٿن

نهاريندس نڪري، ٻوتن ڪارڻ ٻر.

**برهمڻ ٻاسيو**= سسئيءَ مڃيو، قبوليو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪير لنگھندي قاف، ايءُ ٻرَ برهمڻ باسيو.

**ٻارِ**= پيرو

(نوٽ: محترم شهوائي صاحب ۽ گربخشاڻي صاحب ٻار ڪي خدا، ڏٺي لکيو آهي. پر اهو لفظ شُڪر لک ٻار طور ڪم ايندو آهي).

شڪر ٻارِ سنداءِ، سٽاڻي ساٿ مڙي.

**ٻارَيري**= وزن ڪٽي

ڪٺوريءَ ٻار پيري، آيو ڏونگر ڏيهي.

**ٻيڊِي**= سُجَ، رڻ پٽ

ٻيڊي ٿيو پنيور، حشر ڪري هليا.

**ٻاڪ**= ٻات، پچار، ڳالهه ٻولهه

**ٻهير**= قطار، تولا

جنهن جو آرياڻي اڳواڻ، تنهن جي ڪانهي ٻاڪ ٻهيرَ ۾.

(ٻ)

**ٻرد**= برد، ڏاند، ڍڳا

ڏاگھنئون ڏيرن، جي آندا ٻرد پنيور ۾.

**ٻارانو**= ٻاروتڻ، ٻاراڻي اوستا، ننڍپڻ

نالي ٿيس هوت جي مَتِم ٻارانو.

**ٻرٻر**= تڪڙ ۾

آسڻ اڳئاءِ اُن جي، ٻر ٻر ڪيو ٻاڏائي.

**ٻانڀڻَ جي ٻاڪار** = سسئيءَ جون دانهون

پني پوءِ پوارئي، ٻانڀڻ جي ٻاڪار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(پ)

**پيري**= وقت، دفعي(لاءِ)

اڳي اُٽ رڙن، مون پيري ماٺ ٿي.

**پنيوريس**= پليس

**پيندين پير**= پٽڪي جا نمونا

پنيوريس برن ۾، پسي پيندين پير.

**پجي طاق**= درن جا طاق ٽوڙي

پنهون نيائون پاڻ سين تاڙيون پجي طاق

**پني**= پوئين رات

**پرين**= پرين ٿا

پنيءَ ٿا پرين، ساٿين سَنڌ هٿن ۾.

**پليرو پانيان**= سٺو سمجهان ٿي

ڪيچان آيو قافلو پليرو پانيان.

**پوارِئي**= پوائتي، ديچاريندڙ

پنيءَ پوءِ پوارئي، پانيڻ جي پاڪار.

**پنيي**= ڳوڙهي، ڳتيل

پنيي هن پنيور ۾، ويهڻ وهُ تيوم.

**پنيا**= گهاتا، گهاٽيءَ ڏاڙهيءَ وارا

وارو! وَرُ وني ويا، ڏاڙهيءَ پنيا ڏير.

(نوٽ: ڪن مُرتبن ڏاڙهيءَ پنيا جي معنيٰ "ڳاڙهيءَ ڏاڙهيءَ وارا"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئي آهي، جيڪا معنيٰ غلط آهي).

(ٽ)

**ٽِڙتوڏا تيلا**= ماڪ تي تيلي رنگ جا اُٿ

آيس آريءَ چام جا، تڙ توڏا تيلا.

**ٽليارا**= ٽلين وارا، چمڪن وارا

ٽليارا توڏن ڪي، ڳچي سُونهن موڙ.

**ٽِٿ**= ڏکيا پيچرا

ٽِٿ تِه ڪي ناهه ڪو، لَڪَ مڙيئي لَسَ

**ٽراچا**= ڏنگا، ڦڏا، آڏا، ابتا

آڏ ٽراچا آهُڙا، ڏنگر ڪي ڏاڪا.

(ث)

**ثاني**= برابر هڪجهڙو، ان مقابل.

جانب جهڙو جڳ ۾، ڪونهي بيو ثاني.

(پ)

**پرائيان**= حاصل ڪيا، ورتا

آئون ڪنءَ ملا تن سور پرائيا سرتيون.

**پيغام**= نياپو

پنهونءَ جي پيغام تان منهنجو موت مباح

**پلاٽيندي**= پلاٽڻ وقت

پلاٽيندي پاڻ ۾، ڪچيو ڪين ڪڻن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**پورج پراهين**= پري نڪري هل

**پانچارڻ**=پنج سالن اُٺن

سوڏي انين سيد چئي، پوءِ پانچارڻ پرت

**پاهٺي**= پهٺن تي

هيءِ هيءِ ڪيو تي پاڻ هٺي سر پا هٺي.

**پلاڻ**= ڪاٺ جو پلڻ جيڪو اٺ جي پٺيءَ تي رکي پوءِ بار لڏبو آهي.

وار وڍي واڳون ڪيان، پٽان هوند پلاڻ.

**پنا**= پورا ٿيا

هاٺي ٿيو حشر، پنا قول قيام جا.

**پرٿياٺي**= ڏوپياٺي

**پالي**= تيار ڪري

پرٿياٺي پالي، ڪامل نيندو ڪيچ ڏي.

**پريٺن پالياس**= ڪٺين نپايو

پريٺن پالياس، پانيڻ پيٺي آهيان.

**پريتٺو**= پريت، پيار

اديون آءٌ نہ ني، جن پريتٺو پرينءَ سين.

(ج)

**جڏه**= جڏهن

جڏهن ڏاگها ڏٺءِ ڏينهن..........



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**جنگن**= بهادرن

گنگن ۽ جنگن، سنڌ سونهين ميڙيين.

**جتا**= جت، اي جتو!

جتا شال جئو، جئو تا ڄاڙون ڪرهو!

**جيلا**= جنهن لاءِ

جنهن جا جيلا، تي ساٿ پڃائين سسئي.

**جڇها**= گهٽا

جت جهجها ۾ جڳ، منهنجي پرت پنهونءَ سين

**جيون**= واريون

توڏن جيون تڙ پيڙ ۾، ٽريون ترڪن تان مَر.

**جهٔ**= جنهن

پنجون ويري سچ ٿيو، جهٔ الهي ڪي اوير.

**جيڪا**= جا به

جيڪا هين من، ويڙا پنهنجي پڃائي.

**جاڳائي**= ننڊ مان اٿاري

جاڳائي جتن، ڳورا گس هلائيا.

**جيس**= جيئري تي پيس.

جيس جيس لو جيڏيون! منهنجو لاڻ آيو پيهي!

**جانب**= اي دوست

جانب جڏي جيءُ جو، آڳانڊو آهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**جيجان**= جيجل، امڙ

لک لهي ٿي لوڏ، جيجان تن جتن جي.

**جورو**= زورو

جورو رات جوان، جيڏيون جت ڪري ويا.

**جابر**= جبر ڪندڙ، ظالم

وارو ور وٺي ويا، جابر ڪري جور.

**جانڪين**= جيستائين

جانڪين تان جئنڊياس پيس ور وصالِ جي.

**جيڪس**= جنهنڪري

جيڪس تن ملاءُ، سسئيءَ سُور پرائيا.

**جانار**= جانور

جبل ۾ جانار، سره ڳڏبئي سسئي.

**جَکَ**= اجايو ڳالهائڻ

جبل ماري جک، آڏو آريجن ڪي.

**جيرا**= ڪليجا

جيرا، جگر، بڪيون، آريءَ لاءِ آٿن.

**جڙ**= بنياد، پاڙ

پرينءِ جا پاتي، سا جڙ جيري نہ لهي.

**جباب**= عمدو مشڪ

بيئا بازارين ۾، لائي جت جبات.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**جنسار**= وَنندڙ نمونو

گهڻو اُڪنديُ آهيان، تن جتن جي جنسار

## (جهه)

**جهل**= روڪ

مٺيس جهل مهار، ڪٺيس ڪاهه مَ ڪرهو

**جهولو**= ڪوسو واءُ

**جُهڙڪ**= جهڪ، لُڪَ، گرم هوا

**جِهٽي**= جُهڪِي

ويٺي ٻُڪي ٻاڦ، جهولي جهنڪ جهيٽي ڪئي

**ٻرَ**= ڪنڌ جا وار

نيو نماٽي پاڻ سين، ٻانهي جهلي ٻُرَ

**جهوڙا**= لٽڪيل ٽوڻر

**جُهل**= اٺ جي پٺيءَ تي ڪپڙي جي جُهل، موتين سان جڙيل ڪپڙو.

جهوڙا جن جهلن ۾، هيري لک هزار

**جهوڪ**= اٺن جي وهڻ جي جاءِ

مزمانن مهري، آٽي جهڪئا جهوڪ ۾.

**جُهنگاريندي**= هلڪو رونڪو ڪندي

جُهنگاري جهنگ ۾، ڏوتين ڏنڙي ڏيه.

**جِهين**= جنهن ڪي

حب جهين ڪي هوت جي، سا ڏوريندي ڏونگر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(چ)

**چوٽيءَ سين**= چوٽيءَ تائين

**چانگن**= اٺن

چوٽيءَ سين چانگن کي جڙ زنجيرن جيئن

**چُڪي**= ٽڪي، ٽڪل، چور ٽيل.

چڪي چوري چاڪ، هاڙي هوت هلي ويا.

**چتر**= ڏوڪر

چتر ڏيئي چت کي، ويڙا هوتُ ڇپائي.

**چنگل چوِڦرا**= جن جا هٿ، چؤهٿا

چنگل جني چؤڦرا، رات ٽن جي رت.

**چاٽي**= چائي

چاٽي چنبن ۾ ويا، جيئن باز سٽي بحري.

**چوري چت ويو**= دل کي ڏڙڪائي ويو

ڪوهيارو ڪام هٽي، چوري چت ويو.

**چاڙهاڪا**= چاڙهيون جبلن جون

ڦٽئا پير فقير جا، چڙهندي چاڙهاڪا.

**چون**= ٻڙڪ نہ ڪڍن، ڪجھ بہ نہ ڪڇن.

جن ڏٺو پير پنهونءَ جو سي نہ ڪي رُون نہ چُونِ

(ڇ)

**ڇپر**= جبل

بر مڙيو ئي بوءِ، ڇپر ڇاتون مُڪيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڇَٽَ**= بوءِ، بانس.

ڄڌھن پيئي ڇَٽَ، ڇپر ھوت پنهونءَ جي.

**ڇلور**= گوربند

ٻڌي ستيس سوگهو، ڇلور ڇاتيءَ سان.

**ڇمر**= ڪڪر

ڇپر ڇمر پاڻيان، ڪانيُو ۽ ڪارو.

(ح)

**حرف**= اکر

اُن تا حرف ھرو، مورائين معاف ٿيو.

**حديث**= ڳالھ، قول

اجا ھن حديث جو، مون آسرو آھي.

**حماتي**= حمايتي، حمايت ڪندڙ

تن ڪھڙو غم گنگن، ھوت حماتي جن جو.

**حشر**= محشر، قيامت جو ڏينھن، يومِ حساب

حشر ويل حساب جي، ڇڏي نہ ويندو.

**حريف**= ڏاھا، اٽڪلي، چال باز

ڏاھن ڏاھپ وسري، ٿيا حريف ٿي حيران

(د)

**دليلا**= ننڍڙا ڇڙا

اُن ڪي ناڪيليون نکن ۾، دُهريُون دليلا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڏڏو**= ڏونهون.

ڏوڏ دل تان دور ڪري، ڪر ساڃن صفائي

**ڏڏا**= ٿلها

**ڏاڦ**= بيڏولا

آيم تن اُنن سين، جن جا پير ڏڏا، ڏڙ ڏاڦ.

**ڏوڪَ**= ٻہ سالو ڪنواٽ (اُٺ جو قسر)

**ڏهلٺا**= ڍنا

ڏوڪَ ڏهلٺا جت، گورا هلن نہ گسّ ۾.

**ديسي سيڻ**= ديس جا مٽ

ديسي سيڻ ڪچن، پرديسي کهڙا پرين

**ڏوس تہ سهاڻ ڏام**= ڏوست ڏام سهي نہ ٿي سگهان.

ڏوس نہ سهان ڏام، تون ونڊر تو ويلا ڪرين

(ڌ)

**ڌريان ٿي ڌاريا**= اصل کان غير، پراوا

ڌريان ٿي ڌاريان، مٺَ مُئيءَ جا نہ ٿيا.

**ڌارا**= کان سواءِ، ڌاران.

زاريءَ ڌارا زور، هلي ڪونہ حبيب سين.

(ڏ)

**ڏاڪا**= چڙهڻ جي لاءِ ڏاڪڻ، چاڙهيڪا

آڏ تراڇا آهڙا، ڏنگر کي ڏاڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڏاھَ**= ڏاھپ

پيئڻ پرچاءُ ناھ ڪو، ڪه جه ڏاھ ڏنين.

**ڏَرَ**= ڊپ، خوف

سُڪين ٿي نہ سلڙي، پَسي ڏک مَ ڏُرُ.

**ڏاھہ**= پاڻهي، گولي

پَسي ڏنگر ڏاھ، جر هلڻ ۾ هيٺي وَهين.

**ڏاڱھا ڪيم ڏرو**= اي اٺئو! ڊڄو نہ

ڏاڱھا ڪيم ڏرو، اجا آرياڻي اڳي ٿيو.

**ڏاڱھن**= اٺن

**ڏيرن**= پنھونءَ جي ڀائرن

**ڏونگرن**= جبلن

ڏاڱھن، ڏيرن، ڏونگرن، تنھي ڏنر ڏک.

**ڏڌي**= ڏکايس

ڏاڱھن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آءُ ڏڌي.

**ڏاڀءِ**= وچڙايئي، اٽڪايئي

ڏاڀءِ نہ ڏاڱھن کي، اوڳي ساڻ اڳٿ.

**ڏاڱھنئون**= ڏاڱھن، اٺن کان

ڏاڱھنئون ڏيرن، آندا پرد پنيور ۾.

(ر)

**رڙن**= آواز ڪن، رنگن

اڳي اٺ رڙن، مون پيري ماٺ ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**تهَ**= تنهن

ته ريءَ تَوائي، ڪوڙين ٿين ڪيتريون.

**رڙهي**= هلي، وڌي

بوتي ۽ بلوچ جي، رڙهي پسان روهه.

**روهه**= جبل

آڏو ٽڪر ٽر، متان روهه رتيون ٿيين.

**ريجهه رهاڻ**= قرب ڪچهري

ٿيندي ريجهه رهاڻ لحظي منجهه لطيف چئي

**رائين وري روءِ**= رائين جي منهن پر سرهائي ٿي

رائين وري روءِ، گوندر لٿا گوليين.

**روءِ**= نمونو

ڪيچان آيو قافلو، رات موچاري روءِ.

**رفيع الدرجات**= اي وڏي درجي وارا!

رفيع الدرجات، پرمل پنهون ميڙيين.

**رات قيام**= قيامت واري رات

ڪاڪيون رات قيام، جيڏيون جت ڪري ويا.

**روجهه**= جبل جو، جانور روجهه.

روجهه لاءِ شهوائي صاحب لکيو آهي تہ اِهي پيرن وارا هرڻ. پر، روجَهه ڏِکِي جيان ٿيندي آهي ۽ اُن جا سگَ هرڻ جيان هوندا آهن.

رات ڏنائين روجهه، پاڻ ءِ ڪ اوٺي آئيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(س)

**سڙڪ**= واٽ، اُن جو نقطو

ونئي سڙڪ سسئي، ويهه وهائيءَ سين.

**ساروڻي**= يادگيري

نہ سپائي سنڌياءِ، تيي ساروڻي سسئي.

**سين**= مٽ، سڄڻ

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين.

**سائيهہ**= وطن

در نہ دميندا، سڌاريندا سائيهہ ڏي.

**سُيَس**= پڌائي ويس

نالي سُيس هوت جي، مٿم پارانو.

**ساجن**= ساجن، دوست

جنهن سر ساجن سپرين تنهن ڪُٺ نہ لڳي ڪُٺ

**سڃي**= خالي

هيهات هيهات لما توعدون سڃي ٿي لوطاق

**سبهہ سياهي**= سڀ اونده

سبهہ سياهي، آهي آريءَ چام ري.

**سنڌَ**= ڪليون

پني ٿا پرين، ساٿين سنڌ هٿن ۾.

**سانباهي**= تياري، سنبت

مون ڪي ٿا مارين سڄڻ سانباهي ڪئو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**سُتائي**= ستائي، سٺي وقت

شڪر بار سنداءِ، سُتائي ساٿ مڙي.

**سرڪشي**= ڏاڍائي

سرڪشي سردار سين مون ڪميٽيءَ ڪيھي.

**سُٺيان**= ڀڏان، سٺان

لنگھي لڪ لطيف چئي، سٺيان ھوتن ھوءَ.

**ساٿ ڏئي سرواڻ**= ساٿ جو اڳواڻ

ڪيچان آيو قافلو، ساٿ ڏئي سرواڻ.

**ساب پٺا**= پورا ٿيا

وري آيس وَرُ، سفر مُئيءَ جا ساب پٺا.

**سنيوڙا**= تيار ٿيل

سنيوڙا ساٿ ڪٿي، ويساھين وريام.

**سنجھي**= رات جي پھرئين پھر

سنجھي مون نہ سنڀاليو صبح ساريم سور.

**سانگين**= مسافرن، گھومڙو ماڻھن

ايرادي آئي، سانگين سين سگ ڪيو.

**سرگردان**= پريشان

جيئن سو ھرڻ ھماءَ، سرگردان سنسار ۾.

**سمر**= ڪائڻ پيئڻ جو سامان

سمر جني نہ ساڻ، ھوت حماتي تن جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**سڳر**= گڏ، ساڻ سان

**سوريون**= ڦاسيون

سوريون جت سڳر، ات ٻاتاڙي پيلي ٿين

**سندوم**= سندم

سرتيون ساه سندوم، ٿيو حوالي هوت جي.

**سوگهو**= قابو، چڪي

ٻڌي ستينءَ سوگهي چلور چاتيءَ سان.

**سرهي**= خوشبوءِ واري

سرهي منجهان ساڻ آئي بوءِ ٻنيور کي

(ش)

**شتر**= اُٺ

ڪچاڙيا ڪاهي، شتر اُن سينگاريا.

**شيخ**= مرشد

بلا شيخ من يمشي في الطريق اهڙي اَوائي.

**شڪستي**= شڪست کاڌل، هارايل

هئي شڪستي سسئي راز پنهونءَ جي ريهي.

(ص)

**صفائي**= دل صفا ڪر

ڏوُرَ دل تان دور ڪري ڪر ساجن صفائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**صابڻ**= ڏوئڻ جو صابڻ

هوت خوشبو هيرئون، مون ۾ صابڻ ڇٽ.

**صابر**= صبر ڪندڙ

صبر ڪيئن صابر، اچي عجيبن ري.

**صبر**= خاموشي

صبر ڪيئن صابر، اچي عجيبن ري.

**صبح**= سج اڀرڻ وقت

صبح ٿي ساريان، تہ اٿ نہ اوطاقن ۾.

(ض)

**ضرور**= هر حال

جتن لاءِ ضرور، گهٽا گهاريم ڏينهڙا.

(ط)

**طعنا**= مهڻا

تيلاهون طعنا، ڏيندا مون ڏير ويا.

**طاق**= تختا

تاڙيون پيچي طاق، پنهون نيائون پاڻ سين.

**طاق**= داڻ

لنگهيا لڪ، لطيف چئي، توڏا، تڙ ھنگ، طاق.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ف)

**فقير**= غريب (سـسـئي)

ڦوڙائو فقير ڪي، ڏنو جتن ذات.

**فراق**= وڇوڙو، جدائي

ماري آن فراق، پاڙيچن پرين جي.

(ڦ)

**ڦوڙائو**= جدائي

ڦوڙائو فقير ڪي، ڏنو جتن ذات.

(ق)

**قيام** = قيامت

ڪري ڪوهيارو هليو، مون لئه ڪاري قيام.

**قاف**= جبل

ڪير لنگهندي قاف، بر برهمڻ باسيو.

**قافلو**= ساٿ

ڪيچان آيو قافلو، پليرو پانيان.

**قطار**= اٺن جو قافلو

لنگهي ڪال قطار، تون آئي اڄ نهارين.

**قهري**= قهر ڪندڙ ظالم

ڪوهيارو قهري، ويو نهوڙي ننڊ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**قفل**= ڪلف

ڪنجون جي قفلن جون ڪنهن جنهن لل لڪاءِ

(ڪ)

**ڪُنيس ڪاه مَ ڪرهو**= ڪنل آهيان، اٺ نه ڪاهيو.

منيس جهل مهار، ڪنيس ڪاهہ مَ ڪرهو.

**ڪيچِن**= ڪيچ وارن، پنهل جي پائرن

ڏاگهن ڏيرن ساڻ، ڪرهن ڪيچن ساڻ
متان ڪا ٻي لنؤ لائي! (وائي)

**ڪن فيڪون**= ٿيءُ، تہ ٿي پيو

جڏهن ڪن فيڪون چئي، نيو آرياٽيءَ ارواح.

**ڪوهيار**= بلوچستان جي هڪ جبل جو نالو

ڪاڏي تيو ڪوهيار، ڪاڏي تي هٿڙا ڪٽي.

**ڪيڙِي**= سيڪاري

ڪيڙي ڪيچاين، گورا گس هلائيا.

**ڪچو لائيان ڪُرَ**= ڪٽنب ڪي ٽِڪو لايان

ڪچو لائيان ڪُرَ، ڪيچان لوري جي ورڻ

**ڪونهہ**= ڪرنهي

هورُ مڙوئي هِن ڪي، هوتن ڪونهہ هورُ.

**ڪرهہ قطاريو**= اُٺُ قطاريو

ڇاڪي ٿا ڪرهہ قطاريو! (وائي).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڪَرڪِرا**= سخت، ڏکيا

آڏا ڏونگر ڪرڪرا، ويڏ، ونگايون، وَرَ.

**ڪَسي**= ڪَشي، چڪي

ڪَسي ڪنوائن، سنيوڙا سيد چئي.

**ڪَهَ**= مصيبت، تڪليف

ڪرڙا ڏونگر، ڪَهَ گهٽي جت واٽن تي ولري.

**ڪَرهل ڪُڏائي**= اُٺَ ڊوڙائي

لنگهيا لَڪَ لطيف چي وئا ڪَرهَل ڪُڏائي

**ڪُڙهه**= سينو، ڪُک

لڳيس نائڪ نيه جي، ڪُڙهه اندر ڪا جا.

(ڪ)

**ڪڙي**= ڪرڻ جو

ڪُڙي ڪڙڪو ان جو هُند سُتي سُئو سين.

**ڪڙڪو**= آواز

ڪڙيءَ ڪڙڪو اُن جو هُند سُتي سئو سين.

**ڪنڪاريان**= ڪيڪاريان، پليڪار ڪريان

مدي ڏيرن من پر، ڪلئو ڪنڪاريان.

**ڪِڙئو**= اُيريو

ستون ويري چند تيو جو ڪڙيو نه وڏيءَ وير.

**ڪٿوري**= خوشبوءِ

ڪٿوريءَ بار پيري، آيو ڏونگر ڏيهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڪانيم**= پريس

ڪانيم هوند پلاڻ، اٿ ڳڏايم اُن جا.

(ڳ)

**ڳونگن**= بي زبانن

**ڳپت**= ماٺ

**ڳام**= تيز قدمن سان

ڳورا وجن ڳام، ڏوٽين سندا ڏيهه ڏي.

**ڳولي**= نوڪرياڻي

ڳولي ٽيان ڳلبوءِ، جي سجاڻان ساٿ ڏٽي

**ڳور**= نوان، چڙهيءَ لاءِ اٿ

ڳورا وجن ڳام، ڏوٽين سندا ڏيهه ۾.

**ڳيرب**= تڪبر هٺ

**ڳهائي**= پريشان ڪئي

جا ڳيرب ڳهائي.................................

(ڱ)

**ڱاهون**= سنڌي بيت جو قسم، ڱجهيون ڱالهيون

هوءِ جي هلڻ سنديون، ڱاهون ڱالائين.

**ڱجهيون**= لڪيل

ڱاليون ڪنديس ڱجهيون مُه مقابل ويهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(گهہ)

**گھاريم**= گذاريم

جتن لاءِ ضرور، گھڻا گھاريم ڏينھڙا.

**گھڙي**= دم، ڪن، پل

رهو رات پنيور ۾، تان ڪا گھڙي هت گھاريو.

**گھمان**= هلان، ڦران

گھمان جال جبل ميان! جيڏيون! جانب جت لءِ

(ل)

**لکيو**= قسمت

لکئي آءٌ لڏي، نات پنّن ڪير پنڌ ڪري.

**لَلَ لڪاءِ**= ڪنھن نموني لڪاءِ

ڪنجون قلفن جون، تان ڪه لل لڪاءِ.

**لاڏوناڪيو**= لڏي وڃن

لڏئو لاڏوڻا ڪيو، پنھنجي ديس وڃن.

**لُڪ**= ڪوسو واءُ

اس مَ لڳي اوٺيين، ليڙن لڳي مَ لُڪ.

**لباس**= پوشاڪ

لڏيندي لباس، جتن جيڏو ئي ڪيو.

**لالائي**= لالاڻ

ڪڏھن پسي ڪانڌ ڪا، ريءَ لالڻ لالائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ليڙن**= اٿن

ليڙن ڪي لطيف چئي، هلڻ جو مذڪور.

**لائي**= لڳائي، مڪي

ييئا بازارن ۾، لائي جت جبات.

**لالن**= لالن جهڙو دوست

لڳڙي آهه لغار اويار! لنءَ لنءَ ۾ لالڻ جي.

**لڪ**= جبل مان واٽون

آڏا لڪ لطيف چئي، بر سڃن باري.

**لاڳاپا**= واسطا

هوندن پنيان هون، لاڳاپا لوڪ جا.

**لنگهئو**= لنگهيو، ٽپيو

سسئي ننگهئيو سيد چئي محبت جو ميدان

(م)

**منيس**= مصيبت ۾ آيس

منيس جهل مهار، ڪنيس ڪاهه مَ ڪرهو.

**مهارَ**= اٺ جي ڪاهڻ لاءِ نڪ ۾ ٻڌل نوڙي، جنهن سان اٺ ڪاهبو ۽ هڪلبو آهي.

**ميرتاريون**= ڪنديءَ جي سنگرن واريون ٽاريون

**موڙي**= ورائي

موڙي ميرتاريون، چانگا ٽا چرو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**منڌ**= عورت، زائفان

**ميڙين**= ملائين، گڏين

گنگن ۽ جنگن، پنڌآسُونهين ميڙين.

**مام**= ڳجهي ڳالهه

ڪاجا مام منن، هن پڻ هئي هن سان.

**مدي**= خراب نيت

مدي ڏيرن من ۾، مان ڪليو ڪيڪاريان.

**مرون ڪاٺن ماس**= مرون ماس ڪائين

مرون ڪاٺن ماس، هڏا هلندم هوت ڏي.

**مارڳ**= جبل، ٽڪر ٽورو*

اڄ وسائي اوٺن، مٿي مارڳ ماڪ.

**مڙي منڌ ڏي آئيون**= گڏجي سسئي ڏي آيون.

مڙي منڌ ڏي آئيون، ساهيڙيون سهجاءِ.

**ميثاقا**= روز ازل ڪان

انگ اڳهين لکيو، منهنجو ميثاقا

**مذڪور**= ذڪر ڪيل

ليڙن ڪي لطيف چئي، هلڻ جو مذڪور.

**مامور**= عادت، ارادو ڪيل

مين ڪي مامور، اٺتڻ اڳئين پنڌ جي.

* مارڳ جي معنيٰ وات ۽ رستو بہ آهي. (تاج)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**موڙ**= اٺن جون ڳانيون، سهرا

ٽليارا توڏن ڪي، ڳچيءَ سونهن موڙ.

**موچاريءَ**= چڱي

ڪيچان آيو قافلو رات موچاري روءِ.

**من لا شيخ فشيخه الشيطان**= "جنهن ڪي ڪو مرشد ناهي، تنهنجو مرشد شيطان آهي."

من لا شيخ فشيخه الشيطان ان ريءَ اونداهي.

**منجهه**= مونجهارو، ڳڻتي

مون ڪي ماري منجهه تي سندي هوتن هُر.

**معذوريون ميون**= عُذرواريون، بيمار مري ويون.

ڪيچان، اوري ڪيتريون معذوريون ميون

**مزمانن**= مهمانن، پنهونءَ جي پائرن

مزمانن "مهري"، آئي جهوڪيا جهوڪ ۾.

**مهري**= چڙهيءَ وارا اٺ، هڪڙا اُٺ سواريءَ جي لاءِ هوندا آهن، تن کي مَهري چوندا آهن ۽ بار کڻڻ وارن اٺن کي "لاڏو" چئبو آهي

**مڪران**= ڪيچ مڪران، آري ڄام جو شهر

ڪاڏي مه مڪران جو، ڪاڏي ڪيچ ٿئو.

**مٿايُس بر**= بر ۾ هلڻ مڃايس، بر ۾ هلڻ لاءِ آماده ڪيس.

بره مٿايُس بَرُ نه ته سکي ڪير سٿون ڪري

**منهنجو مَن منجهائيو**= منهنجي دل کي مونجهون، ڳڻيون ڏئي ڇڏيون.

پاروچاڻي پيچ، منهنجو من منجهائيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**منجهہ اگهت**= اگهڙ ۾، اگهاڙي

آتڻ منجهہ اگهتہ ڪل ڪانڌ ڪنهين جي نہ ڪري
(نوٽ: ور سواءِ عورت اگهاڙي آهي)

**ملاءُ**= وٺان

جيڪس تن ملاءُ، سسئيءَ سور پرائيا.

**مناءُ**= منهنجي من کان، مون کان

ٻاروچاڻي ذات، مناءُ مُئي نہ وسري.

**مرد جنهن مات ڪئا**= جنهن مردن کي ئي مات ڪري ڇڏيو، هارايو.

سسئي لنگهيو سو، مرد جنهن مات ڪيا.

**منزلن ماري**= گهٽي پنڌ ماري وڌي

جا منزل ماري، تنهن کي ڦادر ڪيچ پسائين

**ماڻڪ مٽ سندوم**= املهہ موتي منهنجو مٽ، پنهون ڄام

ماڻڪ مٽ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو.

**مُنهين**= مون ۾

پنهون پاڻ نہ وڃئو، ڪا مُنهين ۾ وَلَ.

**متيون**= سمجهاڻيون، صلاحون

متيون موٽڻ سنديون ڪاڪيون ڪين ڏيوم

**موڙهي**= اوڳي، مٽ ويل

ڏک ڏکيءَ کي ڏس، تہ موڙهيءَ ڪو مہ ٿئي

**ماڳن تان ماڪون**= انهن هنڌن، جاين تان ماڪون

سڪيون نہ سيڻن جي، ماڳن تان ماڪون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ميخون**= ڪليون

ميخون محبت سنديون هنئڙي منجهه هزار.

(ن)

**نمائي**= بيوس

**نجهري**= گهر

مون نمائيءَ جي نجهري، پيرو ڪج پتار.

**نيائون**= وني ويا

تـه هوت تنهنجو هي پنهون نيائون پاڻ سين

**نينهن**= عشق

سر هٿئو سيلا، لايو نينهن نندون ڪرين.

**نات**= نـه تـه

جتن وڏيس جار، ناتہ هيس نمائي نڪٽي

**نڪٽي**= نڪار، نڪمي

**نفاق**= ويڇو، دشمني.

سي ڪيچي نندءِ ڪيا، تنهنجو نينهن نفاق سين

**نين**= وٺيو ٿا وڃن

هوت پنهون ٿا نين اسونهين آجڪو.

**ناتر چايان نامر**= پانهي نالو رکايان، ناتر: مومل جي پانهيءَ جو نالو هو.

ناتر چايان نامر، جي مون نهو پاڻ سين.

**نهوڙي**= جهوري، ماري

ڪوهيارو ڦهري، ويو نهوڙي نند ۾.

**ني**= ڏوپيائي

ني سين نسورو، حشر ڪري هليا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ندوري**= نياڳي، بدبخت

چوري ندوري، نڪو مائٽ منڌ جو.

**ناهه**= ناهي، ڪونهي.

تت نه ڪي ناهه ڪي لڪ مڙيو ٿي لَس.

**نائڪ**= نشتر

لڳيس نائڪ نينهن جي ڪڙهه لڏر ڪا جا.

(و)

**وارو**= وارو ڪريو، همت ڪريو

وارو! ور ڪٺي ويا، منهنجو جوريءَ رات جوان.

**واحد**= هڪ

آسروندي آهيان، واحد آئين واري.

**وهڙن**= جوان ڏاندن

هٿي چيل چرا ڪيا، وهه پئي وهڙن.

**واهيري جي وير**= پکين جي ويهڻ جي وقت

واهيري جي وير، چلون ڪريان چيرين.

**وسندن تہ ور ڪندا**= ڳالهہ پسند ايندن تہ ور ڪندا، موٽندا.

وٺندن تہ ور ڪندا، نات اڳين جي اختيار.

**واڳون**= مهارون

وار ودي واڳون ڪيان، پئان هُند پلاڻ.

**وهائي**= پوئين رات

جاڳان تان جيڪي نہ ٿيون وهائيءَ پرياتہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**وندر**= هڪ نئن جو نالو

حب جني کي هوت جي، وندر تنهن کي وس.

**ويل**= گهڙي، پل

حشر ويل حساب جي، ڇڏي نہ ويندوم.

**ول**= گهتتائي

پنهون پاڻ نہ وڃڻو، ڪو مُهين ۾ ول.

**وهن وهہ ٿيوم**= وهڻ زهر ٿيو

پنيي هن پنيور ۾، وهڻ وهُ ٿيوم.

**واڪ**= بنه نہ، اِصل نہ

ڏونگر ڏوريو نہ ٿئي، مون ولهيڙ ڪان واڪ

(هہ)

**هوت**= پنهل

تہ تنهنجو هي هوت، پنهون نيائون نہ پاڻ سين.

**هٺ**= تڪبر

هُند نہ تنهنجي هٺ، سور پرايا سسئي.

**هيهات هيهات، لما توعدون**= افسوس، افسوس، اها ڳالهہ، جنهن جو اوهان کي دَپُ ڏنو ويو آهي.

"هيهات هيهات لما توعدون سجي ٿي لوطاق

**هاڙهي ڏاه هَٽ**= هاڙهي جبل ڏانهن هٽ

هاڙهي ڏاه هٽ ڪنيو، چپر مڙان شال.

**هيبت جو هاٿي**= ديڇاريندڙ هاٿيءَ جهڙو

جيڪو جبل جهاڳيان، هيبت جو هاٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معمور يوسفاڻي

# سُر ديسيءَ ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ، سنڌ جو اهو عظيم شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ اسلامي تصوف، اسلامي فڪر، اسلامي فلسفي ۽ اسلامي اخلاق جي اپٽار سان گڏوگڏ، سنڌ جي ثقافت، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي جاگرافي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري بابت ايترو ۽ اهڙو تہ خزانو موجود آهي، جنهن جي سهيڙ ۽ حاصلات کان سواءِ اسان جي ثقافت، تاريخ، جاگرافي ۽ لسانيات وغيره، سڀئي اڄيا، اڌورا ۽ اڻپورا رهيا پيا آهن؛ تنهنڪري سنڌ جي سڀني جهونن توڙي نون اديبن تي لازم آهي، تہ اُهي هِن ڏس ۾ وک وڌائي پنهنجي فرض شناسيءَ جو ثبوت پيش ڪن.

سيني بزرگن ۽ دوستن کي اها پروڙ آهي تہ ٻولي ۽ گرامر کي سمجهڻ خاطر آئون هن کان پهرين ٻہ شاهہ جي پنجن سُرن، هرهڪ **سريراڳ، ساموندي، سهڻي، آبري ۽ معذور** جي بيتن ۾ استعمال ٿيل صرفي ۽ نحوي ترڪيبن تي رنڊا روڙي چڪو آهيان ۽ هن مقالي ۾ "**سُر ديسيءَ جي بيتن ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون**" بيان ڪندس. جنهن لاءِ اهو عرض پڻ ڪندس تہ، هيءَ ڪم ايترو تہ وڏو وسيع ۽ گهڻو آهي، جنهن جي پورائيءَ جي باري ۾ ڪجهہ چوڻ جي بدران، فقط شاهہ جي ٿي لفظن ۾ هيئن چوندس تہ:

جي قيام مڙن، تہ ڪر اوڏا سپرين،
تهان پري سَڄڻ، واڌايون وصال جون.

وصال ٿئي يا نہ ٿئي، پر منهنجي، پنهنجيءَ توفيق آهر جدوجهد جاري آهي ۽ انشاءَ الله تعاليٰ جاري رهندي. جنهن لاءِ سنڌ جي سيني ڄاڻو حضراتن کي گذارش آهي تہ اهي هن ڏِس ۾ منهنجي رهبري ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرمائين.

اها سيڪنهن کي خبر آهي تہ **سُر ديسي**، سسئي مضمون وارن سُرن مان، ترتيب وارا ٽيون نمبر سُر آهي. جنهن ۾ ست فصل آهن، جن ۾ اٽڪل سوا سؤ کن بيت ۽ ڏهہ ـ ٻارهن وايون موجود آهن. جيڪي سيئي لساني خوبين جي خزاني سان ڀرپور آهن.

هن سُر کي انهيءَ ڪري بہ وڏي اهميت حاصل آهي، جو هن سُر جي بيتن جون ڪيترين ئي مصرعون، سنڌ جي سيني ٻاڳن ۾ چوڻين طور استعمال پيون ٿين. جيئن:

وڏا ڪم ڪريم تي، ويچاريءَ واري.

—

زاريءَ ڌاران زور، هلي ڪونہ حبيب سين.

—

منهنجو وس واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو.

—

هوندن متي هون، لاڳاپا هن لوڪ جا.

هن سُر جي بيتن ۾، محاورن جو هوندئن تہ وڏو ذخيرو ملي ٿو، پر اُنهن ۾ ڪيترا اهڙا بہ آهن، جيڪي تجنيس حرفيءَ جو بهترين نمونو بہ آهن. جيئن: ٻاڦ ٻُڪڻ، ٽڪر ٽانڪڻ، چاڪ چورڻ، ڏونگر ڏورڻ، ڏانوڻ ڏانئڻ، ڳاهون ڳالهائڻ، لڪ لنگهڻ وغيره.

اهڙيءَ طرح لاڳاپيدار لفظن جون لڙهيون، جهڙوڪ: ويڌ، ونگايون، ور، وندر، وراڪا، واڪ وغيره ۽ لفظن جون جوڙيون، جيئن: برفت ۽ بروهي، ٻانيڻ ۽ ٻروچ، ٽڙينگ ۽ طاق، ٽر ۽ ٽوري، ٽليون ۽ ٽونر، ڇپر ۽ ڇمر، جهولو ۽ جهڪ، دادا ۽ داڦ، رهاڻ ۽ ريجهہ، ڪمي ۽ ڪوري، ڪنجون ۽ قلف، لنگهي ۽ لوري، هرڻ ۽ هما وغيره سڀ اهڙيون ترڪيبون آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجيءَ جاءِ تي سونهن ۽ سلاست پيدا ڪريو بيٺيون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن سُر ۾ جتي نالن جون لڙهيون، محاورن جون قطارون ۽ لفظن جون جوڙيون جنسار ٺاهيون بيٺيون آهن. اُتي صرفي ۽ نحوي ترڪيبن جي دائري ۾ بيون جيڪي خاص ۽ اهم گهڙون ملن ٿيون، اهي آهن: اسمن مان فعل، حرفن مان اسم، صفتن مان اسم، ظرفن مان اسم، فعلن مان اسم، فعلن مان صفتون، ظرفن مان صفتون، اسمن مان ظرف، فعلن مان ظرف، اسمن جي نِدائي، اسم مفعول، اسم فاعل، اسم استقبال، فعل معطوفي ۽ فعل مجهول جون مختلف شڪليون ۽ مرڪب مفيد، مرڪب غيرمفيد، مرڪب اسم، تڪراري لفظ، ٻٽا لفظ، حرفي اڳياڙيون، حرفي پڇاڙيون، تسنيد، تبديل، ترخيم، واڌارا، ندائي حرف ۽ ٻيا ڪئين نرالا رنگ ملن ٿا، جن جو مختصر خاڪو هيٺينءَ طرح آهي:

**"فعل مان اسم":**

صرفي ترڪيبن ۾ سڀ کان پهرين، اسمن جي ٺهڻ تي بحث ڪجي ٿو، جنهن ۾ اهو ڏيکاريو ويندو تہ هن سُر جي بيتن ۾ مليل، مختلف اسم، ڪهڙن ڪهڙن لفظن مان ۽ ڪهڙيءَ طرح ٺهيا آهن.

(الف) فعل امر واحد جي پڇاڙيءَ واري اکر جي حرڪت بدلائڻ سان، اسم ٺهي پوندو آهي. جيئن:

گَسُ مان گَسَ:

گوسڙ ٿئي مَ گُسَ، پنڌ پوءِ مَ پرينءَ تي

اُڇِلِ مان اُڇِلَ:

ڏوريندِيس ڏونگر ۾، ڪنديس آءٌ اڇلَ

جهوڪ= جهوڪَ:

مزمانن مهري، آئي جهوڪيا جهوڪَ ۾.

اُلير= اُليرَ:

ڏينديس ڏاڍين ڏونگرين، اُنين لئي اليرَ.

سٽ= سٽَ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آن ڪي ويندا گڏيا، اهڙيءَ سٽ سوار.

لوڏِ= لوڏُ:

لک لهي ٿي لوڏُ، جيجان تن جتن جي.

(ب) فعل امر واحد + آ = اسم.

سٽ+ آ = سٽا:

جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سٽا سات جي.

(ج) فعل امر واحد+ اُو = اسم.

وارِ + اُو= وارُو:

وارو! ور وٺي ويا، آريچا اظلام.

ويڙهه+ اُو= ويڙهُو:

ويڙهو ڏيئي ويڪرو، پهري ويا پٽ.

(د) فعل امر واحد+ اِي= اسم.

سنبهه+ اِي= سنبهي= سانباهي،

مون کي ٿا مارين، سڄڻ سانباهي ڪئو.

(هه) فعل امر واحد+ آئو= اسم.

ميڙ+ آئُو= ميڙائو:

سرتيون دعا ڪجاهه، ميڙائو مون ٿئي.

(و) فعل امر واحد+ آڪُو= اسم.

چڙهه_ آڪو= چڙهاڪو جمع چڙهاڪا:

ڦٽيا پير فقير جا، چڙهندي چڙهاڪا.

(ز) فعل امر واحد + اوٺو= اسم.

لڏ+ اوٺو= لڏوٺو= لاڏوٺو جمع لاڏوٺا:

لڏيو لاڏوٺا ڪريو پنهنجي ديس وڃن.

(ح) فعل امر واحد+ آهين= اسم.

پيس + آهين= پيساهين، تبديل ويساهين:

ڪيچان اوري ڪٿهين، وڻ نه ويساهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ط) لڳ+ آپو= لاڳاپو.

لاڳاپو لاهيو متان منهنجو سپرين.

(2) **صفت مان اسم:**

هن سُر جي بيتن جي دائري ۾، صفتن مان اسم ٺاهڻ جا ٽي نمونا مليا آهن، جيڪي هن طرح آهن:

(الف) صفت + ايٺو= اسم.

ڪر+ ايٺو= ڪميٺو، مونث ڪميٺي:

هيءَ ڪميٺي ڪير، جا امر ڪي آڏي ڦري.

(ب) صفت + آند= اسم.

هيڪ+ آند= هيڪاند:

سي سڀ پاڻيان سڪ هيڪاند ڪارڻ هوت جي

(ج) صفت + آئي= اسم.

لال+ آئي= لالائي:

ڪڍهن پسي ڪانڌ ڪا، ريءَ لالڻ لالائي

(3) **ظرف مان اسم:**

(الف) ظرف + اِي= اسم.

پيل+ اِي= پيلي:

پاڻيڻ ڪي پروچ ري، پيلي ناه پيو.

(4) **حرف مان اسم:**

هن سُر ۾ فقط هڪ اهڙو اسم مليو آهي، جيڪو اعرابن جي تبديل سبب حرف مان اسم بڻجي ويو آهي. ۽ اهو آهي مَنجهُ، جيڪو مَنجھ حرف جي آخري اکر جي زير کي پيش ۾ بدلائڻ سان وجود ۾ آيو آهي. جيئن:

ليڙن جو لطيف چئي، مون کي منجهُ نه ڏين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**(5) اسم مان صفت:**

هن سُر ۾ اسمن مان صفتون ٺاهڻ جا پنج طريقا آهن، جن جو خاڪو اجهو هيٺئن آهي:

**(الف) اسم + آر = صفت.**

جان+ آر = جانار:

جبل ۾ جانار، سَرَهه گڏبئي سسئي.

**(ب) اسم + آرو = صفت.**

سونهه+ آرو= سونهارو:

ڪيچان آيو قافلو، جنگ سونهاريءَ جوڙ.

**(ج) اسم + چُو= صفت.**

آري+ چو= آريچو، جمع آريچا:

وارو! ور وٺي ويا، آريچا اظلام.

**(د) اسم + آٽِي = صفت.**

آري+ آٽي= آرياٽي:

ڏاگها ڪيم ڏرو اجا آرياٽي اڃي ٿيو.

**(هه) اسم + واڻ= صفت.**

سر+ واڻ= سرواڻ:

پانيم جي سرواڻ، ڇلائيندم ڇپرين.

**(6) فعل مان صفت:**

هتي فعل مان صفت ٺاهڻ جي فقط هڪ شڪل ملي آهي، جيڪا اجها هيٺئن آهي:

**فعل امر واحد + آٽي= صفت.**

نر + آٽي = نماٽي:

عشق آريءَ ڇام جي ڪيس نماٽي نينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(7) ظرف مان صفت:

هتي ظرف مان صفت ٺاهڻ جو بہ هڪ نمونو مليو آهي. جيئن:

ظرف + يان= صفت.

ڌار + يان= ڌاريان:

ڌريائين ڌاريان، مٺ مُٺيءَ جا نہ ٿيا.

(8) اسم مان فعل

هتي اسمن مان فعل ٺاهڻ جا هيٺيان روپ مليا آهن:

دم مان دميندا:

دم نہ دميندا، سڌاريندا ساٿيھ ڏي.

دم = دمج:

آئون نماڻي نڪٽي، دمج تون دلدار.

اڌمون = اڌمئو:

آڌيءَ رات اُڌمئو، ڏين پلٽيو پور (پلٽو)

(9) اسم مان ظرف

هن سر جي بيتن ۾ اسمن مان ظرف ٺاهڻ جا بہ نمونا ملن ٿا.

جيئن:

(الف) اسم + آٽِي = ظرف.

ڏينھ+ آٽِي= ڏينھاٽي:

پھ پارسيون پاڻ ۾، ڏير ڏينھاٽي ڏين.

(ب) اسم + اِيڪُو= ظرف.

هٽ + اِيڪو= هٽِيڪو، مونث هٽيڪي.

پيئي هٽيڪي هوت کي ڪوڪ وجي ڪن ڪا

(10) فعل مان ظرف:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هتي فعل مان ظرف ٺاهڻ جو ٻه هڪ نمونو ليي ٿو. جيئن:

فعل+ آٿي= ظرف.

وهه+ آٿي= وهاٿي:

وٺي سڙڪ سسئي، وهه ويهاٿيءَ سين.

**(11) صفت مان ظرف:**

دستور موجب صفت مان ظرف ٺاهڻ جو فقط هڪ طريقو مليو آهي، جيئن:

صفت_ آخري ٻه اکر= باقي+ آٿي= ظرف.

سونهون_ و،ن= سونهه+ آٿي= سونهاٿي:

هئي گهٽو اُپوجهه، سورن سونهاٿي ڪئي

**(12) اسم فاعل:**

هن سُر جي بيتن ۾ اسم فعل مان اسم فاعل جي شڪل ٺاهڻ جا ٻه روپ مليا آهن، جيڪي هن طرح آهن:

(الف) فعل امر واحد+ ندو= اسم فاعل.

ڪر+ ندو= ڪرندو، تخفيف ڪندو، مونث ڪندي، جمع ڪندين.

هو جي آڏا حق، سي ڪندا ڪوهه ڪندين ڪي

(ب) فعل + يندو= اسم فاعل.

وڃ + يندو= وڃيندو، تخفيف ويندو جمع ويندا.

آن ڪي ويندا ڳڏيا، اهڙيءَ سٿ سوار.

**(13) اسم مفعول:**

هتي فعل مان اسم مفعول جي ٺاهڻ جا ٽي نمونا ملن ٿا، جيئن:

(الف) فعل امر واحد+ يو= اسم مفعول.

پار + يو= پاريو، مونث پاري:

هوت تنهنجيَ هٿ ري، پهچي نه پاري.

(ب) فعل امر واحد= يل = اسم مفعول.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کھ + يل = کھيل، تبديل ڪٿل:

ڪو منھن ڪٿل آئيو، وس نہ ويچاري.

(ج) فعل امر واحد + ئون = اسم مفعول.

هير + ئون= هيرئون:

هوت ڪٿوريءَ هيرئون مون پر صا بڻ چٽھ

(14) اسم استقبال:

فعل امر واحد + ٺو= اسم استقبال.

وڃ + ٺو= وڃٺو:

پنھون پاڻ نہ وڃٺو، ڪو مون پر ول.

(15) فعل معطوفي:

هتي فعل مان، فعل معطوفي ٺاهڻ جا ٻہ طريقا لين ٿا. جن جو خاڪو اجھو هيٺن آهي:

(الف) فعل امر واحد+ اِي= فعل معطوفي.

سڪ + اِي= سڪي:

سڪي جان ستياس تان سڪ سمھڻ نان ڏئي

روءِ+ اِي= روئي:

رجن پر روئي، پسان شال پنھونءَ ڪي.

هڻ + اَي= هڻي:

ڪوهيارو ڪام هڻي، چوري چت ويو.

(ب) فعل امر واحد+ اي= فعل معطوفي.

آڻ+ اي= آڻي:

ايرادي آڻي، ساٿين سين سڱ ڪيو.

ڪر+ اي= ڪري:

هاجو ڪري هوءِ، آڏيءَ رات اٿي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(16) **فعل مجهول:**

(الف) فعل امر استقبال + اي= فعل مجهول.

ڪج + اي= ڪجي:

پڇاڻا پرين، ڪجي بس پنهور ڪان.

(ب) فعل ماضي مطلق – يو= باقي + آٽو= فعل مجهول.

وڪيو – يو = وڪ+ آٽو= وڪاٽو، مونث وڪاٽي.

هوت مَ چڙيو هيڪلي، هِيءَ جا وندر وڪاٽي.

(17) **اسم تصغير:**

هن سُر جي بيتن ۾ اسم جي تصغير يا ننڍائيءَ جي شڪلن جو خاڪو هينئينءَ طرح آهي.

(الف) اسم + ڙو= اسم تصغير.

ڏينهن + ڙو= ڏينهڙو، جمع ڏينهڙا.

ڪوءَ سي جيڻ ڏينهڙا جي پون پرنيا ڏڪ.

(ب) اسم + آڪو= اسم تصغير.

ور + آڪو= وراڪو، جمع وراڪا:

ور وراڪا وچ ۾، لکين آڏا لڪ.

(ج) اسم – آخري واءِ = باقي + اَل= اسمُ تصغير.

ڪرهو – و= ڪرهه+ ال= ڪرهل:

لنگهيا لڪ لطيف چئي ڪرهل ڪڏ ائي

پنهون_ و= پنهه+ ال= پنهل:

پنهل نيو پاڻ سين، پورهيت پرتياٽي.

ٻاروچو_ و= ٻاروچ+ ال = ٻاروچل

ٻاروچل ڇوري ڇڏمَ ڇيرين ٻاروچل ٻانهي

(د) اسم – آخري ياءِ= ٻاقي + ال= اسم تصغير.

آٿي_ اي= آء+ ال= آئل= آيل:

آيل پني آس، پنهون آيو ڪيچ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**(18) صفت تصغير:**

هن سُر ۾ اسم جي تصغير سان گڏ، صفت جي تصغير جا پڻ نمونا لڀن ٿا. جيڪي هيٺين طرح آهن.

(الف) صفت _ آخري واو= باقي+ ال= صفت صغير.

ونيهون _ و= ونيهه+ ال= ونيهل:

ايري عبداللطيف ڏي واڳ ونيهل آئين واريو.

(ب) صفت _ آخري واءِ+ ايرو= صفت تصغير.

(پلو _ و)= پل+ ايرو= پليرو:

ڪيچان آيو قافلو پليرو پانيان.

**(19) مرڪب لفظ:**

هن سُر جي بيتن ۾ مرڪب لفظن جا ڪئين روپ ملن ٿا. جيئن:

پيندين پير:

پنيوليس برن ۾، پسي پيندين پير.

گل بوءِ:

ساٽ ڏٽي:

گولي ٿيان گلبوءِ جي سچاڻان ساٽ ڏٽي

ڪرڙا ڏونگر:

ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي جت جبل سڄن جال

آڏ _ تراڇا:

آڏ تراڇا آهڙا، ڏونگر ڪي ڏاڪا.

نوٽ: سُر ديسيءَ بابت هي مقالو معمور يوسفاڻي مرحوم سنڌ جي ڍاڪي ۾ پڙهيس پر ڪٿي به ڇپيو نه هو. معمور يوسفاڻي ۱۹۹۳ع ۾ رفات ڪئي. هن ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي سرور ڪانفرنس ۾ ۹ سُرن تي هن موضوع موجب مضمون لکيا هئا. سندس لائق فرزند اسد جمال پلي، پڻ هن سلسلي کي وڌائيندي، ڇهن ٻين سُرن جي گرامر تي لکيو آهي. انهن رسالي جي ۱۵ سُرن جو گرامر مڪمل ٿي سگهيو آهي. جيڪو هڪ ڌار ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائي سگهجي ٿو. (تاج جويو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# متي مارڳ ماڪَ

**’لفظ جي طاقت‘ – شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾:**

”لفظ“ نہ خوبصورت هوندا آهن ۽ نہ بدصورت، نہ سهڻا، نہ ڪوجها. نہ ئي اهي مزاجاً وٽندڙ يا اڻ وٽندڙ هوندا آهن. هر لفظ جي پنهنجي اثر پذيري ۽ تاثراتي هم آهنگي هوندي آهي. انهن حالتن مطابق جن ۾ اهو وقوع پذير ٿئي ٿو. ان ريت شاعريءَ ۾ ڪتب ايندڙ لفظ ۽ ان جي صوتياتي آواز سان ڪو مخصوص اثر سلهاڙيل نہ هوندو آهي. ان ڪري اسين ائين چئي سگهون ٿا، تہ لفظ کي خوبصورت يا بدصورت، لسو ۽ ترڪڻو، صاف سٿرو ۽ نرم ملائم، يا وري کهرو، وڪريل، بگڙيل ۽ اڻ وٽندڙ ان جي استعمال جو ڍنگ ئي بڻائي ٿو. يعني لفظ جي وقعت يا بي وقعتيءَ جو ذميوار خود شاعر ئي آهي. گويا لفظ جي طاقت، دراصل ان لفظ کي استعمال ڪندڙ ۽جن خاص حالتن ۾ اهو لفظ استعمال ٿيو، تي ئي منحصر آهي.

لفظ جي طاقت جو اهڙو ڀرپور استعمال اسان کي شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو:

”وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وڏو ڪيو
نهاريندِيس نڪَٽي، ڀوتَن ڪارَڻَ ڀَرُ،
آڏو ٽَڪَرَ ٽَرُ، متان روهَ رَتيون ٿِيين!“

هن جي سٽن ۾ جَڙيل ڪو بہ لفظ بي معني! اَجايو، اُگرو ۽ ٻُجڙو ڪونهي، پوءِ اهو لفظ ”اُگرو“ ۽ ”ٻجڙو“ ئي ڇو نہ هجي. جيئن مٿين بيت ۾ هڪ ٻنهه غير شاعراڻو لفظ ”ٽَرُ“ (جيڪو عام زندگيءَ ۾ هڪ گٿو لفظ آهي) جو استعمال لطيف سائينءَ هڪ انتهائي طاقتور لفظ طور ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. اهو هڪڙو لفظ سسئيءَ جي سموري طاقت ۽ اڏول عزم ڪي اظهاري ٿو. ان لفظ سان ساڳي سنگهر ۾ سلهاڙيل ٻيا لفظ به ان هڪڙي لفظ کي اها طاقت ونائن ٿا ۽ ان ڪري اسين پوري يقين سان اهو چئون ٿا ته لطيف جي شاعريءَ ۾ لفظ "مُنڊيءَ تي ٽِڪَ جيان جڙيل" آهن. ان ڏس ۾ امداد حسينيءَ جو رايو گهڻي اهميت رکي ٿو. چو ته امداد حسيني اڄ جو اهو شاعر آهي، جنهن لاءِ لطيف سائينءَ جي لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته:

"لَسي تند لطيف چئي، هلي تن هٿاءَ"_

سو، ٻوليءَ جي اهڙيءَ "لَسي تند" جوڙيندڙ امداد حسيني، لطيف سائينءَ کي "لفظ جي حرمت جو وڏو پاسدار" ڪوٺيندي، چئي ٿو ته:

"جڏهن لفظ جملي ۾ ڪتب اچي ٿو، تڏهن هڪ خاص معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو. پر جڏهن لفظ شعر جي سٽ ۾ اچي ٿو، تڏهن منڊيءَ تي ٽِڪَ وانگر جَڙجيَ ٿو. جيڪڏهن ان لفظ بدران ان جو پيو ڪو به هم معني لفظ ڪتب آڻبو ته اَسياويڪ، ٽنبيل ۽ پرتيءَ جو پاسندو. ان ڪري ئي شاعريءَ ۾ لفظ جي شڌتا ۽ پوترتا تي سڀ کان پهرين ڌيان ڏنو ويندو آهي ۽ لفظ جي حُرمت جو لطيف کان وڏو پاسدار ڪنهن ماءُ اڄ تائين ڄڻيو ئي ناهي."

(امداد حسيني، سنڌو جوت — ص: 114)

شاعريءَ ۾ لفظن جي اثرپذيري هڪ ٻئي سان مشروط آهي، جنهن ۾ لفظ جي معنويت ۽ ان جي صوتياتي هم آهنگي اهميت رکي ٿي. ان ڪري شاعريءَ جي سموري سٽاءَ کي ٻولي، سُر ۽ معنويت کان ڪنهن به ريت ڌار نٿو ڪري سگهجي. انساني ذهن تي جيڪو ڪجهه به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وَهي واپاري ٿو. ان لاءِ انسان اُهي ئي لفظ چونڊيندو آهي، جن جي ذريعي هو ان وارتا کي بهترين ۽ تز نموني اظهاري سگهي. شاعريءَ ۾ خاص طور تي ان سڀ جي اهميت ڪجهه گهٽي آهي. جو شاعريءَ ۾ ٿورن لفظن ۾ گهڻي ڳالهه ڪرڻي هوندي آهي. ان ڪري ئي شاعريءَ ۾ لفظن جي صرفي سان استعمال جي اهميت آهي ۽ اهو پڻ شاعريءَ جو هڪ گڻ شمار ڪري سگهجي ٿو. صحيح ۽ تُز لفظ جي استعمال جي اهميت بابت وليم هينري هيڊسن (William Henry Hudson) چوي ٿو تہ:

"The Precision which arises from the right use of the right words, the lucidity which results from the proper disposition of such proper words in formation of sentences, propriety or harmony which should exist between the said and the phrasing of it, and so on."

سو اهڙي ريت لفظ ۽ سُر، آواز ۽ آهنگ – شاعريءَ ۾ هڪ مڪمل تاثر، خيال ۽معنيٰ ماڻين بہ ٿا ۽ منتقل بہ ڪن ٿا.

**لفظ:** لفظ (word) اصل ۾ ٻن يا ٻن ڪان وڌيڪ صوتين (sounds) جي هڪ مرڪب صورت يا ترتيب آهي. ان لفظ کي اسين زبان سان ادا ڪريون ٿا ۽ اکرن جي صورت ۾، تحريري شڪل ۾ لکون بہ ٿا. جڏهن تہ مختلف ٻولين وٽ ساڳي صوت يا آواز (sound) کي تحريري صورت ۾ لکڻ جون صورتون عموماً مختلف آهن. هر ٻولي پنهنجي فطري مزاج آهر لفظ سان سلهاڙيل ان خاص صوتياتي ترتيب وسيلي ڪنهن مخصوص تصور يا خاص جذبي کي جنم ڏئي ٿي، جيڪو روايتي طور ان خاص لفظ سان سلهاڙيل آهي. پر اصل ۾ لفظ ان ڪان بہ وڌيڪ اعليٰ حسيت جو ادراڪ رکي ٿو. جيئن جان اسٽيورٽ مل (John Staurt Mill)چيو آهي تہ:

"Ever since man has been mán, all deep and sustained feeling has tended to express itself in rhythmical language, and the deeper the feeling the more characteristic and decided the rhythm."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڪوملتا، مڌرتا ۽ سُرلتا:**

گهرن ۽ عميق احساسن ڪي اظهارڻ لاءِ، زندگيءَ جي روان ردم ڪي ٽُز نموني شاعريءَ ۾ اظهارڻ لاءِ ساڳي Rhythmical ٻولي درڪار آهي. نفيس جذبن ڪي اظهارڻ لاءِ نفيس ردم درڪار آهي. جڏهن ته زندگيءَ جي کُهراڻ، ڪوڙاڻ ۽ اُڪراڻ ڪي اظهارڻ لاءِ harsh ۽ ڪڏهن ڪڏهن harsher tones پڻ درڪار آهن. لطيف سائينءَ جي شاعري پڙهي اسان تي اهو منڪشف ٿئي ٿو، ته لاڪيٽي لطيف وٽ زندگيءَ جون تمام تر نفاستون ۽ گهرايون تخليقي طور تي ئي موجود آهن. شاهه لطيف زندگيءَ جي فطري رواني، لئي ۽ آهنگ ۽ زندگيءَ جي سموري تحرڪ ۽ تموَج ڪي اوتري ئي گهرائي، گيرائي، نفاست ۽ نزاڪت ۽ ابلاغ عطا ڪري ٿو. هو پنهنجي اعليٰ ترين حسيّت ڪي ڏاڍي ڪوملتا، مڌرتا ۽ سُرلتا سان پنهنجي رنگ _ سُرنگ ۾ re_create ڪري ٿو. ان سموري شاعرائي سفر ۾ سُر لهر، بحر وزن (ڇند)، گهاڙيٽو لفظ، قافيا، تشبيهون، استعارا، غرض ته شاعريءَ جو خوبصورت ترين metaphor ڪري هن جي وجدان ڪي نکاري بيهاري ٿو ۽ اسين امداد حسينيءَ جي لفظن ۾ هيئن چئي سگهون ٿا ته:

”لطيف جو ڪلام ماترڪ ڇند تي آڌارڪ. بيت جي گهاڙيٽي (form) ۾ آهي. بيت سُريلي (lyrical) صنف هئڻ ڪري فطرت سان هم آهنگ آهي ۽ ان ڪري ئي بيت جي صنف فطرت وانگي سادي به آهي ته ڳوڙهي به! هونئن ڏسڻ ۾ بيت جي صنف ايڏي ته سولي ٿي لڳي، جو اسان جو عام ماڻهو به بيت چئي سگهي ٿو. پر سچ ته اِهو آهي ته سيني پارين سهٽو ۽ سچو بيت چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ ڪلاسيڪل شاعرن وٽ ته وجدان جي ڪوٺاريءَ ۾ تپي بيت جي صنف ڪُندن بڻجي ٿي وڃي ۽ لطيف وٽ ته بيت جي صنف پوري عروج تي پهچي آيت جو رتبو ماڻي ٿي وڃي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيت ۾ پانيو ماٿيا، آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي!"

(امداد حسيني. "پرين پٽانءِ گج جيئن". شاهه ۽ سنڌ—شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ص: ٣٤_٣٥)

**ڇيرو، ڇر، ڇرات:** لطيف سائين ٻوليءَ جو وينجهار آهي. هو "لفظ جي طاقت" کان بخوبي آگاهه آهي ۽ هُن لفظن جي ان طاقت جو پنهنجي شاعريءَ ۾ ڀرپور استعمال ڪيو آهي. "لفظ" هن جي شاعريءَ ۾ ميڻ جيان رجن ٿا. ۽ هُو ان ۾ سمورا اندلني رنگ ڀيٽي ٿو. ۽ پوءِ هُو جو چاهي ان کي آڪار ڏيئي سگهي ٿو. "لفظ" لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ ڇيري، ڇَر، ڇَراٽ جيان ڇرن ٿا: پوءِ اهو "ڇيرو" ڀل تہ "ٻاروچل" جو ٻاريل ئي ڇو نہ هجي:

"ڇيرو اندر ڇندڙي، وٺو ٻاروچلُ ٻاري!"

اهي ئي ڇيري جيان ڇرندڙ ۽ پرندڙ "لفظ" هُن جي تخيل جي ٿڏاڻ ۾ "مارڳ" تي "ماڪ" جيان وسن ٿا:

اڄ بہ وسائي اونيين، مٿي مارڳ ماڪَ!"

شاهه لطيف جي شاعري زندگيءَ جي متحرڪ جذبن جي شاعري آهي ۽ لطيف سائينءَ جي سسئي انهن ئي متحرڪ لفظن جي "توهہ تڳي" تي، ۽ "پراهين پار" پري ٿي ۽ "توڙ تائين تاٿي" ٿي ۽ "ورڻ" جي نٿي واري:

"ڪميٽي! ڪيچين لئہ، پُورج پراهين،
تاڇ تيڏانهين، وارج ڪا ۾ وَرَڻ جي."

۽ تڏهن ئي سسئيءَ جي سچي سڪ ۽ اُڪير لاءِ "ٻَرُ مڙوئي ٻوءِ" ٻڄي ٿو وڃي ۽ "ڇپَرَ ڇاڻون" مُڪي ٿو۔

"اديون! آريچن جا، وٿن مُڪا واسَ،
آيل! ٻَني آسَ، پنهون آيو ڪيچ ۾."

اديون، آيل، آريچا، ڪيچ، پنهون، وڻ، واس، آس ـ ٻارنهن تيرهن لفظن جي هن ٻـ سٽي بيت ۾ لطيف سائين پورا اَٺ تجريدي ۽ تفريدي ڪردار اسان آڏو هڪ وسيع منظر ۽ پس منظر سان ائين ڦهلائي ٿو، جو ان ۾ زمان ۽ مڪان جون سڀ وسعتون سمائجيو وڃن. اهو ئي لطيف سائينءَ جي تمثال جو ڪمال آهي.

**تخليقيت جو گڻ:** شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اسان کي figures of speechجو خوبصورت ترين استعمال ملندو. Figures of speech جنهن کي عربي/ فارسي ۾ "صنائع بدائع" چيو ويندو آهي تـ سنڌي/ هندي ۾ النڪار" چيو ويندو آهي. ان چوڻ ۾ ڪو بـ وڌاءُ ڪونهي، تـ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ النڪارن جو استعمال هُن جي شاعريءَ جي حسن بيان، نازڪ خياليءَ ۽ سندس تخليقيت جي گڻ کي اُجاگر ڪري ٿو. لطيف سائينءَ لفظ جي معنوي توڙي صوتي، توڙي صوري صورت ۾ هم آهنگيءَ کي انتهائي artistic سطح تي پُهچي ٿو. هو جڏهن چئي ٿو تـ:

"مُنيس جَهلِ مُهارَ، ڪُنيس ڪاهه ڪَرَ هو"

تڏهن ان سٽ ۾ رڳو سسئيءَ جو ايلاز ناهي، ان ۾ هُن جو مُسڇڻ ۽ ڪُسڇڻ بہ آهي. ساڳئي وقت ان سٽ جو "صوتياتي آهنگ" بئڪ گرائونڊ ميوزڪ جو ڪم ڏيندي، انهن ڪيفيتن کي وڌيڪ اُڀاري ٿو. ان هڪڙيءَ سٽ ۾ "ٿ، جهہ، مهہ، رهہ، ه، ڪ ۽ م" جا اهي صوتيا يعني آواز ـ ڇهن لفظن جي ان سٽ ۾ ١٢ ڀيرا متواتر ورجائجن ٿا. اهو ورجاءُ سٽ جي سُريلائپ ۽ ان جي احساسياتي ڪيفيت کي ٻيڻو ٻلڪ چؤڻو ڪَري ٿو. هتي جيڪڏهن ان بيت جون ٽيئي سٽون گڏي پڙهجن تـ انهن ڪيفيتن جي مڪمل تاثر جي اسان کي پروڙ پوندي:

"مُنيس! جهل مَهارَ، ڪُنيس ڪاهه مَ ڪَرَ هو
مون نماڻيءَ جي نِجُهري، پيروَ ڪج پٽارَ،
ساڄن! توهان ڏارَ، ڏئر ڏينهن قيام جو!"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن بيت جي ٻي سٽ ۾ "ن ۽ م" جي آوازن جو مسلسل ورجاءُ (پهرئين پد ۾) بلڪ "ن" ۽ "ٻ" جي alliteration سان گڏ "ر" جي consonance جو ورجاءُ. ٽين سٽ ۾ "ڏ" جي alliteration سان گڏ "ن" ۽ "ر" جي consonance جو استعمال ۽ "ق" (اسان سنڌين لاءِ اُچار "ڪ" جو ئي) جو هلڪو ڪلر اسٽروڪ اصل ۾ پهرين ٻن سٽن سان ڪلر ڪامپليمينٽ ڪري، بيت جي هنن ٽنهي سٽن کي صوتي توڙي صوري ۽ پڻ معنوي حسن عطا ڪري ٿو.

**ننڍي ۾ ننڍو بامعنيٰ لفظ ۽ ان جي اهميت:** لطيف سائينءَ جي سٽَ سٽَ ۾ پوتل لفظن مان هڪ ننڍي ۾ ننڍو لفظ به سٽ ۾ ڪيڏو نه active ۽ ۽ بامعنيٰ حيثيت ۾ پنهنجي هڪ الڳ اهميت رکي ٿو. ان جو مثال مٿي ڏنل بيت جي پهرين سٽَ ۾ استعمال ٿيل مختصر ترين لفظ "مَ" آهي، جو هن سٽ ۾ پنهنجي انفرادي مفهوم ۽ معنيٰ ۾ توڙي صوتياتي آهنگ جي حساب سان هڪ perfect لفظ آهي. هتي ٻيو ڪو به لفظ ان کي replace نٿو ڪري سگهي. لفظ "نه" به نا! جيتوڻيڪ اتي لفظ "نه" ڏيڻ سان سٽ جي "وزن" ۾ ڪو به فرق نه پوندو، پر ان سان سٽَ جي سرلتا، رواني، نغمگي ۽ ان جي صوتياتي آهنگ ۾ گهاٽي پئي ٿيَ.

**لطيف سائينءَ جا ترُ قافيا ۽ اندروني قافيا:** لطيف سائين جڏهن هڪڙي ننڍي ۾ ننڍي لفظ کي ايڏو پرفيڪٽلي (Perfectly) استعمال ڪري ٿو، تڏهن شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ جي قافين جي ترُپتي (precision) لاءِ ڪيڏي نه حساسيت رکندو هوندو. ان ڪري شاهه جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل "لفظ" ۽ هن جي شاعريءَ جا "قافيا" پڻ گهڻي اهميت رکن ٿا ۽ نه رڳو "قافيا" پر هن جي شاعريءَ ۾ موجود "اندروني قافيا" پڻ سندس سٽن کي وڌيڪ سرل ڪن ٿا ۽ سٽَ جي سُريلائپ کي پڻ سوايو ڪنَ ٿا.

مثال طور:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ٽنين ڏنم ڏک،
سي سڀ پانيم سُک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي."

ان بيت جي پهرين سٽ جي پهرئين "پد" جا ٽيئي لفظ: "ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن"، هم قافيا ۽ هم تجنيس آهن. ان سٽ ۾ اهو ترائيڪا حقيقي معنويت هوندي به لاشعوريت جو گڻ رکي ٿو ته ساڳئي وقت شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ "اندروني قافيي (Inner rhyme) جو هڪ بيحد خوبصورت مثال آهي. ان ريت "سُر ديسيءَ" جي پهرئين ئي بيت ۾ جنهن جو اسين تفصيلي ذڪر ڪري آيا آهيون: "مُنيس" ۽ "ڪُنيس" پڻ اندروني قافين جو هڪ سهڻو مثال آهي.

لطيف سائينءَ پنهنجي بيتن ۽ واين ۾ بيحد منفرد ۽ unusual قافيا استعمال ڪيا آهن. اهي قافيا خود به سندن شاعريءَ لاءِ سون تي سهاڳي مثل آهن. مثال طور "سُر ديسي" جي داستان پهرئين جي بيت نمبر١٧ (شاهواڻي) ۾ "ايندا" ۽ "ويندا" جي عام سادن سودن قافين سان گڏ ٽين سٽ ۾ "دَميندا" هڪ نئون ۽ منفرد قافيو آهي:

"جَتُنُ ڪِجِ جَتَن جو، آيا ڪِي ايندا،
وٺي پنهون پاهَنجو، وٽان تو ويندا،
دَمُ نه دَميندا، سڏاريندا ساٿيهه ڏي."

(شاهواڻي، ص:٥٠٦)

ائين شاهه لطيف "دم" جي هڪ نئين فعلي صورت "دميندا" کي هڪ اعليٰ ۽ ارفع خيال لاءِ استعمال ڪيو آهي. ائين شاعريءَ ۾ هڪ غيرمستعمل لفظ کي شاهه پهريون پيرو coinage ۾ آندو آهي. اها ئي هڪ شاعر جي ذميواري آهي ته هو پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن کي گهڙي ۽ جڙي. ان ساڳيءَ سٽ ۾ شاهه سائين هڪڙو لفظ "سڏاريندا" استعمال ڪيو آهي، جيڪو هڪ سنڌي۔ هندي لفظ آهي ۽ اڄڪلهه جي سنڌيءَ ۾ عام مستعمل به ناهي. اهو لفظ "دَميندا" سان اندروني قافيي طور پڻ آيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙي نموني "ديسيءَ" جي هن سُر ۾ ئي، هڪڙي بيت ۾ "ڪاتي" ۽ "پاتي" سان "هاٿي" جو قافيو پڻ هڪ بنهه unusual قافيو آهي. بيت آهي:

"ڪوڏر نہ ڪاتي، جنهن سان ٽڪر ٽاڪيان،
جيڪو جَبَلُ لنگهيان، سو هيبت جو هاٿِي
پرين جا پاتِي، ساڃَڙ جيئري نہ لهي."

(ص: ٥٤٠)

ان بيت ۾ مختلف النڪارن جو استعمال بيت جي حُسن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ٿو. پهرين سٽ ۾ alliteration جو حسن ۽ ڪمال ڏسو:

(1) • ڪوڏر / ڪاتي — 'ڪ' جي ايليٽريشن
• ٽڪر/ ٽاڪيان — 'ٽ' جي alliteration سان گڏ 'ڪ' جو consonanceطور استعمال _ ۽ اهوئي "ڪاف" ڪوڏر ۽ ڪاتي جي "ڪاف" کي پڻ compliment ڪري ٿو.

ان ٽي سٽ ۾ "نہ، جنهن، سان ۽ ٽاڪيان" ۾ "ن" جي گهڻاڻ، "ٽ، ر ۽ ڏ" جهڙن harsh آوازن کي نرم ۽ روان ڪري ٿي ۽ سٽ کي سَرلتا ۽ نغمگي عطا ڪري ٿي.

(2) ٻي سٽ ۾:
• جيڪو /جبل — "ج" جي تجنيبس
• هيبت /هاٿي — "هہ" جي تجنيس

• ان ٽي سٽ ۾:
i) جيڪو — اهي ٽيئي لفظ اندروني قافيا آهن.
ii) سو — ساڳئي وقت انهن لفظن ۾ "او" سُر vowel
iii) جو — جو استعمال ڏيان لهڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

- اهڙي نموني "جبل" ۽ "لنگهيان" ۾ "ل" جو استعمال consonance طور ڏيان لهڻي.

(3) اهڙي ئي نموني ٽين سٽ ۾:

- پرين / پاتي "پ" جي alliteration
- جڙ / جيئري "ج" جي alliteration

- ان ئي سٽ ۾:

i) جا انهن ۾ "جا" ۽ "سا" ٻه مختصر ترين هم قافيا لفظ آهن – ته ساڳي وقت جا، پا ۽ سا" جي صوتين ۾ "آ" سُر جو استعمال ۽ "جيئري" جو "ري" ۽ "لهي" جي سٽ جي سَر لتا کي وڌائي ٿو.

اهڙي نموني لطيف سائينءَ هڪڙي بيت ۾ لفظ "حيران" سان "بيران" کي قافيي طور تمام خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيو آهي. "بيران" اصل ۾ لفظ "ويران" جي سنڌي صورت آهي۔ ۽ اتي اها سنڌي صورت "بيران" لطيف سائين بنهه perfectly استعمال ڪئي آهي۔ جو اتي "ب" جي تجنيس آندل آهي، ان ڪري بيت ۾ "برپٽ بيران"، آڻي، لطيف سائين پنهنجي بي پناهه تخليقيت جو ثبوت ڏنو آهي ۽ سٽ کي سر لتا بخشي آهي ـ ۽ اهو ئي هڪ اعليٰ شاعر جي هنرمنديءَ جو ڪمال آهي. اچو ته اهو بيت پڙهون:

"ڪرڙا ڏونگر ڪا گهٽي، جت بَرپَٽ بيرانُ،
ڏاهَن ڏاهپ وسري، ٿِئا حَريف ئي حيرانُ

چئن سٽن جي ان بيت جي مٿي ڏنل ٻن سٽن ۽ چئن پدن ۾ ڪ ڪ، ب ب، ڏ ڏ ۽ ح ح جي alliteration as usual گهٽي اهميت رکي ٿي. پر ان سان گڏ ٻنهي سٽن ۾ "ر" جي consonance جو مسلسل استعمال سٽ جي صوتي تاثر کي وڌائي ٿو. ان ريت ٻي سٽ ۾ "هه" جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آواز جو مسلسل ورجاءُ "ڏ" ۽ "ر" جي consonance کهرانَ کي هلڪو ڪري ٿو ۽ سٽ کي سرلتا بخشي ٿو.

لطيف سائينءَ "ڏاهن ۽ ڏاهپ" جهڙن نج سنڌي لفظن سان گڏ ساڳيءَ سٽ جي ٻئي پد ۾ "حريف ۽ حيران" جهڙا نِج عربي لفظ ايڏي خوبصورتيءَ سان جَڙيا آهن، جو لطيف سائينءَ جي ٻوليءَ جي مهارت، هن جي علميت ۽ ساڳئي وقت هن جي "فنڪاريت" ۽ "ڪماليت" کي دل سان ميڃڻو پئي ٿو. انهن ٻن سٽن مان هيٺين ٽن لفظي جوڙن تي جي اسين ٿورو غور ويچار ڪريون:

(1) ﺑَﺮَ ﭘَﭩ ﺑﻴﺮﺍﻥ

(2) ڏاهن ڏاهپ

(3) حريف حيران

تہ اسين سنڌس شاعريءَ جي اونهي معنويت ۽ اعليٰ حسيَت جا ٻڻ قائل ٿينداسين. لطيف سائينءَ جي ٻوليءَ جي مهارت سان گڏوگڏ سنڌس Intense artistic attitude جو اسان کي قائل ٿيڻو پوندو.

اسين طوالت کان بچڻ لاءِ لطيف سائينءَ جون ڪجهہ چونڊ سٽون هتي ڏينداسين، جن جا قافيا بنهہ منفرد ۽ unusual آهن ۽ جي انهن سٽن ۾ سونهن پُڻ ٿا:

"سُڪيون نہ سيٽڻ جي، ماڳن تان ماڪون"

سُڪيون/ سيٽڻ – ماڳن /ماڪون ۾ تجنيس جو ڪمال تہ ن، ڻ ۽ ڪ جا consonance— سٽ جي معنيٰ جي حُسن کي اظهارڻ لاءِ سهسين سٽون درڪار آهن. بيتن جي ان ساڳي سنگهر جو هڪڙو ٻيو بيت آهي، جَنهن جو "قافيو" ٻڻ ساڳيو ئي صوتياتي آهنگ رکي ٿو. بيت آهي:

"جَتَن سان جانڪون، سَرَتيون! مُون سَڳ ٿئو،
ڪَرِيَ ڪوهيارو وئو، ٿُن چِني تانڪون،
آئون پڻ تڏاڪون، اڌ ڏُڪوئي آهيان."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**قافيو:**

جانڪون
تانڪون
تڏانڪون

**تجنيس حرفي:**

- جتن / جانڪون
- سرتيون / سَڱ
- ڪري / ڪوهيارو
- تن / تانڪون

بيت جي تنهي سٽن ۾ "نون" جو آواز مسلسل ورجائجي ٿو. ان ست ۾ "آن" ۽ "اُون" جي گهٽي سُر vowel جي مسلسل ورجاءَ سان گڏ "ر، و ۽ ڪ جو consonance پڻ تنهي سٽن ۾ ورجائجي ٿو. اهي سڀ ٽيڪنيڪي خوبيون ۽ خوبصورتيون لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جو لاشعوري طور تي حصو بڻجن ٿيون. اهي انهن بيتن جي اعليٰ معنويت جو اڻ ڇڄندڙ حصو آهن. ان اعليٰ معنويت جو پورو ڪلائميڪس آهي. سسئيءَ جي اها اڏ ڏکويل رڙ جا لطيف سائينءَ پوري ڏک مان چئي آهي تہ:

"آئون پڻ تڏاڪون، اڏ ڏکوئي آهيان!"

**ضميري پچاڙيون:**

لطيف سائينءَ جهڙن عظيم شاعرن جي ٻولي سندن گولي هوندي آهي. اهي اعليٰ ۽ ارفع تخليقڪار لفظن کي موتين جيان جڙيندا آهن. تڏهن ئي انهن جون سٽون 'اٿتوريا اُملهہ' آچيندڙيون آهن. لطيف سائينءَ جي ٻوليءَ جي مهارتَ ۽ اونهي ۽ بلند معنويت لاءِ هو ٻولي توڙي شاعريءَ جي هر ڳڻ کي سگهڻ بڻائيندو آهي. نہ رڳو هن جي قافين ۽ اندروني قافين جو حسن هن جي سٽن کي يڪتائيت عطا ڪري ٿو. پر لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي ضميري پچاڙين جو پڻ بي مثال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

استعمال مليو آهي. لطيف سائين پنهنجي ڪن بيتن ۾ ضميري پڇاڙين وارن اهڙن سهڻن لفظن کي جڏهن قافيي طور استعمال ڪري ٿو ته پوءِ ته بنهه سون تي سهاڳو آهي. اهڙو ئي هڪڙو سيني وصفين سهڻو بيت ڏسو/ پڙهو:

پَرينِ پالِيياس، پانهِ پيتي آهيان،
حُسن هوت، پُنهوءَ جي، ماري موت وڌياس،
جانکين تان جيندياس، پِيئَس وَرِ وصال جي.

سنڌي هن خطي جي اها يڪتا ٻولي آهي، جنهن ۾ suffixes (پڇاڙين) جو ايڏو خوبصورت ۽ ڀرپور استعمال ملي ٿو. ۽ شاهه لطيف ان کي پنهنجي يڪتا انداز ۾ پيش ڪري، پنهنجي تخليقيت جو حسن پَسايو آهي. شاعريءَ ۾ سُريلائپ مناسب ۽ بامعنيٰ لفظن ذريعي حاصل ڪجي ته ان جو ڪو به نعم البدل ناهي. لطيف سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ لفظن ۾ موجود صوتي ۽ صوري آهنگ سان لفظن جي معنويت ۽ ان جي مزي ۽ لطف کي ٻيڻو ڪري ٿو. جيئن ennedy .X.J چئي ٿو ته:

"The sounds of words in itself gives pleasure." (P_52)

شاهه لطيف هيٺين بيتن ۾ لفظن ۽ آوازن جو جادو ڪيئن ٿو جاڳائي- ڏسو/ ٻڌو:

سڪي جان سُتياس، تان سڪَ سُمهَڻُ نه ڏيئي،
جاڳي سُتيس جن لئه، سيَ آيا تان نه اٿياس،
پينرا! آءُ پليياس، ناته سڪَ سُمهڻ چا لڳيگ"

**هن بيت جا قافيا:** "سُتياس، اٿياس، پلياس، Suffirs جو خوبصورت مثال آهي. هن بيت جي ٽنهي سٽن ۾ "س" جي آواز جو سُريلو پڻ ڪنهن magic ritual وانگر_ آواز جو اهو جادو مسلسل چانيل آهي. — پر ڪٿي به بيت جي معنيٰ کي ڪا به ضرب نٿي رسي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"س" جي آواز جو اهو مسلسل ورجاءُ هر جاءِ، هر پاسي آهي:

- سڪي
- سَتياس
- سڪ
- سَمهڻ
- سُتيس
- سي
- اتياس
- پُلياس
- سڪ
- سَمهڻ

ٽن سٽن جي ان بيت ۾ ١٢ ڀيرا "سين" جي آواز جو ورجاءُ لفظن جي پنهنجي مڪمل معنويت سان ڪنهن اڻ وسهندڙ ڪمال ڪان گهٽ ناهي. لفظن ۽ آوازن جي ٻين جادُن ٿائين اوهين خود به رسڻ جي ڪوشش ڪريو. بهرحال محض ان هڪڙي بيت ۾ ٻوليءَ جو حُسن، معنيٰ جو حُسن، سُرتال جو حسن، فڪر ۽ خيال جو حُسن حيرت انگيز نموني هڪ ٻئي ۾ سمايل آهي.

"سر ديسي" جو هڪ ٻيو بيحد خوبصورت بيت آهي. مٿئين بيت جيان ئي:

"ماڙِڪُ مٽَ سندوم، اُنداهيءَ ۾ سوجهرو،
خَشَرَ ويلَ حسابَ جي، ڇڏي نـه ويندوم،
ساريو سڌ ڪَندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏٿي.

اڳئين بيت وانگيان ئي هن بيت جا ٽيئي قافيا: "سندوم ويندوم، ڪندوم" ڀڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ suffixes جي استعمال جا نهايت سهٽا مثال آهن. شاه لطيف وٽ ضميري پڇاڙين جو بيحد آرٽسٽڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

استعمال ملي ٿو. جيڪو ٻوليءَ تي لطيف سائينءَ جي دسترس کي ظاهر ڪري ٿو. جڏهن تہ انهن گڻن جي استعمال سان سندن بيتن جي معنويت ٻہ آتشہ ٿيو وڃي.

**صوتي قافيا:** شاهہ لطيف جن شعري گڻن ۽ خوبين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو آهي، انهن ۾ "صوتي قافيا" پڻ گهڻي اهميت رکن ٿا. جيئن تہ اسان جو موضوع رڳو "سر ديسي" آهي، ان ڪري آءٌ پاڻ کي "سر ديسي" جي بيتن تائين محدود رکندي، حقيقت بيان ڪريان ٿي، تہ "سر ديسي" جي ڪيترن ئي بيتن ۾ لطيف سائينءَ "صوتي قافيا" استعمال ڪيا آهن. هتي آءٌ "سر ديسيءَ" جي آخري وائيءَ کي "صوتي قافين" جي خوبصورت مثال طور پيش ڪنديس – جنهن جي ٽل ۾ لفظ "ٻانهي" قافيي طور آيو آهي:

"چوري چڏ مَ ڇپَرين، ٻاروچل ٻانهي"

ان کان پوءِ ايندڙ سٽ ۾ لفظ "ثاني" قافيو طور اچي ٿو:

"جانبِ جهڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ثاني"

اها وائي "صوتياتي قافيي" تي آڌارڪ آهي ۽ ان جو صوتي قافيو سُر (vowel) "اِي" آهي. جو تہ ان سٽ کان پوءِ ايندڙ سٽن جي پڇاڙيءَ ۾ "ني" نہ پر "ٽي" اچي ٿو. جهڙوڪ: پاٽي، وڪاٽي، پَرٽياٽي، آرياٽي وغيره. جيئن هڪڙي سٽ آهي تہ:

"پورهيو ڪنديس پرَ جو، پرينديس پاٽي"

ان وائيءَ جو قافيو هڪ "صوتياتي قافيو" آهي، ان وائيءَ جو قافيو اصل ۾ سُر (vowel) تي آڌارڪ آهي، ان ڪري ئي اها هڪ انتهائي سُريلي وائي آهي. اهي سُر الهامي سُرن کان ڪمتر بنهہ ناهن. تڏهن تہ ڊاڪٽر سورلي (H.T. Sorely) ان ۾ "music, ecstasy" ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(Musa pervagans – P_3) Sublime adoration جا سمورا رنگ، سُرنگ پسي ٿو. ايڇ. ٽي سورلي لطيف سائينءَ جي سَگهڙين سٽن بابت ڪامل يقين سان چئي ٿو:

To me he is the most worthy poet in the whole of the present selection. His poetry, like all sindhi verse, is completely lyrical and meant to be intoned or sung, as in fact it always is. The East has not yet divorced poetry from its natural origin in recitative and song.

(Musa Pervagans, P: 1 1)

جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو، تيئن تيئن شاهه لطيف جي اهميت اسان تي وڌيڪ اُجاگر ٿيندي ويندي ۽ لطيف سائينءَ جي ڪلام مان نوان نوان موضوع، نيون نيون معنائون ۽ نوان نوان روپ سروپ، نوان نوان رنگ – سُرنگ، نوان نوان واس ۽ وَرن لطيف جي چاهيندڙن کي لکڻ لاءِ اُتساهيندا رهندا ۽ اُهي لطيفي مڌ جون سُرڪيون جيئن جيئن سُرڪيندا، تيئن تيئن سندن لڙ وڌندي رهندي.

"اُن ٿڙ منجهان تڪ، پيتي پاڻ لُڙ ٿيي!"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ جي ٻولي

اهو بلڪل سچ آهي تہ سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي. جيئن تہ وقت گذرڻ سان ٻوليءَ ۾ تبديلي واقع ٿئي ٿي، يا ائين چئجي تہ ٻوليءَ ۾ هروقت واڌارو ۽ سڌارو ايندو رهي ٿو. ڪي تہ ائين بہ چون ٿا تہ اُهو ٻوليءَ جو بگاڙو آهي، سڌارو ناهي. ٻولي هڪ وهندڙ درياهہ جيان آهي، جنهن تي ڪوبہ بند ٻڌي ڪونہ سگهبو. لطيف سائينءَ جي زماني جي سنڌي ٻوليءَ ۽ اڄوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو ئي فرق آهي. لطيف سائين پنهنجي زماني جي عام رائج سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي. ٻولين ۾ نہ صرف صوتي ۽ معنوي تبديليون پيدا ٿين ٿيون، پر صرفي ۽ نحوي تبديليون بہ واقع ٿين ٿيون. شاهہ صاحب جي زماني جون ڪيتريون ئي صرفي- نحوي خصوصيتون اڄ جي رائج ٻولي ۾ ناپيد آهن.

شاهہ جي ڪلام ۾ ڪي آواز يعني وينجن يا سُر مٽيل ملن ٿا، اهڙين تبديلين جو اڀياس دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي. **سُر ديسيءَ** جي حوالي سان بہ چار مثال، هت پيش ڪجن ٿا:

لڪئيَ آءُ لڏي، نات پٽن ڪير پٽ ڪري

هن سٽ ۾ "نات" لفظ ۾ / آ/ سُر آيل آهي، جيڪو اڄ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪونهي.

ساڄن توهان ڌار، ڏنر ڏِيهہُ قيام جو.

هن سٽ ۾ ڪر آيل لفظ "ساڄن" ۾ / ڄ/ آواز شامل آهي، جو اڄ جي ٻوليءَ ۾ / ڄ/ آواز تبديل ٿي ويو آهي، ٻيو لفظ "ڏِيهہ" آهي، جنهن مان غنائي/ گهڻائي نڪتل آهي، جڏهن تہ اڄ هيءُ لفظ "ڏينهن" ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اچاريو وڃي ٿو.

تہ هوت تهجو هي، پنهو نيائون نہ پاڻ سين.

هن سٽ ۾ ٻنهي لفظن "تهجو" ۽ "پنهو" مان 'ن' غنو حذف ٿيل آهي، اڄڪلهہ هي لفظ "تنهنجو" ۽ 'پنهون' ڪري استعمال ٿي رهيا آهن.

چنڊ تان نہ پئو هي سگ نہ چنڊ جيهڙو.

هن سٽ ۾ "جيهڙو" لفظ ڪم آيل آهي. هن لفظ جي وچ مان / اي/ سُر نڪري ويو ۽ هاڻ هي لفظ "جهڙو" بڻيو آهي.

جڏاه ڪن فيڪون چئي، نئو آرياٽي لرواح

"جڏاه" لفظ لطيف سائينءَ جي زماني ۾ "جڏهن" جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو هو.

ايرادي آئي، سانگين سين سگ ڪئو.

"ايرادي" لفظ مان/ اي/ سُر حذف ڪري لفظ "ارادي" ٿيو آهي، جيڪو اڄڪلهہ مروج آهي.

پريتن پالييااس، ٻانيڻ ٻيٺي آهيان.
حسن هوت پنهوءَ جي ماري موت وڏيياس
جانڪي تان جينديااس پيس ور وصال جي!

هن بيت ۾ پالييااس، وڏيااس ۽ جيندياس ڪم آيل لفظ بلڪل انوکا آهن. هاڻ اهي لفظ 'پاليس' وڏيس ۽ جيئندس' جي روپ ۾ ڪم اچن ٿا.

حضرت شاهہ عبداللطيف جي زماني جون صرفي سٽائون بہ مختلف هيون. لطيف سائين حالت جريءَ لاءِ / آ/ آن/ اين/ ۽ / ئون/ پڇاڙيون ڪم آنديون آهن. اڄڪلهہ گهٽو ڪري/ آن/ ۽ /ائون/ پڇاڙيون ڪم اچن ٿيون. سر ديسيءَ ۾ ڪم آيل حالت جريءَ جا مثال هن ريت آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏاگهنئون ڏيرن، جي آندا ٻرد پنيور ۾.

–

پڇاڻا پرين، ڪجي بس پنيور ڪان.

–

هوت پنهو ٿا نين، ٻاروچي ٻولي ڪئو.

هت ٻاروچي لفظ ۾ /اِي/ پڇاڙي حرف جر جي بدران ڪم آئي آهي.

ڪيچا اوري ڪيتريون، معذوريون ميون

–

ڪيچا آيو قافلو، رات موچاري روءِ.

–

ڪيچان آيو قافلو طرح موچاري توڏ.

هنن سٽن ۾/ آ/ ٻه ڪم آيل آهي تہ /آن/ ٻه، جيڪي حرف جر جي نشاني آهن.

پَرهي ويٺيون پٽ، گندر ٿي گوليين.

"گوليين" لفظ ۾ / اِين/ پڇاڙي حرف جر، (يعني گولين تان) ڪم آيل آهي.

ناڪاريت لاءِ لطيف سائين، 'نہ' ۽ 'مَ' ڪم آندا آهن تہ پيا بہ ڪجھ لفظ استعمال ڪيا آهن. مثال هيٺ ڏجن ٿا.

مٺيس! جهل مهار، ڪنيس ڪاھ مَ ڪرهو.

–

ڏاڍيءِ نہ ڏاگهن ڪي، اوڳي ساڻ اڳٿ.

–

جن جو پير نہ لڳو پٽيين تن آير ساڻ ٿن

–



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اٿ ھَر اوري آڻ، ڏاگهن ڏڏي آهيان.

—

جتن يارلو ڪيچن مون سين ڪون ڪئو.

—

ور ۾ ڪونه ورُ ڏيرن ور وڏو ڪئو.

سنڌي ٻوليءَ جي مصدر ”ڪرڻ“ مان جيڪي ٻيا لفظ ڦٽن ٿا، تن ۾ ’ر‘ شامل هجڻ گهرجي، پر / ر/ آواز اهڙن لفظن مان گر ٿي ويو آهي. لطيف سائينءَ جي زماني ۾/ ر/ آواز ”ڪرڻ“ مصدر مان نڪتل لفظن ۾ موجود هو. ننڍي کنڊ جي ڪن ٻولين جهڙوڪ سنسڪرت ۽ سرائيڪي ٻوليءَ ۾ اهو آواز موجود آهي. ڊاڪٽر الانا جي خيال ۾ چار پنج سؤسال اڳ/ ر/ جو اچار ڪيو ويندو هو.(١)

سُر ديسيءَ مان هڪ سٽ ۾ /ر/ اچار هن طرح آهي:

لڙئو چڙهئو چوٽيين، ڪرئو ڪوه ڪرن!

لطيف سائينءَ جي ڪلام ۾ ضميري پڇاڙين جو هڪ نظام موجود آهي، جيڪو اڄ جي دور ۾ گهٽ سُسي چڪو آهي. شاھ صاحب ضمير متڪلم لاءِ /م/ س/ يان/ ۽ / آن/ پڇاڙيون ڪم آنديون آهن. سُر ديسيءَ مان ضميري پڇاڙين جا چند مثال هت پيش ڪجن ٿا:

(١) ساجن توهان ڏار، ڏنم ڏيه قيام جو.

ـ م / پڇاڙي ضمير متڪلم لاءِ

(٢) ڏاگهن ڏيرن، ڏونگرن ٿنين ڏنم ڏڪ.

ـ /م / پڇاڙي ضمير متڪلم لاءِ

(٣) اڱڻ مئي اوپرا، جڏه ڏاگها ڏيه ڏٺاءِ.

/آءِ/ پڇاڙي ضمير حاضرلاءِ

(۴) ڪنجون جي قفلن جيون تان ڪه لل لڪاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

/آ/ پڇاڙي ضمير حاضر لاءِ.

(٥) مدي ڏيرن من ۾، ڪلڻو ڪيڪاريان.
صبوح ٿي ساريان، تہ اٺ نہ اوطاقن ۾.

/يان/ پڇاڙي ضمير متڪلم لاءِ.

(٦) اڳڻ متي اوپرا، جڏه ڏٺءِ اٺ.

/ءِ/ پڇاڙي ضمير حاضر لاءِ.

(٧) پنيوليس برن ۾، پسي پيندين پير.

/س/ پڇاڙي ضمير متڪلم لاءِ.

(٨) پنهو نيائون پاڻ سين، تاڙيون پيچي طاق.

/ئون/ پڇاڙي ضمير غائب لاءِ.

(٩)سرتيون! دعا ڪجاه تہ ميڙائو مون ٿئي.

_ هن سٽ ۾ بيحد انوکي پڇاڙي/ آه/ ڪم آيل آهي، جيڪا ضمير حاضر جمع جي لاءِ ڪم آيل آهي.

(١٠)وار وڏي واڳون ڪريان، پُنان هُند پلاڻ.

/ آن/ پڇاڙي ضمير متڪلم لاءِ.

(١١)پريتن پالبياس، ٻانپڻ ٻيٺي آهيان،
حسن هوت پنهونءَ جي، ماري موت وڌياس،
جانڪين تان جينڊياس پيس ور وصال جي

_ هت / س/ پڇاڙي ضمير متڪلم لاءِ ڪم آندي وئي آهي.

سُر ديسيءَ ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا چيدا چيدا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن، جيڪي بلڪل عام فهم آهن:
قيام، حرف، معاف، حد، راحت، ارواح، ميثاقاءِ، حديث، دعا، مباح، اختيار، مذڪور، شڪر، سرڪش، شڪستي، حق، پيغام، جابر، حشر، قول، صبر، صابر، مادر، قاصد، حبيب، سرگردان، معذور، حماتي (حمايتي).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لحظو، واحد، لطف، پاڪ.

سُر ديسيءَ جي داستان ٻئي ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهه جو هڪ عربي قول ڏنل آهي. قرآني آيتن تي مشتمل ڪجھ فقرا ٻه سُر ديسيءَ جي زينت وڌائين ٿا.

شاهه جي ڪن رسالن ۾ هيٺ ڏنل ست بيت شامل آهن، جن ۾ بلوچي لفظ ۽ فقرا شامل آهن:

بُرو ڦازا بات جن جي، ٿانگو روان ٽيشي،
ڏين پارسيون پاڻ ۾، آيزا بليشي،
ليڙا رات لطيف چئي، نڏائون نيشي،
پنهون پرويشي، ڪچ پيادن پنڌ ۾.

—

بُرو بگيرد بام بليخا، مون پروڙي مام،
توءِلئي توءَ مان خشتگان چلي چپر جي لام،
اچي پئي تنهن سام، دراه ڪن جي.

—

جيڪر روان روش، مروشي محبوب ڏي،
منا گشي مَولد ئي، ديوان پنهونءَ دوش،
توءِ گوڪي منين گوشُ سُٽي مان سَگهي ٿيان.

—

ڦازا ڦيريائون، مهارون مين جون،
مَروشي جبل روون، وائي واريائون،
مون ڪي ماريائون، ٻاروچي ٻولي ڪري.

—

ڦازا ڏير ڦگهين ويا، هٿا جوراٿا جت،
ايد اَنڌَو ايگلوا، هن پلاٽيا پربت،
ماٿهو ڏينر مَٽ، آءَ لڇ بلو چيون نشتگان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

—

داسا  داڪا  داري،  هنداڙي  هئام،
هردا سا هن خال جي، هتي هوت ڏنام،
پذيري ايندام، پائي پيچ پريت جو.

—

برو بگيرد بي، تا ڏين پارسيون پاڻ ۾،
مون لوڏائي لَڪيا، تہ هاجو ڪندا هي،
ماريندا مون کي، پنهون نيندا پاڻ سين.

ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو: هنن بيتن ۾ هروڀرو بلوچي لفظ ۽ جملا ٽنبيل آهن. ميرصاحب واري قلمي نسخي ۾ مڙئي ارڙهن اهڙا اڌ سنڌي ۽ اڌ بلوچي بيت هڪ جدا داستان ۾ ڏنا ويا آهن. هر حاشيي تي فارسيءَ ۾ لکيل آهي: (ترجمو).

سالڪن جو رهنما حاجي ميان احمد ڀٽائي چوي ٿو تہ. هي بيت پنهنجي ڀاٽيجي کان سواءِ بي ڪنهن کان بہ سماع ۾ نہ ٻڌا اٿر ۽ نڪي ڪي مون وٽ انهن بابت ڪا سند آهي ۽ درگاهہ جي ٻين پاڪ معتبر ماڻهن کان معلوم ڪيو اٿر تہ هي بيت شاهہ صاحب جو ڪلام نہ آهن. پر اتفاق سان پوين فقيرن کان ٻڌي رسالي ۾ درج ڪيا ويا آهن.(۳)

استعارا ۽ تشبيهون ٻوليءَ جي سونهن ۾ اضافو ڪن ٿا. ۽ معنوي لحاظ کان شعر جي اهميت وڌائين ٿا. سُر ديسيءَ ۾ استعارا ۽ تشبيهون نهايت اعليٰ معيار جون آهن:

هيءَ ڪميٽي ڪيس، تون پارس رسج پپ ۾.

پارس اهو قيمتي پٿر آهي، جنهن سان لوهہ کي ڇهبو تہ سون ٿي پوندو. هت پنهونءَ لاءِ هي لفظ استعاري طور استعمال ڪيل آهي.(۴)

ولهيءَ هت وسائيا. سندا محبت ميه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"محبت جو مينهن" استعارو نهايت ئي خوبصورت آهي.

ماٺڪ مٺ سندوم، لوندا هيءَ پر سوجهرو.

هت سسئيءَ جي واتان پنهونءَ لاءِ "ماٺڪ" لفظ استعاري طور ڇِورايو آهي.

سر ديسيءَ ۾ بحري ٻاز، هرڻ، ڪانيو ۽ ڪارو وغيره لفظ به علامتي طور ۽ استعاري طور ڪم آندا ويا آهن.

حوالا:

(۱) الانا، ڊاڪٽر غلام علي، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، سنڌالاجي، ۱۹۸۷ع، ص ۱۰۹.

(۲) مرزا قليچ بيگ، شاهه جو رسالو، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ۱۹۹۴ع، ص ۳۵۸ _ ۳۵۶.

(۳) گربخشاڻي، ڊاڪٽر هوتچند، شاهه جو رسالو ٻيو جلد ۱۹۹۳ع، ص ۳۸۴.

(۴) ڊاڪٽر ڪلثوم شاهه، شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ استعاري ۽ تشبيه نگاريءَ جو تحقيقي جائزو، شاهه لطيف چيئر، ڪراچي ۲۰۰۴ع، ص ۲۴۱.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ جون لسانياتي خوبيون

شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ جتي خيال جي اونهائي آهي تہ اتي اظهار جي انفراديت بہ موجود آهي. جيڪڏهن سهڻي سوچ ۽ جذبن جو وسيلو يعني لفظن جو استعمال برمهل نہ هوندو تہ سوچ جي سچائي ۽ سونهن جو بيان اثرائتي نموني نہ ٿي سگهندو. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ خيال ۽ جذبن سان گڏ بيان جي بہ نواڻ ۽ لفظن جو خوبصورت استعمال آهي. تشبيهون، اصطلاح، محاورا، چوٽيون، شاعريءَ جون صنعتون، لفظن جا گهاڙيتا، وياڪرڻي اصولن موجب لفظن کي ڪم آڻڻ، سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن جو بيان، اهڙي تہ سهڻي نموني ڪيو ويو آهي، جنهن شاهہ جي ڪلام کي لافاني ڪري ڇڏيو آهي. اچو تہ شاهہ جي ڪلام جي انهن خوبين جو هڪ مختصر جائزو "**سُر ديسيءَ**" مان وٺون.

هن سُر ۾ شاهہ لطيف، سسئي پنهونءَ جي داستان جو اهو حصو بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ پنهونءَ جا ڀائر سسئيءَ جي سُتي پنهونءَ کي ڪيچ ڏانهن وٺي وڃن ٿا ۽ سسئي جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿئي ٿي تہ پنهونءَ جي ڳولا ۾ پوريان وڃي ٿي. هن سُر ۾ جدائيءَ جا ورلاپ آهن.

هن سُر جي ٻوليءَ تي نظر وجهبي تہ اسان کي اُن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا لاڙي ۽ لاسي ٻئي لهجا ۽ محاورا ملن ٿا: ان ڪري جو سسئيءَ جو تعلق لاڙ سان آهي تہ پنهونءَ جو بلوچستان جي ڪوهستاني علائقي سان، جتي لاسي لهجو ڳالهايو ويو ٿو.

شاهہ لطيف جي ڪلام جي هڪ خصوصيت هيءَ بہ آهي تہ هن پنهنجي ڪلام ۾ تمثيل لاءِ جيڪي داستان ڪم آندا آهن، تہ ٻولي ۽ لهجو بہ انهن داستان سان لاڳاپيل علائقي جو ڪم آندو آهي. سُر ديسيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جا اهڙا ڪجھ بيت، جن ۾ لاڙي ۽ لاسي ٻوليءَ جا لفظ ۽ محاورا ملن ٿا، سي پيش ڪجن ٿا:

**لاسي محاوري ۽ لهجي وارا** بيتن ۾ ملي ٿو:

جتن سين جانڪون، سرتيون مون سگ ٿيو
ڪري ڪوهيارو ويو، تن چني تانڪون.

—

ور وراڪا وچ ۾، لڪين آڏا لڪ.
هو جي آڏا حق، سي ڪندا ڪوه ڪندين ڪي

—

دوڪ دهليا جت، ڳوڙا هلن نہ گس ۾،
چوسال ٿي نہ چلٿا، ٿي تنگ نهاري تت.

**لاڙي لهجي** ۽ محاوري جا مثال هي آهن:

آن ڪي ويندا ڳڏيا، اهڙي ست سوار؟
لنگهي ڪالھ قطار، تون آئي اڄ نهارئين

—

ورا! ۾ وساريج، آهيان تنهنجي آسري،
ڏايو ڏونگر جو سُڄي، سو لطفؤن لنگهائيج
اُسري انهين، ويرا! تون، آري جام اچيج.

—

جن ڏٺو پير پنهونءَ جو سي نہ ڪي رُون نہ چون
هوندن متي هُون، لاڳاپا هن لوڪ جا.

هاڻي لسانياتي اصولن موجب سُر ديسيءَ جي ڪجھ بيتن کي ڏسون ٿا. لسانيات جو بنياد، لفظ آهي. لفظ ئي آهي، جنهن سان ٻولي ٺهي ٿي. ٻوليءَ جي پيڙھ لفظ آهي. لفظ ٻوليءَ ۾ بنيادي اهميت رکي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لسانيات جا ماهر لفظ جا مختلف قسم ٻڌائين ٿا.

"**علم لسان ۽ سنڌي زبان**" جو ليکڪ ڊاڪٽر **علي نواز جتوئي** لکي ٿو ته: "جوڙجڪ جي لحاظ کان دنيا جي گهڻين ٻولين ۾ جيڪي لفظ ڪم اچن ٿا. تن کي ڏنو وڃي ته اُهي ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا ابتدائي (Primary) ۽ ٻيا ثانوي (Secondary). ابتدائي لفظ اُهي آهن، جن مان ٻيا لفظ ٺهي نڪرن ٿا ۽ پاڻ ٻئي لفظ مان ٺهيل نه هجن. ثانوي لفظ اُهي آهن، جن کي ابتدائي لفظن ۾ ڪجهه اضافو آڻي ٺاهيو وڃي."

ثانوي لفظن کي اڳتي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ اُهي آهن: مرتب لفظ (Complex words) ۽ مرڪب لفظ (Compound words).

اهو لفظ، جنهن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پروس صورتون يعني اهڙا لفظ، جن کي Primary لفظن کان ڌار ڪجي ته انهن جي ڪابه معنيٰ نه ٺهندي هجي، شامل هجن ته انهن کي "**مرتب لفظ**" چيو ويندو آهي. هنن لفظن جي الڳ ڪابه معنيٰ نه آهي، پر مبتدي لفظ سان لڳي ان جي سونهن وڌائين ۽ معنيٰ کي وسيع ڪن ٿا. سُر ديسيءَ ۾ **مرتب لفظن** جا ڪجهه مثال هن ريت آهن:

ڪري ڪوهيارو ويو، تن ڇني تانڪون
آئون پڻ، تڏانڪون، اڌ ڏکوئي آهيان.

—

پرينتي پرينءَ جي، سڪڻ کي سبوجهه،
هئي گهٽو اٻوجهه، سورن سُنهائي سسئي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪن ٻه معنيٰ رکندڙ لفظن کي گڏ آڻڻ سان مرڪب لفظ ٺهندا آهن، جيئن اترواءُ، رتا گل وغيره. سُر ديسيءَ ۾ لفظن جا گهاڙيٽا ڏسون ٿا ته لفظن جا هي قسم به سهڻي نموني استعمال ٿيل ڏسجن ٿا، جيئن هنن بيتن ۾ **مرڪب لفظ** يعني ٻن اسمن جو گڏ اچڻ آهي:

ماڪ مٿ سنڌوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نه ويندوم،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساريو سڏ ڪندوم، ڪرهيارو ڪيچ ٿئي

—

اٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٿيڙم ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٽيا پنهونءَ پير.

اسم جي ورجاءَ کان بچڻ لاءِ ان جي بدران جنهن لفظ جو استعمال ڪيو ويندو آهي، اهو آهي ضمير. اِها سنڌي ٻوليءَ جي خاصيت آهي تہ ان ۾ ضمير جو استعمال فعل سان هڪ لفظ جو اضافو آڻي ڪيو ويندو آهي، جنهن کي ضميري پڇاڙيون يا ضمير متصل چيو ويندو آهي. شاعريءَ ۾ ضميري پڇاڙيون لفظن کي وڌيڪ اثرائتو ڪن ٿيون. سُر ديسيءَ جا ڪجهہ اهڙا بيت، جن ۾ **ضميري پڇاڙيون** آيل آهن:

**ضمير واحد غائب:**

اڳڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏيهہ ڏٺاءِ،
ڪنجونِ جي ڪلفن جون تا ڪهہ لل لڪاءِ
تہ سياڻي سنڌياءِ، ٿئي ساروٺي سسئي.

**ضمير واحد متڪلم:**

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهي ڏنم ڏک،
سي سيپانير سُکہ هيڪاند ڪارڻ هوت جي

**ضمير حاضر جمع:**

پنهونءَ جي پيغام تان منهنجو موت مباح
سرتيون! دعا ڪجاهُ، تہ ميڙائو مون ٿئي.

**ضمير حاضر واحد:**

ظلمت جا زمين جي، سا نرمل! نور ڪريج
ڪامل! ڪن ڪريج، فريادين فقير جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ضمير غائب جمع:**

وارو! ور وڻي ويا، آريچا اظلام،
آنداڻون آريءَ جا، پنهون ڏي پيغام،
پـه ڪياڻون پاڻ ۾، منجهان مخفي مام.

**ضمير غائب واحد:**

ماڻڪ مٽ سندوم، لونڊهيءَ ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نـه ويندوم،
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏئي

فعل سان "ڻ، ٿو، ويل" جون پچاڙيون لڳائي، اسم ٺاهيو ويندو آهي. اهڙي اسم جا مثال بہ سر ديسيءَ جي هنن بيتن ۾ ملن ٿا:

پٺي هيڪي هوت کي ڪوڪ وجي ڪن ڪا،
منهنجو وس واڪا، پڌڻ ڪر پروچ جو.

—

پنهونءَ سين پريت جو ڪوجو پيچ پيوم،
پنيي هن پنيور ۾، وهڻ وہ ٿيوم.

اسم مفعول اهڙو اسم آهي، جنهن تي فعل لاڳو ٿي چڪو هجي، هنن بيتن ۾ اسم مفعول بہ ڪم آيل آهي:

ڪو منهن ڪنل آئيو، وس نـه ويچاري،
هوت تنهنجي هٿ ري، پهچي نـه پاري،
اچين جي آري! تـه پاند پجي لڪ لنگهيان

سر ديسيءَ ۾ اهڙا بيت بہ آهن، جن ۾ **ندائي حالتون** آنديون ويون آهن:

هئي! هئي! ڪيو هاءِ، ٿي پاڻ هٿي سر پاهٿين
لڏائين لطيف چئي، جوءِ جتن جي جاءِ.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارو! ور وٺي ويا، ڪري ڏير ڏمر،
هاٺي ٿيو حشر، پُنا قول قيام جا.

**ادغام**، يعني ٻن لفظن جو پاڻ ۾ اهڙي ريت گڏجڻ، جو وچيان لفظ اُن مان نڪري وڃن ۽ لفظ هڪ نئين شڪل اختيار ڪري:

نڪو ڪيچ پنيور، نڪو مائٽ مُنڌ جو.
هور مڙوئي هن ڪي، ڪونهي ڪوئي هور، (ڪونہ آهي)
جانب جهڙو جڳ ۾: ناهي ڪو ثاني. (نہ آهي).

محاورا ۽ اصطلاح ٻوليءَ جي سونهن آهن. ڳالهہ ٻولهہ ۾ بہ محاورن جو استعمال جملن کي وڌيڪ اثرائتو ڪري ٿو ۽ ادب ۾ / شاعريءَ ۾ محاورن ۽ اصطلاحن جو استعمال ٻوليءَ کي شاهوڪار ڪندو آهي. محاورو، ان لفظ يا لفظن کي چيو ويندو آهي، جيڪي پنهنجي اصلي معنيٰ کان هٽي، ڪنهن ٻيءَ معنيٰ ۾ ڪم اچن. سرديسيءَ ۾ بہ شاهہ لطيف **محاورا ۽ اصطلاح** ڪم آندا آهن:

ڇاجي ڏنگا ڏير، سنهنجو ڏينهن ڏنگو م ٿئي
اٿن ۽ اوٺيڙن جي، ڇا وهيٽو وير،
هيءَ ڪميٽي ڪير؟ جا امر کي آڏو ڦري.

هن ۾ اصطلاح ڏنو ويو آهي: "ڏينهن ڏنگو ٿيڻ"، جنهن جي معنيٰ آهي قسمت خراب ٿيڻ.

ڪيچان اوري ڪيتريون، معذوريون ميون
واٽون ويہ ٿيون، ڪُہ ڇاڻان ڪيهي ويا.

اصطلاح ۽ محاورن وانگر 'چوڻي' بہ اهڙي ڳالهہ کي چيو وڃي ٿو. جيڪا ڪنهن روايت جي بنياد تي مشهور ٿئي ۽ اهڙي ئي موقعي تي اُن جو استعمال ڪيو وڃي، جيڪا سندس روايت سان مطابقت رکندي هجي. بيتن ۾ چوڻين جو استعمال بہ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي خوبين ۾ شامل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرديسيءَ جي هن بيت ۾ هڪ مشهور چوڻي آندي وئي آهي:

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين
لڏيو لاڏوڻا ڪيو، پنهنجي ديس وڃن.

**تصغير** عربي لفظ صغير مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’ننڍو ڪرڻ‘. سنڌيءَ ۾ تصغير ٺاهڻ لاءِ آخر ۾ ڙو، ڙي، ڙا جا اکر ملائبا آهن. شاهه لطيف اسم، فعل، صفت ۽ ظرف جا تصغير ٺاهيا آهن. اهڙو هڪ مثال سرديسيءَ مان هي آهي.

جت هڏهين هت، مون هت هيڙي ۾ حل ٿيا،
چنگل جنين چوڦرا، راحت تن جي رُت.

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ لفظن کي ڦيرائي نئين معنيٰ ڏيڻ، گرامر جي اصولن مطابق لفظن جي استعمال جو فن عروج تي نظر اچي ٿو ته انهن کي شاعريءَ ۾ سهٽيءَ ريت بيهارڻ جو ڪمال بـ نظر اچي ٿو. جنهن کي اسان مثالن ذريعي فقط سُرديسيءَ ۾ ڏٺو آهي، جڏهن تـ انهن خوبين سان سڄو رسالو ڀريل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جتن جي ويساهه گهاتيءَ ۽ بيوفائيءَ تي سسئيءَ جي اندر ۾ اوتار تا اُڀرن. وَڏَ تا پوَن ۽ ڪيس وَهمن ۽ وسوسن ٻنهه ولوڙي ڇڏيو هو تہ ڪٿي جتن انڪري تہ بيوفائي نہ ڪئي هئي، جو هَنن سسئيءَ سان سگ ڪرڻ چاهيو ٿي نہ ٿي. پر سسئيءَ پاڻ پنهونءَ سين پرت جو پيچ پاتو هو. انڪري هوت ڪيس هيڪلو ڪري، سندس اندر ۾ عشقَ جو آڙاهه ٻاري ۽ برهہ پڙڪائي هليو ويو.

هوتن ڪانہ هُئي، مون پاٺي پيئي پنهونءَ سين
ٻانهي ٻاروچن جي، سگرَ منجهہ سُئي،
سا موٽي ڪيئن مُئي جنہ جو هنيون هوت هٿي ويا.

سُر ديسيءَ جو ٻيو پهلو هي آهي تہ سسئيءَ جي ڏيرن جي سازش سان جهڙوڪر ڏاگها بہ شامل هيا. جو جڏهن ڪين پرانهين پنڌ لاءِ پلاٽيو ٿي ويو تہ ڦهريون پيرو ايئن ٿيو هو. جو اُٺَ نڪي رڙيا ۽ نہ ڪا دانهن ڪيائون. ڏاگهن ۽ ڏيرن جي گڏيل ويساهه گهاتيءَ جو بيان لطيف ڪيڏن نہ هيانوَ ۾ هُرندڙ لفظن ۾ ڪيو آهي!

اڳي اُٺَ رڙن، مون پيري ماٺ تي،
پلاٽيندي پاڻ ۾، ڪُڇيون ڪين ڪُنن،
ڪا جا مارَ مُنن، هن پڻ هئي هُن سين.

ڏاگهن ۽ ڏيرن جي گڏيل سازش تي سسئي وڏيڪ ويچار تي ڪري ۽ دل ئي دل ۾ سوچي ٿي تہ جيڪڏهن سندس ڏيرَ. ڏاگهن تي سوار ٿي اچڻ جي بجاءِ ڏاندن کي ڏِڪائي آڻين ها تہ هوند ڏاندن جي ڪُرن جي ڪڙڪي تي هوءَ نياڳي ننڊ مان ضرور جاڳي پوي ها. ڀلا جي ڪجهہ دير سان بہ ڪيس جاڳ ٿئي ها تہ بہ ڏاند جي ٽورَ کي، پاڻ وَڏاندريون وکون ڪٽي پُڄي پئي ها. پر قسمت جي قلمَ، سندس اَنگ اُٺن سان ئي لِکي ڇڏيو هو. جن جا پير ئي پٽَ تي نہ ٿي لڳا ۽ ڏاگها اک ڇنڀَ ۾ ئي منزل ماٿي الائي ڪٿي پهچي ويا. هن ڪيفيت جو هوبهو ۽ بي مثال بيان فقط ڀِٽائيءَ کي ئي ڏانءُ اچي ٿو ڪنهن ٻي جي پيٽي پر ڪانهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏاگهنئون ڏيرن، جي آندا ٻَڙڏ پنيور ۾،
هٿي چيلهه چرا ڪئا، وَهُ پٽي وَهڙن،
ڪُريءَ ڪڙڪو ان جو، هوند سُتي سئو سين،
ڏاندن ساٿ سيد چئي، پيادين پهچن،
جن جو پير نه لڳي پٿئين، تن آيم ساڻ اُٺن،
ڳنگن ۽ جُنگن . مُنڌَ اَسُونهين ميڙئين.

سُر ديسيءَ ۾ بيان ڪيل ٽيون نقطو هي آهي ته پنهونءَ کان وڇڙڻ پڄاڻان، سُسئيءَ جي سَرير ۾ پڇتاوَ جا پڙاڏا گونجڻ لڳن ٿا ته: هاءِ ننڊَ نياڳيءَ مون کي ڪيئن نهوڙي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته جن جي انتظار ۾ ننڊ نه ٿي آئي، اُهي جڏهن آيا ته جاڳ نه ٿي. جڏهن سُسئي نياڳيءَ ننڊ مان جاڳي ٿي ته. نه پنهنجي پُنهل کي پنهنجي پاسي ۾ ٿي پسي ۽ نه وري هيڏي هوڏي نهارڻ سان ڏاگهن ۽ ڏيرن کي ڪٿي ڏسي ٿي. ڪيس هرطرف ويراني ۽ مايوسيءَ جو ڏيل ڏاريندڙ منظر ٿو نظر اچي. ان ڏکوئيندڙ ماحول جي عڪاسي شاهه سائينءَ هن طرح ڪئي آهي:

اگڻ اُهيئي، جتَ نه پسان جُوءِ ۾،
اوطاقون اُنن ري، سُڃيون سيپئي،
اکڙيون روئي، ماڳ نهاري موٽيون.

سسئي سخت پريشان آهي، ويڳاڻي، بيوَس ۽ بيحال آهي. پر پوءِ به همت نه ٿي هاري ۽ اندر ۾ عزم ڪري ٿي ته پنهونءَ سين پريت جو پيچ پاڙڻو آهي ۽ پنهنجي ورَ سان ملڻ لاءِ ڪيس ڪيترا به ڪشالا ڪڍڻا پوَن، ڏک ڏسڻا پوَن يا ڏونگر ڏورڻا ۽ جبل جهاڳڻا هجن، ته به هوءَ پنهنجي جدوجهد کي جاري رکندي ۽ پُنهل جو پير کڻي ان جي پٺيان هلندي رهندي:

اُجهي ۽ مُنجهي، اَنئي پهر آٿ ۾،
جنهن ڳَسَ پاروچا ويا، سو سرتيون تان نه سُجهي،
لَکن منجهه لُجهي، لالڻَ لاءِ لطيف چئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي ورَ جي وڇوڙي پڇاڻان سسئي بنهه هڪ نماڻي نار بڻجي وئي هئي. پنهنجي پنهونءَ جا پير کڻي، اُنهن َ راهُن تي رواني ٿي پئي، جتي رڳي رُڃ ۽ سوين ڪوهين سُڃ هئي. برپٽ ۽ بيابانن جا رستا هيا. روهُن جا رند. پٿريلا پيچرا. اهنجا ۽ اوکا لَڪَ. لُڪون ۽ سرير ساڙيندڙ جهولا ۽ جَهڪون هيون. پر سسئيءَ کي پنهنجي پريـنءَ جي اندر ۾ اُجَ ۽ اُساٽ ايتري تـہ تارئون تار هئي، جو جهولا، لُڪون، رڃ ۽ سُڃ، ڏک ۽ ڏاڪڙا سندس رستو روڪي نـہ سگهيا. هوءَ پنهنجي پنهونءَ جي پنيان هلندي رهي ۽ اندر ئي اندر ۾ تصور ڪندي رهي تـہ سندس ڏيرَ، جنهن اُٺ تي سندس ورَ کي ويهاري وٺي ويا هوندا تـہ اُهو يقينن جُهوڙن ۽ جُهلن سان جنجهيل ۽ هيرن موتين سان سينگاريل هوندو ۽ پري کان ئي پڌرو هوندو. تنهنڪري رستي ويندڙن کان اهڙا پارَ پتا ڏئي، پنهنجي پنهل لاءِ پڇي ٿي، جيڪي ڪيس ڪنهن آٿت ڏيڻ بدران هن نماڻي نار جو پڇتاءُ ويتر وَڌاندرو ڪري ٿا ڇڏين ۽ ڪيس ٻڌائين ٿا تـہ: "اي سسئي، تو تـہ ڏاڍي دير ڪري ڇڏي، ڇوتہ اهڙين آرين پارين اُٺن جي قطار تـہ هتان ڪالهہ گذري هئي ۽ تون پڇائون اڄ پئي ڪرين." هن دلسوز داستان کي لطيف هينئن ٿو بيان ڪري:

جُهوڙا جَن جُهلن ۾، هيرا لڪَ هزارَ،
لڳا واٽ وٽن جا، پنهونءَ کي پالارَ،
آن ڪي ويندا گَڏئا، اهڙيءَ سٽَ سوارَ،
لنگهي ڪالهہ قطارَ، تون اوٺي اڄَ نهارئين.

ڪنهن واٽهڙوءَ جو طعنو تـہ:

"لنگهي ڪالهہ قطارَ، تون اوٺي اڄ نهارئين". ٻڌي سسئيءَ جون هنيون هڃي پيو. هوءَ بيحد ڏکاري ٿي وئي ۽ زارو زار روئڻ لڳي. توڙي جو اَتل حوصلي هئڻ سبب همت نـہ هاري هئائين ۽ پنهنجي ورَ ۽ محبوب سان ملڻ جي آسَ ۽ اُميد جو دامن اندرَ مان نـہ ڇڏيو هئائين، پر پوءِ بہ بيحد اُباڻڪي، مايوس، ۽ نِراس ٿي وئي هئي، جهڙوڪر جيئڻ بہ جنجال ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاياڻين. سسئيءَ جي اهڙن اذيتناڪ احساسن جي تصوير ڏسون ٿا. لطيف جي لفظن ۾:

پيئي ڪٽي پساهه، ڏکي ڏيي وَٽ جيئن،
اڄ ڪي سَنجهه صباح چُنڊا ڪي تہ مُنڌ مئي

پرينءَ کان پري جدائيءَ جي جهوريءَ هڪ طرف سنڌس ساهه ساڻو ڪري ڇڏيو هو تہ ٻئي طرف پنهونءَ پنيان روهن جا رندَ ۽ پهاڙن جا پنڌَ جهاڳي جهاڳي سسئي مُئن مثل هئي. پر پوءِ بہ اندر ۾ پختو عزم ڪيائين تہ ڇا بہ ٿي پوي، پر هوءَ پنهنجي پرينءَ پويان هلندي رهندي، جدوجهد جاري رکندي، ٽنيءَ ٽڏيءَ جي ڪا پرواهہ ڪانہ ڪندي ۽ اڳتي وڌندي رهندي، جيستائين پنهنجي پنهل سان سنڌس ريجهہ رهاڻ ٿئي يا جهنگ جبل ۽ ٿر بر وؤڙيندي، جانيءَ جي جستجوءَ ۾ پاڻ بہ پوري ٿي وڃي.

پُڄان جي نہ پُڄان، وڃڻ سين وَسُ ڪريان،
سگهہ مان سُڄان، تہ رائي ۾ رڙي مُئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ جو جائزو

لطيف سائينءَ جي ڪلام کي پڙهڻ کان پوءِ هيئنئن چوڻ ۾ ڪا به هٻڪ محسوس نٿي ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جا ٻاگ ڇٽيا. جنهن کي لطيف جهڙو محافظ، اُجاريندڙ، سينگاريندڙ، سنواريندڙ ۽ ان جو شان بلند ڪندڙ شاعر ملي ويو. مگر آءُ هيئنئن چوڻ ۾ بہ پاڻ کي حق بجانب ٿو سمجهان تہ لطيف جا بہ ٻاگ ڇٽيا. جنهن کي مافي الضمير جي اظهار لاءِ سنڌيءَ جهڙي سدا سُريلي، سدا بهار ۽ سدا شاهوڪار ٻولي ملي وئي. مرحوم فقير سرائي امداد علي چوندو هو تہ 'لطيف وٽ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي عظيم فيڪٽري آهي.' ڳالهہ فقط ٻوليءَ جي لفظن جي ذخيري جي ناهي. بلڪ شاهہ سائين هر انساني جذبي جي اظهار لاءِ جيڪي لفظ چونڊيا آهن ۽ انهن کي بيتن ۽ واين جي جن جاين تي جَڙي بيهاريو اٿس، اُهي اتيئي نہ فقط سهڻا ٿا لڳن، بلڪ هرهڪ لفظ مُنڊيءَ جي ٽِڪ وانگر جهالا ڏئي رهيو آهي. علامہ آءِ. آءِ قاضي بلڪل صحيح چيو آهي تہ 'لطيف جي ڪنهن بہ لفظ کي تبديل ڪرڻ تہ پري رهيو، پر جيڪڏهن رڳو هڪڙي لفظ جي جاءِ بدلائبي تہ بہ سڄي شعر جي نغمگي، روح ۽ تاثر تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو.'

سُر ديسيءَ ۾ لطيف جي لفظن جي چونڊ، جَڙت، جملن جي بيهڪ ۽ ٻوليءَ جو جنسار هن طرح نظر ٿو اچي:

ڪٿوري بار پري، آيو ڏونگر ڏيهي،
سرڪشي سردار سين مون ڪميٽي ڪيهي!

(داستان-۲، وائي)

سسئي تي چوي تہ خوشبوءِ جو سامان ڪٽي، منهنجو اهو مطلوب ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبوب پنهون اچي ويو، جيڪو ڏونگر ڏيهي يعني جبلن جو رهاڪو آهي.

هيءَ هيءَ ڪيو هاءِ! تي پاڻ هٽي سرپا هٽين
لڏائين لطيف چئي، جُوءِ جتن جي جاءِ،
شڪر بارا سنداءِ، سُتائي ساٿ مڙي.

(داستان_٢، وائي)

ڳنگن ۽ جُنگن، مُنڌا سو سونهين ميڙئين.

(داستان_١، بيت ٩)

هِتي ڳنگن مان مراد اُٺ ۽ جُنگ مان مراد پنهون آهي.

چاجي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو مَ ٿئي.

(داستان_١، بيت ١١)

مطلب تہ ڏيرن جيڪڏهن مون سان ڏنگائي ڪئي آهي تہ منهنجو ڇا بگاڙيندا. شل! منهنجو ڏينهن يعني مقدر سَنئون هجي تہ سيي لڪ لنگهي وڃي پار پرنديس.

ڏريان ئي ڏاريا، مٺ مُئيءَ جا نہ ٿيا.

(داستان_١، بيت ١٣)

يعني ڏيرن سان منهنجو اڳ ڪو سڱ سياڪو يا مٽي مائٽي ڪانہ هئي. پنهونءَ جي ناتي سان، مون هنن کي پنهنجو عزيز ڄاتو، مگر هو جيڪي ڏاريا هئا. سي ناتو توڙي رمندا رهيا.

لايو نينهن ننڊون ڪرين.

يعني تو عشق کي ايڏو آسان ڄاتو، جو پنهونءَ سان پيچ پائڻ کان پوءِ بہ عشق جي اسرار کي سمجهي نہ سگهينءَ ۽ پاڻهن سيراندي ڪري غفلت جي ننڊ سمهي پئينءَ!

سر ديسيءَ جا هي بيت حضور رسالتمآب صلي الله عليه وسلم جي محبت، عظمت ۽ عقيدت جي ورڪا پيا ڪن:

سُرهي منجهان ساٿ، آئي بوءِ پنيور کي
بيئا بازارن ۾، لائي جَت جبات،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندي هوت حمات، ڪيچ پهتو قافلو.

(داستان_٧، بيت ٧)

بَر مڙوئي بوءِ، ڇپر ڇاتون مُڪيون،
ٻه ٻه تي پنيور ۾ هنڌ مڙوئي هُوءِ،
راتين وري رُوءِ، گوندر لٿا گولئين.

(داستان_٧، بيت ٨)

جڏهن پيئي ڇت، ڇپر هوت پُنهونءَ جي،
ڀرهي وينيون پٽ، گوندر لٿا گولئين.

(داستان_٧، بيت ٩)

جڏهن پيئي باس، ڇپر هوت پنهونءَ جي،
اديون آريچن جا، وٺن مُڪا واس،
آيل! پني آس، پنهون آيو ڪيچ ۾.

(داستان_٧، بيت ١٠)

هن بيت ۾ تہ ڳالهه بلڪل اظهر من الشمس ٿي بيٺي آهي تہ:

ماڻڪ مٽ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نہ ويندوم،
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڌڻي

(داستان_٦، بيت ١٦)

حشر ويل حساب ۾ سڏ ڪرڻ وارو ۽ شفاعت سان نوازڻ وارو "محمد عربيءَ" کان سواءِ ٻيو ڀلا ڪهڙو ڪوهيارو ڪيچ ڌڻي ٿي سگهي ٿو؟

ٽيڙا پاڻ قرار، مون مَن ڳڏي گوندرين.

(داستان_١، بيت ١٩)

يعني منهنجا ڏير پاڻ تہ مقصد ماڻي وڃي آرامي ٿيا، مگر مون مُٺيءَ کي غمن جي غار ۾ اُڇلي ويا.

جنهن سر ساڄن سپرين، تنهن اُٺ مَ لڳي لُس،

جنهن اٺ تي منهنجو ساڄن (پنهون) سوار آهي، خدا ڪري ان تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نصيب جي نحوست آهي. پنهونءَ تي ڪابہ ميار ڪانهي.

جيڪي لوڙڻ پريَنءَ سين جيڪي پريَنءَ پچار،
گهڻو اُڪنڊي آهيان، تن جتن جي جنسار،
ميخون 'محبت سنديون هيئڙي منجھ هزار،
ڪانگن قطارون ڪيون چُڪيءَ ڪي چوڌار.

(داستان ٧، وائي)

يعني يا تہ پريَنءَ وٽ پهچي، ساڻس دل جو حال اورجي، پر جيڪڏهن وٽس پهچي نہ سگهجي تہ پوءِ پرپٺ بہ سندس پچار نہ ڇڏجي. تان جو سندس ئي ذڪر ۾ پساهہ پورا ٿي وڃن.

ايءَ ڪامل! ڪر نہ سندوءِ، جيئن پهس پچاڙين پوتئين.

(داستان_۴، بيت ١٧)

اي پُنهل! هي عجب رنگ آهي، جو تون ڌوٻين سان گڏ ڪپڙا بيٺو ڌوئين! اها ڳالهہ تنهنجي سرداري شان وٽان تہ ڪانهي.

انهيءَ خيال کي "پهس پچاڙين پوتئين" جهڙن نادر لفظن ۾ بيان ڪرڻ جو ڪمال ۽ ڪارنامو فقط ڀٽائي انجام ڏيئي سگهي ٿو.

**روحانيت ۽ ماديت جو غيرضروري بحث:**

اسان وٽ ڪافي وقت کان اهلِ علم ۽ لطيف شناس، ٻن گروهن ۾ ورهايل ڏسڻ ۾ ٿا اچن. هڪڙا چون ٿا تہ لطيف فقط جسم جي ڳالهہ ڪئي آهي. ٻيا چون ٿا تہ لطيف فقط روح ۽ روحانيت جي ڳالهہ ڪئي آهي. منهنجي نظر ۾ اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ لطيف انسان جي ڳالهہ ڪئي آهي، ۽ انسان، جسم ۽ روح جو مرڪب آهي: تنهنڪري جيڪڏهن تعصب ۽ تنگ نظريءَ جي عينڪ لاهي، رسالي جو معروضي انداز ۾ اڀياس ڪبو تہ تسليم ڪرڻو پوندو تہ لطيف جسم جي بہ ڳالهہ ڪئي آهي تہ روح جي بہ ڪئي اٿس. لطيف ماديت کي بہ فراموش ڪونہ ڪيو آهي، مگر روحاني رمزن کي بہ ڪونہ وساريو اٿس. انهن ٻنهي خيالن جي تائيد ۾ لطيف جا سوين بيت پيش ڪري سگهجن ٿا. افسوس آهي، جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسين نہ فقط ٻن گروهن ۾ ورهايل آهيون، بلڪل زياده ڏک جي ڳالهہ اِها آهي تہ هر گروهہ ٻئي تي جرح بہ ڪري ٿو، بلڪ هڪ ٻئي جي مخالفت کي عبادت سمجهي ادا ڪيو ٿو وڃي، جنهن سان اسان جي اتحاد کي ڇيهو ٿو رسي ۽ تفريق ۽ نفرتن ۾ اضافو ٿو ٿئي. حالانڪ اسان سينني کي گڏجي پنهنجي سرزمين جي وجود، ثقافت ۽ ٻوليءَ جو دفاع ڪرڻ جڳائي. لطيف جي ڪلام ۾ سنڌ جو جسم ۽ روح ٻئي موجود آهن. لطيف هڪ طرف سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ راويتن جو نقيب ۽ نگهبان آهي تہ ٻئي طرف هو سنڌ جي سخاوت، بهادري، حياداري، مروت، مهمان نوازي، غيرت، حميت، سام جهلڻ، نهٺائي ۽ معاف ڪرڻ جهڙن اخلاقي اوصاف جو مبلغ نظر ٿو اچي. سر ديسيءَ جي روحاني پهلوءَ جو ذڪر ڪرڻ کان اڳ، ۾ آءٌ اسان جي سنڌي هندو عالم ۽ لطيف جي عظيم شارح ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڳالهہ ڪندس، جنهن "ڪارڻي" لفظ جي تشريح ۾ لکيو آهي تہ 'ڪارڻي' لفظ جي هڪڙي معنيٰ آهي، اها هستي، جنهن جي ڪارڻ جهان خلقيو ويو ٻي معنيٰ اٿس جيڪو قيامت جي ڏينهن گنهگارن جي ڇوٽڪاري جو ڪارڻ بڻبو.'

**عربيءَ ۾ بيان ٿيل تصوف جي نُڪتن جي وضاحت:**

اڄ پڻ وسائي اوٺيين، مٿي مارڳ ماڪ،
پنهون نياڻون پاڻ سين، تاڙيون پيچي طاق
هيهات هيهات لما توعدون سيجي ٿي لوطاق
ڇُڪيءَ چوري چاڪ، هاڙهي هوت هلي ويا.

(داستان-۲، بيت ۱)

هن بيت ۾، 'هيهات هيهات لماتوعدون' قرآنِ ڪريم جي آيت آندي ويئي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "جنهن ڳالهہ جو اوهان سان وعدو ڪيو ويو آهي، اُها گهڻو پري آهي." هت سسئي چوي ٿي تہ پُنهون مون کان وڇڙي ويو. هاڻي ٻيهر ساڻس ميلاپ جو ويجهڙائيءَ ۾ ڪو آسرو نظر ڪونہ ٿو اچي. هاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڻ يا نصيب، ٻئي هنڌ لطيف اها ڳالهه هن طرح چئي آهي تہ:

جيڪر قيام مڙن، تہ ڪر اوڏا سپرين،
تِهان پري سُجهن، واڌايون وصال جون.

مڙي مُنڌ ڏي آئيون ساهيڙيون سهجان،
"السفر قطعة من النار" هاري! موٽ هتان.

سگ صراط المستقيم جو اٿئي تان اڳيان
سي ڪيچي نينڌ ڪيان؟ تنهنجو نينهن نفاق سين
(داستان_٢، بيت ٢)

هن بيت ۾ السفر قطعة من النار جي مقولي جي معنيٰ آهي: "سفر باهہ جو ٽڪرو آهي". يعني مسافريءَ جي منزل ڏاڍي اٿانگي ۽ ڏکوئيندڙ آهي. اهي لفظ چئي، سسئيءَ جون ساهيڙيون ڪيس سفر کان روڪڻ جي ڪوشش ٿيون ڪن. انهيءَ بيت ۾ سگ "صراط المستقيم" جو لفظ آيو آهي. ٻن وڏن لطيف شناس عالمن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ ڪلياڻ آڏوائيءَ ان جي معنيٰ پُل صراط لکي آهي، حالانڪ پل کي عربيءَ ۾ "جَسرُ" سڏبو آهي. "صراط المستقيم" جي معنيٰ آهي "سڌو رستو، حق ۽ هدايت جي واٽ". سسئيءَ جون ساهيڙيون ٿيون ڪيس چون: سڌو رستو يا ڪاميابيءَ جي منزل اڃا اڳيري اٿئي، ان لاءِ توکي جدوجهد ڪرڻي پوندي.

جڏان ڪُن فيڪون چئي، نيو آرٽائي ارواح
انگ اڳهين لکيو، منهنجو ميثاقاء،
"مَن طَلب شيئاً جد وجد". اُتو علي شاهہ،
اُيان حديث جو، مون آسرو آهہ،
پنهونءَ جي پيغام تان، منهنجو موت مُباح
سرتيون! دعا ڪجاهہ، تہ ميڙائو مون ٿئي.
(داستان_٢، بيت ٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن بيت ۾ "من طلب شيئا جد وجد" حضرت علي رضہ جو چيل جملو آندو ويو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي تہ "جيڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ جي طلب ڪري ٿو. پوءِ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير بہ هڻي ٿو تہ ان کي اها شيءِ ملي وڃي". هت سسئي ٿي چوي تہ مون کي پنهونءَ جي تانگهہ ۽ طلب بہ آهي. ساٿس ملڻ لاءِ پٽين جا پنڌ بہ ڪريان پئي. انهيءَ سونهاري قول موجب مون کي وڏو آسرو آهي تہ مون کي محبوب اَوس ملندو.

سَبَہ سياهي، آهي آريءَ چام ري،
ڪڏهن پسي ڪا نہ ڪا، ريءَ لالن لالائي،
دُود دل تان دور ڪري، ڪر ساجن صفائي
"من لا شيخ له فشيخه الشيطان". اِن رءَ اونداهي،
هوءَ جا هلي هيڪلي، ساگيربَ گمائي،
"بلا شيخ من يمشي في الطريق" اهڙي اوائي،
تنهن رءَ تِوائي، ڪوڙين ٿين ڪيتريون.

(داستان-۲، بيت ۴)

صوفين وٽ رهبر، سونهون يا مرشد ضروري آهي. هن بيت ۾ صوفين جا بہ قول آندا ويا آهن. پهريون "من لا شيخ له فشيخه الشيطان" "يعني جنهن جو ڪوبہ مرشد ڪونهي، تنهن جو مرشد شيطان آهي". بيو قول اڌورو آندو ويو آهي. پورو قول هن ريت آهي تہ:

"بلا شيخ من يمشي في الطريق ڪمن يمشي في البحر بلا سفينة"

ترجمو "بنا رهبر رستي جو سفر ڪرڻ ائين آهي، جيئن بنا ٻيڙيءَ جي سمنڊ جو سفر ڪرڻ". هت مطلب ٿيو تہ جهڙيءَ طرح سمنڊ ۾ ٻڏڻ کان بچڻ لاءِ ٻيڙي ضروري آهي، تهڙيءَ طرح تصوف جي راهہ ۾ ڀٽڪڻ يا گمراهيءَ کان بچڻ لاءِ رهبر يا سونهون ضروري آهي.

## لطيف کي صحيح پڙهڻ جي مشق:

لطيف کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ تہ مٿانهين منزل آهي. اسان وٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حالت اها آهي، جو لطيف ڪي صحيح اُچار سان پڙهڻ وارا ماڻهو ٻه ڪي قليل وڃي بچيا آهن. نئين نسل لاءِ اهو مسئلو تهان ئي پيچيدو ٿيندو ٿو وڃي. لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ هرسال گهٽو ڪري ڪونه ڪو اديب اها ڳالهه ورجائيندو آهي تہ ڪانفرنس ۾، هڪ يا ٻه ماڻهو منتخب ڪيل سُر صحيح تلفظ سان پڙهن، پوءِ ٻيا ٻلي ان جي معنيٰ، مفهوم، تشريح ۽ توضيح ڪن. جيڪڏهن پڙهندڙ غلطي ڪندو تہ ويٺل لطيف شناسن مان ٻيا ان جي تصحيح ڪندا. اهڙيءَ طرح رسالو صحيح پڙهڻ جو ڏڳ اسان کي ملي ويندو. ان ڳالهه تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪمزور عورت جو سگهارو پيغام

ڪنهن جي بہ خيالن، جذبن ۽ نظرين کي اثرائتي نموني پرکڻ لاءِ ضروري آهي تہ اُن سان گفتگو ڪئي وڃي يا اُن جون تحريرون پڙهيون وڃن، جيڪي نثر ۾ بہ ٿي سگهن ٿيون تہ نظم ۾ پڻ. اسان لاءِ هيءَ ڳالھ باعثِ فخر آهي تہ لطيف سرڪار پنهنجي قدرتي صلاحيتن، جذبن ۽ نظرين جوا ظهار سگهاري شاعريءَ وسيلي ڪيو آهي.

لطيف سائين اُهو واحد شاعر آهي، جنهن ناانصافين واري سنگين دؤر ۾ پنهنجي شاعريءَ وسيلي اهڙو سگهارو پيغام ڏنو جيڪو وقت جي وهڪري ۾ وَهي وڃڻ بدران هڪ مضبوط پهاڙ وانگر بيٺور هيو. اهڙو سماج، جيڪو ناانصافيءَ تي ٻڌل هجي، اُتي لکڻين ۾ تخليقيت هئڻ مشڪل آهي، پر اهڙي نظام جو مخالف هئڻ ئي دراصل تخليقيت آهي.

قومون اُهي ئي اقبال مند ۽ بلند ٿين ٿيون، جن جي تهذيب جو ارتقائي عمل، جُملي لوازمات سان گڏ،صحتمند خطوط تي جاري رهندو هجي.

لطيف سرڪار، پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ جيڪي نشيب و فراز ڏِٺا، تن کيس خودشناسيءَ کان خداشناسيءَ تائين پهچائي ڇڏيو.

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو چوڻ آهي تہ اُهي اصول جيڪي قومن جي مهذب ۽ عقلمند طبقن ۾ هڪجهڙا آهن، سي حقيقت ۾ انسانيت جو بنياد آهن، جن کي اسين "حڪمت" چئون ٿا. زماني ۾ ٺهندڙ ڪوبہ نظام آخري نہ هوندو آهي، بلڪ اهو نظام انسان کي زندگيءَ جي هڪ مرحلي مان ٻئي مرحلي ۾ وڃي وڃڻ جي قابل بنائي ٿو.

جيڪڏهن ماڻهو سٺي اخلاق جي مظاهري ۽ بهادريءَ جي ثبوت ۾ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪن تہ اِها ترقيءَ جي نشاني آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جَڏهن پيئي ڇَٽ، ڇِپَرَ هوت پُنهونءَ جي،
پرهي وَينئُون پَٽَ، گُونڊر لَٽا گوليين.

سنڌ جي شاعرن انساني قدرن (Human values)، انساني حقن (Human Rights) ۽ انساني احساسن (Human Feelings) جي ترجماني پئي ڪئي آهي، پر لطيف سائينءَ جي شاعري "انسانيت جو آواز" (Voice of Humanity) محسوس ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته اِهو فطري آهي:

ڪيچان آيو قافلو، پليرو پاٽيان،
پَٽي جا پيرن جي، لڱن ڪي لايان،
چنبيلي ڇَايان، جي مُون نهو پاڻ سين.

الله تعاليٰ انسان کي نيڪ فطرت تي پيدا ڪيو آهي. قرآن مجيد جو اسلوب بيان، ٻين ڪتابن کان مختلف آهي. هن ۾ اخلاق حسنہ کي عُمدين تشبيهن ۽ بدڪار ڪمن کي قبيح منظرن ۽ نفرت جهڙين صورتن ۾ پيش ڪيو ويو آهي. عقل جي خوبي، انسان ۾ پاڪائيءَ يا عصمت جي خوبيءَ کي جنم ڏئي ٿي، جيڪا هڪ وڏي اخلاقي خوبي آهي.

شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جو اسلوب بيان پڻ عمدين تشبيهن ۽ خوبصورت استعارن تي ٻڌل آهي، جنهنڪري هر پڙهڻ ۽ ٻڌڻ واري کي موهيو ڇڏي. دراصل شاهه سائينءَ جي شاعريءَ کي مضبوط بنائڻ ۾ معاشري جي هيٺن ۽ ضعيف ڪردارن جو وڏو عمل دخل آهي. خاص طور عورتَ کي، جنهن وقار جي بلندين تي لطيف پهچايو آهي، اُهو دنيا جي ادب ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي:

ڪيچان آيو قافِلو، ساٿ ڏٺي سَرواڻ،
وَار وَڍي واڳون ڪَريان، پُٺان هوند پلاڻ،
جُهڙو پُنهون پاڻ، تهڙي سٽا ساٿ جي.

شاهه لطيف دراصل فطرت جو شاعر آهي، هُو روشن خيال ۽ انسانَ دوست صوفي بزرگ آهي، تڏهن ته پرينءَ جي اچڻ تي بيخود ٿي چوي ٿو ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اَلا! اچن اُوءِ، جن آئي مَن سَرهو ٿئي.

دنيا جو مڃيل ڏاهو ارسطو فطري سونهن، صلاحيت ۽ ادراڪ تي زور ڏئي ٿو ۽ مذهب شناسيءَ جي جاءِ تي فطرت شناسيءَ کي اهميت ڏئي ٿو. هُن جو چوڻ آهي تہ. "فطرت شناسي انسان ۾ حساسيت پيدا ڪري ٿي."

لطيف سائينءَ جي جن شاعرانہ خوبين، دنيا کي پڙهڻ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪيو، سو آهي سندس شاعريءَ جو موضوع ـ جيڪو عام زندگيءَ جي عام انسانن جو آهي. سندس پيغام ۾ سهڻي سوچ ۽ درد سمايل آهي:

اَللهَ ڪارڻ اوڻيا، ڪَرَهَا مَ ڳاهيو.
جانبِ! جَڏي جِيءَ جو، آڳانڊو آهيو.
لاڳاپو لاهيو، مِتان منهنجا سُپرين.

سچي رسالي جي ٣٠ سُرن مان تقريباً ١٢ سُرنَ ۾ عورت کي تمثيلي ڪردار طور ڪتب آندو ويو آهي ۽ هر عورت جو ڪردار هڪ خاص پيغام ڏئي ٿو. جيئن سُر سهڻيءَ ۾ بهادريءَ ۽ پنهنجي مقصد سان سچائيءَ جو پيغام آهي، سُر مارئيءَ ۾ حب الوطنيءَ ۽ پنهنجي قوم ۽ ڪٽنب سان لافاني محبت ۽ ڌارين کان نفرت: سسئي، ديسي، حسيني، ڪوهياري ۽ معذوريءَ جي سُرن ۾ مسلسل جدوجهد، ايثار، صبر، تحمل ۽ سهپ جو پيغام ۽ منزل حاصل ڪرڻ جو پيغام. سُر ليلان چنيسر ۾ خدا جي وحدانيت ۽ اُن جي لاشريڪ هئڻ جو پيغام ۽ غلطيءَ کان پوءِ توبهہ تائب ٿيڻ جو درس: سُر مومل راڻي ۾ توحيد جو پيغام: سُر سورٺ ۾ وفا ۽ قربانيءَ جو درس: سُر ڪاپائتيءَ ۾ اِهو درس آهي تہ چڱن عملن تي ڪڏهن بہ هٺ ۽ وڏائي نہ ڪجي، پر هرحال ۾ خدا جو خوف دل ۾ رکجي. سُر ڪاموڏ ۾ نوريءَ جي ڪردار ۾ نياز، نئڙت ۽ عجز انڪساري سمايل آهي.

شاهہ سائينءَ، سُورمين کي اُن ڪري سالڪ بنائي پيش ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، ڇوته اِهي بظاهر جسماني طور نازڪ آهن، پر انهن جا ذهن ۽ روح، پهاڙ وانگر مضبوط آهن. انهن جي قوتِ ارادي (will power) اڳيان پهاڙ بہ ميدان بڻجيو پوي.

سَسُئي لنگهيو سو، مَردَ جنهن مات ڪيا،
جبل وڏو جو، نُوڻ مڙوئي نِينهن کي.

سُر ديسيءَ ۾ ڪُل ۷ داستان آهن،جن ۾ ۱۲۲بيت ۽ ۱۱ وايون آهن، جيڪي سسئيءَ جي باعصمت ڪردار طور ڪم آندل آهن.

شاعرِ مشرق علامہ اقبال هڪ هنڌ چوي ٿو تہ انسان جي تخليقي قوت اُهو ذريعَو آهي، جنهن جي وسيلي انسان پنهنجي ڪمزورين تي قابو پائي سگهي ٿو. عقل ۽ ڄاڻ جو ڪم آهي تہ اها انسان ۾ جذبو پيدا ڪري. يعني علامہ جو خيال آهي تہ تاريخ، قديم دؤر جي زندگيءَ ۾ جدوجهد جو رڪارڊ آهي ۽ زندگي، جدوجهد جو بيو نالو آهي.

الله تَعاليٰ انسان کي بہ شيون ڏنيون آهن، جن جي آڌار تي هو پنهنجي جيئڻ جا خطوط اِستوار ڪري ٿو: (i) عقل (ii) جسماني سگهہ (هٿ، پير).

دنيا ۾ سياسي، سماجي، صنعتي ۽ زرعي انقلاب، عوام جي طاقت ذريعي اچن ٿا، پر لطيف سائين، سسئيءَ جي سگهاري ڪردار وسيلي انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جنهن ڳالهہ جو هو خواهشمند آهي، ان ۾ تمام گهڻو ڪامياب ٿيو. شاهہ سائينءَ اڄ کان ۲٦۰ سال اڳ پنهنجي ذات ۽ معاشري تي بقا جو جيڪو فارمولو پيش ڪيو، سو سوين سال پوءِ سماجي ماهرن پيش ڪيو.

آمريڪي مفڪر وليم گراهم سُمنر William Graham Sumner (۱۸۴۰ـ ۱۹۱۰) جي راءِ مطابق "سماج، حقيقت ۾ انهن قوتن تي مشتمل هڪ اهڙو سرشتو آهي، جيڪو قانون جو پابند ۽ تابع آهي. هر انسان لاءِ ضروري آهي تہ سماجي قانون سان اهڙيءَ طرح هڪجهڙائي پيدا ڪري جهڙيءَ طرح هو طبيعات جي قانون جي پابندي ڪري ٿو. ارتقا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي نمايان خصوصيت، بقا لاءِ ڪوشش Struggle for Existence آهي.
حالانڪ اِهو سماجي بقا لاءِ ڪوشش ۽ جدوجهد جو نظريو، لطيف سرڪار
اڳ ۾ ئي اسان کي ڏنو. جيئن:

ڪيچان اوري ڪيتريون، مَعذُوريون مُيُون
وَاتُون ويهه تِيون، ڪُهُ جاتا ڪَيهيءَ ويا؟

اِن ۾ ڪيڏو نه مضبوط پيغام آهي، سوچڻ، سمجهڻ ۽ فِڪر ڪرڻ جو يعني بقا لاءِ جدوجهد جو نظريو. سُمنر چوي ٿو ته، "زندگيءَ جي جدوجهد ۾ اُهوئي شخص سرخرو ۽ ڪامياب ٿيندو، جيڪو خلوص سان سخت محنت ڪندو." پر شاهه سائين اِنهيءَ سخت جدوجهد ۾ عورت کي سمبل (symbol) بڻايو آهي، ڇاڪاڻ ته اها صبر ۽ سهپ ۾ مرد کان وڌيڪ آهي. ڏنو وڃي ته زندگيءَ جي جدوجهد جاري رکڻ ۾، عورت، مرد کي مايوسين مان ٻاهر ڪڍيو آهي. عورت هر روپ ۾ هميشه، مرد لاءِ حوصلو ثابت ٿي آهي. عورت جي باري ۾ اسلامي نظريو پڻ سڀ کان بهترين، اُتم ۽ اعليٰ آهي. اسلامي معاشري ۾ عورت جي اهميت ۽ احترام مرد جي برابر آهي.

نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته، "جنت، ماءُ جي پيرن هيٺان آهي". عورت لاءِ هيءُ ڪيڏو نه سهڻو ۽ عظيم خراج تحسين آهي! پوءِ جيڪڏهن معاشرو، هن عظمت کي وساري، عورت سان ناانصافي ڪري ته ضرور ڪيس پنهنجي بقا ۽ دفاع لاءِ آواز بلند ڪرڻ گهرجي.

عورت پنهنجي اندازِ فڪر جي روشنيءَ ۾، سياسي توڙي سماجي زندگيءَ ۾ پنهنجو ڪردار بخوبي ادا ڪري سگهي ٿي. ڏسڻ ۾ آيو آهي ته عالمانه پيشي ۾، سياست، انتظامي اُمور، سائنسي تحقيقات، ادب ۽ آرٽ جي شعبن ۾ حوا جي ڌيءَ، پنهنجو پاڻ ملهايو آهي.

هر دؤر جي عورت سسئي رهي آهي، مرد جي ڏاڍ جو شڪار، پر هن کي اُن ڏاڍ جو ڪيئن مقابلو ڪرڻو آهي، اهو اسان کي لطيف سائينءَ سيکاريو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سَمَرَ جَنين نہ سَانُ، هوت حمايتي ٿن جو،
ڪَري چيچ چِپَرَ ۾، پُنهون اِيندو پاڻ،
ٿِيندي رِيجهہَ رهاڻ لحظي منجھ لطيف چئي

برطانوي شاعر ٿامَس (Thomas) لکي ٿو تہ. "اي عورت! اي خوبصورت عورت. قدرت واري توکي صبر ۽ برداشت جي دولت سان نوازيو آهي، ورنہ اسين توکان سواءِ حيوان هئاسين." يعني هر ملڪ ۽ هر طبقي جي فرد. عورت جي اهميت کي تسليم ڪندي بہ هُن سان ڏاڍ ڪيو آهي، ماضيءَ ۾ عورت کي مرد کان ڪمتر سمجهيو ويندو هو. اُن کي سماجي زندگيءَ ۾ حصو وٺڻ کان محروم رکيو ويندو هو. اُن جون سرگرميون صرف گهر تائين محدود رکيون وينديون هيون. مختلف مذهبن ۽ سماجن ۾ عورت جي باري ۾ مختلف نظريا هوندا هئا.

انگريز شاعرن ٽينيسن ۽ جان ڪيٽس چيو آهي تہ "عورتون، حُسن جون پريون آهن ۽ روحاني حقيقتن جو آواز آهن".

اڄ جي مرد ۾ ماده پرستي ۽ خود غرضيءَ جي مزاج، عورت لاءِ بي لوث محبت جا جذبا ختم ڪري ڇڏيا آهن. پر شاهہ سائينءَ جي هن سُر ۾، عورت جي بي لوث محبت ۽ مستقل مزاجيءَ کي ظاهر ڪيو ويو آهي: عورت کي انساني خوبين جو پيندار بڌايو ويو آهي، ۽ عورت کي جنهن جبر سان مقابلو ڏيڪاريو ويو آهي، اُهو وڏيڪ متاثر ڪندڙ آهي:

آڏ تراڇا آهُڙا، وندُر وَراڪا وَرَ،
حُبَ جنهين کي هوت جَي سا ڏوريندي ڏونگر،
پَهچائِين پَرورَا! لُطف ساڻ لطيف چئي.

جديد دؤر، انساني ارتقا جو مثالي دؤر چيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هن دؤر ۾، انسان، ترقيءَ جون جيڪي منزلون طئي ڪيون آهن، قديم دؤر جو انسان اِن جو تصور بہ نہ ڪري سگهندو هو. صنعت و حرفت، ٽيڪنالاجي، ڪمپيوٽر ۽ سائنس جي ميدان ۾ انسان تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. ڪائنات جي اِسرار ۽ رموز کي آشڪار ڪري رهيو آهي. زمين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان علاوه ٻين سيارن ۽ ڪهڪشائن جي طرف گامزن آهي، جهڙي تيزيءَ سان، اِنسان ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندو پيو وڃي، اُن ئي تناسب سان هُو اخلاقي پستيءَ جو شڪار ٿيندو پيو وڃي، انفرادي توڙي اجتماعي وحشي بنجندو وڃي، معاشرتي اڻ برابريءَ جي بنياد تي ٿيندڙ ظلم، برداشت ڪان ٻاهر آهي. پر شاهه سائين اهڙي طبقاتي معاشري کي ننديو آهي، هو عورت کي صنف نازڪ ۽ محترم هستي سمجهندي، اُن جو قدر ڪرڻ لاءِ چوي ٿو، عورت کي معصوم چوي ٿو ۽ سسئيءَ لاءِ خاص طور چوي ٿو ته هوءَ تمام ابوجهه (سادي) هئي، تڏهن ته ڏيرن تي اعتبارُ ڪري، ڪين پنهنجو سمجهي، غفلت جي ننڊ ۾ هلي وئي، حالانڪ پوءِ ته گهڻو ئي پڇتاءُ ٿيس ۽ پنهونءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ شروع ڪيائين ۽ اهڙا پنڌ پيچرا، جن تي مرد به وڃڻ کان گهٻرائين، تن رستن تي هن سفر ڪيو ۽ اهو سنڌس محبت جو معراج آهي، هونئن به ڏٺو ويو آهي ته عورت جي محبت انفرادي (هڪ شخص) هوندي آهي، پر مرد ۾ اجتماعي محبت جو عنصر شامل هوندو آهي، هڪ کان وڌيڪ محبوبا رکڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي، پر سسئي پنهنجي پنهونءَ سان Committed آهي:

رات ڏٺائين روجهه، پانءِ ڪ اوٺي آئيا،
پريٺي پَرِينءَ جي سڳڻ ڪي سَبوجهه
هُئي گهڻو ابوجهه، سُورن سُونهائي سسئي

اسان وٽ معاشري ۾ System of Approach صحيح نه آهي.

عورتن سان ڪيترائي اهڙا ظلم ٿين ٿا، جيڪي پسمنظر تي اچن ئي ڪونه ٿا. حالانڪ رياست جو فرض آهي ته اُها هر طريقي سان عوام ۽ قومي مفادن جي حفاظت ڪري، قبائلي جهيڙن، ڪارو ڪاريءَ جي واقعن، جنسي ڏاڍاين، طبقاتي، مذهبي، سماجي بنيادن تي ٿيندڙ متڀيدن تي نه رڳو، مهذب سماج ڪنبي وڃي ٿو، پر سڌرندڙ معاشرو ڪافي سال پٺتي هليو وڃي ٿو.

١٨٢٠ع ۾ انگليند ۾ پيدا ٿيندڙ هر برٽ اسپينسر (Herbert



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Spencer) پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب Principles of Sociology ۾ جيڪي سماجيات جا اصول لکيا آهن. انهن ۾ معاشرتي برابري، جدوجهد ۽ بقا جو اصول نمايان نظر ايندو. سندس آڏو سماج اعليٰ جسماني (Super_organie) ظاهر ٿيندڙ ڳالهين جي سائنس آهي.

پر شاهه سائين، هربرٽ کان سوين دفعا مؤثر سماجي اصول اسان کي پهرين ڏنا. مٿيان اصول هربرٽ گهڻو پوءِ ڏنا. شاهه سائين سنڌي سماج کان بخوبي واقف هو. يعني هو "ماهر سماجيات" هو. تڏهن تہ چوي ٿو تہ:

ڪَرڙا ڏونگر ڪَهہَ گهڻي، جت واٽن تي واري،
آڏا لَڪَ لطيف چئي، بَر سُڃن بَارَي،
ڄَا منزلن مَاري، سا قادرَ ڪيچ رَسائين.

جڏهن پربت جيڏا جبلَ، سسئيءَ جي رستي ۾ رڪاوٽ ٿا بنجن تہ پهرين انهن جي هيبت ڏسي دهلجيو وڃي، وري سندس اندر جو انسان ايترو تہ مضبوط ۽ پُرعزم آهي، جيڪو کيس حوصلو ڏئي ٿو:

ڪوڏر نہ ڪاتي، جَنهن سان ٽَڪَر ٽانڪيان
جيڪو جبل لَنگهيان، سو هيبت جو هاٿي
پرينءَ جا پاتي، سا جُڙَ جيئري نہ لهي!

اِتي سسئيءَ تي فطري اصول لاڳو ٿئي ٿو. چوتہ انسان پنهنجي طرفان ڪوشش جاري رکيْ، محنت ۽ تدبير سان، تقدير بدلجي سگهي ٿي، چوتہ "ليس للانسان اِلا ما سَعيٰ" (جيترو ڪوشش ڪبي اوترو ملندو) محبت جي حوصلي تي هُوءَ بنا ڪوڏر يا ٻي ڪنهن هٿيار جي، هيڏا وڏا پهاڙ سَر ڪري ٿي، اِها ڪوهه پيمائي صرف حوصلي وسيلي ممڪن ٿي ۽ اِهو جس بہ سسئيءَ جي حصي ۾ آيو.

ڏٺو وڃي تہ اِنسان جي تخليق ڏاڍي تڪليفده هوندي آهي، پر تخليقڪار اهو جس بہ عورت کي ڏئي، سندس حوصلي ۽ صبر کي ثابت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ڇڏيو. پر اُنهي معاشري، جنهن کي هُن پنهنجي تخليق سان سينگاريو، سنواريو ۽ واڌو ويجهه ڏني، عورت کي ڪمتر سمجهيو. پر لطيف سائين اُهو پهريون عظيم شاعر آهي، جنهن ٻڌايو تہ عورت جي حوصلي اڳيان، پٻ جهڙا پهاڙ بہ قابل تسخير آهن ۽ اهو بہ اُن صورت ۾ جڏهن هوءَ ڏکويل هجي، پر جيڪڏهن هن نازڪ ۽ حوصلي مند ذات کي خوش رکيو وڃي، عزت ۽ معاشرتي برابري ڏني وڃي تہ هوءَ مُلڪ جي وڏي کان وڏي مرتبي تائين منزل ماڻي سگهي ٿي.

تاريخ شاهد آهي تہ عورتن پنهنجي عقل، فهم ۽ فراست سان ملڪن تي حڪمراني پڻ ڪئي آهي. ايڏي ڪاميابي ۽ حوصلي باوجود ڏسڻ ۾ اچي پيو تہ ايڪويهين صديءَ ۾ بہ عورت ذهني ۽ جسماني صلاحيتن هوندي بہ امتيازي سلوڪ جو شڪار رهي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ شاهہ سائينءَ جا ڏسيل ڪردار ڏيئي جي لاٽ وارو ڪم ڏين ٿا. سسئي پنهنجي قوت ارادي ۽ سگهاري صلاحيتن سان، ڪمزور عورت جي.تاريخ تبديل ڪري ڇڏي، هن کي جڏهن بہ موقعو مليو تہ هن پنهنجي ذهانت ۽ شعور جو اظهار ڪري ٿي!

ڏاگها ڪيرَ ڏور، اجا آرياڻي اڳي ٿيو،
موڙي مُجرَ تاريون، چانگا! تا چرو،
آن تان حَرفُ هرو، مُورائين معاف ٿيو.

ماهر سماجيات ايمل درخيم (Emile Durkhiem) جو خيال آهي تہ "سماجي بندش هڪ اجتماعي شعور جي نمائندگي ڪري ٿو. ان ڪري اُهو فردن ۾ ٻڌي پيدا ڪرڻ ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ اهي ڳالهيون سماجي ترقيءَ جي نشانيءَ جي حيثيت رکن ٿيون."

سسئي پنهنجي سڪ ۽.سوز سان ثابت ڪيو تہ عورت وفا جو مجسمو آهي، هوءَ زندگيءَ ۾ هڪ دفعو محبت ڪندي آهي ۽ پوءِ مرڻ گهڙيءَ تائين اُن جي نالي جي تسبيح پڙهندي رهندي آهي: جوتہ هُوءَ اِنهن رشتن جي اهميت ڄاڻي ٿي ۽ احترام ڪرڻ پڻ. تڏهن تہ چوي ٿي تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جَتا! شال جيو، جيو تا جاڙون ڪريو،
ٻانيڻ کي ٻروچ ري، پيلي ناهه پيو،
چنڻ تان نه پيو، هيءُ سگ نه چنڻ جهڙو.

## ڪتابيات:

(۱) غلام محمد شاهواڻي: "شاهه جو رسالو"، سنڌيڪا اڪيڊمي.
(۲) مشتاق مسرور ٻاريچو: "سماجيات جي فِڪر جي تاريخ"، نسيم بُڪ ڊيپو، حيدرآباد.
(۳) مشتاق مسرور ٻاريچو: "بين الاقوامي تعلقات، اصول ۽ نظريا"، نسيم بُڪ ڊيپو، حيدرآباد.
(۴) محمد رفيق طارق: "اسلامي اخلاقيات ۽ تصوف"، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد.
(۵) پروفيسر امان الله خان: "اسلاميات"، اقرا پبليڪيشنز، حيدرآباد.
(٦) ڊاڪٽر صلاح الدين: "گلشن مضامين"، اظهر پبليشر، اردو ـ زبان، لاهور.
(۷) پيرومل مهرچند آڏواڻي: "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
(۸) سنڌي (لازمي) نصاب (بي ـ اي، پارٽ ٽو) هاير ايڊيوڪيشن، اسلام آباد.
(۹) سُر بروو سنڌي: مرتب: حميد سنڌي "شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، ۱۹۹۵ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ديسي سيڻ ڪجن.....!

هن مقالي جو موضوع سُر ديسيءَ جي پهرئين باب مان کنيو ويو آهي. شاهه جي رسالي ۾ ٽيهه (٣٠) سُر آهن. جي سُر ڪلياڻ کان شروع ٿي، سُر بلاول تي ختم ٿين ٿا. سسئي پنهون واحد داستان آهي، جنهن جا شاهه صاحب سچا سارا پنج داستان لکيا آهن. هڪ ئي عشقيه داستان کي پنجن سُرن ۾ لکڻ جو خاص سبب يا ضرورت منهنجي ذاتي خيال موجب هن طرح ٿي سگهي ٿي، ته جا واٽ پنهونءَ جي پنيان پوندي، سسئيءَ ورتي هئي، گهٽي ڀاڳي اها ساڳي ئي واٽ صوفي ساٿيارن جي سنگت ۾ گنجي ٽڪر، پٻيور ۽ ڪلاچيءَ کان هنگلاج تيرٿ گاهه ويندي. شاهه لطيف اختيار ڪئي هئي، جن گسن ۽ پيچرن ۾ هاڙهو ۽ حب به اچي وڃن ٿا. رستي ۾، گوناڻن ڏاهن ۽ ڏاٽ ڏٽين، شاهه ۽ سندن ساٿين جي مزماني به ڪئي هوندي، ته ساٿس ڪچهريون به ڪيون هونديون. جن وٽان شاهه کي به سسئي پنهون داستان بابت چڱي خاصي معلومات هٿ آئي هوندي، ته اُتان جي ڏاهن به شاهه صاحب ۽ سندس ساٿي صوفي فقيرن وٽان گهڻو ڪجهه پرايو هوندو. اهڙي معلومات ۽ ذاتي مشاهدي ڪري ئي شاهه صاحب هن داستان جا پنج سر جوڙي ورتا هوندا.

منهنجي موضوع جو پورو بيت هن طرح آهي:

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي کهڙا پرين!
لڏيو لاڏوڻا ڪيو، هليا هوت وڃن،
پڇاڻا پرين، ڪجي بس پٻيور کان.

هن بيت ۾ شاهه لطيف سؤ سيڪڙو حقيقت تي ٻڌل دوستي ۽ رشتيداريءَ جو مثال پيش ڪيو آهي. پنهونءَ جي ڪچي وڃڻ کان پوءِ، هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عورت جو ڏينهن سان گڏ. رات جو به اڪيلي سر جهر جهنگ، برپٽ ۽ ڊورين مان لنگهڻ ۽ جبل لتاڙڻ هڪ وڏو خوفائتو ۽ جان جوکي ۾ رکڻ وارو عمل آهي. پنهون ڪيچ مڪران جو رهواسي هو ۽ سسئي راجا دلوراءِ جي نگريءَ کان لڙهي آيل نياڻي هئي، جنهن جو پنيور ۾ محمد ڌوبيءَ جي گهر ۾ نيپاج ٿيو هو. ڏسجي ٿو، ته سسئيءَ لاءِ پنهون به پرديسي هو، ته پنهونءَ لاءِ سسئي به پرديسڻ هئي ۽ انهن ٻنهي لفظن پرديسي ۽ پرديسڻ سسيءَ ۽ پنهونءَ کان جيئڻ جو جهان کسي ورتو هو. جو هڪ وڏو هاڃو آهي. ڇاڪاڻ ته انسان کي زندگي هڪ دفعو ئي ملندي آهي. ماڻهوءَ جو هن دنيا ۾ اچڻ جهڙو ڪو ٻيو قدرتي عطيو نه ٿو ٿي سگهي. انسان لاءِ زندگي ئي هڪ لاجواب ۽ بي مثال عطيو آهي، جنهن لاءِ ڪيس اشرف المخلوقات (Best of the beings) جو چوغو به پهرايو ويو آهي.

ان پرڏيهي پريت جي پيچ نه رڳو سسئيءَ ۽ پنهونءَ کان ساهه پساهه جي دولت ڦري هئي، پر اهڙي جوکائتي عشق جا اسان کي ٻيا به ڪيترائي مثال ملن ٿا. ليلا چنيسر جو عشقيه داستان ٻڌائي ٿو، ته ڪؤنرو راڻي راءِ ڪنگهار جي نياڻي هئي، جو ڪڇ ملڪ جي لکپٽ جو راجا هو. هوڏانهن چنيسر سومرو ديول ڪوٽ جو راڄ ڌڻي هو. ڪؤنرو پنهنجيءَ ماءُ موکيءَ سان گڏجي، چنيسر سان پريت جو پيچ اٽڪائي، چنيسر جي به حياتي کسي ورتي، ته ڪؤنروءَ پاڻ به ڦٿڪي، ڦٿڪي پساهه پُورا ڪيا. ساڳيءَ طرح مومل راڻي داستان جو راڻو ميندرو سنڌ جي ٿر علائقي جي راجا همير سومري جو وزير هو. مومل ميرپورماٿيلي جي راجا نند جي نون ڌيئرن مان هڪ ڌيءَ هئي، جنهن ميندري سان محبت ڪري، پاڻ کي آڙاهه ۾ جلائي ختم ڪيو هو. ۽ ائين راڻي به ساڳي ئي ٻرندڙ مچ ۾ پاڻ کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو هو. ان عشق ئي بخارا جي تاجر عزت بيگ کان ميهار چورائي، پاڻ کي ۽ سهڻيءَ کي لهرين ۾ لوڙهايو هو. ان ڪري، عاشق توڙي معشوق کي جيڪڏهن صبح، شام هڪ ٻئي جو درشن ڪرڻو آهي، ته پوءِ ڪين ديس وارن سان ئي دل لڳائڻي آهي. اهڙيءَ طرح سان نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن ڪي سهڻي بڻجي، درياهه اڪرڻ جو خطرو ڪٽڻو پوندو ۽ نہ وري ڪنهن عاشق کي ڪاڪ محل جهڙي طلسمي محلات ۾ ڦاسي، هر شيءِ کي داو تي لڳائڻو پوندو.

آخر ۾، پرديسي پرڻيءَ بدران، "ديسي سيڻ" ڪرڻ بابت فيصلي تي اسان کي وري وري غور ڪرڻو آهي، ڇوتہ شاهه لطيف پنهنجي وقت ۾، حالتن تي غور ڪري، ديسي سيڻن جو مشورو ڏئي ويو آهي. اسان کي پنهنجي حالتن مطابق، سائنسي تجزيو ڪرڻو آهي، ڇوتہ عشق ۽ مشڪ کي لڪائڻ سان بہ نہ ٿو لڪائي سگهجي. هنن وڙن ۽ ورجيسن کي ڪنهن بہ قسم جي اشتهار بازيءَ جي ضرورت ناهي. هونءَ بہ ديس ۽ پرديس وچ ۾ ليڪا ۽ سرحدون مقرر ڪري، عشق ۽ محبت کي اسان محدود نہ ٿا ڪري سگهون، ڇاڪاڻ تہ اهڙي عمل دخل تي غيرفطري ۽ غيرجوازي ليبل لڳي سگهي ٿو.

## حوالا:


(١) "شاهه جو رسالو"، مرتب: پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي.

(٢) "شاهه جو رسالو"، مرتب: شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ، ڇپائيندڙ: سنڌي اڪيڊمي، دهلي.

(٣) تہ ماهي "سپون"، ممبئي، ديوت شرما پدم راج.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ جو مطالعو

لطيف سرڪار پنهنجي رسالي ۾ وڏ ڪان وڏ جنهن سورميءَ ڪي ساراهيو آهي، سا سسئي ئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌس ساراهه ۾ سچا سارا پنج سُر چيا اٿس. سسئيءَ وارن سمورن سرن جو بنيادي پيغام جدوجهد جو سبق آهي. تاهم هن سُر ۾ پيا به انيڪ رنگ نظر اچن ٿا.

ديسي لفظ جي معنيٰ ڏيهي آهي. هيءُ هڪ راڳڻي جو نالو آهي، جيڪا ديپڪ راڳ جي خاندان مان ٻڌائي وڃي ٿي.

مون سُر ديسيءَ مان جن موضوعن کي فوڪس ڪيو آهي، تن ۾ جدوجهد کان علاوه خود احتسابي، تقدير، ڪلچر جي عڪاسي، تشبيهات، ندرت ۽ تازڪ خيالي اچي وڃن ٿا.

هيءَ دنيا سعي ۽ عمل جي جاءِ آهي، جتي بازي اهو کٽندو، جيڪو پنهنجي ننڊ ڦٽائيندو. مثل مشهور آهي ’جو سوئے گا وه کهوئے گا. جو جاگے گا وه پائے گا‘. دنيا ۾ سالڪ جا مُکيه ٽي دشمن آهن: نفس، دنيوي تعلقات ۽ خودي_ سسئيءَ جا به بنيادي طور ٽي دشمن هئا: ڏير، ڏاڳها ۽ ڏونگر. قصي ۾ ڪرِ آيل ڪردارن، واقعات ۽ حالات جي روحاني تمثيل هن ريت ٻڌائي وڃي:

| | | |
|---|---|---|
| پنهون | _ | مطلوب يا محبوب، حقيقي |
| سسئي | _ | حق جو طالب يا سچو سالڪ |
| درياءُ | _ | مرشد ڪامل |
| وندر ۽ وٽڪار | _ | ڪشالا ۽ مشڪلاتون |
| ڪيچ | _ | محبوب جي منزل ۽ مڪان |
| ڏاڳها، ڏير ۽ ڏونگر | _ | نفس، دنيوي تعلقات ۽ خودي. |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهڙيءَ طرح سسئي معمولي غفلت سبب سنگلاخ زمين تي پنهنجا ميندي‌ءَ رتڙا هٿ پير پٿون ڪرايا. ونڊر ۽ وٽڪار ووڙيا. پب ۽ هاڙهي جي پُر پيچ پيچرن تي پنڌ ڪيا ۽ آخر محبّت جي واٽ ۾ مري پاڻ ملهايو. تڏهن مس وڃي پتار جي پر حاصل ڪئي ۽ پرينءَ پنهل کيس پنهنجو ڪيو. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪو نيڪ انسان معمولي غفلت سبب خداوند تعاليٰ جو قرب گنوائي ٿو ويهي، تہ پوءِ وري ساڳي مرتبي حاصل ڪرڻ لاءِ کيس وڏي محنت ڪرڻي پوي ٿي، تڏهن مس مس وڃي ساڻس پرين پرچي ٿو.

سسئيءَ کان سهوَ اها ٿي، جو شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻنڌجڻ کان پوءِ سيج تي پنهونءَ جو انتظار ڪندي ڪندي کيس ننڊ اچي نهوڙيو ۽ هوءَ غافل ٿي سمهي پئي. پلاڪيس کهڙي ڪَرَ تہ اها گهڙيءَ جي غفلت زندگيءَ جو روڳ بڻجي پوندي. ورنہ سڪ ۽ انتظار جي ڪيفيت ۾ سمهڻ جو تہ سوال ئي نہ پيو پيدا ٿئي! پر چوندا آهن تہ انهيءَ ننڊ نياڳيءَ وڏن چپاتن جي چيلهہ ڀڃي ڪري وڌي. سو انهيءَ غفلت واري گهڙيءَ، سسئيءَ جو سک چين برباد ڪري ڇڏيو. لطيف سائين سندس دل جي ڪيفيت کي بيت جي ٽن سٽن ۾ هن ريت سمايو:

سڪي جان سُتياس، تا سڪ سمهڻ نہ ڏي،
جاڳي سُتيس جن لڳ، سي آيا تان نہ اُٿياس،
پينر آءٌ پُلياس، نہ تہ سڪ سمهڻ چا لڳي!

**خود احتسابي:** سسئيءَ کي جڏهن پنهنجي غفلت جو احساس ٿيو تہ هن خود احتسابيءَ جو عمل اختيار ڪيو ۽ پنهنجي غلطين کي شمار ڪرڻ لڳي تہ جڏهن مون ڏينهن جو پنهونءَ جي پائرن جو قافلو ڏٺو تہ اُنَ جي مهارن کي چوٽيءَ جي وارن سان زنجيرن وانگر مضبوط ڪري ڇو نہ ٻڌو. جيڪڏهن ائين ڪريان ها تہ هوند منهنجو پنهل مون کان پري نہ ڪري وڃن ها:

اڳڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏٺہ ڏينهن،
وٺي سرڪَ سسئي، ويهہ وهائيءَ سينڻ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چوٽيءَ سين چانگن کي، جَڙِ زنجيرن جيئن،
تہ هوت تنهنجو هيئن پنهون نيائون نہ پاڻ سين.

هن نماٽيءَ کي اهڙا بہ خيال اچڻ لڳا تہ جيڪڏهن انهن گورن جي گوڏن کي وارن سان ونگي ڇڏيان ها تہ هي جبل جا اٺانگا پنڌ ۽ ڪشالا ڪڍٽائي ڪونہ پون ها:

اڳڻ متي اوپرا، ڏنئہ جَڏ توڏا،
وَنگيئہ نہ وارن سين، تن گورن جا گوڏا،
تہ لَکِن جا لوڏا، هوند نہ سَنئہ سسئي!

سسئي ويچاري تہ ڪڏهن سوچي ئي نہ پئي سگهي تہ ڪو پنهل ڪانئس ائين پري ٿي ويندو. هن پنهل جي ڀائرن کي تہ مهمان ٿي ڀانيو. هن کي اها توقع ڪانہ هئي تہ اهي ڏير مون لاءِ وَيرَ ثابت ٿيندا ۽ مون تي کهل ڪرڻ بدران ائين کُهي ويندا. مون ٻانهيءَ کي سورن جو سامان ڏئي ويندا. رات جي پيٽ ۾ جَتَ مون سان وڏي زيادتي ڪري ويا. هن پنهنجي پنهل کي تہ هر وقت پاڻ وٽ رکڻ پئي گهريو:

مون ڀانيو مزمانَ، هميشه هوندا پرين،
کُهي ڪميٽي هلئا، کهل ڪيائون ڪانہ،
ڏيئي وٺا ڏاهہ کي، سورن جو سامان،
جورو رات جوان، جيڏو جت ڪري وٺا!

**ازل جو انگ:** سسئيءَ جو اهو پختو ايمان هو تہ پنهل سان سندس ازل جو انگ هو. جڏهن ربَّ پاڪ روحن کي تخليق ڪيو تہ سندس روح، عالم ارواح ۾ پنهل جي روح سان ڳانڍاپيل هو. ميثاق واري ڏينهن اهو ازل جوَ انگ لکيو ويو هو. ڪيس حضرت علي عليه السلام جي ان قول ۾ پڪو ڀروسو هو تہ 'جڏهن ڪو انسان ڪنهن شيءِ جي طلب ڪري ٿو ۽ ان لاءِ لوڇي ٿو تہ اهو ضرور لهي ٿو'. هوءَ پنهونءَ جي پيزار تان پاڻ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر هوءَ هڪ پيرو پنهل سان ميڙائُو ٿيڻ جي متمَني آهي:

جڏهن ڪُن فيَڪون، ٿڏنئو آرياٽي ارواح،
انگ اڳهين لکئو، منهنجو ميثاقاه،
مَن طلب شيئاً جد وجد، اُتو علي شاهه
اجا ان حديث جو، آسرو مون آهه،
پنهونءَ جي پيزار تان، منهنجو موت مباح،
سرتيون دعا ڪجاه، مانَ ميڙائو مون ٿئي!

توڙي جو سسئي پنهنجي غلطيءَ ۽ غفلت تي پشيمان هئي، پر هن انهيءَ سڄي وار دات کي قسمت جي ڪوتاهي تي تصّور ڪيو. چوي ٿي ته جي منهنجو مقدر نه ڦٽي ها، نصيب برو نه ٿئي ها ته هي ڪئن ڏينهن ڏسڻائي ڪونه پون ها. ڏيرن جو ڪهڙو ڏوهه! اُنن توڙي اوٺيئڙن کي ڪهڙي مجال!! وَير، ته انهن جي وس ئي ناهي. پر لوح قلم جي لکئي کي مان ڪميٽي ڪيئن ٽي مڙائي سگهيس:

ڇا جي ڏنگا ڏيرَ، منهنجو ڏينه ڏنگوم ٿئي،
اُٺن اوٺيئڙن جي، ڇا وهيٽو وَيرَ،
هيءَ ڪميٽي ڪيرَ، جا امر کي آڏو ڦري!

مقدر جو ئي فيصلو سمجهندي، هڪ ٻئي بيت ۾ هن ريت اظهاري ٿي:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آءَ ڏڌي،
پڇان پير پنهونءَ جو، وجهان وک وڌي،
لکئي آءَ لڌي، ناته پٽن ڪير پنڌ ڪري!

**جدوجهد:** سسئي عزم مصمم جو مثال هئي، هن پختو ارادو ڪيو هو ته پنهل کي پچان نه پچان، پر هر قدم اڳي کان اڳيرو ئي هوندو. پنهنجو سمورو وس هلائيندس ته ڪنهن پر منزل تي رسي سگهان، پر جي انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنن سفر ۾ رڙندي، روئندي موت مٿان اچي ويو ته به گهاتي جو سودو نه آهي. جستجوءَ ۾ جان وڃي ته وڃي. مَنَ مُئي پڇاڻان ساڻ ۾ شهرت ملي ۽ اها ڳالهه ڳائڻ ۾ اچي ته ويچاري سسئي پنهل پڇاڻان رائي ۾ رڙي مُئي:

پڇان جي نه پڇان، وڃڻ سين وَس ڪريان،
سگهر مانَ سُڃان، ته رائي ۾ رَڙِي مُئي!

جبلن جا آڏ تراڇا دشوار گذار رستا، جن سسئيءَ جا پير پٿون ڪري ڇڏيا هئا. پر هن پُر عزم عورت همت ڪا نه هاري، سندس قَدمُ اڳي ڪان اڳرو هو. منزلون طيءِ ڪندي پنهل ڪي ان آسري پڪاريندي رهي ته مَنَ منهنجي ڪا ڪوڪ دانهن پريِنءَ جي ڪنن تائين پهچي. سندس وس ۾ ته واڪا ئي هئا:

آڏ تراڇا آهڙا، ڏونگر ڪي ڏاڪا،
ڪيم آه عجيب ڪي، سڪ منجهان ساڪا،
پٺئي هٿيڪي هوت ڪي، ڪوڪ ڪنين ڪاڪا،
منهنجو وس واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو!

سسئيءَ جي همت ۽ حوصلي ڪي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي. هوءَ جبل جي پُر پيچ پيچرن کان خوفزده ڪانه ٿي ٿئي، بلڪ سندس اندر جا احساس اهي آهن ته سندس ۽ پنهل جي درميان رڪاوٽ بڻجي جبل پل پيوَجڪ هٽي ته ڪو هو مون کي آڏو اچي روڪي بيهاريندو. اهڙا لکين لَڪ هجن، تڏهن به سپرينءَ جي سڪ ۾ سمورا اُڪري پار پونديس:

جبل ماري جَڪَ، جو آڏو عجيبن ڪي،
توٽي لَڪَن لَڪَ، سي لنگهنديس سڪ سين!

هڪ نحيف ۽ نفيس عورت ايڏا ڪشالا ڪڍي! في الحال ته عقل دنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهجي تووڃي، پر هن پُر عزم عورت تہ مٿير مردن کي بہ ڇيهہ ڏئي ڇڏيو:

مرد جنہ مات ڪئا، سسئيءَ لنگهئوسو،
جبل وڏو جو نِوَڙ مڙيئي نيہ ڪي!

سسئيءَ جي همت، حوصلي، جرئت ۽ عزم جو اظهار لطيف سرڪار کهڙي نہ سهڻي پيرايي ۾ ڪيو آهي، بيت جون ٽي سٽون ملاحظ ٿين:

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڏو ڪئو،
نهاريندس نڱري، بوتن ڪارڻ بَرُ،
آڏو تڪر تَرُ، متان روهہ رتيون ٿيين!

سسئي چوي ٿي تہ منهنجي پنهل جو تہ ڪو قصور ئي ڪونهي، مون سان تہ ڏير وَيرَ وجهي وڙهيا، جو منهنجو پيارو پنهل وڏيءَ اتڪل ۽ ڍونگ سان مون کان جدا ڪري ويا، مان تہ پنهنجي پنهل کي ووڙڻ خاطر بَرَ بيابان ۽ جهنگل جبل لتاڙي پار پونديس. انهن قافلي وارن اٺن کي اڪيلي سر ئي تلاش ڪنديس. پوءِ هوءَ رستي ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ جبلن ۽ ٽڪرن سان مخاطب ٿي چوي ٿي تہ منهنجي آڏو نہ اچو. منهنجي عزم جي آڏو رڪاوٽ نہ بڻجو تہ ڪٿي منهنجو عزم، توهان کي پرزا پرزا نہ ڪري ڇڏي. شعر جي آخري سٽ ۾ لفظ 'تر' ۾ ڪيترو نہ عزم سمايل نظر اچي ٿو.

**ڪلچر جي عڪاسي:** اسان جي معاشري ۾ ڪي اهڙا ساٽ سَوَڻ ۽ رسمون مروج رهيون، جيڪي اسان جي خاص طور دهقاني ڪلچر جو حصو بڻجي ويون. جيئن چيو ويجي ٿو تہ جڏهن ڪو ماڻهو مسافريءَ تي روانو ٿئي تہ جي واٽ جي ساڄي پاسي ۽ ساڄي هٿ تي تتر تنواريو تہ سٺائو يا سياڳو سوڻ ليکبو ۽ جنهن مقصد لاءِ گهران نڪتو آهي، سندس اهو مقصد پورو ٿيندو. پر جي تتر کابي پاسي کان ٻوليو تہ سَوڻ اٺائو ليکبو ۽ مطلب پورو نہ ٿيندو. مسافر کي ڪپي تہ پنهنجي ماڳ ڏانهن موٽ ڪائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ورنہ سندس راھہ ۾ رڪاوٽون پيش ايندين.

مذڪوره سَوڻ ڪي خيال ۾ رکي، سسئي آس ٿي ڪري تہ جنهن ساٿ ۾ سندس پيارو پنهل آهي، ان ساٿ جو جبلن مان اڪرندي شل سوڻ سڄايو يا سٺائو ٿئي ۽ تتر ساڄي پاسي کان ٻولي:

ڪرڙا ڏونگر ڪہ گهٽي، جت رڻُ تتورائو،
تتر ٿئي مَ تن ڪي، ڏونگر ۾ ڏائو،
جَڏ جام پنهون چائو، تڏ ٿئو سولو طالع ساٿ جو!

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ ٿر ۾ مالهاريءَ جو سَوڻ، مشهور ۽ مروج آهي، جنهن مطابق ڪنهن پاسي ويندي جيڪڏهن واٽ تي ملاري پکي کٻي پاسي کان اڏاڻو ۽ سڄي پاسي ويو تہ سَوڻ سولو ڀانئبو. گويا واڏائي ملي تہ اڳتي وڃجي. سفر سُڦلو ٿيندو پر جيڪڏهن مالاري ساڄي طرف کان اڏاڻو ۽ کاٻي پاسي ويو تہ سوڻ اولو ليکبو. هاڻي اڳتي نہ وڃجي، جو انهيءَ ۾ ٿي بهتري آهي.

مٿين سَوڻ جي پس منظر ۾ سسئي مالاري پکيءَ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿي تہ پنهل جي قافلي آڏو کاٻي پاسي کان اڏامي ساڄي پاسي نہ وڃجانءِ. بلڪ ساڄي پاسي کان اُڏي کاٻي پاسي وڻ جي ٽاريءَ ڏانهن وڃجانءِ. جيئن قافلي وارا ان کي بدسوڻ سمجهي ڪجھ وقت لاءِ بيهي رهن يا تڪڙو اڳتي نہ وڌن تہ مَنَ مان لڙ سونهي انهيءَ بهاني وڃي ڪيچ ڏٺيءَ کي ملان.

سَڄي هٿ ساٿين جي، مَ وانءِ مالاري،
ڏائي جاءِ ڏيرن جي، مٿع سا ٽاري،
مانَ وَرمَن وچ ۾، اَولاٽي آري،
آسوند ويچاري، ڪنه پَر مِڙي ڪيچ کي!

**تشبيهات:** سُر ديسيءَ کي لطيف سائينءَ خوبصورت تشبيهن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سينگاريو آهي. مثال طور بيت جون هي ٻه سٽون ڏسو:

پيئي ڪٺي پساھ، ڏکي ڏيئي وٽ جئن،
اڄ ڪِ سنجھ صُباح، چُندا ڪي تہ منڌ مُئي!

ڏيئي جي وٽ جڏهن ٻري ٻري باقي وڃي ٻچندي آهي ۽ سندس روشني جهيڻي ٿي ويندي آهي تہ ٻہ پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ هوءَ هوا سان مهاڏو اٽڪايو بيٺي هوندي آهي. پر آخر شڪست کائي وسامي ويندي آهي. سورن جي ستايل سسئي بہ پنهل جي تلاش ۾ ڏينهن رات سرگردان رهي ۽ آخر ڏيئي جي وٽ جيان سندس ساھ پساهن تي پهتو ۽ هوءَ ڪنهن وقت بہ دارالبقا ڏانهن راهِ رباني وٺي تي سگهي. ڪيڏي نہ تُز ۽ خوبصورت تشبيه آهي.

سسئي دل جي هٿان مجبور هئي، ان ڪري هن پڪو قصد ڪيو هو تہ هن واٽ ۾ مرڻ ڳهڙيءَ تائين جدوجهد جاري رکندي. سندس واسطو بہ سنگلاخ پهاڙن سان پيو هو. وٽس تہ ڪو اوزار بہ ڪونہ هو، جنهن سان ٽڪر ٽاڪي سگهي. لطيف سائين پهاڙن جي هيبت ۽ حشمت کي هاٿيءَ سان تمثيل ڏني آهي. جانورن ۾ وڏ ڪان وڏ سگهارو، متارو ۽ همت وارو جانور هاٿي ئي تہ آهي. لطيف سرڪار فرمايو آهي:

ڪو ڏر نہ ڪاتي، جنہ سين ٽُگر ٽاڪيان،
جيڪو جبل لنگهيان، سو هيبت جو هاٿي،
پنهونءَ جا پاتي، ساڃرَ جيئري نہ لهي!

**ندرت ۽ نازڪ خيالي:** آخر ۾ سُر ديسيءَ مان ندرت ۽ نازڪ خياليءَ جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

ڳسڙَ تئي مَر گَس، ڀِٽي پوءِ مَر پرينءَ تي،
جنہ سر ساڄن سپرين، تہ اُتْ مَر لڳي اُس،
پنهون پاڪ پُرَس، هوت نہ ڪڄن هيڏيون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سسئيءَ ڪي پنهل سان اٿاهه پيار هو. هن اهو به ڪونه ٿي برداشت ڪيو ته قافلي جي هلڻ سان جيڪا ڌوڙ يا دزَ اڏندي آهي، سا سندس پرينءَ تي پوي. هوءَ نه رڳو پنهل لاءِ اهڙا جذبات رکي ٿي، بلڪ جنهن اٺ تي سندس سپرين سوار آهي، تنهن اُٺ لاءِ چوي ٿي ته شل! ان کي اُس به نه لڳي. هوءَ پنهنجي پنهل کي پاڪ پُرس يعني اعليٰ درجي جي اوصاف جو مالڪ سڏي ٿي. آخر ۾ ڪيس ڏوراپو به ڏئي ٿي ته اي پنهل! توکي مون سان ايڏيون جنيون ڪونه پيون جڳائين.

**جن ڪتابن تان استفادو ڪيو ويو:**

- شاهه جو ڪلام شاهه جو رسالو — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
- شاهه جو رسالو — غلام محمد شاهوائي
- عرفان لطيف — ڊاڪٽر بشير احمد "شاد"
- شاهه جي ڪلام ۾ علامت نگاري — ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو
- شاهه لطيف ۽ سنڌي ثقافت — ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ”پيڙم پيچ پنهونءَ سين“

سسئي پنهونءَ جو تاريخي داستان سومرن جي شروعاتي دور جو آهي، جيڪو سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ ڪڇ گجرات ۾ مشهور آهي. هيءُ واقعو پنيور جي تاريخي شهرن سان واسطو رکي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به هن قصي کي سنڌ جو اوائلي قصو سڏيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”اوائلي داستان غالباً سسئي پنهونءَ جو آهي، جنهن جو بنياد سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾، قافلن ذريعي واپار واري ماحول تي ٻڌل آهي. اها شاهراهه ڪيچ مڪران، ڪرمان ۽ خراسان کان ٿيندي، عراق تائين پهچندي هئي. اهو قصو عربن جي آخري يا سومرن جي اوائلي دور (١٠٥٠ع) جو آهي.“(١)

هن تاريخي قصي کي سنڌي، سرائڪي، پنجابي، بلوچي، راجستاني، ڪڇي، اردو هندي ۽ فارسي ٻولين جي شاعرن ڳايو آهي. پر سيني کان وڌيڪ، شاهه لطيف هن قصي کي اهميت ڏني آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ ته شاهه لطيف وارو دور، اهڙو هو، جنهن ۾ سنڌ جون سياسي ۽ سماجي حالتون خراب هيون ۽ ڌارين حاڪمن طرفان ڪيل قتل و غارت جي ڪري سنڌ جا ماڻهو تمام گهڻا خوفزده هئا. اهڙي وقت ۾ شاهه سائينءَ جهڙو هڪ عظيم مفڪر ۽ داناءُ انسان موجود هو، جنهن سنڌ جي ماڻهن جي دلين مان احساس محروميءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪلام ۾ اهڙا ڪردار پيش ڪيا. هن سنڌ جي تاريخي ۽ نيم تاريخي قصن مان، عورت کي سورميءَ طور پيش ڪري، همت، بهادريءَ، وفاداريءَ، انصاف پسنديءَ، سچائيءَ، رحمدليءَ، صبر، نياز ۽ نوڙت ۽ مستقل مزاجيءَ ۽ جدوجهد جو سبق ڏنو.

پيو ته اسان جي معاشري ۾ عورت هميشه جبر ۽ ظلم جو شڪار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهي آهي، پر لطيف سائينءَ عورت کي مٿانهون رتبو ۽ مقام ڏيارڻ لاءِ اهڙن مثالي ڪردارن کي پيش ڪيو آهي، جيڪي ڪهاڻين ۾ مردن جي پيٺ ۾ وڏيڪ فعال هئا.

شاهه لطيف پنهنجي ماحول ۾ عورت کي هميشه عزت ۽ اهميت ڏني، سندس درجو اُتم ۽ اوچو رکيو آهي. سندس نظر ۾ عورت پنهنجي اندر ۾ سموريون صلاحيتون رکندڙ هڪ ڀرپور انسان آهي. هوءَ هميشه پاڻ ارپيندڙ، مستقل مزاج، ثابت قدم، بهادر، انصاف پسند ۽ بردبار آهي. هن عورت کي، عورت سمجهي سندس سيرت ۽ سندس جذبن ۽ احساسن کي اجاگر ڪري، سندس ڳالهه، هميشه لاءِ اوچو ڪيو آهي. ڪيس عورتن جي جذبن، اُمنگن ۽ احساسن لاءِ احترام هو. ڪيس اها ڄاڻ هئي ته محبت واري جذبي ۾ ئي، عورت جي سموري هستي پنهان آهي. هوءَ جيڪڏهن محبت جي سلسلي ۾ هڪ دفعو اڳتي قدم ڪڍندي ته واپس پنڌ موٽڻ هن جي وس ۾ ئي نه هوندو آهي. سندس خوبين جي ڪري ئي شاهه لطيف جهڙي بزرگ کيس مقدس هستي سمجهيو آهي. ائين قديم سنڌي سماج ۾ عورت جون مورتيون ٺاهي کيس ديويءَ جي روپ ۾ پوڄيو ويندو هو. هن کي تخليق جي ديوي ۽ سچو پريمي سمجهيو ويندو هو. عورت ماءُ آهي ته ڌيءَ به، عورت ڀيڻ ۽ جوءِ به آهي. هوءَ ئي آهي، جيڪا ڀورين پنهنجي پرينءَ جي تلاش ۾، ان جي پويان پريشان رهي ٿي. هوءَ هميشه وفا جي مورتي آهي. سندس وفاداريءَ جا دليل شاهه سائينءَ تاريخي حوالي سان مختلف روپن ۾ پيش ڪيا آهن.

اسان جي سماج ۾ عورت جي جيون ساٿيءَ يعني ڪانڌ لاءِ جستجو مثالي رهي آهي. هوءَ پنهنجي ور سان وفادار آهي. ته پنهنجي گهر سان به بي انتها پيار هوندو اٿس. هوءَ پيڪن سان پريت رکندڙ ۽ هر ڏاڍ سان مقابلو ڪندڙ سچ ۽ حق سان نباهه ڪندڙ بهادر، همت ۽ جرئت واري، بنا خوف ۽ خطر، هر امتحان ۾ ڪامياب ٿيندي آهي.

سنڌي عورت، پنهنجي پرينءَ جي انتظار ۽ اوسيئڙي ۾، يا ته تڙ پوڄي، ڏيا موهي، بک ۽ اڃ برداشت ڪندي آهي ۽ يا ته پنهنجي ڪانڌ لاءِ تڪليفون سهندي آهي. هوءَ پنهنجي سهاڳڻ هجڻ جو رتبو قائم رکڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيار محبت، پروسي ۽ وفاداريءَ وارو ڪردار ادا ڪندي آهي. سندس جستجو اٽل ۽ اڻموٽ رهي آهي. هوءَ پنهنجي پرينءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر تڪليف ۽ مصيبت کي منهن ڏئي، پنهنجي انهيءَ رٿبي لاءِ پاڻ ارپيندڙ رهي آهي.

شاهه لطيف سسئيءَ جي روپ ۾ هڪ اهڙيءَ عورت کي پيش ڪيو آهي، جيڪا پنهنجي پرينءَ پنهونءَ سان سچو عشق ڪري ٿي، هوءَ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ سر جو سانگو لاهي، ڪشالا ڪڍي ٿي، جبل جاڳي ٿي، جبل جي ڪاڙهن ۾ ڪڙهي ٿي، لڪن ۾ لوساڄي ٿي، پر هوءَ جهنگلي جانورن جي خوف، رڻ پٽ جي رڄ ۽ سڄ جي بي پرواهه نه ٿي ڪري ۽ اڪيلي سر اُهي سڀ سور سهي، پنهونءَ کي ماڻڻ ۾ سک محسوس ڪري ٿي:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ٿنهي ڏنم ڏک،
سي سڀ پانيم سک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي

سسئي پنيور سان لاڳاپا لاهي، اڪيلي سر پنهنجي پنهونءَ جي پنڌيان برپٽن، جبلن ۽ جهنگلن ۾ ڪاهي پوي ٿي، جتي ساٿس نه ڪو ماءُ پيءُ، نڪا سرتي يا ساهيڙي ٿي گڏ آهي. هوءَ ٻپ جبل تي پهچي ٿي ته اُڃ ۽ ٿڪ ڪان ساٿي تي ڪري پئي ٿي. قدرتي طور اتي صاف پاڻيءَ جو چشمو پيدا ٿئي ٿو. هوءَ اُتان پاڻي پي، وري به سفر تي رواني ٿئي ٿي. هوءَ اهڙيءَ حالت ۾ به پنهنجي فيصلي تي ثابت قدم رهي ٿي:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ٿنهي ڏک ڏنام،
لُڪن لُوساڻيو هينئون، ڇڇن پير ڇنام،
رَندين رَت، رُنام، پرندي پار پنهونءَ جي.

سسئيءَ سان ڏيرن اهو ظلم انهيءَ ڪري ڪيو، جو هوءَ ذات جي ڌوٻياڻي هئي، ۽ ٻروچياڻي ڪانه هئي. پنهونءَ جي ذات بلوچ هئي. اڳي سنڌ ۾ بلوچ، پنهنجي ذات کان سواءِ ٻيءَ ذات مان شادي ڪونه ڪندا هئا. انهيءَ ڪري هن شاديءَ ۾ پنهونءَ جا مائٽ راضي ڪونه هئا. هنن نه ڪو سندس سڱ ورتو ۽ نه ئي وري سندس شاديءَ ۾ موجود هئا. اهي بلوچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجين روايتن جا پڪا ۽ دل جا سخت هئا. انهيءَ ڪري رات وچ ۾، سسئيءَ کي ننڊ ۾ ستل ڏسي پنهونءَ کي پاڻ سان کڻي هليا ويا. هن واردات جي سسئيءَ کي ڪل ئي ڪانہ پيئي. هن تہ سمجهيو هو تہ سندس پرين پنهون هميشه هن سان گڏ هوندو. پر هو تہ هن کي ويساهي ويا. هنن کي سسئيءَ تي ڪهل بہ ڪانہ آئي. هن جا ڏير سندس پنهنجا تہ ڪونہ هئا. اهي تہ ڏاريا هئا. هنن جو ساڻس عورت جو رشتو تہ ڪونہ هو. هُو تہ اڳ ۾ ئي اها ڳجهي سٽ سَٽي آيا هئا. پر سسئيءَ کان اها ڳالهہ مخفي رکيائون. جيتوڻيڪ سَسئيءَ هنن جي خدمت بہ تمام گهڻي ڪئي. جيڪا اسان جي ثقافت آهي:

ڏريائين ڏاريان، مت مئيءَ جا نہ ٿيا،
مدي ڏيرن من ۾، آءٌ ڪليو ڪيڪاريان،
صبح ٿي ساريان، تہ اُٺ نہ اوطاقن ۾.

پر تڏهن بہ سسئي انهن (ڏيرن) کي ڏوهہ نہ ٿي ڏئي. هوءَ چوي ٿي تہ اها منهنجي غلطي هئي، جو مون اها غفلت ڪئي ۽ مون کي ننڊ اچي وئي. جيڪڏهن آئون سجاڳ هجان ها تہ جيڪر اُسر تائين سندن واڳ وٺي بيهان ها ۽ سندن رستو روڪيان ها. يا پنهنجي وارن جي چوٽيءَ سان، اٺن کي زنجيرن جيان، جڪڙي ڇڏيان ها. پر شايد اهو منهنجي قسمت ۾ لکيل هو. اهو الاهي امر هو:

ڇا جي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگوڙ ٿئي
کُٿن ۽ اوٺيڙن جي، ڇا وهيٽو وير،
هيءَ ڪميٽي ڪير، جا اَمر کي آڏو اچي.

سسئيءَ کي تہ پنهنجي پرين پنهونءَ سان سچو پيچ هو. هوءَ تہ ان جي ڪاڻ هر تڪليف کي منهن ڏئي ٿي. لطيف سندس ست ويري ڄاڻايا آهن. انهن مرڻي جي اها گڏيل سازش هئي. انهن ستن ويرين ۾ اُٺ، جت، ڏير، واءُ (جنهن پنهونءَ جا پير لٽي ڇڏيا)، سج، جبل (جنهن پنهنجا پيچرا، لنگهہ سڏا نہ بيهاريا هئا) ۽ چنڊ شامل آهن. انهن سيني هن کي ڏکن ۽ تڪليفن سهڻ لاءِ اڪيلو ئي ڇڏيو. پر هوءَ بهادر ۽ همت واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئي، پنهنجي آڏو ايندڙ هر رڪاوٽ کي پنهنجي عزم سان هٽائي، ختم ڪري ٿي ۽ ڪاوڙ ۾ چوي ٿي ته:

وَر ۾ ڪونهي وَر، ڏيرن وَر وڏو ڪيو،
نهاريندس نڪري، ٻوتن ڪارڻ ٻر،
آڏو ٽڪر تر، متان رُوهه رتيون ٿئين.

سسئي، پنهونءَ جي تلاش ۾ آڏا ترڇا ۽ آهڙا ڏونگر چڙهندي، واٽن جا ڏکيا وَر لتاڙيندي، پنهنجي جان ۽ جگر قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پر جيڪا پنهونءَ سان سندس لنئون لڳل آهي، ان کي وساري نٿي سگهي. هوءَ اهڙا ته ڏکيا جبل چڙهي ٿي ۽ اهڙيون ته ڏکيون واٽون لتاڙي ٿي، جن تي چڙهڻ ۽ هلڻ مهل بهادر مرد ماڻهو به همت هاريو ڇڏين. هوءَ ته ٻريٽ کي پنهنجو ساٿي، ڪاري ۽ ڪانيو پهاڙ کي ڪڪر سمجهي، وڌندي رهي ٿي. انهيءَ اٿانگي سفر سندس پير پٿون ڪري ڇڏيا آهن. پر هوءَ پنهنجي پڪي ۽ پُختي ارادي سان، وڌندي رهي ٿي. ۽ چوي ٿي ته منهنجي پرين پنهونءَ جي ڳولا ۾ جيڪڏهن منهنجن پيرن هلڻ ڇڏيو ته پوءِ آءُ گوڏن ڀر گسڪنديس، چيلهه ڀر چرنديس، سيني ڀر سرنديس مطلب ته جيستائين منهنجي سسيءَ ۾ ساهه آهي، تيستائين پنهونءَ جي پچر ڪانه ڇڏينديس.

ڪوڏر نه ڪاتي، جنهن سان ٽَڪر تانڪيان.
جيڪو جبل لنگهيان، سو هيبَت جو هاٿي،
پرينءَ جا پاتي، سا ڄڃ جيئري نه لهي.

سسئيءَ کي سندس اباڻي شهر ڀنڀور جي ذري پرزي مان، ڪيچ مڪران جي رستي ۾ آريءَ ڄام جو ئي واس اچي ٿو. هوءَ چوي ٿي ته: ڀلي منهنجو ماس مرون کائي وڃن، پر جيڪڏهن منهنجا هڏا پنهونءَ وٽ پهتا ته اها به منهنجي خوشنصيبي ڇٻي، ڇاڪاڻ ته پنهونءَ سان منهنجو اهو سڱ، ازل کان ئي ڳنڍيو پيو هو. مالڪ جڏهن ڪن فيڪون چيو، تڏهن کان ئي عالم ارواح ۾ پنهونءَ سان منهنجو نينهن ڳنڍجي ويو هو. ته پوءِ ان کي اهي جهنگل ۽ جهنگلي جانور، يا رڻ پٽ، يا سوڙها لڪ ڇاڻا ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهن؟ هي تہ اهڙو سگ آهي، جيڪو ڪڏهن بہ ٽٽي نہ ٿو سگهي. انهيءَ ڪري تہ پنهونءَ کان سواءِ سڀ اونده آهي ۽ پنهونءَ کان سواءِ منهنجي زندگي اڌوري آهي. سسئي چوي ٿي:

جتا! شال جيو! جيو تان جاڙون ڪيو،
ٻانيڻ ڪي ٻروچ ري، ٻيلي ناهہ پيو،
چنڻ تان نہ پيو، هي سگ نہ چنڻ جهڙو.

سسئي، پنهونءَ جي جدائيءَ ۾ رت ٿي روئي. هن کي پنهونءَ کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ مان ساءُ ڪونہ ٿو اچي، نہ متن مائٽن مان ۽ نہ ئي وري سرتين ساهيڙين جي رهاڻ مان. هن کي هروقت سندس وَر جي وڇڙڻ جو ڏک آهي. هوءَ بہ مالڪ کان دعائون ٿي گهري تہ شل پنهونءَ کي ٻہ ڪوسو واءُ نہ لڳي:

اُس مَ لڳي اوٺئين، ليڙان لُڪ مَ لڳ،
الله! آريچن کي، ڪوسو واءُ مَ وڳ،
جَت جهجها ۾ جڳ، منهنجي پرت پنهونءَ سين

هوءَ انهيءَ جدائيءَ کي پنهنجي اندر ۾ ڪيئن ٿي سهي سگهي؟
انهيءَ ڪري هوءَ اهو پڪو عزم ۽ ارادو ٿي ڪري تہ آئون ڏينهن رات ڏونگر ڏوري، ڪيچين ڏانهن ڪاهينديس، انهن کان سواءِ پيرو ۾ ڪيئن ماٺ ڪري ويهي رهنديس ۽ پنهونءَ کان سواءِ ڪيئن جيئري رهي سگهنديس، ڇاڪاڻ تہ پنهون مون سان قيامت جي ڏينهن بہ گڏ هوندو. هو مون کي اڪيلو ڪونہ ڇڏيندو.

اهائي سسئيءَ جي ثابت قدمي ۽ مستقل مزاجي آهي. سندس اعليٰ ڪردار، سندس عملي زندگيءَ جو ترجمان آهي. هن جي هر قدم ۾ دم آهي، هوءَ پنهونءَ جي تلاش ۾ وڌندي رهي ٿي. هوءَ چوي ٿي:

ماٺ مت سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نہ ويندم،
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ جو مختصر جائزو

"سُر ديسي"، شاهه سائينءَ جي چيل اُنهن پنجن سُرن مان هڪ آهي، جيڪي سسئيءَ متعلق چيا ويا آهن، آبري، ڪوهياري، حُسيني ۽ معذور جيان سُر ديسي به سسئيءَ جي ڏکن، ڏاکڙن، تڪليفن، ڪشالن ۽ جدوجهد جو سُرُ آهي.

ڏکن ۽ سکن جي هن دنيا ۾ هر ماڻهوءَ کي انهن ٻنهي جذبن سان واسطو پوندو ٿي رهي ٿو. ڪڏهن سک تہ ڪڏهن ڏک. ڪو ورلي هوندو، جيڪو يا تہ ڏکن کان آجو هوندو يا وري رڳو ڏکن ۾ گهريل هوندو. اهڙين حالتن ۾ هرڪو پنهنجي سُکئي زماني کي ياد ڪندو رهندو آهي. سسئيءَ پڻ پنهنجي ڏکن جي دؤر ۾ سکن کي ساريو آهي. چوي ٿي تہ:

وٺا ورائي جيڏيون، مون ڏکيءَ کي ڏکَ،
وَيني ساريان سُکَ، هيڪانديءَ هُتَ جي.

شادين مُرادين ۾ ڏاجن ڏيڻ جا رواج تہ صدين کان هلندا پيا اچن جنهن ۾ مائٽ پنهنجي نياڻي پرڻائي کيس زيورن ۽ ڪپڙن جا ڏاجا ڏيندا آهن. سسئيءَ کي بہ پرڻايو ويو. ڏاج ۾ ڏيوڻ بہ يقيناً ڏنا ويا هوندا. اهي ڏاج ڏيوڻ زيورن، ريشمي ڪپڙن ۽ عطر عنبيرن جا هئا. ڪي نہ هئا، پر سندس ڏک ڪي ڏسي شاهه سائينءَ جو چوڻ آهي تہ کيس ڏکن جا ڏاجن تي ڏاجا ضرور مليا آهن. جنهن جو شاهه سائينءَ کي نهايت افسوس آهي. فرمايو اٿس تہ:

ڏکيءَ کي ڏکن جا، ڏاجن تي ڏاجا،
لڳيس نائُڪَ نيه جي، ڪُرهہ اندر ڪاجا،
ٿَرَنَ ۾ ٿاجا، ڪَري مُنڌَ مَرَنِ سين.

شاهه سائينءَ پنهنجي سيني سورَمن منجهان پنهونءَ جي ڪردار کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهٽو اعليٰ ۽ ارفع ٻڌائي ڇڏيو آهي. اُن جو سبب ٿي سگهي ٿو ته اهو ٻه هجي، جو پنهون پنهنجي نڪاح ٻڌي زال کان نه ته راتي وانگر شڪ ڪري رُسي ٿو ۽ نه وري چنيسر وانگر ڪاوڙجي هليو وڃي ٿو: بلڪ هن ويچاري کي ته سندس پائر شراب پياري، بيهوش ڪري، ٻڌي قابو ڪري اُٺ تي چاڙهي ڪٺي هليا وڃن ٿا. ان ڳالهه جو احساس ته سسئيءَ کي ٻه آهي ۽ هن کي پنهنجي محبوب جي محبت جو يقين ٻه آهي. هوءَ ٻه ان وڇوڙي کي پنهنجي پرينءَ پاران ڪانه ٿي ڀانئي، بلڪ اول ته ڏيرن کي ڏوهي قرار ڏئي ٿي ۽ پوءِ گڏوگڏ ڏاگهن ۽ ڏونگرن کي ٻه ان جو شريڪ سمجهي ٿي. هوءَ چوي ٿي ته:

جَتَن يارانو، ڪيچِين مون سين ڪونه ڪيو،
نالي سُيَس نيه جي، مُٺم ٻارانو،
تيلاهين طعنو، ڏيئي مون ڏير وٺا.

تنهن بعد وري چيو اٿس ته:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهين ڏِنم ڏُکَ،
سي سَيُ پائيم سُکَ هيڪاندِ ڪارڻ هوت جي

سسئيءَ جو ڪردار ٻه ٻين سورمين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت جوڳو آهي. چاڪاڻ جو هوءَ ٻه نه ته ليلان وانگر پنهنجي پرينءَ جو هڪ هار تي سودو ٿي ڪري ۽ نه ئي مومل وانگر هر قدم تي پنهنجي پيڻ سومل جي رضامنديءَ کي اهميت ٿي ڏئي. انهن ئي سببن ڪري نه فقط شاهه سائينءَ، بلڪ شاهه سائينءَ جي نامور شارحن ٻه سسئي ۽ پنهون، ٻنهين کي ساراهيو آهي. سنڌي ادب جي مايه ناز اسڪالر ۽ شاهه جي شارح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سسئي ۽ پنهونءَ جي ڪردار کي ساراهيندي لکيو آهي ته "فقط سسئي پنهونءَ جو رشتو ئي وَرَ ۽ ونيءَ واري رسمي رشتي کان گهڻو مٿي، عاشق ۽ معشوق وارو ناتو آهي." (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ حوالو: شاهه جو رسالو، جلد چوٿون، مقدمو ص_٢)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاجي ڏِنگا ڏيرَ، منهنجو ڏينهُ ڏِنگو مَ ٿئي
اُٺن اوٺيئڙن جي، ڇا وَهيٽو وير،
هيءَ ڪميٽي ڪيرَ، جا اَمُرَ کي آڏي ڦري.

سسئي پنهنجي تقدير جي اَمُرَ کي جيتوڻيڪ صبر سان سهي ٿي، پر تڏهن بہ پنهنجي محبوب جي وڇوڙي جي غَمَ ڪيس بي حال ڪري ڇڏيو آهي. هوءَ حيران ۽ پريشان ٿي وئي. پنهونءَ کي ڳوليندي. ان ڳولا ۾ نہ تہ هن کي کنهن طعام جي طلب آهي ۽ نہ ئي اُڃ جي ضرورت. هوءَ فقط رُڃَ ۾ ئي رُلَڻَ کي پنهنجو قوت ۽ غذا سمجهي ٿي ۽ چوي ٿي تہ:

نڪا طلب طعامَ جي، نڪا بُکَ نہ اُڃَ،
اصل اباڻي ڏيج تي، ساري ڏٺيم سُڃَ،
رائو، رُلڻ، رُڃ، ڪميٽيءَ قُوت ٿئو.

پنهنجن پيارن کان وڇڙڻ جو صدمو گهڻو تڪليف ده ۽ ڪٺن هوندو آهي. وڇڙجي وڃڻ کان پوءِ بہ نہ دل کي يقين هوندو آهي تہ ڪو ڪائنس سندس پيارا وڇڙي ويا آهن ۽ نہ ئي اکين کي اعتبار. ان بي يقينيءَ واري ڪيفيت ۾ اُنهن ماڳن، مڪانن ۽ اڱڻن کي بار بار ڏسڻ لاءِ نگاهون اُٿنديون تہ آهن، پر وري مايوس واپس اچي ويندديون آهن. خيال ايندو آهي تہ اڱڻ ۽ اوطاقون تہ ساڳيون آهن، پر اُهي پرين، جن کي دل ساري ٿي، سي ڇو ڪونہ آهن. پنهونءَ کان وڇڙڻ بعد سسئي جڻ ان ڪيفيت مان گذري رهي آهي ۽ چوي ٿي تہ:

اڱڻ اُهيئي، جَتَ نہ پَسان جُوءِ ۾،
اوطاقون اُٺن ري، سُڃيون سيئي،
اکڙيون روئي، ماڳ نهاري موٽيون.

هونئن تہ شاهہ سائينءَ جي سڄي ئي ڪلام ۾ مختلف جذبن ۽ ڪيفتن جو اظهار نهايت ئي سهڻي نموني ڪيل آهي، پر سسئيءَ جي پنجن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي سُرن ۾ ۽ خاص طور تي سُر ديسيءَ جي هر ڪيفيت ۽ هر جذبي ۾ زندگيءَ جون حقيقتون گهڻو ويجهو محسوس ٿين ٿيون. هن سُر ۾ وڇوڙي جو غم به آهي ته ميلاپ جي اُميد به آهي. ميلاپ جي ان اُميد ۾ ڪوشش به آهي ته جدوجهد به آهي. ڪوشش ۽ جدوجهد جون به ڪي حدون هونديون آهن. انهن حدن کي پار ڪرڻ واري جي ڪيفيت هُماءَ ۽ هَرَڻ وانگر ٿي پوندي آهي، جيڪي سنسار ۾ هر وقت سرگردان هوندا آهن. شاهه سائين سسئيءَ جي به بلڪل اهڙي ئي ڪيفيت جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو ته هاڻي هوءَ پنهل لاءِ ائين پريشان آهي، جيئن هماءَ ۽ هَرَڻُ سنسار ۾ سرگردان هجن:

جيئَن سو هَرَڻُ، هُماءُ، سرگردان سنسار ۾،
پک نہ ڪوڙي پٽيين، ڏر سر ڏري نہ ساهہ،
جيڪُس تنہ مِلاءُ، سسئيءَ سُورَ پرائيا.

انسان کي الله تعاليٰ اشرف المخلوقات جو درجو عطا ڪيو آهي. الله تعاليٰ جي ٻين بي شمار مخلوقات جي مقابلي ۾ انسان کي اعليٰ ۽ افضل قرار ڏيڻ جا ڪيترائي سبب آهن. جن مان هڪ سبب انساني رشتن سان نباهڻ به آهي. انساني رشتا ۽ ناتا هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ لاءِ آهن، نہ ڪي ڇنڻ جي لاءِ. سسئي به انهن رشتن ۽ ناتن کي نہ فقط پنهنجي زندگيءَ جو مقصد سمجهي ٿي، بلڪ پنهنجي زندگيءَ جو حصو به سمجهي ٿي، جيڪي ڇنڻ جا مور نہ آهن. سسئي انهن رشتن ۽ ناتن جي ڪري ئي تہ جتن کي پنهنجو چوي ٿي ۽ اُنهن لاءِ دعائون پڻ ڪري ٿي:

جَتَا، شال جِئو، جِئو ٿا جاڙون ڪَريو!
ٻانيَڻُ جو ٻروچ ري، ٻيلي ناهہ ٻِئو،
ڇِنَڻُ تان نہ پِئو، هيءُ سڱ نہ ڇنڻ جهڙو.

سُر ديسيءَ جو مختصر جائزو وٺندي، اسان ڏٺو تہ هن سُر ۾ گهڻيون ئي خوبيون آهن. هڪ طرف سسئيءَ جي جذبن جي ترجماني به آهي تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جدوجهد جو پيغام ٻه آهي. ان کان علاوه هن سُر ۾ ٻوليءَ جو استعمال ٻه نهايت خوبصورت ڪيل آهي. جنهن ۾ تجنيس حرفي ٻه آهي ته تجنيس تام ٻه. لفظن جو سهڻو تڪرار ٻه آهي ته اصطلاح ٻه آهن. اندروني قافيا ته اعليٰ درجي جا ڪم آندل آهن. ٻوليءَ جي انهن خوبين جا ڪجهه مثال هي آهن.

(۱) ورَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڏو ڪيو.
(۲) سامُئي ڪيئن مُئي، جنه جو هينون هوٿ ڪٺي ويٺا.
(۳) ڇاجي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهُ ڏنگومَ ٿئي.
(۴) ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏنهين ڏنم ڏک.
(۵) ڇپرُ ڇمرُ پانئيان، ڪانُيو ۽ ڳارو.
(٦) راتو رنجائو، مون نماٽيءَ جي نجهري.
(۷) ڇوري ندوري، نہ ڪو مائٽُ مُنڌَ جو.
(۸) اُجهي ۽ مُنجهي، اَٿئي پَهَرَ آٿ ۾.

مطلب ته شاهه سائين پنهنجي اعليٰ تخيل سان هن عشقيه داستان کي لازوال بڻائي ڇڏيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاهه عبداللطيف ۽ سَسُئيءَ جو سفر محبت

## (سُر ديسيءَ جي حوالي سان)

دراصل 'سُر ديسيءَ' ۾ سچو سالڪ ۽ عاشق لطيف سائين پاڻ آهي، چاڪاڻ تہ سندس عشق جي سفر ۽ سَسُئيءَ جي "سفر محبت" ۾ ڪافي هڪجهڙايون آهن. جڏهن شاهه سائينءَ کي عشق جوَ باڻ لڳو ۽ مرزا مغل بيگ شاهه سائين ۽ سندس خاندان کي تمام گهڻيون تڪليفون ڏنيون تہ شاهه سائينءَ کي ڪيترن ئي سالن تائين جهرن، جهنگن، جبلن ۽ ميدانن جي ڪٺن سفر جا ڪشالا ڪڍڻا پيا. ساڳيءَ ريت سَسُئيءَ کي پنهنجن ڏيرن هٿان پنهونءَ جي جدائيءَ جو ڏک مليو، جو کيس اڪيلي سر جبلن جو خطرناڪ سفر ڪرڻو پيو. اهوئي سبب آهي، جو لطيف سائين پاڻ ئي سَسُئي بڻجي وڃي ٿو. غلام محمد شاهوائي لکي ٿو تہ:

"شاهه جيترا بيت سَسُئيءَ متعلق چيا آهن، اوترا ڪنهن بي آڪاڻيءَ ۾ سمجهاڻ لاءِ نہ چيا اٿس. سوچو؟ ان جا ٻہ سبب هوندا (١) ٻئي محبوب خاطر جهنگ جهاڳيندا ۽ ڏونگر ڏوريندا ٿي ويا. سَسُئي، پُنهونءَ لاءِ پنڌ ڪيا ٿي تہ شاهه وري هنيون حقيقت سان گڏي، معرفت جي ماٺ سان ڏيساڻدر ڏوريا ٿي، ٻنهيَ کي پنيور تياڳي يعني دنيوي تعلقات ترڪ ڪري محبوب جو مشاهدو ماڻڻو هو. (٢) ٻنهي کي منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ ساڳيوئي گس هلڻو ٿي پيو، جنهنڪري شاهه، سَسُئيءَ جي ڏکن ۽ ڏاکڙن جو ذاتي تجربو ڪري، بخوبي واقف ٿي پاڻ کي سَسُئي تصور ڪرڻ لڳو هوندو. ڪيچ مڪران وڃڻ لاءِ سَسُئيءَ بہ اُهائي ساڳي واٽ ورتي هوندي، جيڪا شاهه هنگلاج وڃڻ لاءِ ورتي هوندي."(١)

عشق ۾ پچي راس ٿيڻ صوفين ۽ سچن سالڪن جو معراج آهي. جيستائين عاشق صادق فراق، درد ۽ غم جي آزمائشن مان نٿو گذري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تيستائين هو عشق ۾ رچي ريٽو نہ ٿو ٿئي. عشق جو پنڌ ڪٺن ۽ اوکو آهي، جنهن ۾ سرُ ڏيڻ کان سواءِ سوبيا حاصل نہ ٿي ٿئي. جيستائين سچو عاشق منصوريَ نعرو هڻي سُوليءَ تي سرُ نٿو ڌري، تيستائين محبوب حقيقيءَ جو وصال ممڪن ناهي. سچل سائين بہ چوي ٿو تہ:

پُورب رکي پيرُ، ڳنه پُڄ پَراهين پنڌ جي،
پيو ڪو وڃي اُتهين، ڪاپڙين ريءَ ڪيرُ،
جنهن کي قِبَلُ نہ قيرُ ڪنڌُ ڏيندو سو ڪات تي (٢)

عشق جي راهہ جي پانڌيئڙي کي ڪڏهن بہ غفلت کان ڪم نہ وٺڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ "جودم غافل، سو دم ڪافر".

سَسُئي بہ غفلت جي ننڊ ۾ ڦاٿي، جو سندس پنهون ڪانئس وڇڙي ويو ۽ جَتَ اُن تي چڙهي سَسُئيءَ کي فراق جو درد ڏئي هليا ويا ۽ سَسُئيءَ کي مينديءَ رتن پيرن سان جابلو ۽ سنگلاخ زمين تي سفر ڪرڻو پيو. اُن کي 'نفس اماره' سان تشبيهہ ڏني وڃي ٿي ۽ چيو ويندو آهي تہ جيڪڏهن سالڪ نفس اماره تي حاوي نہ ٿيندو تہ کيس منزل نہ ملندي. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن جَتَ ۽ اُٺ، سَسُئيءَ کي فراق ۽ جدائيءَ جو درد نہ ڏين ها تہ سَسُئي، سَسُئي نہ ٿئي ها ۽ سندس عشق، معراج ۽ ڪمال تي نہ پهچي ها. ساڳي نموني موه ۽ مايا ۽ دنيا جون رنگينيون جيڪڏهن سالڪ جي راهہ ۾ رنڊڪ نہ وجهن تہ سالڪ جي دل ۾ منزل ماڻڻ جو چاهہ ۽ شوق جنون جي حد تائين پهچي نہ سگهندو. جيڪڏهن فراق نصيب نہ ٿو ٿئي تہ وصال جو مزو ڪهڙو؟ اهوئي سبب آهي تہ سَسُئي، ڏاگهن، ڏيرن ۽ ڏونگرن کي ڪابہ ميار نہ ٿي ڏئي، بلڪ اُنهن پاران مليل ڏکن کي محبوب سان ملڻ جي آس ۾ سُک ڪري ٿي پاڻئي. چوي ٿي تہ:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تِنهي ڏِنم ڏُکَ،
سي سَڀِ پاڻيم سُکَہ هيڪاندِ ڪارڻ هوت جي (٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پٺي هنڌ پنهنجي غفلت تي افسوس ڪندي چوي ٿي ته:

اَڳڻ مَٿي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏٺي ڏينهن،
وَٺي سَرڪَ سَسُئي، ويهُ وهاٽيءَ سيڻن،
چوٽيءَ سين چانگن کي، جَڙ زَنجيرُن جيئن،
ته هوت تُنهنجو هيٺن هُوند پُنهون نياڻون نه پاڻ سين. (۴)

پر پوءِ اقرار ٿي ڪري ته شايد منهنجي نصيب ۾ ايئن ئي لکيل هو:

لِکئي آئون لَڏي، ناتَ پَٽَن ڪيرُ پَنڌُ ڪري؟ (۵)

۽ پيءُ جاءِ تي وري اهڙيءَ ريت اظهار ڪري ٿي ته:

ڇاجي ڏِنگا ڏيرَ، مُنهنجو ڏينهُن ڏنگو مَ ٿئي!
اُنَن ۽ اوٺيڙن جي، ڇا وَهيٺو وَيرَ؟
هيءَ ڪَميٺي ڪيرَ؟ جا اَمُرَ کي آڏو ڦري. (۶)

سَسُئي، پُنهونءَ پويان اڪيلي ئي نڪري پئي. ساهيڙين ۽ سهيلين ساڻ ڏيڻ ۽ ساڻ هلڻ لاءِ چيو ته پاڻ بنهه انڪار ڪري ڇڏيائين. ڇاڪاڻ ته هُوءَ پنهنجي پُنهونءَ پويان وڃي رهي هئي، پنهنجي عشق ۽ محبت جون سختيون ۽ سور به ڪيس ئي سهڻا هئا. ان ڪري سکين ۽ سهيلين کي اهو چئي پوئتي موٽائي ڇڏيائين ته:

وريتيُون وَرو، آئون نه وَرَندي وَرَ وري. (۷)

سَسُئي اُنهن کي نصيحت به ڪئي ته عشق جو پنڌ اوکو ۽ اَٿانگو آهي، ان ڪري ياد رکجو ته:

ڏاگهَن ڏيرَن ساڻُ، ڪَرَهن ڪيچن ساڻُ،
مَتان ڪا ہي لَنئون لائي!(۸)

۽ سهيلين کي چيائين ته دُعا ڪجو ته مون کي مُنهنجو پنهون ملي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرتيُون! دُعا ڪجاهُ، تہ ميڙائو مُون ٿِئي. (٩)

سَسُئيءَ جو پنڌ جبلن ۾ لڪن منجهان هو. ساڻس گڏ سڪ ۽ پريت کان سواءِ ڪوبہ سامان نہ هو. هُوءَ اڪيلي سر ڪاهي پئي، ان لاءِ لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

سَمَرُ جنين نہ ساڻُ، هوتُ حماتي تن جو،
ڪري چيچَ ڇپَرَ ۾، پُنهوَن ايندو پاڻ،
ٽِيندي رِيجهہ رهاڻ لَحظي منجهہ لطيف چئي (١٠)

نماڻِي نار، بنا ڪنهن سونهين جي اڪيلي پُنهونءَ جي ڳولا ۾ رُڃ سُڃَ ۾ هلندي رهي. ڪيس پٻ ۽ هاڙهي جي پير پٿون ڪنڊڙ دُشوار گذار رستن تان اُڃ ۽ بُک ۾ گذرڻو پيو. هُوءَ هَرڻ ۽ هُماءَ وانگر بيچين هئي. جيتوڻيڪ سَسُئيءَ جو سفر انتهائي خطرناڪ هو، پر پنهونءَ جي وصل لاءِ هن ڪٿي بہ ساهي نہ پٽِي ۽ بيقراريءَ واري ڪيفيت ۾ اڳتي ۽ اڳتي وڌندي رهي:

جٺن سو هَرَڻُ هُماءُ، سَرگردان سَنسارَ ۾،
هَي پَڳ نہ ڪوڙِي پِنٿين هُو ڏڙُ سر.ڏري نہ ساهُ،
جيڪَس تن مُلاءُ، سَسُئيءَ سُور پرائيا. (١١)

سَسُئي باهمت ۽ پُرعزم هئي. باهمت انسان آڏو آڏا لڪ ۽ جبل ڪابہ حيثيت نٿا رکن:

وَرَ وَراڪا وچَ ۾، لَڪين آڏا لَڪَ،
هُو جي آڏا حَق، سَي ڪندا ڪوهُ ڪنديُن ڪي؟ (١٢)

سَسُئي، پنهونءَ سان ملڻ جي سڪ ۾ جبل ۾ ڪٿي بہ نہ ترسي. هن ڪي محبوب سان ملڻ جي جلدي هُئي:

ڇپَرُ ڇمَرُ پانئيان، ڪانيو ۽ ڪارو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پَبُ وڃهنديس پُٺ تي، صُبُح سوارو،
وڃڻ مُون وارو، ڪينَ وهنديس وچ ۾.(١٣)

سَسُئيءَ جو عشق سچو هو، ان ڪري ئي هُوءَ ڏکيا لَڪَ ۽ جَبلَ بہ لنگهي وئي، جن اڳيان چڱا ڀلا مَردَ بہ آڻ مڃي ويهي رهيا هئا:

سَسُئي لنگهيو سو، مَردَ جنهن ماتُ ڪيا،
جَبَلِ وڏو جو، نُونِ مڙوئِي نينهَن کي. (١٤)

عشق ۽ محبت اهڙو تہ جذبو آهي، جنهن سان ناممڪن بہ ممڪن ٿيو پوي. انهيءَ جذبي تحت ئي سَسُئيءَ بہ ڏکيو، اڻانگو ۽ خطرناڪ سفر اڪيلي سر پورو ڪيو.

ڪَرڙا ڏونگر ڪہ گهٽِي جت بَرپٽ، سُڃَ ٻيران،
ڏاهن ڏاهپ وسري، ٿيا حَريف ئي حيرانُ،
سَسُئيءَ لَنگهيو، سِيڌُ چئِي، مُحَبَتَ سين ميدان،
جه جو آرياڻِي اڳران تنهن کي ڪانهي باڪ ڀَهِيرَ ۾(١٥)

وندر ۽ وٽڪار، پب ۽ هاڙهي جي پُر پيچ پيچرن تي پنڌ ڪري آخرڪار هن عاشق صادق محبت جي راهہ ۾ مرڻ کان پوءِ پنهنجي محبوب پنهونءَ کي حاصل ڪيو. شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

برهَ مَٿايُس بَرُ، نات سُکي ڪيرَ سَڏُون ڪري؟
گهٽو ڏوريائين ڏکَ سين، ڏيرَن لَءِ ڏونگرُ،
وَري آيُسَ وَرُ، سَفرَ مُئِيءَ جا ساب پيا.(١٦)

مطلب تہ عشق سچو هجي، جستجوءَ جو جذبو هجي تہ هزارين رنڊڪن ۽ تڪليفن جي باوجود عاشق صادق جو ٻيڙو وڃي منزل کي رسندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## حوالا:


(١) غلام محمد شاهواڻي (مؤلف)، شاهه جو رسالو، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، ١٩٩٣ع، ص ٢٤.

(٢) عثمان علي انصاري (مرتب)، رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام)، (سنڌي پورب، بيت: ١٩) ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشنز، ١٩٩٧ع، ص: ٣٤٠.

(٣) ڪلياڻ آڏواڻي (مرتب)، شاهه رسالو (سُر ديسي داستان: پهريون، بيت: ١) ڪراچي/لاڙڪاڻو: ڪاٺياواڙا اسٽورز، جنوري ١٩٩٦ع، ص ١٦٨.

(٤) ساڳيو، (داستان: پهريون، بيت: ٣) ص ١٦٨.

(٥) ساڳيو، (داستان: پهريون، بيت: ٢) ص ١٦٨.

(٦) ساڳيو، ص ١٦٩.

(٧) ساڳيو، (سُر سَسُئي آبري، داستان چوٿون، بيت: ٣)، ص ١٣٥.

(٨) غلام محمد شاهواڻي (مؤلف)، شاهه جو رسالو (سُر ديسي، داستان پهريون، وائي)، ص ٣٧٩.

(٩) ڪلياڻ آڏواڻي (مرتب)، شاهه جو رسالو (سُر ديسي، داستان: ٻيو، بيت ٢)، ص ١٧١.

(١٠) ساڳيو، داستان پنجون: بيت: ٣) ص ١٧٨.

(١١) ساڳيو (داستان پنجون: بيت: ١)، ص ١٧٨

(١٢) ساڳيو (داستان ٽيون: بيت: ١٠)، ص ١٧٥

(١٣) ساڳيو (داستان پنجون: بيت ٥) ص ١٧٩

(١٤) ساڳيو (داستان پنجون: بيت: ٤) ص ١٧٨.

(١٥) ساڳيو (داستان ڇهون: بيت: ٣) ص ١٨٠.

(١٦) ساڳيو (داستان ٽيون: بيت: ٨) ص ١٧٥.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ ۾ پهاڪن، چوڻين ۽ قولن جو ذخيرو

لطيف سرڪار پُوري ڪائنات، انسان ۽ انسانيت جي اعليٰ قدرن جو شاعر آهي، پر ان ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته هُو سنڌ ۽ سنڌي قوم جو اهو قومي شاعر آهي، جنهن وٽ سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي سماج جي سيني زمانن ۽ رُخن جي ڀرپور ترجماني آهي. سنڌ ۽ سنڌي قوم جي جنهن به پهلوءَ تي غور ڪبو ته لطيف جي شاعري سچ جي پُرنور ڪرڻن وانگر سُهائي ڪندي نظر ايندي. سائين جي . ايم . سيد "پيغام لطيف" ۾ لکيو آهي ته "منهنجو پڪو رايو آهي ته شاهه سنڌ جو قومي شاعر آهي".(١) ڇاڪاڻ ته لطيف وٽ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي روح جي گهراين جون حقيقتون ۽ احوال آهن. وٽس زندگيءَ جي بنھ ويجهڙائيءَ جون وايون ۽ ورلاپ آهن. اهوئي سبب آهي، جو سندس شاعريءَ جي سُرهاڻ ڏينهون ڏينهن ڦهلجندي رهي ٿي. سوين سال گذري ويا آهن: ڪيئن سياسي، سماجي، معاشي، معاشرتي انقلاب ۽ تبديليون آيون آهن: سماج ڊٺا، اڏيا ۽ وري ڊٺا آهن. ايتري قدر جو ٻوليءَ ۾ به ڪيتريون تبديليون آيون آهن. پر لطيف جي شاعري اڄ به اسان لاءِ رهبري ۽ روشني آهي. اهوئي ڪارڻ آهي، جو لطيف سان سنڌي ماڻهن جي عشق ۾ به ڪا ماٺائي نه آئي آهي: چوته جيئن جيئن وقت اڳتي وڌندو رهي ٿو، تيئن تيئن لطيف شعور سان ٽمٽار شاعريءَ جون مشعلون کڻي اسان کي دڳ ڏيکاريندو ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ اُتساهيندو رهي ٿو.

دنيا ۾ اهڙا شاعر پيدا ٿيندا آيا آهن، جيڪي قومن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ، انقلاب آڻڻ، بهادريءَ، سورهيائيءَ، سچائيءَ، خودشناسيءَ، اخلاقي بلنديءَ، انسان دوستيءَ، وطن ۽ قوم دوستيءَ جا جذبا اُڀاريندا. اهڙن شاعرن ۾ لطيف جو نالو بنھ مٿاهون بيهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

. لطيف سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي اندر جي اونهاين ۾ پيهي، روح جون ڳالهيون اهڙي سچائيءَ سان پنهنجي شاعريءَ جي سٽ ۾ سمايون آهن، جو سنڌ جا اڪثر رهواسي پنهنجي اندر جون حقيقتون سمجهي مختلف موقعن ۽ وقتن تي ڪڏهن سندس بيت ته ڪڏهن وري ڪي سٽون پهاڪن، چوڻين، هدايتن ۽ سهڻن سخنن طور ڪتب آڻيندا رهيا آهن. اها هڪ شاعر جي پنهنجي قوم تي وڏي ڇاپ آهي. هو هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ گهرو مشاهدو، مطالعو، حڪمت، دانائي، ڄاڻ، سوچ ۽ ويچار موجود آهي. وٽس انسان جي اعليٰ قدرن جون حقيقتون آهن. تهذيب، تمدن، ثقافت، رسم و رواج، سچائي، حق ۽ عشق جا جذبا تارڻ تار آهن.

پهاڪا، چوڻيون ۽ قول روزمره جي زندگيءَ جي ڊار ڊار وسيع تجربن مان حاصل ڪيل اهڙا ڏاهپ، دانائيءَ ۽ حڪمت سان ڀريل گفتا/ جملا آهن، جيڪي اسان جي وڏڙن، پنهنجي تجربن جي نتيجن جي آڌار تي سخنن جي شڪل ۾ ايندڙ نسلن کي منتقل ڪيا آهن. اُهي پهاڪا، چوڻيون ۽ قول هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين سفر ڪندا رهن ٿا. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پنهنجي ڪتاب "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا" ۾ لکيو آهي ته "انسان ٻوليءَ ذريعي جڏهن پنهنجي جذبات ۽ ويچارن جو اظهار ڪري ٿو، تڏهن هو گهربل لفظ چونڊي پنهنجي مرضيءَ مطابق جدا جدا نمونن ۾، انهن کي ڪتب آڻي سگهي ٿو."(٢) اهڙيءَ ريت ڪي جملا جن ۾ هدايت ۽ گيان سرس هوندو آهي ته اُهي وري وري ڪتب اچن ٿا ۽ اڳتي هلي پهاڪن، چوڻين ۽ قولن جو روپ اختيار ڪري، ٻوليءَ ۾ پنهنجي جاءِ والارين ٿا. انهن ۾ سماجي زندگيءَ جو عڪس چٽيل هوندو آهي.

ڪي آفاقي شاعر اهڙا ب هوندا آهن، جن جي بيتن يا نظمن جون سٽون اهڙيون ته علم، ڏاهپ ۽ دانائيءَ ڀريون، اثرائتيون ۽ دلچسپ هُونديون آهن، جيڪي ماڻهن جي ذهنن تي اُڪرجي وينديون آهن. ۽ اُهي اڳتي هلي، پهاڪن، چوڻين ۽ قولن جي صورت اختيار ڪري وٺنديون آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لطيف سائين هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سورين سٽون پهاڪن، چوڻين ۽ قولن جا روپ وٺي چڪيون آهن، جن کي اسان جو خاص توڙي عام ماڻهو استعمال ڪري ٿو: ايتري قدر جو اسان جي گهرن ۾ اسان جون عورتون به لطيف سرڪار جون سٽون پنهنجي عام ڳالهه ٻولهه ۾ ڪتب آڻيندڙيون رهنديون آهن.

اسان جو خاص موضوع آهي شاهه سائينءَ جو "سُر ديسي"، جنهن ۾ ڏيرن ۽ ڏاگهن جي اچڻ، سسئيءَ کي ويسلائي سندس محبوب پنهونءَ کي پاڻ سان ڪٺي وڃڻ، سسئيءَ جو پنهونءَ(حق) کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪٽڻ، پنهنجي منزل طرف هلندي، هر تڪليف، ڏک، ڏولاوا، برداشت ڪري، پنهنجو سفر جاري رکڻ، ڪيترن خطرن جي باوجود، مسلسل جدوجهد ڪرڻ ۽ پنهنجي مارڳ تان ذرو به نه ٽرڻ، اڪيلائي، اُڃ ۽ بُک ۾ به اڳتي هلڻ وغيره جو ذڪر آهي. سسئيءَ جي سامهون ڏيرن، ڏاگهن ۽ ڏونگرن جا ڏک به آهن، ته پير پٽون ڪنڊڙ پهڻ به آهن: چيڙ جون چيون به آهن، ته جک مارينڌڙ جبل به آهن، آڏ ترابا اهڙا به آهن، ته وندر جا وراڪا ۽ واٽن جا ونگا ور به آهن. ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي به آهي ته رڻ تتو رائو به آهي. رُڃ به آهي، ته اُڃ اُساٽ به آهي. جبلن جي جانارن جا خطرا به آهن ته مرون به مُنهن پون ٿا. مطلب ته هرلحاظ سان حالتون خراب آهن، تنهن هوندي به هُوءَ حالتن جو بنهه بهادريءَ سان مقابلو ڪندي، پنهنجو حق وٺڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿي. حالتن کان هار کائي موٽڻ کان رائي ۾ رڙي مرڻ کي ترجيح ڏئي ٿي:

پُڃان نه پُڃان، وڃڻ سين وس ڪريان،
سَگر مانَ سُڃان، ته رائي ۾ رڙي مئي.
(٦/٢١)

ارادي جي مضبوطيءَ ۽ پنهنجي مقصد سان سچائيءَ جي اها انتها آهي ته:

پُڃان نه پُڃان، وڃڻ سين وَس ڪريان،

سُر ديسيءَ ۾ ڪيترين ئي حقيقتون پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي اهم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. پر منهنجي خيال ۾ هن سر جو خاص مضمون ۽ موضوع آهي: "ديسي سيڻ ڪجن پرديسي ڪهڙا پرين!" ڇوتہ "ڌُريان ئي ڌاريان، مٽ مُٺيءَ جا نہ ٿيا".

هن سڄي سُر جي معنيٰ، مقصد ۽ فلسفو اُنهن ئي سٽن ۾ سمايل آهي. اهي ئي سٽون اسان لاءِ هر زماني جون هدايتون بہ آهن، تہ راهہ نجاتون بہ آهن. اهي سٽون اسان جي ماضيءَ لاءِ بہ هيون، حال لاءِ بہ آهن ۽ اسان جي مستقبل لاءِ بہ آهن. آءٌ صادق يقين سان چوان ٿو تہ جيڪڏهن لطيف جي انهن سٽن تي ماضيءَ ۾ عمل ڪيو وڃي ها تہ ڏکيا ڏينهن ڏسڻا هرگز نہ پون ها. توڙي جو وقت گهڻو گذري چڪو آهي، پر اڄ بہ جيڪر انهن سٽن تي عمل ڪيو وڃي تہ گهڻين مصيبتن کان نجات حاصل ڪري سگهجي ٿي. اي ڌرتي! اسان کي اها سگهہ عطا ڪر، جو اسين لطيف جي انهن سٽن تي عمل ڪري سگهون!

هڪ ٻي اهم ڳالهہ بہ ڌيان طلب آهي تہ اسان وٽ محبوب جو تصور بہ ڏاڍو محدود ۽ سطحي آهي. اسان وٽ محبوب جو تصور نہ فقط هڪ حسين ماڻهوءَ تائين محدود آهي، پر ان سان گڏ ڪيس پنهنجي ذاتي ملڪيت بڻائي ڇڏڻ آهي. پر حقيقت ۾ محبوب جو تصور انهيءَ کان گهڻو مٿاهون ۽ وسيع هئڻ گهرجي. مڃون ٿا تہ محبوب حسين ۽ جميل انسان بہ ٿي سگهي ٿو. محبوب ڪا مُند ۽ مُند جو ڪو نظارو بہ ٿي سگهي ٿو. فطرت جا حسين منظر بہ محبوب ٿي سگهن ٿا. پنهنجو وطن بہ محبوب ٿي سگهي ٿو. ساٿيهہ جا سمورا ماڻهو بہ محبوب ٿي سگهن ٿا. سچ بہ محبوب ٿي سگهي ٿو. علم ۽ آگهي بہ محبوب ٿي سگهي ٿي. ڪو نظريو بہ محبوب ٿي سگهي ٿو. ڪو خاص ماحول/ نظام بہ محبوب ٿي سگهي ٿو. مطلب تہ هر ماڻهوءَ وٽ محبوب جو تصور پنهنجو پنهنجو هوندو آهي. پر اعليٰ انسانن ۽ عظيم شاعرن وٽ محبوب جا تصور هميشہ مٿاهان ۽ وسيع هوندا آهن. لطيف وٽ محبوب جو تصور وسيع، اعليٰ ۽ بنهہ نرالو آهي ۽ هو هرحالت ۾ اُنهيءَ محبوب/ پرينءَ جي پنڌ تي هلڻ جي تلقين ڪري ٿو. اها بہ هدايت ڪري ٿو تہ جيڪا طاقت محبوب جي راهہ ۾ رنڊڪ بڻجي، اُن سان مهاڏو اٽڪائي، محبت جي ويرين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رستا روڪ ڪجي تہ جيئن اُهي ڪو ڇيهو رسائي نہ سگهن. محبتن جا ويري، جيڪي حقن تي ڌاڙو هڻن ٿا، اُنهن کي سجاڻڻ گهرجي.

هن سُر ۾ لطيف سرڪار سسئيءَ کي تمثيل بنائي چوي ٿو تہ تو جڏهن ڌارين کي ڌاگهن تي ايندي ڏٺو، تڏهن توکي سمجهي وڃڻ گهر ي ها تہ اُهي تنهنجو پنهون (حق/ وسيلا) تو کان کسيندا. تنهنکري تون انهن اُنن جا گوڏا ٻڌي ڌارين جي رستا روڪ ڪرين ها. تہ جيئن اُهي ڌاڙو هڻي نہ سگهن ها. جيڪڏهن تون پاڻ سنڀالين ها تہ هوند تنهنجو محبوب (سنڌ، سنڌو، سنڌ جا وسيلا، سرحدون) توکان ڪسي نہ سگهن ها. غفلت جي ڪري ٿي هيءَ هاڃو رسيو آهي، جو هاڻي تون تڪليفن ۾ پئي آهين. هاڻي تون سڀ تڪليفون ۽ رڪاوٽون ٽوڙڻي، اٽل ارادي ۽ هوشياريءَ سان اڳتي هلندي هل، جدوجهد ڪندي رهہ، جيئن تون پنهنجا کسيل حق واپس وٺي سگهين.

هيٺ اُهي سٽون پيش ڪجن ٿيون، جيڪي پهاڪن، چوڻين ۽ قولن طور استعمال ٿين ٿيون:

(١) سي سڀ پائير سُکہ هيڪاند ڪارڻ هوت جي

(٢_١)

سچا عاشق ۽ اعليٰ انسان محبوب جي راهہ ۾ جيڪي بہ ڏکيائون ۽ تڪليفون سهندا آهن، اُهي سڀ ڏک ۽ سُور کين سک محسوس ٿيندا آهن. ڇو تہ سندن اندر ۾ عشق هوندو آهي، تڏهن تہ سُور بہ سُکن برابر سمجهندا آهن. ڇو تہ تڪليفون ۽ رڪاوٽون سندن سامهون حيثيت وڃائي ويهنديون آهن.

(٢) اڳي اُٺ رڙن، مون پيري ماٺ ٿي.

(١٠_١)

ڪيتريون اهڙيون حقيقتون ۽ عمل ٿيندا آهن، يا مصيبتون اچي ڪڙڪنديون آهن، جن جي اڳواٽ ڪا سُڌ نہ پوندي آهي، ڇو تہ سُڌ پوڻ سان تہ ماڻهو پاڻ سنڀالي وٺندو آهي، پر آگهيءَ بنا ڪا مصيبت يا آفت اچي ڪڙڪندي آهي تہ لطيف جي مٿين سٽ انساني اندر جي ترجمان بنجي پوندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٣) پلئہ نہ ڇڏيان پنهنجو جي هوت ڪري هيڏيون!

(١٣_ ١)

محبوب (مقصد) مان بيزار ٿيڻ، بزدلي، ڪچائي ۽ نيچ پڻو آهي. اهو عشق ئي ڪهڙو، جنهن ۾ بيزاري، بزدلي ۽ مايوسي هجي. عشق ۾ تہ جيڪي ۽ جهڙيون بہ حالتون، تڪليفون ۽ اوکايون اينديون آهن، سي جهوليءَ پائي جهلبيون آهن.

(٤) ديسي سيڻ ڪجن پرديسي کهڙا پرين!

(١٢_ ١)

پنهنجن سان پيچ پائڻ ۽ ساڻن سلهاڙجي هلڻ هڪ سُٺو ۽ مانائتو عمل آهي. پنهنجي ۽ ڌارئي ۾ فرق محسوس ڪرڻ تمام ضروري آهي. عشق ۽ محبتون بہ پنهنجن ۾ ئي سُونهنديون آهن. پنهنجي ڪڙم / قوم کان ڌار ٿي ڌارين سان سلهاڙجي جيڪو بہ عمل ڪبو، اُهو پنهنجن جي نقصان ۾ هوندو. ڏيهي ماڻهن جا نقصان، فائدا، ڏک، سُک، سرهايون، سُور ۽ درد ساڳيا هوندا آهن. ڏيهہ جي بربادي، قوم جي هر فرد جي بربادي هوندي آهي. ديس تي ڌاڙو قوم جي هر فرد تي ڌاڙو هوندو آهي. سنڌؤ جي قدرتي ۽ آبي وسيلن تي ڌاڙو سڄي قوم تي ڌاڙو آهي، تنهنڪري پنهنجي قوم سان سلهاڙجي هلڻ ۾ ئي ڀلو آهي، ڇوتہ هرڪو پنهنجي ڪڙم ۾ ئي سُونهندو آهي.

(٥) ڏريان ئي ڌاريان، مٽ مٽيءَ جا نہ ٿيا.

(١٣_ ١)

جن جي مفادن ۾ ٽڪراءُ هجي، اُهي ڪڏهن بہ پنهنجا ٿي نہ ٿا سگهن، ڇوتہ تہ ظالم ۽ مظلوم ۾ وڏو فرق آهي: قاتل ۽ مقتول جي احساسن ۽ ڪيفيتن ۾ هڪجهڙائي ناممڪن آهي: ڦُريندڙ ۽ ڦُرجندڙ ۾ فرق آهي. پنهنجائپ ۽ ڌاريائپ هڪ عمل ۽ روش جو نالو آهي، اُهي ڪي سڪتا لفظ نہ آهن، جن ۾ ڪو جذبو ۽ احساس نہ هجي. لطيف جي مٿين سٽ اسان لاءِ هدايت ۽ پيغام بہ آهي تہ واٽ بہ آهي.

(٦) ٽاڻج ٽيڏاهين، وارج ڪامَ ورڻ جي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪٿي به نااُميدي ۽ مايوسي نظر نه ايندي. سندس شاعريءَ ۾ اُميد، همت، بهادري، عشق ۽ سچائيءَ جا جذبا تارؤن تار ملندا. چوته هُو اُميدن، همتن، حوصلن ۽ بي پناهه محبتن جو شاعر آهي. وٽس موتڻ جي وائي ته ڇا، پر تصور ئي نه آهي. هو ته هر حالت ۾ پنهنجي محبوب کي حاصل ڪرڻ جي هدايت ٿو ڪري.

(۷) آڏو تڪر تر، متان روهه رَتيون ٿئين.

(۳_۱)

لطيف وٽ سمجهوتو يا ٺاهه ڪرڻ ۽ حالتن کان هار ڪائي موٽڻ مهٺو آهي. هر آفت ۽ آزار سان بي ڌڙڪ اٽڪي مقابلو ڪرڻ ئي سندس درس آهي.

(۸) سنجهي مون نه سنياليو ته اوٺي ڪندا ايئن.

(۴_۷)

ڪنهن به عمل جي شروعات جيڪڏهن سوچي، سمجهي ۽ خبرداريءَ سان وقت سر نه ڪبي يا سنيالي قدم نه کڻبو ته ڪنهن وڏي هاڃي جو شڪار ٿبو.

(۹) منهنجي وس واڪا، پڌڻ ڪر پروچ جو.

(۲_۶)

اهڙا ڪيترائي ماڻهو چوندي ٻڌبا ته "مون پنهنجي محبوب لاءِ هيئن ڪيو، هونئن ڪيو پر هُو بيوفا نڪتو." يا ڪي چوندا "اسان قوم لاءِ هي وڄايو، هُو ڪيو، الائي ڇا ڇا سٺو. پر قوم اسان جو قدر نه ڪيو." يا "مون انقلاب لاءِ وڏا ڪشالا ڪٽيا، وقت ڏنو، وغيره وغيره. پر ماڻهو اسان کي نٿا سمجهن." اهڙا ماڻهو واپاري ذهنيت جا مالڪ هوندا آهن. جيڪي ڪا شئي ڏئي ڪجهه وٺڻ چاهيندا آهن. اهڙن ماڻهن جي اندر ۾ عشق ۽ سچائيءَ جي کوٽ هوندي آهي. سندن عمل سڪتا ڏيکاءُ هوندا آهن. لالچ ۽ لوڀ بنا مسلسل جدوجهد فقط اُهي ماڻهو ڪندا آهن، جن جي اندر ۾ عشق ۽ سچائي هوندي آهي. اهڙا ماڻهو ڪڏهن به مايوس نه ٿيندا آهن.

(۱۰) پينر آءُ پلياس، مون سگ سچائي نه ڪيو.

غفلت ۽ ويسلائي وڏا هاڃا رسائي ٿي. ننڊ جي تشبيهه ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

استعارو غفلت لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي. محبوب يا اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، غفلتون، ڀُلون ۽ آرام پسنديون، هاڃيڪار هونديون آهن.

(١١) پَهہَ پارسيون پاڻ ۾، ڏير ڏهاٽي ڏين.

(٢_٥)

لطيف جنهن دور ۾ اڪ ڪولي، تنهن دور ۾ سنڌ ملڪ تي ڏارين جو قبضو هو. جن جي ثقافت، طور طريقا، ۽ ٻولي بہ ڏاري ۽ اسان جي ماحول سان نہ ٺهڪندڙ هُئي. ان دور ۾ "پارسيون ڏيڻ" هڪ عام چوڻي هُئي. جنهن جو مطلب هو "منجهائڻ، نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ڳالهيون ڪرڻ". اڄ بہ چيو ويندو آهي. تہ "پارسيون نہ ڏي". يا "مون سان پارسيون نہ ڪر" يعني منجهائيندڙ يا نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ڳالهيون نہ ڪر.

(١٢) ٻڏي سورن سندرو ساٿر هلي سا.

(١٨ / ٦)

ساٿي بہ اهڙا ٿي ڪٿبا آهن يا ڪٿڻ گهُرجن. جيڪي سختيون ۽ سور قبول ڪري ساٿ ڏين. اٿل ارادا رکندڙ ۽ اڏول انسان ٿي اهڙي صلاح ڏيندا آهن تہ اهي هلي سگهندا. جيڪي ثابت قدم رهي سگهن.

سُر ديسيءَ ۾ ٻيون بہ ڪيتريون سون سَريڪيون سِٽون آهن، جيڪي مختلف وقتن تي استمال ٿين ٿيون. هيٺيون سِٽون بہ پهاڪن، چوڻين ۽ قولن طور ڪتب ايندڙ آهن.

ويا ورائي جيڏيون، مون ڏکيءَ کي ڏک.

(٣ / ١)

متان ڪا ٻي لَنئہُ لائي.

(وائي / ١)

ٻُچاڻا پرين، ڪجي بس پنيور ڪان.

(١٢ / ١)

الله اڇن اُوءِ، جن آئي مَن سَرهو ٿئي.

(١/ ٣).

ڪاڏي مُنهن مڪران جو ڪاڏي ڪيچ ٿيو.

(٨ / ٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واٽون ويھ ٿيون، ڪُه چاٽان ڪيھي ويا.
(٢/ ٣)

مون پانيو مون وٽ، هميشه هوندا پرين.
(٧/ ٣)

ڳالهيون ڪنديس ڳجھ جون مُنهن مقابلي ويھي.
(وائي / ٢)

سِڪي جا سُتياس، تان سِڪَ سُمهڻ نہ ڏي.
(آ١٩ / ٦)

اگڙ اُهيئي، جَتَ نہ پسان جُوءِ ۾.
(٢ / ۴)

## حوالا


(١) جي ايم سيد "پيغام لطيف" نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي، ڇاپو پيو ١٩۴٧ع ص ٦٩.

(٢) جيٺلي مرليڌر ڊاڪٽر "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا". پي ۰ وي ڪشناٿي ٽرسٽ، پٽي (مهاراشٽر) پارت ١٩٩٣ع.

(٣) ساڳيو ص ١٧

(۴) ساڳيو ص ١٧

(٥) ساڳيو ص ٩٥

(6) Funk and Uragnalls new encyclopedia Volume 21 Funk and urgnalls L.P. Publishers P356

(٧) شاهه جو رسالو

(الف) "شاهه جو رسالو – شاهه جو ڪلام". جلد ٨ ۽ ٩ محقق ۽ شارح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامہ قاضي تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد ١٩٩٩ع.

(ب) "شاهه جو رسالو" مولف غلام محمد شاهواڻي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي ١٩٩٣ع




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رخمان گل پالاري

# ٻيٽائي ۽ بلوچي ٻولي

شاهه سائينءَ جتي پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻين ٻولين جي لفظن جون لڙيون پوئيون آهن. تتي بلوچي زبان جي با معنيٰ لفظن، اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين ۾ پڻ جيڪي چٽَ چٽيا آهن، سي هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهن. ڀٽائيءَ جي انهيءَ لفظي ستاءَ کي جاچي ڏسبو ته پتو پوندو ته ڀٽائي رڳو بلوچي لفظن جي مالها پوئڻ وارو ئي نه. پر عام جي واهپي واري بلوچيءَ جو به وڏو ڄاڻو هو. ڀٽائيءَ جيڪا بلوچي پنهنجي سدا ملوڪ شاعريءَ ۾ استعمال ڪئي آهي. سا هاريءَ ناريءَ، ڏنار، ٻڪرار ۽ اوٺيءَ ڳوٺيءَ جي آهي، اها اعليٰ معيار جي بلوچي ڳالهائيندڙ عام جي سمجهه ۾ شايد ڏکي ايندي ۽ نه ئي وري اسان جا عالم سگهورا اُن کي سمجهي سگهيا آهن.

ڀٽائيءَ جي بيتن واري اها بلوچي اڄ به اهي وٿيل ڏاڙهين وارا خانه بدوش ڳالهائين ٿا. جيڪي سَنهي مال جا ڌڻ وسنديءَ ڏانهن ڪاهيندي يا. پهاڙن جا پَهڻ ننهڻ اُس ۾ پُرزا ڪندي جراتيل ويڪري مهانڊي، سنئين نڪ، جاڙن پِرن جي هيٺان ٻاهرن ٽانڊن جيان ٻرندڙ اکين. مِيرانجهڙي ۽ ڊزاتيل ڪنڊريَل سونهاريءَ، سُڪر ۽ ڦڙتيلي جسم سان اَسي سالن جي عمر ۾ به ٽيهن سالن جي جوان وانگر ملندا. انهن جو قُوتَ (ڪاڌو) بصر سان ماني، وڏو ڇيهه ته ڪَٺوءَ (هڪ وڻ جي قسم) جي سڪل پنن ۾ ڪاڙهيل ڳڙ واري ڪسيرڙي چانهه آهي. پر افسوس اهو آهي ته انهن اُس تي سيڪيل، پگهر ۾ ٻڏل بدن وارن سان مُکا ميلو ڪري انهن لطيفي لفظن جي مُنڌل سُٽ کي ڪير سلجهائي! پوءِ به جس هجي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي جنهن پنهنجي تحقيق "شاهه جو رسالو، رسالي جو ڪلام" جي جلد چوٿين ۾ ڪي بلوچ لفظن وارا بامعنيٰ بيت ڏنا آهن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جن جو قدر نہ ڪرڻ نسوري ناداني ٿيندي. هڪ اڌ جاين تي ڊاڪٽر صاحب بہ لفظي اچارن ۽ معنيٰ ۾ سهوون ڪري ويو آهي، تنهن هوندي بہ ڊاڪٽر صاحب ڪي سنئين پٽين شاباس هجي، جو پهريون پيرو هنن بيتن ڪي سلجهائي سمجهايو اٿائين.

بلوچي لفظن وارا ١٢ بيت شاهہ جي گنج ۾ موجود آهن. جن مان ڪيترن ئي بيتن جا بلوچي لفظي اچار سڌاري لائق آهن ۽ لفظن تي اعرابن جي سخت ضرورت آهي. اعرابن ڪان سواءِ لفظن جي صحيح صحت سڃاڻڻ ۽ انهن جي معنيٰ ڳولڻ ۾ الاهي اوکائي ٿئي ٿي. پٽائيءَ جا پيا بہ ١٨ بلوچي لفظن وارا بيت "املهہ اٿوريا" نالي ڪتاب جي **"سرديسيءَ"** ۾ ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ پٽائيءَ جو جيڪو ڪلام ڏنل آهي. سو عام رسالن ۾ نہ ٿو ملي. پلاري پٽائيءَ جو اهو ڪلام وڏيءَ جاکوڙ سان مختلف جاين تان شاهہ جي پارکن وٽان هٿ ڪيل آهي، پر ڪتاب ۾ جيڪي بلوچي لفظن وارا بيت ڏنل آهن، تن ۾ بہ ڪيترن بيتن جا اچار اُجڙيل آهن ۽ گڏوگڏ اعرابن جي نہ هئڻ ڪري لفظي گهاڙيٽو سلڻ اوکو ٿيو پوي.

بلوچي ٻوليءَ جي صورتخطي نستعليق ۾ لکي ويندي آهي، جيئن فارسي ۽ اردوءَ جي ۽ سنڌيءَ جي صورتخطي نسخ ۾ لکي ويندي آهي، جيئن عربيءَ جي. جڏهن پٽائيءَ جي بيتن ۾ آيل بلوچي لفظن کي نسخ صورتخطيءَ ۾ لکيو ويو تہ انهن لفظن جي سڃاڻ، اُچار ۽ معنيٰ تي ڌيان بلڪل نہ ڏنو ويو.

آءٌ پنهنجي معمولي ڄاڻ آهر انهن بيتن جي بلوچي لفظي سڃاڻ ۽ اُچار کي اعرابون ڏئي سنواري لفظي معنيٰ درست لکڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. آءٌ خود بہ بلوچيءَ جو عالم ناهيان، مون کان بہ ڪيئي ڪچايون ٿي ويون هونديون.

جديد سنڌي صورتخطيءَ واري گنج مان ورتل پهريون بيت:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذ، ڦ وغيره جهڙا حرف نہ آهن. پر شاهہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪافي جاين تي انهن حرفن وارا لفظ ڪم آندا آهن. اهي حرف مري بگٽي بلوچي لهجي ۾ عام استعمال ۾ آهن. انهيءَ بلوچ لهجي تي سنڌي ٻوليءَ جو گهرو اثر آهي، جيئن عام بلوچيءَ ۾ سڏ کي "گواڪ" چون، پر مري بگٽيءَ وارا "گٺاخ" چون. جيئن بلوچيءَ ۾ خدا کي "خُدا" چون. (ترا حدا بياری). پر مري بگٽيءَ وارا خُدا چون. بلوچيءَ ۾ پاڻيءَ کي "آپ" چون. پر مري بگٽيءَ وارا "آڦ" چون. بلوچيءَ ۾ "اِدا". (هتي) ۽"اودا". (هيڏانهن) کي مري بگٽيءَ وارا "اِذا" ۽ "اوزا" چون. بلوچيءَ ۾ "وَاپ" ننڊ کي چون ٿا. پر مري بگٽيءَ وارا "واوُ" چون. اهڙا ڪيترائي اڻ ڳڻيا مثال ملي ويندا.

**مست توڪلي** بلوچي زبان جي شاعرن ۾ مٿانهون مقام رکي ٿي. سنڌس شاعريءَ جو ڪتاب مٺا خان مريءَ سهيڙي ۱۹۶۹ع ۾ شايع ڪرايو هو. مست توڪليءَ جي شاعريءَ ۾ خ، غ، ٿ، ڌ، ذ وغيره وارن لفظن جو استعمال عام جام ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح ٻيو ڪتاب "بلوچي کهنين شاح ري" آهي، جنهن جو سهيڙيندڙ شير محمد مري آهي. هن ڪتاب ۾ بلوچي زبان جي ۱۸ اعليٰ پائي جي شاعرن جي شاعري ڏنل آهي. جن پڻ انهن حرفن وارا لفظ جهجهي تعداد ۾ استعمال ڪيا آهن. هتي ان بيان جو مقصد اهو آهي تہ شاهہ جيڪا گهڻن بيتن ۾ بلوچي استعمال ڪئي آهي. سا بلوچي الفابيٽ وارن ڳڻيل حرفن ڪان آجي آهي ۽ اُن تي سنڌي زبان جو گهرو اثر آهي. ان سان گڏ شاهہ ڪافي بيتن ۾ ٺيٺ بلوچي لفظ بہ استعمال ڪيا آهن. جي بلوچ عالمن ڪان سواءِ ٻين جي سمجهہ ڪان مٿي آهن. مٿئين بيت ۾ مرحوم ممتاز مرزا "شموس" ۽ "ڪٺاخ" نقل ڪيا آهن. جي اصل ۾ "شمَوش" "گٺاخ" آهن. باقي "شما" جي بدران "شپا" لفظ وڌيڪ ٺهي ٿو. ڇو تہ "شپا" اصل ۾ شُپ. (شب: رات) آهي – اها حقيقت آهي تہ سسئي رات جو ٻي سرت تي سمهي پئي هئي. بلوچيءَ ۾ پهاڪو بہ آهي تہ "شپَا نِي وَابَا شموَش " ـ بهرحال هي بيت آءٌ وري سنواري ٻيهر هيٺ لکان ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شَپَا وَاوُ شمَوشُ، سگهي مڙندينءَ سسئي،
ليڙن جو لطيف چئي، گڻاڻَ نہ ڪيڙئي گوشُ،
رَوَان مَروشِي رَوشُ، ڪاھ تہ ڪيچين ڪي رسين.

ٽيون بيت:

گندا گوشي پاڻ ۾،سرچن چولي،
پريت پروڙي ڪينڪي، ٻاروچي ٻولي،
گس وٺي گولي، پهتي ڄام پنهونءَ ڪي.

هن بيت جي پهرئينءَ سٽ ۾"پاڻ ۾"کان سواءِ سڀ بلوچي لفظ آهن، پر هن حالتَ ۾ ڪا مطلب واري معنيٰ ڪڍڻ "ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ" برابر آهي. اصل ۾ اهي لفظ هيئن آهن:

گندان گشي= ڏسي چوڻ (اشارن ۾)
سَرجن چولي= ڪَنڌَ ڌُوڻَ ڪرڻ (پڪ ڏيارڻ لاءِ)

يعني هڪٻئي کي بنا چوڻ جي ڏسي اشارن ۾ ڪنڌ ڌوڻي پڪ ڏيارڻ يا قول ڪرڻ يعني پنهونءَ کي ڪنهن بہ حالت ۾ پڪ سان ڪٺي هلنداسين.

لطيف سرڪار جو هي منظر ڪشيءَ ۽ مُشاهدي وارو بيت هن طرح ٿيندو:

گندان گشِي پاڻ ۾،سَرجَنَ چَولي،
پريٽ پروڙي ڪينڪي ٻاروچي ٻولي
گس وٺي گولي، پهتي ڄام پنهون ڪي.

چوٿون بيت:

گندا گوشي پاڻ ۾، ڪن گرھ بات.
اها ٻولي وات، عيش ڪلون برھ نہ برون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهرينءَ سٽ ۾ لفظ "گرهه" ڏنل آهي، جيڪو اصل ۾ "ڪِرهه" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پاسي ۾، ويجهو پَر ۾.

ٻيءَ سٽ ۾ آهي: "اَيشُ ڪلون" = هنَ ڪي ڇڏيون (سسُئيءَ کي)

ان ئي سٽ ۾ "برهه نه برون" اصل ۾ هيئن آهي: "بُرينَ بَرون" = هلو ته ڪٿي هلون يا هلو ته هلون.

درست بيت هن طرح پڙهبو:

گِندَان گشي پاڻ ۾، ڪن ڪِرَهه بات،
اها ٻولي وات، آيش ڪَلُون بُرِينَ بَرُون.

پنجون بيت:

فازا ڏير ڦگين ويا، اتي اٺ نهاڻ،
ٻڪ نديَ تئي نستيا، پاتائون پلاڻ
سنجهي ويا سروڻ ميه پڻ بانگو رفتگان.

هن بيت جي پهرينءَ سٽ ۾ :
فَازَا = اُٺ.
ڦگين= سويري (سويري اُٿُ)

ٻيءَ سٽ ۾ جيڪو جملو ڏنل آهي، سو لطيف سرڪار جي مشاهدي واريءَ سگهه جو ساکي ۽ شاهد آهي. جڏهن پنهونءَ جا ڀائر رات جو پنهون چوريءَ ڪٺي ويا ۽ سسئي صبح ويل سجاڳ ٿي وئي روج راڙو ڪيو ته سندس سهيليون ۽ اوڙي پاڙي جون پوڙهيون پڪيون وٽس مڙي آيون. ڪي ساڻس روج راڙي ۾ شريڪ ٿيون ته ڪن ڪيسَ آٿت ڏني، اتي ئي آيل ڪنهن وڏيءَ عمر واريءَ سمجهدار مائيءَ چيس "ٻڪو نندي تئي نستيا"=اَئي نست! تنهنجو ويهڻ کهڙو؟ يعني پنهونءَ وئي ڪان پوءِ تنهنجو هتي ويهڻ کهڙي ڪم جو؟ اهي نج عورتاڻا خاصَ موقعن لاءِ ملهائتا جملا آهن، جن بابت مرد ته پنهنجي جاءِ پر گهٽين عورتن کي بہ ڪل ڪانہ هوندي. پر پيتائيءَ ڪنهن پوڙهيءَ جو روپ ڌاري ٻئي هٿ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيلھ تي رکي مائي سسئيءَ کي چئي ڏنو: "ٻُکو نِندي ٽئي نِستيَا":اَئي امان ھتي ھاٿي تنھنجو ڇا؟
آخري سٽ ۾ ٿيندو"مئي بانگو رفتگان"= آءٌ اَسُر مھل سندن پويان وَڃان پئي.

سڄو بيت ھيئن بيھندو:

فازا ڏير ڦگين ويا، اٿي اُٺ نهاڻ،
ٻَکو نِدِي ٽئي نستيَا، پاتائون پلاڻ،
سنجهي وِيا سروڻ مَئي پڻ بَانگو رفتگان.

ڇھون بيت درست نموني لکيو ويو آھي:

بروبگيرد بي، ٿا ڏين پارسيون پاڻ ۾،
مون لوڏائين لکيا، تہ ھاڃو ڪندا ھي،
مارينداً مون کي، پنھون نيندا پاڻ سين.

بروبگيرد بي= وڃي جھليوس.

ستون بيت:

جيڪر روان روش، مروشي محبوب ڏي،
مناکشي مولدي، ديوا پنھون ديوش،
تي گواگا مني گوش ، ستي مان سگهي ٿيا.

ھن بيت جي لفظن جي معنيٰ ھن ريت بيھندي:

روان روش = ڏينھن جو وڃان
مروشي = اڄ
مَناگشي= مون کي ڇئي؟
موليد= پانهي (سولدي) نوڪرياڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ديوا= (ديما) اڳيان.

دوش = پهچ.

ٿئِي گواگا= تنهنجا سڏ.

مني گوش = منهنجي ڪَن

درست بيت هن طرح ٿيندو:

جيڪر رَوَانَ رَوش، مَروشي محبوب ڏي.
مَنَاگشي مَولدي، دَيَوا پنهون دَوشُ.
ٿِئِي گُوَاگا مني گوشُ، سٽي مانَ سگهي ٿيان.

اٺون بيت:

بيا من تہ کرد نند تئي، گفتنا من گوش.
من اوزي برام سين، هو هاڙي جا بلوچ.
اشتر انهيءَ پار جا، آنداڻون ارموش.
ٿي گواگا مني گوش، سٽي مان سگهي ٿيان.

هن بيت جي پهرين سٽ سڄي بلوچي آهي ۽ جيڪا هن ريت ٿيندي. "بيامن تگرد نند تئي". جنهن جي لفظي معنيٰ ٿيندي:

بيا= اچ.

من= منهنجو.

تگرد= تڏو (چٽر).

نند= ويهہ

تئي= تنهنجو.

پر جملي جي اصطلاحي معنيٰ ٿيندي. "اچي منهنجي اڱڻ ويهہ" يا "مان ڳرويهہ".

"گفتنا من گوش" = منهنجي ڳالهہ ٻڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻيءَ سٽ ۾ "مَن اوزِي برامَ سين" جي لفظي معنيٰ ٿيندي:
مَن او = مون کي بہ يا مون کان بہ.
زي = ڪالهہ
برام = ڪٽي ويا.
سَين (سينا) ٿيئي.

ٿيئي ڪالهہ ڪٽي ويا. هن جملي ۾ لفظ "سين" ڳاٽيتي جي حوالي استعمال ٿيل آهي، جنهن ۾ پنهونءَ جا پائر بہ ٿي سگهن ٿا تہ سندن جَتَ ۽ اُٺ بہ ٿي سگهن ٿا.

اشتر = اُٺ.
ارموش = لاڏاڻو، بار ڍوئيندڙ.
تئي گواگا مني گوش = تنهنجا سڏ منهنجي ڪن پون.

درست لکٽي هن طرح بيهندي:

بيَا مَن تگر ننڊُ تئي، گفتا مُن گوش،
مَن اَو زِي برَامَ سَين، هو هاڙي جا بلوچ،
اشتر انهيءَ پار جا ، آنداڻون اَرمَوش،
تئي گوَاگا مَني گوش ستي مان سگهي ٿيان

ٻائون بيت:

ڏاگهن لاهين ڏاڻ، اٺن ڏيين ڪرڪرا،
مناشي ڦرتڪا، پست جن پلاڻ،
سنجهي ويا سروڻ مئي پڻ بانگورفتگان

هن بيت جي ٻيءَ سٽ ۾ "مناشي ڦرتڪا" اصل ۾ آهي:

مَنا = مون کان،
اشي = اهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڦرتگان= ڦري ويا (مون ڪان اهي ڦري ويا)

بيت ٽيندو:

ڏاگهن لاهين ڏاڻ، انن ڏين ڪَرڪُرا،
مَنا اِشي ڦرتگان، پست جن پَلاڻ،
سنجهي وَيا سَرواڻ مئي پڻ بانگو رَفتگان.

ڏهون بيت:

بَررو ڪشي بر چڙهيا، ننڌئون نيئي،
باري اٿ بلوچ جا، مهري مڙيئي،
ڏڪيءَ ڪي ڏيئي ويا ڏاڍين ڏونگرين.
بُروڪَشِي= وچ ڳول،
ننڌون = ويهي، ويهاري.

يارهون بيت:

برو بگيرد بام بليچا، مان نہ پروڙي مام،
ٽئو دئي ٽيو مان ڪتا، چلي ڇپر لام،
اچي تن جي سام، دُرها درها ڪن جي.

هن بيت ۾ بلوچي لفظن جي معنيٰ هن ريت آهي:

برو = وڃو،
بگيرد = جهلي يا جهليو.

بام = آڏيءَ ڪانپوءِ وارو وقت (ڪچو اُس هن وقت ڪُتا بہ ننڊ ۾ هوندا آهن)

ٻيءَ سٽ ۾ ”ٽئو دئي ماڪتا“. اصل ۾ هي بگڙيل بلوچي لفظ هيئن آهن:

ٽئور دئي (دؤر دئي) ٽئو ما ڪُتا، = اچلائڻ، ڦٽو ڪرڻ، وسارڻ.
ٽئو = تي توبہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ما ڪُتا= مون ڪيو، مون ڄاتو (مون سمجهيو تو بہ وساري ڇڏيو)
دُرها دُرها= خوش چڱا، ڀليڪار، خوش خوش ڪرڻ.

صحيح بيت هن ريت ٿيندو:

بُرو بَگيرد بَامَ بَليخَا، مون نہ پروڙي مامر،
ٿؤر دَئِي ٿئو مَا ڪُتا، ڇلي ڇپر لامر،
پيئَي تن جي سَامر، دُرها دُرها ڪن جي.

ٻارهون بيت:

فازا ڏير فگين ويا، هئا جوراٿا جت،
ايراندو ايکوا، پلاٽيا پربت،
ماڙهو ڏينر مت، آءُ لڄ بلوچان نشتگان

فازا= اٺ،
فگين = سويري
ايدا (ادا) = هتي
ننڌو = ويهي، ويهاري
اِيڪوا= اڪيلي
نِشتگان = ويٺي آهيان

بيت جي درست پڙهڻي هيءَ ٿيندي:

فازا ڏير ڦگين ويا، هئا جوراٿا جت،
ادا ننڌو ايکوا، پلاٽيا پربت،
ماڙهو ڏينر مت، آءُ لڄ بلوچان نشتگان.

ايندڙ ڪنهن مضمون ۾ "املھ اتوريا" ڪتاب ۾ شامل بلوچي ٻوليءَ وارن بيتن جو جائزو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ ۾ شاهه جي دور جون سماجي، سياسي ۽ تاريخي حالتون

شاهه لطيف جي سموري شاعري، ٻارهين صدي هجريءَ جي بحراني حالتن جي پيداوار آهي، ان ڪري شاهه صاحب جي شاعريءَ کي سمجهڻ لاءِ اُن دور جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي. ان دور تي نظر وجهجي ٿي ته هڪ طرف انگريز واپاري ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي روپ ۾ سنڌ ۾ وارد ٿيندي ڏسجن ٿا، ٻئي طرف عربي سمنڊ جي سڄي سامونڊي پٽيءَ تي پورچوگيز بحري قزاقن جون ڦهري ڪارروايون وڌنديون رهيون. ڪين جيڪو به سامونڊي ٻيڙو هٿ ايندو هو، اُن کي ڦري لٽي تباهه ڪري ڇڏيندا هئا. شاهه جي شاعريءَ کي پڙهجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته هن سنڌ واسين کي انهن ٻنهي خطرن کان هيئنيءَ ريت خبردار ڪيو هو:

ملاح تنهنجيءَ مڪڙيءَ، اڄي چور چڙهيا،
هُو جي واڍي واڻيا، سي سُونهڻ سڀ سڙيا،
"ڦلنگي" منجهه ڦريا، معلم ماڳ نه لڳئين!

"**مڪڙيءَ تي چورن جو اچي چڙهڻ**": پور چيرگيز ڦورن ڏانهن اشارو آهي، ۽ "**ڦلنگي**"/ **فرنگي منجهه ڦريا**" جواهيجاڻ انگريز واپارين جي نشاندهي ڪري ٿو.

شاهه جي عمر لڳ ڀڳ ٢٠_٢٩ سالن جي هُئي ته ١٧١١ع ۾ ميرانپور جو معرڪو يعني "**شاهه عنايت جهوڪ واري جي شهادت**" جو واقعو جنم پذير ٿيو. سُر رامڪليءَ جا "اڄ نه اوطاقن ۾، **طالب تنوارين**" جي سيريز وارا بيت، ان "**قومي سانحي**" تي ئي چيل آهن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه اشارا پين سُرن جي بيتن ۾ به ملن ٿا.

تاريخ جو گهري نظر سان جائزو ونجي ٿو ته ڄاڻ پوي ٿي ته شاهه صاحب جي جوانيءَ کان وٺي زندگيءَ جي آخري سالن تائين سنڌ وڏي ڪُهرام جي ور چڙهيل هئي. اِنهن ئي حالتن کي پروڙيندي، منهنجو پڪو خيال آهي ته شاهه صاحب "سسئيءَ جا پنج سُر" تخليق ڪيا آهن، جن ۾ هُن سسئيءَ جي تڪليفن کي سنڌ جي تڪليف ڪري پيش ڪيو آهي. شاهه جو اُن حوالي سان مطالعو ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.

تاريخ جا بي رحم ورق پڌائين ٿا ته خوشحال سنڌ کي ٻاهرين حملي آورن ڪان ڪڏهن به ويساهين نه ملي آهي. ڪيترائي جابر، آمر ۽ ڌاڙيل ڪرڻ لاءِ هتي آيا آهن. جيئن ته دريائي علائقي جا ماڻهو اڪثر امن پسند رهيا آهن. جڏهن ته جابلو علائقن جا ماڻهو جنگ جو ماحول پيدا ڪري، ٻين ملڪن تي ڪاهون ڪندا رهيا آهن. شاهه صاحب درياهي ۽ امن پسند ماڻهن جي دلين جو ترجمان شاعر آهي.

جڏهن سنڌ تي ڏکيا ڏينهن آيا ته شاهه صاحب پٽ تي ماٿ ڪري ويهڻ مناسب نه سمجهيو ۽ سنڌ اندر جتي به ڌارين حملي آورن تباهي ۽ بربادي ڪئي هئي، اتي ويو. ان کان سواءِ جتي به سنڌي ٻوليءَ جا مرڪز هئا، اتي به ويو. جهڙوڪ ٺٽو وغيره. ان وقت ٺٽو سنڌي ٻوليءَ جو رڪوالو شهر سمجهيو ويندو هو. نامور سياح اليگزينڊر، (١٦٩٩ع) هن تاريخي شهر ٺٽي جو بيان ڪندي لکيو آهي ته "ٺٽي ۾ ان وقت چار سؤ مدرسا هئا". شاهه صاحب جڏهن ٺٽي پهچي ٿو ۽ سنڌ جي هن تاريخي ۽ عظيم شهر جي ابتر حالت ۽ ڪتب خانن جي بربادي ۽ واپاري مرڪزن جي تباهي ڏسي ٿو ته چئي ڏئي ٿو:

نه سي وونئڻ وٽن ۾، نه سي ڪا تاريون
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي

ان ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي تاريخي پس منظر ۾ پروڙڻ جي سخت ضرورت آهي. اچ جي موضوع جي حوالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ايترو چوندس تہ شاھ جي جنھن سر جو نالو ئي "**ديسي**" ھجي تہ پوءِ ديس جي باري ۾ ڪجھ بيتن تي بحث ڪرڻ جي گنجائش موجود آھي. شاھ جي شاعريءَ ۽ سنڌ جي حالتن طرف اسان جي ڪيترن محققن جو ڌيان گھٽ پئي ويو آھي. اسڪاٽ لينڊ جي رھاڪو ڊاڪٽر ايڇ. ٽي سورلي، جيڪو ١٩٣٢ع ۾ سکر سنڌ جو ڪليڪٽر ٿي آيو ھو. ان شاھ صاحب تي ان حوالي سان پنھنجي ڪتاب "شاھ آف ڀِٽ" ۾ چڱو خاصو ڪم ڪيو آھي. ان کان پوءِ مولانا دين محمد وفائي بہ قابل ذڪر آھي. سائين جي . ايم . سيد ۽ ڪجھ سنڌي (ھندو) عالمن جو ڪم بہ قابل ذڪر آھي، تازي دور ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ پڻ ان ڏس ۾ قلم کنيو ھو. پوءِ بہ چئي سگھجي ٿو تہ سنڌ جي تاريخي، سياسي، ۽ سماجي حالتن جي پس منظر ۾ شاھ تي تمام گھٽ ۽ نہ ٺيڪ جھڙو ڪم ٿيو آھي. ان دور جون لکل حقيقتون شاعريءَ مان ڳولي سگھجن ٿيون. پر ان لاءِ ڳوڙھي نظر ۽ مطالعي جي ضرورت آھي.

اچو تہ شاھ صاحب جي شاعريءَ کي اُنَ دور جي سنڌ جي حالتن جي روشنيءَ ۾ ڏسون! مغل حڪمرانن جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺندي نادر شاھ قاچار ھندستان جي درالسلطنت دھليءَ تي ڪاھي آيو ۽ وڏي خونريزي ٿي، صبح کان وٺي شام تائين دھليءَ جي بازارن ۾ لاشن جا دير لڳارائي ڇڏيائين. دھليءَ کان موٽندي ھُن ٣٩_١٧٤٠ع ۾ سنڌ تي حملو ڪيو. سنڌ جي حاڪم ميان نور محمد ڪَلھوڙي ھن بڪايل بگھڙ جي اوچتي حملي کان بچڻ لاءِ حڪمت عمليءَ ھيٺ عمر ڪوٽ جو رُخ ڪيو. پر نادرشاھ مٿس اُتي بہ اچي ڪڙڪيو. ۽ خراج طور لڳ ڀڳ ھڪ ڪروڙ روپيا ڏنڊ وصول ڪرڻ سان گڏ سنڌ تي ٢٠ لک روپيا ساليانو ڏن مقرر ڪرائي، سندس ٽي پٽ يرغمال بڻائي، ايران وٺي ويو. ۽ ان کان سواءِ ميان نور محمد جي حڪومتي مرڪز خداآباد ۾ ٤٠٠ مغل سوار پھريدار مقرر ڪرائي ويو. جڏھن ١٧٤٧ع ۾ نادر شاھ قتل ٿيو. تڏھن نور محمد ڪلھوڙي جا ٽئي فرزند آزاد ٿي، سنڌ پھتا. سنڌ اجا سک جو ساھُ مس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنيو تہ احمد شاهہ ابداليءَ خراسان ۽ ايران جي سلطنت تي قبضو ڪرڻ بعد ڪلهوڙن حاڪمن کي نادر شاهہ جي دؤر جي مقرر ڪيل ڏل ڀرڻ لاءِ لکيو. اٽڪل هڪ ڏيڍ سال تائين ميان نور محمد ڪلهوڙي ڏل ڏيڻ کان نٽ نٽاءُ ڪيو. ان تي احمد شاهہ ابداليءَ طيش ۾ اچي ١٧٥٠ع ڌاري سنڌ تي ڪاهہ ڪئي. نادرشاهہ جي حملي وقت شاهہ جي عمر ٥١ سال ۽ احمد شاهہ ابداليءَ جي ڪاهہ وقت عمر ٦١ سال هئي ۽ ٻنهي حملي آورن سنڌ ۾ جيڪا تباهي مچائي، ان جو شاهہ صاحب عيني شاهد هو. هن ڌاڙيلن حملي آورن جي ان غارت گري، بربريت، ڌاڙ ۽ ڌڪاءَ وقت سنڌ جي سياڻن جي هي ڪهاوت ضرور ٻڌي هوندي، "**جڏهن تڏهن سنڌڙي توکي ڦندارن جوکو**"

شاهہ صاحب جي عمر جا هي آخري سال سندس شاعريءَ جا اهم سال هئا. هو بنيادي طرح سنڌ جي وحدت ۽ جاگرافيائي حدن جي اتحاد جو رکوالو هو. ان حوالي سان هن مغلن کان ڪلهوڙن جي خودمختياريءَ طرف وڌايل وک کي جيتوڻيڪ قدر شناسيءَ جي نظر سان ڏٺو هوندو. پر ڪلهوڙن حاڪمن جي سياسي مصلحت طور سنڌ اندر فارسي زبان جي سرپرستي ۽ ان جي درٻاري حيثيت کي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪيو. ۽ هن حڪمرانن ۽ مغل سرڪار جي ٻولڙين جي انهن ڦقرن کي پنهنجي لاءِ چيلينج ڪري سمجهيو. جن موجب ان وقت عام طور ائين چيو ويندو هو. تہ: "فارسي گهوڙي چاڙهسي" ۽ "سنڌي وائي قلم نہ آئي".

هن فارسيءَ جي سرڪاري ۽ درٻاري حيثيت کي قبول نہ ڪندي، سنڌ جي عوامي ٻولي سنڌيءَ کي بچائڻ، وڌائڻ ۽ عام ڪرڻ لاءِ پنهنجي شاعريءَ وسيلي ان کي رڪ جي ديوار ڏئي مضبوط ڪيو. نتيجي طور سنڌي ٻولي اڄ ڏينهن تائين دائم ۽ قائم آهي. تصور ڪريو تہ سنڌ جا حڪمران پنهنجي سياسي مصلحت خاطر دهليءَ جي مغل حڪمرانن ۽ ڦندار جي ڌاڙيل حملي آورن جي زبان کي پنهنجي دفتري ۽ سرڪاري زبان بنائي چڪا هجن، اهڙي وقت ۾ شاهہ رڳو سسئيءَ ٻاٻڻ پنج سر ڳائي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڻي اسان تحقيقي نظر سان ڏسندا سون تہ. "پيپم پٺاڻن سين" "ٻولي جي نہ ٻجهن" "سنڌيءَ جو سعيو ڪريان". "پارسيون پچن". "پڻ ٿا پلاٽين". "ڳاهون ڳالهائين". "سڄڻ سانباهي ڪيو" جهڙا فقرا آخر ڪهڙو تاريخي پس منظر پيش ڪن ٿا؟ هتي آءٌ اِهو بہ پڇڻ گهران ٿو تہ شاھ جي "پيم پٺاڻن واري" بيت کي رسالي مان خارج ڪرڻ وقت محققن وٽ آخر ڪهڙو دليل هو؟ جنهن جي تسلسل ۾ مٿي ڏنل بيت سان گڏ هيٺيون بيت بہ موجود آهي:

پڻ ٿا پلاٽين، اوني اچ اپاڪرا،
"پہ پارسيون پاڻ ۾، "ڏير" ڏهاٽي ڏين،
هوت پنهون ٿا نين، پاروچي ٻولي ڪري.

شاھ لطيف جي اوائلي عمر (١٧٠١ع) کان وٺي سنڌ جي اڻ پوري خودمختياري حاصل ڪرڻ واري وقت تائين مڪمل حاڪمن جي پاليسي هئي، تہ مغلن ۽ پٺاڻن جي تسلط ۽ اثر کان سنڌ آجي ڪري، ڌارين هاڪارن کي گهٽ ۾ گهٽ خراج ڏجي ۽ سنڌن سنڌ ۾ داخلا کي ڪنهن صورت ۾ روڪجي، توڙي جو ان ئي دور ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڌ اندر واپاري ڪوٺي قائم بہ ڪئي هئي. پر انگريز واپارين جو اچا سنڌ ۾ سنڌو درياھ تي قابض ٿيڻ وارو خواب تعبير کان تمام گهٽو پري هو. پوءِ بہ سنڌ جون اندروني حالتون بگڙي رهيون هيون. سنڌ ۾ داخلي بحران پيدا ٿي چڪو هو. ڪلهوڙن، مغل نوابن ۽ مقامي جاگيردارن جي سازش جو شڪار ٿي، شاھ عنايت جهڙي عوامي قوت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي . جنهن ڪلهوڙن حاڪمن لاءِ عوامي احتجاج جو ماحول پيدا ڪيو. ٻئي طرف مغربي تاجرن جون حوسي نگاهون پڻ سرزمين سنڌ جي مضبوط معيشيت تي پئجي رهيون هيون. پٺاڻن جي ڦرلٽ سنڌ جي عوامي ۽ اقتصادي زندگيءَ کي ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيو هو. اهي ڳالهيون شاھ لطيف جي دور رس نگاهن ۽ سوچ لاءِ هڪ قسم جو تازيانو هيو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن سر سسئيءَ ۾ ائين، ڏاگهن ڏيرن، ۽ ان قسم جي ٻين علامتي لفظن ۾ سڄي تباهي ۽ اندروني پيچ ڊاهه تي رت جا ڳوڙها ڳاڙيا آهن. مثال طور:

اٺ مَ اوري آنءِ، آءٌ ڏاگهن ڏتي آهيان

---

ديسي سيڻ ڪجن" پرديسي کهڙا پرين.

شاهه لطيف سر ديسيءَ ۾ سنڌ تي حملي آورن خلاف واضح شاعري ڪئي آهي ۽ سنڌن چٽو چهرو ڏيکاريو آهي. شاهه صاحب "سر ديسي" ۾ سسئيءَ واري قصي جي روپ ۾ حب الوطنيءَ جو نئون موڙ ڏنو آهي، ۽ ماڻهن کي پنهنجي ديس سان وفادار رهڻ جو سبق ڏنو آهي. جيئن هو سسئيءَ جي واتان چوي ٿو.

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي کهڙا پرين
لڏيو لاڏوڻا ڪيو، پنهنجي ديس وڃن،
پڄاڻان پرين، ڪجي بس ڀنڀور ڪان.

هينئين بيت ۾ جڏهن سسئي "ٻول ٻاروچي وسهڻ" بابت سرتين سان جيڪا ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي، ان کي بہ ساڳئي تاريخي پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجي:

متان ڪا ٻڙي! "ٻول ٻاروچي وسهي"
هوند نہ ستيس سرتيون، ويهي رهيس وڙي،
جت پنهنجي جوءِ ۾، گهارين مان گهڙي،
ڪيچين آنءُ نہ ڪڙي، ڪنهن ڏکيءَ ڏانوڻ ڏائيو.

اهڙي طرح شاهه جي هن سر ۾ شامل بيتن جو بغور مطالعو ڪبو تہ ڪيترا اهڙا اصطلاح ۽ لفظ ملندا، جيڪي ڌارين حملي آورن خلاف نفرت جو ڪليو اظهار آهن ۽ انهن لفظن جي هڪ سياسي تاريخي ۽ سماجي حيثيت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارو! ورُ ونئي ويا. "آريچا اظلام".
آنڌائون آريءَ جا، پنهون ڏي پيغام.
"په ڪيائون پاڻ ۾". "مُنهان مخفي مام".
سنيوڙا ساٿ ڪٽي، "ويساهي ويام"
ڪاڪيون! "رات قيام. جيڏيون جت ڪري ويا".

"ور ونئي ويڻ". آريچا اظلام". "په ڪيائون پاڻ ۾". مُنهان مخفي مام". "ويساهي ويام". "ڪاري قيام". "جيڏيون جت ڪري ويا"۔ جهڙيون ترڪيبون. اصطلاح ۽ لفظ منهنجي ڳالهه جي واضح دلالت ڪن ٿا. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سسئيءَ جي ننڊ ڪي قوم جي ننڊ سان ڀيٽيو آهي ۽ واضح ڪيو آهي ته ڌارين جي سازشن کان وقت سر سجاڳ نه ٿبو ته ڌاريان سڀ ڪجهه لٽي ڦري ويندا. هينيان ۾ بيت نه رڳو ان وقت. پر اڄ جي حالتن ۾ به اسان لاءِ هڪ سبق ۽ هڪ حقيقت آهن.

"ڌاريان ڌارئين ڏيهه جا، جت نه پائي رَتَ".
آءُ ستي هو هليا، پلاٽي پربت.
اکين جي آهت. ڪٽي ڄلايس ڇپرين!

—

ڌريان ٿي ڌاريان". "مٽ مُئيءَ جا نه ٿئا"
"مَدي ڏيرن من ۾". "آءُ ڪليو ڪيڪاريان"
صبح ٿي ساريان. ته اُٿ نه اوطاقن ۾.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بدر ڏاهرائي

# سُر ديسيءَ جا مبهم ڪردار

شاهه لطيف جو ڪلام انيڪ خوبين ۽ خصوصيتن جو ڀنڊار آهي. اهوئي سبب آهي، جو سؤ سالن کان به مٿي عرصي کان وٺي شاهه جي ڪلام تي تحقيق ٿيندي پئي اچي، پر پوءِ به اجاتائين ڪوڙ سارن پهلن تي اڻ ڇاٽائيءَ جي لٽ پيل آهي. آءٌ هتي "سُر ديسيءَ" جي حوالي سان اهڙن لڪ پيل ۽ وساريل رخن تي روشني وجهندس:

"سُر ديسي". سَسُئي پنهونءَ جي قصي تي رچيل پنجن سُرن مان هڪ سُر آهي. هي سُر ستن داستانن تي مشتمل آهي. هن سُر ۾ سَسُئي پنهنجي محبوب پنهونءَ لاءِ ڪشالا ڪري ٿي ۽ سندس پانهي ٿيڻ جي خواهش ڏيکاري ٿي. شاهه صاحب هن سُر ۾ **پانهين جا ڪردار** ڪم آڻي، سَسُئيءَ جي زباني چوي ٿو ته. جيڪڏهن مون کي پنهل ۽ سندس پائر ملن ته هوند مان فلاڻي پانهي ٿيان وغيره.

سُر ديسيءَ جي حوالي سان اهي ڪردار، جيڪي اسان جي عالمن ۽ شاهه لطيف جي شارحن کان مبهم رهيا آهن يا ڪيترن عالمن کان اُنهن کي سمجهڻ ۾ سَهو ٿي آهي، تن کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو: شاهه لطيف پانهين جا جيڪي ڪردار ڪم آندا آهن، سي هن طرح آهن:

(1) **گلبُوءِ:**

سُر ديسيءَ جي ٽئين داستان ۾ اهڙا ٻه بيت ملن ٿا، جن ۾ "**گلبُوءِ**" ڪردار جو ذڪر آيو آهي:

اَلا! اچن اُوءِ، جن آئي مَنُ سَرَهو ٿِئي،
پَسان ماڻَ پَر گهر، جَتَن سندي جُوءِ،
لَنگهي لَڪَ لَطيفُ چي، سُٽِيان هوتن هُوءِ،
گولي ٿيان گلبُوءِ، جي سچاڻان ساڻ ڏٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(٥_٣)

ڪيچان آيو قافلو، رات موچاري رُوءِ،
بوتي ۽ بَلوچ جي، رڙهي پسان رُوءِ،
لنگهي لَڪَ لطيف چي، پُڇان ڪيچين ڪُوءِ
گوڙي ٿيان گلبُوءِ، جي مون نهو پاڻ سين.

(٦_٣)

هي بيت تاراچند شوقيرام، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، غلام محمد شاهواڻيءَ، ڪلياڻ آڏواڻيءَ، مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ ۽ عثمان علي انصاريءَ جي مرتب ڪيل رسالن ۾ موجود آهن.

"گلبوءِ" اصل ۾ هڪ ڪردار آهي. اچو تہ ڏسون هن لفظ (گلبُوءِ) بابت عالم ڇا ٿا چون:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل شاهہ جي ڪلام جي لغت، "روشنيءَ" ۾ هن لفظ تي ڪابہ روشني وڌل ڪانهي.

شاهہ لطيف جي ڪلام جي حوالي سان مرزا قليچ بيگ جون بہ لغتون "لغات قديمي" ۽ "لغات لطيفي" نهايت اهم آهن. لغات قديميءَ ۾ "گلبوءِ" لفظ جي معنيٰ هن طرح بيان ٿيل آهي:

"گل جهڙي، سرهي، پياري، معشوق، گل سنگهندڙ، سرهاڻ وڪڻندڙ، آرائي، عطار(٣)

لغات لطيفيءَ ۾ بہ هوبهو ساڳي معنيٰ ساڳيءَ ترتيب ۾ ڏنل آهي(٤).

ليلارام وطنمل شاهہ جي اولين شارحن مان هڪ ٿي گذريو آهي. هن "گلبوءِ" جي معنيٰ ۽ اشتقاق هن طرح بيان ڪيو آهي:

"This word is used, sweet heart or beloved, Literally it means sweet smell from "گل"(flower)and بُو or بوءِ=smell(5)

ڪلياڻ آڏواڻيءَ بہ ان جي معنيٰ "گلن جي سرهاڻ" لکي آهي ۽ ڏنگين ۾ "ٻانهي" لکيو آهي(٦). معلوم ٿئي ٿو تہ ڪلياڻ آڏواڻيءَ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رسالي تان اها معنيٰ ورتي آهي، هو لکي ٿو تہ: "ٻانهن ۽ ٻانهين تي نهايت سهڻا نالا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکيا ويندا هئا. جيئن: چنبيلي، گلبوءِ، نازبوءِ(٧).

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي به "گلبوءِ" لفظ جي معنيٰ "خوشبودار" ڄاڻائي آهي.(٨)

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي شرح کي ادبي تاريخ ۾ معتبر حيثيت حاصل آهي. هو "گلبُوءِ" جي وضاحت ڪندي لکي ٿو: "ايران ۽ ٻين ڏيهن ۾ جتي جتي ٻانهن ۽ ٻانهين رکڻ جو رواج هو اتي، انهن کي، پوءِ ڀلي ته هو ڪهڙا به قبيح هجن، نهايت عمدن ۽ سهڻن نالن سان سڏيندا هئا. جهڙوڪ: نازبوءِ، گلبوءِ، دولت وغيره. انهيءَ عجيب رسم ڏي ڪيترن يورپي لکندڙن ۽ سيلانين جا به اشارا آهن"(٩).

ممڪن آهي ته شاهه لطيف ايراني روايتن کان واقف هجي. اصل ۾ "گلبوءِ" هڪ ڪردار آهي، جيڪو نج سنڌ جو ڪردار آهي. "گلبوءِ" راءِ ڏياچ جي خاص ۽ وفادار ٻانهيءَ جو نالو هو. جيڪا سورٺ سان گڏ ڏاڍ چڙهي سڙي مئي هئي. شاهه صاحب انهيءَ وفاداريءَ جي ڪري هن ڪردار کي ساريو آهي.

چوي ٿو ته "جيڪڏهن پنهونءَ سان ميلو ٿئير ته (راءِ ڏياچ جي وفادار ٻانهيءَ) گلبوءِ وانگر، وفادار ٿيان. ٻئي بيت ۾ هن ريت چوي ٿو ته "جيڪڏهن مون کي پاڻ سان گڏ وٺي هلو ته، هوند مان (راءِ ڏياچ جي وفادار ٻانهيءَ) گلبوءِ جهڙي ٻانهي ٿي ٻيلهپو ڏيان."

(١) **چنبيلي:**

سُر ديسيءَ جو ٻيو مبهم ڪردار "**چنبيلي**" نالي ٻانهي آهي، چنبيليءَ جو ذڪر هن طرح آيو آهي:

ڪيچان آيو قافِلو، پليرو پايان،
پُٺِي جا پيرَن جي، لِڳَنَ کي لايان،
"چَنبيلِي" چايان، جي مُون نِهو پاڻُ سين.

(٣_٧)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي بيت ڈاڪٽر گربخشاڻيءَ، ڪلياڻ آڏوڻيءَ، غلام محمد شاهوڻيءَ ۽ عثمان علي انصاريءَ جي رسالن ۾ هوبهو ملي ٿو. بيت جي آخري سٽ ۾ "چنبيلي" نالي ڪردار موجود آهي. "چنبيلي" لفظ يا ڪردار جي وضاحت ڈاڪٽر گربخشاڻي وٽ نه ٿي ملي، نه وري ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل شاهه جي ڪلام جي لغت ۾ سُر ديسيءَ جي حوالي سان هن لفظ جي وضاحت موجود آهي. البت سُر معذوريءَ جي حوالي سان "چنبيلي" لفظ جي وضاحت ملي ٿي(١١).

"لغات قديميءَ"، ۾ ان جي معنيٰ آهي: "ٽوڪري مٿي ڪٺڻ جي ـ پاڻيءَ جو ٿانو ـ چنبيلي جي گل وانگي سرهي، خوبصورت زال (١٢) لغات لطيفيءَ ۾ پڻ ساڳي معنيٰ بيان ٿيل آهي(١٣).

ليلارام وطنمل جي ڪتاب ۾ "چنبيلي" لفظ جي وضاحت ڪانهي. چيتمل پرسرام پنهنجي ڪتاب ۾ چنبيليءَ جي وضاحت ڪندي چوي ٿو:

پٽي جا پيرن جي لڱن ڪي لايان،
"چنبيلي" چايان، جي مون نيو پاڻ سين.

"ڪڏهن پيئي چوي ته پنهل مون کي ملي ته جيڪر آءٌ پاڻ پورهيت ٿيڻ چاهيان. ڪڏهن پئي چوي ته آءٌ پنهونءَ بنا گولي آهيان. پر جي پنهونءَ کي ملان ته جيڪر گولي ٿيان. پر هتي ته پنهونءَ بنا منهنجو کهڙو حال ٿيو آهي(١۴).

ڪلياڻ آڏوڻيءَ "چنبيلي" لفظ جي معنيٰ ڪئي آهي: "**چنبيلي** نالي ٻانهي"(١۵) اها معنيٰ منهنجي نظر ۾ بلڪل صحيح معنيٰ آهي. جهڙيءَ طرح "**گلبوءِ**" هڪ ڪردار آهي، اهڙيءَ طرح "چنبيلي" به هڪ ڪردار آهي. هن ڪردار تي زماني جي لٽ پيل آهي. گهڻي ورق گردانيءَ کان پوءِ به معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته اهو ڪردار ڪڏهن ۽ ڪهڙي دور جو آهي ۽ ڪنهن سان تعلق رکي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**(٣)ناتر:**

ناتر، پانهيءَ جو مشهور ڪردار آهي. هن ڪردار کي شاهه لطيف هن طرح ياد ڪيو آهي.

ڪيچان آيو قافلو، چامن سندو چام،
پسندي پنهوءَ کي، اُکن ڪٿو آرام،
"ناتر" چايان نام، جي مون نهو پاڻ سين.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل شاهه جي ڪلام جي لغت ۾ "ناتر" جي وضاحت هن طرح ملي ٿي: مومل جي چالاڪ پانهي (اصطلاح) پانهي(١٦).

لغات قديم ۽ لغات لطيفيءَ مطابق: پانهي، ڪنيزڪ، مومل جي پانهي(١٧).

ليلارام وطنمل ناتر لفظ يا ڪردار جي وضاحت ڪندي لکي ٿو:

Female slave 2. Name given to a maid servant of Mumal(18).

مومل جيڪو جادوئي منڊ مچايو هو. تنهن ۾ ناتر جو هٿ هو. ناتر جي وفاداريءَ کي نظر ۾ رکندي لطيف سُئيءَ جي زباني چوي ٿو ته:

"ناتر" چايانِ نام، جي مون نهو پاڻ سين.

**(٤)دولت:**

سُر ديسيءَ ۾ پانهيءَ جو چوٿون ڪردار "**دولت**" آهي. اهڙو بيت هن طرح آهي:

ڪيچان آيو قافِلو، جُنگ سُنهاريَ جوڙ،
ٺِليارا توڏِن کي، پُڇيءَ سُونهَن موڙ،
"دؤلت" چايانَ دوڙ، جي مون نهو پاڻ سين.

هن بيت جي آخري سٽ ۾ "دولت" جي ڪردار ڏانهن اشارو آهي. پر عالمن وٽ هن سلسلي ۾ تضاد آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي شاهه جي ڪلام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي لغت ۾ هن لفظ جي وضاحت نہ ٿي ملي. لغات قديمي ۽ لغات لطيفيءَ ۾ مرزا صاحب "دولت" لفظ جي وضاحت هن طرح بيان ڪئي آهي: "ملڪيت، زرخريد"(١٩).

ڪلياڻ آڏواڻي، "دولت" لفظ جي شرح ڪندي لکي ٿو: "دولت نالي ٻانهي"(٢٠).

غلام محمد شاهواڻي "دولت" لفظ جي هن طرح شرح ڪئي آهي. ""ٻانهيءَ تي ڪوڏ جو نالو"(٢١).

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، "دولت" جي لفظي معنيٰ لکي آهي: "ڏن، سيباڳ، ٻانهين کي انهيءَ نالي سان سڏيندا آهن."(٢٢) ۽ "دوڙ" لفظ جي معنيٰ ڄاڻائي آهي. "نيچ، خاڪسار ٻانهي"(٢٣).

هن سلسلي ۾ ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي بيان ڪيل معنيٰ نهايت مناسب ۽ موزون معلوم ٿئي ٿي. "دولت" برابر ٻانهيءَ جو ڪردار آهي، پر اهو ڪردار ڪڏهن ۽ ڪهڙي دور ۾ ٿي گذريو آهي، تاريخ هن سلسلي ۾ خاموش آهي.

### (٥) لنگهي ۽ لوري:

لنگهي ۽ لوري بہ پورهيت ڪردار آهن. سُر ديسيءَ ۾ شاهہ لطيف هنن ڪردارن کي هن طرح آندو آهي:

چوري، ندوري، نَڪو مائٽ مُنڌَ جو،
سَوين هَلَن ساٿ ۾، ڪمي ۽ ڪوري،
آئون پُڻِ آهيان ان ۾، "لنگهي" ۽ "لوري"،
لنگهائيين لطيف چي، ٿَرَن جي ٿوري،
آهيان آزوري، تُهِجي، جور جَبل لَنگهيان.

(١٨_۴)

مڱڻهار کي لنگهو ۽ مڱڻهار عورت کي "لنگهي" چئبو آهي. اهڙيءَ طرح لنگها هڪ ذلت آهن، جن جو ڪم "دان" وٺڻ هوندو آهي. ساڳيءَ طرح "لورا" لوهارڪو ڪم ڪندڙ پورهيت آهن. اهي زالين مردين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لوھ جون مختلف شيون ٺاهي پيٽ پاليندا آهن. سندن ڏنڌي پويان "لورا" سڏجن ٿا ۽ سندن عورتن کي "لوري" چوندا آهن. هي عورتون نهايت وفادار ٿين ۽ انهن جي وفاداري مشهور آهي ۽ شاھ صاحب انهيءَ ڪري سسئيءَ کي "لنگهي ۽ لوريءَ" جي نالي سان سڏيو آهي.س

**مددي ڪتاب:**


(١) آڏواڻي ڪلياڻ: "شاھ جو رسالو". سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت. سال ١٩٧٨ع.

(٢) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "روشني". سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سال ٢٠٠٢ع.

(٣) سومرو عبدالغفار: "شاھ عبداللطيف". (ترجمو). مهراڻ اڪيڊمي، ڪراچي، سال ١٩٩٣ع.

(٤) شاهواڻي غلام محمد: "شاھ جو رسالو". آر. ايچ. احمد ائنڊ برادرس، سال ١٩٥٠ع.

(٥) قادري اياز حسين: "مون مطالعو سپرين". شاھ عبداللطيف. ڪلچرل سوسائٽي، ڪراچي، سال ١٩٩٥ع.

(٦) قاسمي غلام مصطفيٰ مولانا: "شاھ جو رسالو". مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، سال ١٩٩٩ع.

(٧) گربخشاڻي هوتچند مولچند: "شاھ جو رسالو". (ٽي جلد گڏ). ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، سال ١٩٧٩ع.

(٨) ليلارام وطنمل: "لائيف، رليجن ائنڊ پوئٽري آف شاھ لطيف" (انگلش) سنڌ ڪتاب گهر ڪراچي، سال ١٩٨٥ع.

(٩) مرزا قليچ بيگ: "لغات قديمي". نئين سنڌي لئبريري، حيدرآباد، سال ١٩٢٤ع.

(١٠) مرزا قليچ بيگ: "لغات لطيفي". (ڇاپو ٽيون). سنڌي ٻوليءَ جو باختيار ادارو حيدرآباد، سال ١٩٩٤ع.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ ۾ جدوجهد جو درس

لطيف سائين پنهنجي پڙهندڙن ۽ چاهيندڙن کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي نوان نوان گس، لاڙا ۽ باشعور سوچون ڏنيون آهن. هاڻي شاهه جو رسالو پڙهندڙ تصوف کي روحانيت سان گڏوگڏ ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ ڏانهن مثبت رويو به سمجهن ٿا ته سماج جي روشن پهلوءَ جي ساڻ ڏيندڙن کي تصوف جو صحيح نمائندو ۽ صوفي به سڏين ٿا.

سُر ديسيءَ ۾ ڀٽائي هڪ صوفيءَ جي روپ ۾ جدوجهد جي مختلف پيچرن تان لنگهندي، اُن جو درس ڏنو آهي. مصيبتن سهندي به گسَ کان واپس نه ورڻ وارو وچن ورتو آهي. ڀٽائي چوي ٿو ته توهان پلي هٿين خالي هجو، پر پنهنجي ارادي تي پڪا پختا هجو.

کوڙر نه ڪاتي، جنهن سان ٽڪرَ ٽانڪيان،
جيڪو جبل لنگهيان سو هيبت جو هاٿي،
پرينءَ جا پاتي، سا جُڙ جٽري نه لهي.

هونئن به ڀٽائي گهوٽ جي شاعري جدوجهد جو درس ڏيندڙ اعليٰ کان اعليٰ ۽ خوبصورت کان خوبصورتيءَ ڏانهن وڌڻ واري اهم شاعري آهي. خاص طرح سُر ديسيءَ ۾ جدوجهد جو سبق، لفظن جي خوبصورت چونڊ ۽ انهن جي سگهاري افاديت ۽ گهرائپ ۾ رکيل آهي. هونئن به "هڪ شاعر کي پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن، محاورن، شعري صنعتن، لغوي ترڪيبن، اصطلاحي معنائن وغيره جي جيتري ڄاڻ هوندي ته شعر به اوترو ئي بامعنيٰ برجستو ۽ خوبصورت سرجندو."(١)

شاعريءَ جو فلسفو به اهو آهي ته اها پنهنجي سمورن علمن واري ساڃهه، سُرت ۽ ڏاهپ جي سيني موضوعن جو جوهر هوندي آهي. انهيءَ سبب ئي "شاعر پنهنجي ڏاهپ ۽ مشاهدي سان پنهنجي اندر کي مطمئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکن ٿا ۽ سچ جي تلاش جاري رکن ٿا."(٢)

لطيف سائينءَ جي شاعري بہ پنهنجي دور کان وٺي هن دور تائين وڏي سگهاري جدوجهد سان ٽمٽار، رومانوي طاقت رکندڙ، موهڻ وارن لفظن سان پرپور، سماجي توڙي سياسي پسمنظر سان پُرگهڻ پاسي انقلابي موضوعاتي شاعري آهي، جنهن مان ڪيترائي انقلاب شعرن جي چٽگن مان لاٽ بنجي جنم وٺي سگهن ٿا. هونئن بہ لطيف سرڪار جو هر لفظ، هر سٽ ۽ هر بيت هڪ مڪمل درس جي سگهہ رکي ٿو. پر شرط آهي تہ شاھ جي شاعريءَ کي ڌيان ۽ گيان سان هنڊائڻ جي ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي.

لطيف سائين، سسئيءَ جي روپ ۾ پنهونءَ سان پريت واري مقصديت کي اهم حيثيت ڏئي ٿو. هٺ تي هٺ رکي وهڻ کي وھ سمجهي ٿو. هر وقت تحرڪ ۾ رهڻ جي هدايت ڪري ٿو. واٽ تان موٽڻ چڱو ڪونہ ٿو لڳيس، پنهنجي ساھ کي ساڳ تي پهچڻ واري مقصد جي امانت سمجهي، سماج ڏانهن ذميداريءَ وارو رويو رکي ٿو:

پنهونءَ سين پريت جو، ڪو جو پيچ پيوم،
پنيي هن پنيور ۾، وهڻ وھ ٿيوم،
متيون موٽڻ سنديون، ڪاڪيون ڪين ڏيوم،
سرتيون ساھ سندوم، ٿيو حوالي هوت جي!

مٿئين بيت ۾ ظاهري طور پنهونءَ سان پريت جو اظهار آهي، پر اصل ۾ مقصد ماڻڻ کان اڳ جيڪي ڪرڙا ڏونگر هن کي اڳتي وڌڻ نہ ٿا ڏين، انهن سان مزاحمت ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. مقصد ۾ ڪٿي ڪيتريون رڪاوٽون اچن، پر ان کي حاصل ڪرڻو آهي:

آڏ تراڇا آهڙا، وندر وَراڪا وَرَ،
حب جنهين کي هوت جي سا ٿوريندي ڏونگر،
پهچائين پرور! لطف سان لطيف چي!

مٿئين بيت ۾ وندر جبل جي ورن وڪڙن جو ذڪر آهي، جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سسئيءَ ڪي روڪي ٿڪائين ٿا، پر حُب، جيڪا لطيف جي نظر ۾ ذميداريءَ جو احساس آهي، سا ئي ڏونگرن سان منهن مقابل ڪري ٿي ۽ لطيف ان ذميداريءَ کي رب پاڪ کان نيائڻ ۽ پهچڻ جي دعا بہ گهري ٿو. انهن جبلن، جهنگن ۽ برن مان انهيءَ کي منزل مقصود تي پهچڻ جي خوشبوءِ اچي ٿي، جيڪا ان مقصد سان وابستگيءَ جو اظهار آهي:

لڏيندي لباسُ، جتن جيڏو ئي ڪيو،
اچي آريءَ ڄام جو، وڻ وڻ منجهان واسُ،
مرون ڪينهر ماسُ، هڏ هلندا هوت ڏي.

مطلب تہ سُر ديسيءَ جي هر بيت جي پسمنظر ۾ مڪمل اڳتي وڌڻ جي وابستگيءَ جو اظهار آهي. بهادر ٿي راهہ ۾ ايندڙ هر رڪاوٽ سان مزاحمت جو نياپو آهي. شاهہ سائينءَ جو هيءُ سنيهو نہ صرف سُر ديسيءَ ۾، پر هر سُر ۾ آهي، جيڪو رمزن، اشارن ۽ علامتن جي اوٽ ۾ مقصد جي موتين سان ڳتيل آهي:

جبل ماري جڪ، جو آڏو آريچن ڪي،
توڙي لڪن لڪ، سي لنگهنديس سڪ سين.

شاهہ صاحب هن سُر ۾ جدوجهد ڪرڻ لاءِ اهو ضروري سمجهي ٿو تہ ان لاءِ هڪ رهبر ۽ رهنما هئڻ گهرجي. ان لاءِ هن عربي چوٽيون ۽ صوفين جا قول پنهنجي ڪلام ۾ آندا آهن. پڌائي پڌائي ٿو تہ بنا رهبر ۽ رهنما جي اڳتي وڌڻ اڻين آهي، جيئن ڪا ٻيڙي بنا ناکئي جي.

شاهہ صاحب هڪ بيت ۾ حضرت علي ع جو هڪ عربي زبان ۾ قول آندو آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي تہ جيڪو ڳولا ڪري ٿو يا جدوجهد ڪري ٿو اهو ضرور منزل تي پهچي ٿو. جيئن شاهہ صاحب فرمايو آهي:

ڏوريندي ڏسن، اڳڻ عجيبن جا.

سسئيءَ جا پنجئي سُر جدوجهد جو اعليٰ مثال آهن. شاهہ صاحب اهو پڌايو آهي تہ زندگيءَ جو ڪونہ ڪو مقصد هئڻ گهرجي ۽ ان مقصد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات جدوجهد ڪرڻ گهرجي. تتي ٿڌي تورڙي ڏکن ڏاکڙن ڏي ڏسڻ نہ گهرجي. پلي ڪرڙا ڏونگر هجن. پنڌ پري هجي، منزل ڏور هجي، تڏهن بہ اڳتي منزل مقصود تي پهچڻو آهي. سسئي جيڪڏهن ماءُ يا جيڏين سرتين جي چوڻ تي گهر ويٺي رهي ها تہ ڪڏهن بہ منزل نہ ماڻي سگهي ها. شاهہ صاحب جي هن سُر جو روح ئي جدوجهد آهي ۽ اهو انساني زندگيءَ لاءِ نهايت ضروري آهي.

## مددي ڪتاب:


(١) "شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعارو ۽ تشبيهہ نگاريءَ جو تحقيقي جائزو". ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهہ. صفحو ١٧. شاهہ لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي. سال ٢٠٠۴ع.

(٢) "شاهہ ۽ سنڌ". مرتب ڊاڪٽر فهميده حسين. مضمون ڊاڪٽر مفتي، شاهہ جي ڪلام جو فلسفو صفحو ٩٨. شاهہ ڀٽائي چيئر.

(٣) بيت علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ۽ ٻانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل رسالي مان ورتل آهن.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُرديسيءَ جي ٻوليءَ جي حسناڪي

عظيم شاعر ٻن قسمن جا ٿيندا آهن: هڪڙا اُهي جيڪي خاص ماڻهن معرفت عام ماڻهن تائين پهچندا آهن ۽ ٻيا اُهي جيڪي عام ماڻهن وٽان پنهنجي تهذيبي، ثقافتي، سماجي ۽ قومي جذبن جي اُپٽار ۽ اظهار ذريعي پشت بہ پشت، پيڙهيءَ در پيڙهيءَ عام ماڻهن جو آواز بڻجي، خاص ماڻهن (جن ۾ دانشور، عالم، ڏاها ۽ ذهين فرد شامل هوندا آهن) جو ڌيانُ ڇڪائيندا آهن.

پر شاهہ سائينءَ جي گهريءَ جاچنا ۾ سبب ڪُجهہ ٻيا معلوم ٿين ٿا. جيڪي ڄاڻائڻ کان اڳ ۾ مٿي ڄاڻايل ٻن قسمن جي شاعرن جي ڪجهہ وضاحت گهربل آهي. جيڪا ڪجهہ هن ريت آهي:

سنڌيءَ جي مشهور اديب **لڇمڻ ڪومل** جي لکڻ موجب پهرئين قسم جي شاعرن ۾ مها ڪوي ڪاليداس، فردوسي ۽ غالب جهڙا عظيم شاعر آهن، جيڪي وقت جي حاڪمن جي دربارن ۾ رهندي، اُنهن معرفت ڪن عالمن، محققن ۽ فنڪارن ذريعي پنهنجي وقت کان گهڻو پوءِ عام ماڻهن تائين پهتا. انهن شاعرن کي پنهنجي وقت ۾ ايترو سمجهيو، سُڃاتو ۽ تسليم نہ ڪيو ويو، جيتري جا هُو حقدار هُئا. پوءِ بہ اُنهن جي عظمت ۽ اهميت کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. پر عام ماڻهن جي معرفت، خاص طبقي تائين پهتل مٿي ڄاڻايل ٻئي قسم جي شاعرن جي طبقي جو سَرواڻ اسان جي ٻوليءَ جو بيمثال شاعر شاهہ سائين آهي ۽ اهڙن شاعرن جي شاعريءَ جون پاڙون پُختائيءَ سان پنهنجي ڌرتيءَ ۾ ئي ڄميل هونديون آهن.

ڀٽائي صاحب جي جاچنا ۾ مون کي هيءُ معلوم ٿيو آهي تہ اسان وٽ هيءُ (ممڪن آهي تہ دنيا ۾ بہ هيءُ) پهريون ئي شاعر آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن هڪ ئي وقت ٻنهي (عام ۽ خاص) طبقن کي پڻ متاثر ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ ٻين سببن کان سواءِ ڪجهه سبب هيٺيان ٿي ٿيا:

(١) ڀٽائي صاحب پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ اُهي موضوع آندا، جن جي گهٽائي ڪانئس اڳ ۾ ئي سنڌي ماڻهن جي ڪنن تائين پهتل هُئي. عام توڙي خاص ماڻهو انهيءَ کان واقف هئا.

(٢) ڀٽائي صاحب جيڪا ٻولي پنهنجي شاعُريءَ ۾ استعمال ڪئي، اها خاص هوندي به عام ماڻهن جي سمجهه ۾ ايندڙ ۽ ساڳئي وقت عام توڙي خاص سطح تي مروج هُئي. جنهنڪري سنڌس خيال، احساس يا اظهار کي عام توڙي خاص سمجهي پئي سگهيو. ڀٽائي صاحب جو پنهنجي وقت ۾ ئي اهم ليکجڻ جو ٻيو ۽ اهم سببُ اُهو به آهي.

(٣) سبب هيءَ آهي، جيڪو اڄ جي تناظر ۾ پلي ڪيئن به سمجهيو وڃي، پر سنڌس دور ۾ ضرور سياسي سبب سمجهيو ويو هوندو ته سنڌس چيل ڳالهه جنهن کي اسين سنڌس پيغام چئون ٿا، اُن وقت جي اقتدار ڏٺين جي وڪالت وارو ڪردار ادا نه ٿي ڪيو.

منهنجو موضوع جيئن ته ٻولي آهي اُن ڪري آءٌ وڌيڪ بحث کي ڇڏي، اصل موضوع ڏانهن اچان ٿو.

شاعريءَ جي طاقتور اظهار لاءِ جيئن ته ٻولي ئي اهم واهڻ/ ذريعو آهي، اُن ڪري ڪنهن به ٻوليءَ جي شاعريءَ تي نقاد کي قلم کڻڻ وقت اُن شاعريءَ جي ٻوليءَ کي ڏسڻو آهي ته پتو پوي ته شاعر ٻوليءَ جو استعمال ڪيئن ڪيو آهي. ڀٽائيءَ تي مجموعي طور ڪجهه به لکڻ وقت نقاد کي اهو ڏسڻ گهرجي ته هُن ٻوليءَ کي ڪيئن استعمال ڪيو آهي. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جو چوڻ آهي ته "شاهه صاحب ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو هُو ۽ اُن کي استعمال ڪرڻ جو ڏانءُ به ڪيس ڪمال جو هو."

مٿيون مثال ذهن ۾ رکي جڏهن اسين شاهه سائين جي شاعريءَ جو سُرن وار مطالعو ڪريون ٿا ته اسين ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سان گهڻي حد تائين سهمت ٿيون ٿا. خود شاهه سائينءَ جي سُرن کي جيڪو محاڪاتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پسمنظر آهي، اُن مان پڻ اها ڄاڻ ملي ٿي تہ ڀٽائي ٻوليءَ جو نہ رڳو وڏو ڄاڻو هو پر هو ٻوليءَ جو خالق بہ هُو. هُن ڪيترائي لفظ ٽوڙي ۽ جوڙي انهن کي پنهنجي شعر ۾ استعمال ڪيو آهي، پر انهن کي نهايت ئي خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيو آهي، جنهنڪري لفظ هيرن جي جڙيل هار وانگر جڙي بيٺا آهن. سُر ديسيءَ ۾ آيل ڪجھ سٽون آءٌ مثال طور هيٺ ڏيان ٿو:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آءٌ ڏڌي،
پيچان پيرُ پنهونءَ جو، وڃهان وک وَڌي،
لکئي آءٌ لڌي، نہ تہ پٽن ڪير پنڌ ڪري!

شعر کان ٻاهر ڪڍي مٿين لفظن کي جاچبو تہ معلوم ٿيندو تہ سندن نسبتون، ڪيفيتون ۽ محسوسات جو جوهر الڳ آهي:
ڏاگها، ڪنهن جا بہ ٿي سگهن ٿا: ڏير ڪنهن بيءَ خاتون جا بہ هوندا. ڏونگر رڳو سسئيءَ جي پنڌ ۾ ڪونهي؛ ڏک هر ماڻهو ڀوڳي ٿو.
پر جي شاعريءَ جي اظهار جي حسناڪي هيءَ آهي تہ لکئي/ تقدير جو سسئي لڌي آهي تہ پوءِ سيئي تڪليفون هڪ هنڌ اچي گڏيون آهن. يا ڀٽائي گڏايون آهن. جيتوڻيڪ مٿيان سڀ عنصر اذيت ڏيندڙ آهن، پر سٽ ۾ سڀ ايتري حسناڪيءَ سان آندا ويا آهن، جو محبوب تا لڳن، وابستگي فقط اها آهي تہ اهي پرينءَ/ محبوب ڏانهن ويندڙ رستي ۾ آهن.

چوڙيءَ سين چانگن کي، جڙ زنجيرن جيئن.

هن سٽ جو حُسن چوڙيءَ سان چانگن کي جڪڙڻ واري اظهار ۾ آهي، چوڙي تہ عورت جي سينگار جو هڪ عنصر آهي، پر جڏهن اها زنجير ٿي پوي ٿي تہ ان جو اصل ڪم ئي متجيو وڃي.
وارن ۾ عاشق جو وڃائجي وڃڻ تہ هڪ احساس آهي، پر پر ين ءَ جي اُت کي چوڙيءَ سان ٻڌي رکڻ جهڙو حسين اظهار فقط ڀٽائيءَ وٽ آهي، چوڙي سونهن جي علامت. زنجير طاقت جي علامت آهي، پر ٻئي لفظ جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏايئي نہ ڏاڳهن ڪي، اوڳي ساڻ اڳٺ

اڳٺ معنوي لحاظ کان الڳ هوندي، هت پنهنجي معنيٰ ۾ ٿو ٻڌائي. هڪ معنيٰ "ٻڌڻ جي رسيءَ" کي چڙي، پوءِ ڏسبو تہ هيءَ لفظن جي پنهنجي اظهاري معنيٰ ۾ حسناڪي تہ آهي ئي، پر واسطيداريءَ واري معنيٰ جي حسناڪي تہ ڪمال جي آهي ۽ منجهن اهڙي حسناڪي فقط يڪتائي لفظن ۾ پيدا ڪري سگهيو ٿي. عورت جيڪا شايد اڳٺ لفظ اچاريندي بہ شرمائجي وڃي، ان لاءِ رڳو اها آهي تہ ڪجھ نہ هجڻ جي صورت ۾ اڳٺ سان بہ اٺ کي ڏائي سگهين پئي، پر تو ائين نہ ڪري پنهنجي انا کي مٿي ڪيو ۽ انهيءَ هَٿَ ئي توکي سور ڏنا.

لڏيندي لباس، جَتنِ جيڏو ئي ڪيو.

هن سٽ ۾ پڻ لفظي سونهن سان گڏ معنوي سونهن جو ڪمال آهي. هتي لفظ 'لباس' جي رواجي معنيٰ "ويس" يا "پوشاڪ" بدران سماجي ۽ ڪلچرل معنيٰ ڪم آئي، لطيف جي سگھ بيان ڪئي. "لباس" هن سٽ ۾ "بيائيءَ" جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي ۽ اها معنيٰ لطيف ئي ڪم آڻي سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال

ٻڌي سورن سندرو، صبح ڏونگر ڏوريام،
ڪڏي ڪشالا ڪيچ ڏي، ويلا وڃ پئام،
سوين ساٿ گڏئام، پنهون پار نه هيڪڙو.

سنڌي ٻوليءَ جي مهندار حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي ستن سورمين مان سسئيءَ کي وڌيڪ ڳايو آهي. سُر آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني- هنن پنجن ئي سُرن ۾ سسئيءَ جي جدوجهد، پنهون ڪارڻ ڪشالا ڪڍڻ ۽ رڻ پٽ جون سختيون سهڻ جا سمورا مضمون بيان ٿيل آهن. خاص طور تي سُر ديسيءَ ۾ سسئيءَ کي پنهنجي ننڊ نياڳيءَ تي ندامت آهي ۽ هوءَ هوت ڪارڻ ڏونگرن جا اٽانگا ۽ اڻ ڏٺل پيچرا لتاڙيندي وڃي ٿي. سالڪ لاءِ سسئي جدوجهد جي علامت آهي. جيڪي پرينءَ جي تلاش ۾ نڪتا، اُهي ڪهڙيءَ طرح پوئتي موٽندا. واٽون ويهه آهن. ڪنهن کي ڪهڙي سُڌ ته سسئيءَ جو پنهون ڪهڙي واٽ وٺيو پيو وڃي:

ڪيچان اوري ڪيتريون، معذوريون مُيون
واٽون ويهه ٿيون ڪُه ڄاڻان ڪيهيءَ وِئا.

ڪرڙا ڏونگر ڪه گهٽي جت جبل گهونا گهون
ليڙن جون لطيف چئي تنگ تنوارون پون
جن ڏٺو پير پرينءَ جو، سي نڪي رُون نه چُون
هوندن متي هون، لاڳاپا هن لوڪ جا.

سُر ديسيءَ ۾ سسئيءَ جو ڏونگر ڏورڻ جو بيان آهي. هن سُر جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏونگر ۽ اُٺ مکيہ ٿاٺا آهن. لطيف سائينءَ هن سُر ۾ انهن جا ڪيترائي نالا پنهنجي مفهوم مطابق خوبصورت پيرائي ۾ ڪتب آندا آهن. مثال طور:

ڪرهو: مٺيس جهل مهار، ڪٺيس ڪاهہ مَ ڪرهو. (١/١)

گورو: ونگيئي نہ وارن سيبن، تن گورن جا گوڏا (١١/١٠)

ليڙو: ليڙن جو لطيف چئي، مون ڪي منجهہ نہ ڏين. (١٤/١٠)

توڏو: لنگهئا لڪ لطيف چئي، توڏا تڙبنگ تاڦ. (١٣/٦)

ڪرهل: ڪاجا اُرڪ اوٺيين، ڪرهل ڪوڏ ڪشين. (٩/وائي)

چانگل: موڙي مَجر ٿاريون چانگا آئين چرو. (٢/١٠)

ڪنواٽ: ڏير ڏمرجي هلئا، ڪاهي ڪيچ ڪنواٽ. (١٣/٤)

اُٺ: ساٿين سويرو آٿي اُٺ اوينٺا. (٢/٥)

ميو: ڏيرن ڪين ڏکوئي، مُنڌ مَيين جي مُٺ (١٥/٥)

بوتو: نهاريندس نڪٽي، بوتن ڪارڻ بَرُ (١٥/١٦)

چنگل: چنگل جن جا چوڦرا، راحت اُن جي رت. (٥/٧)

ڏاگهو: ڏاگهن ڏيرن ڏونگرن، تنهي ڏنم ڏک (٦/١٠)

شُتر: ڪُجاڙٺان ڪاهي، شُتر اُن سينگارئا. (١٨/١٠)

نيش: ليڙا رات لطيف چئي، نڏائون نيشي. (٥/١٣)

اهڙيءَ ريت هن سُر ۾ ڪيتريون ئي، اهڙيون سٽون پڻ موجود آهن، جيڪي پهاڪي ۽ چوڻيءَ طور استعمال ڪري سگهجن ٿيون. پهاڪو، چوڻي ۽ قول حقيقت ۾ اهڙي مختصر جملي کي چئجي ٿو، جيڪو ٿورن لفظن ۾ گهڻو مقصد ۽ مفهوم بيان ڪندڙ هجي. پهاڪي جي لغوي معنيٰ آهي ڏاهپ جو قول يا سوچي سمجهي اچاريل ٻول. عام طرح اسان گهڻ مفهوم واري مختصر جملي کي پهاڪو يا چوڻي چئي سگهون ٿا.

اهڙا جملا قديم دور کان هر سڌريل ٻوليءَ ۾ مروج هوندا آهن. سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ترين زبانن ۾ شمار ٿئي ٿي. منجهس پڻ ڪيترائي پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح، محاورا عام جام ملن ٿا. ٻوليءَ جي اِها خاصيت زبان کي شاهوڪار بڻائي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هتي سُر ديسيءَ جون اهڙيون سٽون ڏار ڪري لکجن ٿيون، جيڪي پهاڪي ۽ چوڻيءَ طور استعمال هيٺ آڻي سگهجن ٿيون. اِهي سٽون محترم ٻانهي خان شيخ جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي جلد ٻئي تان ورتيون ويون آهن.

**پهاڪا ۽ چوڻيون:**

(١) مٺيس جهل مهار، ڪنيس ڪاهه مَ ڪرهو. (١/١)
(٢) ڪيچان اوري ڪيترين، معذوريون مُيون. (١/٥)
(٣) واتون ويهه ٿيون، ڪوهه جاڻان ڪيهيءَ وٺا. (٥١)
(٤) لڏيندي لباس، جتن جيڏو ٿي ڪئو. (١/٨)
(٥) مرون ڪيندر ماس، هڏ هلندا هوت ڏي. (١/٨)
(٦) لڪ لهي ٿي لرڏ، جيجان تن جتن جي. (١/٢٠)
(٧) وار وڃي واڳون ڪريان، پوڻان هوندا پلاڻ. (١/٢١)
(٨) جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سٽا ساڻ جي. (١/٢١)
(٩) ويٺي ڪالهه قطار، تون اَٿي اڄ نهارئين. (١/٢٢)
(١٠) منهنجو وس واڪا، پڌڻ ڪم پروچ جو. (٢/٢)
(١١) وڃي وڙ ڏاڻ ٿٺا، ٻر چڙهي ٻانڪا. (٢/٢)
(١٢) هُين جيءَ اندر جا ڪا، وٺا پچاڻي پانهنجي. (٢/٢)
(١٣) جي هٿ نه هوت پنهن، سي ڪنهن پر ڪيچ پسنديون. (٢/٩)
(١٤) توڻي لُڪن لڪ، ته سَبِ لنگهنديس سڪ سين. (٢/١١)
(١٥) رُڃن پر روئي، پسان شال پنهونءَ کي. (٢/١٢)
(١٦) ڪيچي وڻڙم ڪالهه، تي ٿي ڏونگر ڏوريان. (٢/١٣)
(١٧) آهين اَڻ سونهن کي، پر لُکن لوڙا. (٣/٥)
(١٨) آرياڻي آهي، مَنهن معذورن جو. (٣/٦)
(١٩) جنهن جو آرياڻي اڳواڻ، تنهن ڪانهي ٻاڪ ٻهير پر. (٣/٨)
(٢٠) هادي هوت ملاءِ، آسَر وندي آهيان. (٣/١٠)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٢١) ويڙهو ڏيئي ويڪرو، پهري وڻا پَٽ. (٢/٤)
(٢٢) ڳاڙير تي ڳوڙها، رات نہ رهئا هيڪڙي (٦/٤)
(٢٣) ڪارون ڪير ڪيتريون، سنجهي وڻا سروڻ. (٧/٤)
(٢٤) آئون تان جوڻي ذات، تون پاڻ سڃاڻج سپرين (١٨/٤)
(٢٥) سائينءَ ڪارڻ سپرين، دوست درسن ڪارئو. (وائي/٤)
(٢٦) سرهو ساهہ ٿيوم، اچڻ ويل عجيب جي. (١٠/٥)
(٢٧) اڱڻ اُهيئي، جت نہ پسان جُوءِ ۾. (١١/٥)
(٢٨) جيءَ ۾ جت رهن، ٻي پرڻٽي پاسي ٿي (١٢/٥)
(٢٩) ڏُريان ٿي ڏاريان، مٺ مٺيءَ جا نہ ٿيا. (١٣/٥)
(٣٠) جيڏو جت جُوان، ڪئَو زور ضعيف سين. (١٤/٥)
(٣١) سنجهي هوت وڻا، صبح ٻڌم سندرو. (١٦/٥)
(٣٢) ڪو ڳنديندڙ هوءِ، تہ پرت پراڻي نہ ٽٽي. (٢١/٥)
(٣٣) ايندن پڇي خبرون، ويندن پيرين پوءِ. (٢٢/٥)
(٣٤) اندر روح رهئام، سڄڻ اوطاقون ڪري. (٢/٦)
(٣٥) جيجان جهل مَ پاءِ، هنيون هوت هٽي وڻا. (٦/٦)
(٣٦) ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين! (٧/٦)
(٣٧) پڃاڻان پرين، ڪجي بس پنيور ڪان. (٦/٧)
(٣٨) رُلي پانيئي راند، ٻانيڻ عَشقُ ٻروچ جو. (٨/٦)
(٣٩) ساري سڌ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏٽي. (١٠/٦)
(٤٠) دوس نہ سهان دام، تون ونڌُر ٿو ويلا ڪرين. (١١/٦)
(٤١) برهہَ مٽايس ٻُرُ، نہ تہ سُڪي ڪير سڌون ڪري. (١٣/٦)
(٤٢) وَري آيس ور، سفر مُئيءَ جا ٿاب ٿيا. (١٤/٦)
(٤٣) آڏو تڪر تر، متان روهہ رتيون ٿيين. (١٥/٥)
(٤٤) رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙاير جت سين. (١٨/٦)
(٤٥) جتا! شالَ جيو جيو ٿا جاڙون ڪريو! (١/٧)
(٤٦) چنڊ تان نہ پئو، هيءُ سگ نہ چنڊ جهڙو. (١/٧)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٧٣) سرتيون ساھ سندوم، ٿئو حوالي هوت جي (١٢/٢٦)

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي سُر ديسيءَ مان جيئن هي سٽون پهاڪن ۽ چوٽين خاطر چونڊ ڪيون ويون آهن. تيئن شاھ سائينءَ جي هر سُر مان اهڙيون ڪيئي سٽون چونڊ ڪري سگهجن ٿيون. لطيف سائينءَ جو ڪلام لطيف جذبن جي عڪاسي ڪري ٿو. شاھ سائينءَ وٽ تاريخ جو گهرو شعور موجود آهي، هو پنهنجي دور جي حالتن ڪان چڱيءَ ريت باخبر آهي. اِها پڻ ڏٺيءَ جي ڪمال ڪاريگري آهي، جو هن پنهنجو سڄو ڪلام نج سنڌي زبان ۾ چيو آهي، جنهن تي پين ٻولين جو اثر بنھ اڻ لکو آهي. لطيف سائين ٻوليءَ جا محاورا، پهاڪا توڙي چوٽيون اهڙي تہ منفرد انداز ۾ بيان ڪيون آهن، جو اهي بيت جي مفهوم ۾ چڻ ضم ٿي ويون آهن تہ ساڳيءَ ريت اهڙيون سٽون پڻ تخليق ڪيون اٿس، جيڪي گهڻن موقعن تي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪري سگهجن ٿيون.

ڀٽائي گهوٽ جي سورمي سسئي توڙي جو ڏونگرن جا اٿانگا پنڌ ۽ پيچرا پنهون ڪارڻ طئي ڪري ٿي، پر جيڪڏهن گهرائيءَ سان ڏٺو وڃي تہ سسئيءَ جو اِهو پنڌ صرف پنهونءَ لاءِ ناهي، اِهو پنڌ تہ حق ۽ سچ لاءِ آهي. جي منزل ملي وڃي تہ اِهي رڻ پٽ جون اذيتون، جهڪن ۽ جُهولن جون تڪليفون ڪجھ بہ نہ آهن. رڳو طالب جي طلب ۽ ارادو پختو هجي. پريِنءَ جا ڏس ڏونگر پاٿهي ڏيندا، پنهنجي سڪ ۽ چاهت پاڻ وٽ سانديندي اڳتي وڌبو تہ پنهونءَ جو سسئيءَ سان ملڻ اٽڙ آهي. شاھ سائين ٿو چئي تہ:

سمر نہ جني ساڻ، هوت حمائتي تن جو،
ڇَنا اڏبا ڇپرين، ايندو پنهون پاڻ،
ٿيندي روح رهاڻ، لحظي ۾ لطيف چئي.

—

مڙي مُنڌ ڏي آئيون، جيڏيون ڪري جوڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرئو سُور سرير ۾، گهميو لاهي گهور،
لُڻ ۽ لُڻ ۾ لطيف چئي، لڳو پنهونءَ پور،
آرياڻي اَتُور، وساري ڪئين ويهي رهان.

**مددي وسيلا:**


(١) ٻانهون خان شيخ: شاهه جو رسالو (جلد ٻيو) شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ٢٠٠١ع.
(٢) ڪلياڻ آڏواڻي: شاهه جو رسالو، مڪتبهِ اسحاقيه ڪراچي.
(٣) تاج جويو (مرتب): سُر رپ ـ هڪ مطالعو، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ٢٠٠٢ع.
(٤) سيد اظهر گيلاني: شاهه جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ چوٽيون، مهراڻ اڪيڊمي، ٢٠٠٤ع.
(٥) غلام اصغر ونڊير: سنڌ ڪتمنڙا عرف اصطلاحات اصغر، آر. ايڇ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد.
(٦) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي: سنڌي پهاڪا ۽ محاورا، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ١٩٩٦ع.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُرديسيءَ جو اڀياس

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مُدبرانه تخليق تي قلم کڻڻ اونهي عميق مان موتي ميڙڻ کان گهٽ نه آهي. لطيف سائينءَ جي شاعريءَ کي جنهن به رخ کان ڏسجي ته تحقيق ۽ ساڃاهه جا اُهي پهلو روشن ٿيو وڃن. جيڪي محقق جي دائري ۽ نقط نظر کي وڌيڪ بامعنيٰ بامقصد ۽ پُر اثر بڻائين ٿا.

اسان جڏهن سُرديسيءَ جي اڀياس ۽ بحث جو دائرو ڪڍون ٿا ته اُن ۾ سماج، ٻولي، مقصد، ڪيفيت، روحانيت، ڪردارنگاري ۽ علامت نگاريءَ جا مختلف پهلو شامل اچي وڃن ٿا.

مون جن مستند محققن جي ڪم کي مدنظر رکيو آهي، تن ۾ مرزا قليچ بيگ، غلام محمد شهوائي، عثمان علي انصاري ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شامل آهن. اُن کان سواءِ شاهه جي رسالي جي بمبئي عڪسي ڇاپي تي ترجيحي نظر وڌي وئي آهي ۽ اُن کي ئي تحقيق جو محور ۽ مرڪز بڻايو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته بقول ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "هي ڇاپو پهريون ڀيرو 1867ع ۾ بمبئيءَ مان ڇپيو. جنهن جي حاجي محمد ڪرناٽي سمي ڪتابت ڪئي. هن بمبئي عڪسي ڇاپي جو بنياد شاهه جي رسالي ۽ اُن قلمي راڳ نامي رسالي تي رکيل آهي. جيڪو ١٢٥٠هه کان ١٢٨٢هه تائين لکيو ويو".

جنهن قلمي رسالي تان پهريون بمبئي ڇاپو شايع ڪيو ويو. سو هيٺ بيان ڪيل قلمي رسالن (راڳ نامن ) جي مرتب ٽيٽيهن سالن دوران ئي لکيو /مرتب ڪيو ويو. راڳ نامو/ رسالو عام پڙهندڙن ۾ پڻ مقبول ٿيو ان بعد جيڪي به رسالا ڪاتبن لکيا، سي راڳ نامي واري ايڊيشن مطابق لکيا. محققن اها حقيقت واضح ڪئي آهي ته اهو راڳ نامي وارو رسالو. جنهن تان بمبئي عڪسي ڇاپي رسالو ڇاپيو ويو آهي، سو ١٢٥٠هه ۽ ١٢٨٢هه دوران ٽيٽيهن سالن ۾ لکيو ويو ۽ ان جي اشاعت جي تاريخ هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خاص اهميت رکي ٿي ان ڪان سواءِ اها حقيقت بہ واضح ٿئي ٿي تہ هينيان راڳ ناما/ رسالا هن رسالي سان گهرو تعلق رکن ٿا. انهن راڳ نامن رسالن جي اهميت اُن ڪري بہ آهي، جو انهن رسالن جي ڪتابت جي ٻولي بہ ساڳي آهي، جيڪا اُن دؤر جي مروج ٻولي هئي، جنهن کي عام فهم ۾ ابوالحسن جي سنڌي بہ ڪوٺيو ويندو هو.

**راڳ ناما رسالا:**

(1) ڪاتب : خير محمد هالائي، ۴ جماد الثاني ۱۲۶۷ھ / 1861ع

(2) ڪاتب: آخوند فضل علي، ۱۷ ذي الحج ۱۲۶۹ھ /1863ع

(3) ڪاتب: حاجي هدايت الله، ۱۲۷۰ھ /1864ع

(4) ڪاتب: مير امام بخش ٽالپر، ۲۹شعبان ۱۲۷۳ھ / 1867ع

(5) ڪاتب: آخوند محمد شفيع، ۲۷ صفر ۱۲۷۳ھ /1867ع

(6) ڪاتب: اُميد علي نظاماڻي، ذي الحج ۱۲۷۵ھ /1869ع

(7) ڪاتب: عبدالرحمان نورنگ پوٽو، ۲۷ ذي الحج ۱۲۷۵ھ /1869ع

(8) ڪاتب: محمد صالح مجاور، ۴ ربيع الثاني ۱۲۷۷ھ /1871ع

(9) ڪڇ جو لکيل بياض، ۱۲۷۹ھ /۱۸۷۵ع

(10)ڪاتب: عبدالحميد، ۲۷ جمادي الثاني ۱۲۸۱ھ /1875 ع

(11)ڪاتب: عبدالحق هالائي، ۲۹ ربيع اول ۱۲۸۲ھ /1876 ع

جيئن تہ شاهہ صاحب جي وفات کان 118 سال يعني سوا هڪ صديءَ پوءِ سندس شاعريءَ کي ڪتابت ڪري رسالن جي صورت ۾ آندو ويو، جيڪو گهڻو ڪري شاهہ جي راڳائي فقيرن وٽان هٿ ڪيل ۽ سُگهڙن جي ڪچهرين جي مواد تي مبني آهي، اُن ڪري انهن ۾ ڀٽائيءَ جي دؤر جي ٻولي ۽ ڪاتبن جي دؤر جي ٻوليءَ جو بہ وڏو عمل دخل رهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. هت ٻوليءَ مان مراد ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ ارتقائي تبديليون آهن. جيڪي سماج جي سياسي معاشي ۽ فطري تبديلين پٽاندڙ وجود ۾ اچن ٿيون. مختلف قومن جي سنڌ ۾ لڏ پلاڻ سبب ٻوليءَ ۾ تڪڙيون تبدليون ايندڙ رهيون آهن، اُن ڪري محقق لاءِ لازمي آهي تہ اُهو لطيف جي ٻوليءَ جي نزاڪت، قدامت، فڪر ۽ فلسفي کي سمجهندي پٽائي جي بيتن جي پرک ڪري. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيترائي بيت اهو دليل ڏئي خارج ڪري ڇڏيا آهن تہ انهن بيتن جي لفظن پويان "ن" هو. جيئن لفظ ڏاريان ۾ "نون" نہ هو، پر ڪاتبن ڏنو آهي، اُن ڪري هي بيت پٽائيءَ جا نہ آهن. ليڪن اُن ڪاتب جي پنهنجي ٻولي ۽ اُن دؤر جي مروج ٻولي ۾ "ن" هو تہ پوءِ انهن بيتن کي خارج نہ ڪرڻ گهرجي. هي هڪ تحقيق طلب ڪم آهي. جيڪو ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اهڙيءَ ريت شاهہ جي رسالي جي ڪلام تي مختلف دؤرن ۾ ٿيندڙ ڪم تي بہ انهيءَ نگاهہ کان روشني پوندي رهندي. جيڪا پڙهندڙ ۽ محقق لاءِ ضروري آهي تہ جيئن حتمي پڙهڻي قائم ٿئي. هن ڏس ۾ محققن لاءِ ضروري آهي تہ اهي ابوالحسن جي سنڌي ۽ موجوده مروج سنڌيءَ کي چڱيءَ ريت پڙهي سگهندا هجن ۽ عربي فارسي ۽ سنڌي لغت مان استفادو حاصل ڪرڻ جي پڻ سگهہ رکندا هجن. جيئن محمد اسماعيل شيخ صاحب رکندو هو. جنهن جي آءٌ شاگرد رهي چڪي آهيان.

**تعارف:** سرديسيءَ جي حوالي سان نظر وجهبي تہ ديسيءَ جي معنيٰ آهي ڏيهي يعني پنهنجا. جن سان مرٽي پرٽي، مٺي جيڏري نينهن جا ناتا هُجن. اوڪيءَ سوڪيءَ سماجي تعلقات هجن. جن سان پريت جا پيچ پائجن. جن کي پرپائجي، پرچائجي، ريجهائجي ۽ جن سان روح رچنديون ڪجن. پر جيڪي روئندي، رڙندي ۽ تڙپندي نڌڪو ڪري ڇڏي وڃن. جن کي ڪو احساس نہ هُجي، ڪا ڪهل نہ اچي، ڪو قياس نہ پوي، اُهي پڪ ئي پڪ ڏاريا بلڪ ڏريان ئي ڏاريان آهن. لطيف سرڪار انهيءَ ڪيفيت کي سَسُئيءَ جي زباني هن سُر ۾ چٽو ڪري بيان ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿ مُئيءَ جا نہ ٿيا، ڏريان ئي ڏاريان،
مَندي ڏيرن مَن ۾، آءُ ڪليو ڪينڪاريان،
صبح ٿي ساريان، تہ اُٺ نہ اوطاقن ۾.

سٽاءَ ۽ ترتيب موجب سُرديسي هڪ راڳڻي جي نالي جي مناسبت سان ڪونجي ٿو، جيڪا ديپڪ راڳ جي پنجن زالن مان هڪ آهي. هن سُر ڪي ترتيب جي لحاظ کان بيتن ۽ واين جي تعداد ۽ داستانن جي حوالن سان مختلف رسالن جي روشنيءَ ۾ پيش ڪجي ٿو:

(1) شاهہ جو رسالو، غلام محمد شهوائي، سُر نمبر نائون، داستان 07، بيت 122 ۽ وايون 9

(2) شاهہ جو رسالو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر نمبر يارهون، داستان 07، بيت 157 ۽ وايون 9

(3) شاهہ جو رسالو، عثمان علي انصاري، سُر نمبر نائون، داستان 07، بيت 126 ۽ وايون 11

(4) شاهہ جو رسالو، جلد ڏهون، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سُر نمبر سورهون، داستان 07، بيت 140 ۽ وايون 9

(5) شاهہ جو رسالو، شاهہ جو ڪلام، جلد 8_7، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سُر نمبر سترهون، داستان 07، بيت 118 ۽ وايون 10

**معياري پرک:** بمبئي عڪسي ڇاپي مان خارج ڪيل بيتن جو تعداد: پهرئين داستان مان يارهن بيت، ٻئي داستان مان ٽي بيت، ٽئين داستان مان نوبيت، چوٿين داستان مان ڏهہ بيت، پنجين داستان مان يارهن بيت، ڇهين داستان مان هڪ بہ نہ، ستين داستان مان اُٺ ۽ هڪ وائي پوري سُر مان خارج ڪئي وئي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ معياري پرک لاءِ ڪجهہ معيار ڪسوٽيءَ طور مقرر ڪيا آهن، جنهن جو مختصر احوال هن ريت آهي:

(1) **رسالن جي تعداد جو معيار:** هن موجب ڇائيتاليهہ قلمي ۽ ٻاويهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇپيل رسالا مطالعي هيٺ آندا ويا.

(2) **رسالن جي قدامت جو معيار:** شاهه صاحب جي حياتيءَ واري دؤر کان وٺي چاليهن، پنجيتاليهن سالن تائين جيڪي رسالا لکيا ويا ۽ جيڪي سسئيءَ جي سُر سان شروع ٿيا. سن ١٢٠٧هه ۾ لکيل گنج رسالو هن دؤر جو آخري رسالو آهي.

(3) **رسالن جي پيٽ:** پيٽ ذريعي ڪنهن بہ بيت يا وائيءَ جي (i) سڄي سالم صورت، ۽ (ii) صحيح صورت معلوم ڪري سگهجي ٿي.

(4) **سنڌي ٻوليءَ ۽ بيان جي سُهڻائيءَ جو معيار:** هن معيار موجب ٻولي جيئن عام مقبول اصطلاحي انداز ۾ ڳالهائجي ٿي، تيئن لفظن ۽ اصطلاحن ۾ صحيح هُجي.

(5) **اعليٰ شاعريءَ جو معيار:** شاعريءَ جي اعليٰ معيار جي تقاضا اها آهي تہ نظر جي ظاهري سٽاءَ واري صورت، توڙي تخليقي فڪر واري معنوي صورت ۾ بيت يا وائي بلڪل برڪ هُجي. شاهه صاحب جي بيتن ۾ هڪ تہ قافيا وڏيءَ نزاڪت سان آندا ويا آهن. ٻيو تجنيس ۽ بيت وزن کان ٻاهر نہ هُجن ۽ بيان معياري هجي.

(6) **اعليٰ فهم ۽ فڪر جو معيار:** هن معيار جي تقاضا آهي تہ ڪو بہ بيت محض نالي جو بيت نہ هُجي، پر ان ۾ اعليٰ فڪر جو ڪو نہ ڪو اُهڃاڻ سمايل هُجي.

مٿي بيان ڪيل معياري پرک جي ڪسوٽيءَ ۾ ٻوليءَ جي ارتقائي تبديليءَ کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. جيئن تہ ٻوليءَ جي لحاظ کان ڪيترا محقق، ڪاتب ۽ مرتب شاهه جي ڪلام تي ڪم ڪري رهيا آهن، پر اُن ڪلام کي اصل آڳاٽي لکت واري ٻوليءَ کان مُروج مقرر معيار تائين ٽينڊڙ تبديليون بہ قابل غور آهن. ٻي اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ اصطلاحي لحاظ کان استعمال ۽ معنيٰ ۾ تبديلي، ٻوليءَ جي فطري گهرج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. هر دؤر ڪي پنهنجون معاشي، سماجي ۽ سياسي حالتون درپيش رهن ٿيون. لڏ پلاڻ، ڏارين جون ڪاهون، جنگيون يا قدرتي آفتون ۽ سائنسي ايجادون ٻوليءَ تي حيرت انگريز اثر وجهن ٿيون.

ٻوليءَ جي لحاظ کان اسان جڏهن بمبئي ’عڪسي ڇاپي کي مدنظر رکي ان کي محور ۽ مرڪز بڻائي، مروج ٻوليءَ جي مقرر ڪيل معيارن تحت مطالعو ڪنداسين تہ خبر پوندي تہ اُن کان پوءِ مرتب ڪيل رسالن ۾ بہ بيتن جي چونڊ شامل آهي. ان ڏس ۾ بلوچ جي ترتيب ڏنل جلد ڏهين ۾ تفصيل سان سمجهاڻيون موجود آهن. گنج جي ٻين ڇاپن ۾ بہ بيت موجود آهن، پر انهن جي ترتيب "موضوع" ڪيفيت، ڪردارن، وقت ۽ حالتن مطابق اڃا بہ تحقيق گهري ٿي. جڏهن بمبئي عڪسي ڇاپي جا ڇهہ ڇاپا رڳو بمبئي ۾ ڇپيا ۽ انهن جي مقبوليت هند سنڌ ۾ هڪ جهڙي رهي. هن ڇاپي جي پڙهنيءَ ۾ خاص ڪري ٻوليءَ جي نزاڪت ۽ نفاست تاريخي حيثيت موجب موجود آهي.

هڪ اهم ڳالهہ، جيڪا تحقيق ڪندي مفروضي جي صورت ۾ سامهون اچي ٿي، اُها اِها بہ آهي تہ انهن محققن، مرتبن ۽ ڪاتبن جو تعلق جنهن علائقي سان رهيو آهي، اُتي جي سنڌي ٻوليءَ جو لهجو ڪتابت دؤران ڪم آندو ويو آهي.

**ٻولي ۽ لهجا:** سرديسيءَ جي ٻولي نج عورتاڻي ٻولي آهي، جنهن ۾ عورت ڪردار جي ادائگي ۽ ڪيفيتن جي عڪاسي ۽ اپٽار ڪيل آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو اهو ڪمال آهي تہ هُن هميشہ ڪردارن جي واتان پنهنجو نظريو پيش ڪيو آهي ۽ پاڻ اُهو نج لهجو اپنائي ڪردارن جي قدامت، جنس ۽ تعلق کي ظاهر ڪيو اٿن. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ سنڌي ٻولي ۽ سماج جو اِهو مزاج رهيو آهي تہ اسان وٽ ٻوليءَ جا جيڪا انداز مروج رهيا آهن، تن ۾ هڪ چوديواري اندر رهندڙ ڪردارن خاص ڪري عورتن جي،ٻوليءَ ۽ سنڌن مختلف رشتن کي پنهنجو لهجو آهي. جيڪو ويڻن، ويچارن ۽ اظهار جو ذريعو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. پيو لهجو اوطاقن جي ٻوليءَ جو آهي. جتي سنڌي مزاج جي ننڍپڻ کان وٺي سُگهڙن ۽ عالمن جي فڪرو نظر جي آڌار تي تربيت ڪئي ويندي آهي. ٽيون وٽج واپار يا معاشري جي ٻوليءَ وارو لهجو آهي. سنڌي ٻولي ڪڏهن به درٻاري ٻوليءَ نه رهي آهي. ان ڪري درٻاري لهجو سنڌي ٻوليءَ جي مزاج کي ڪڏهن ڇُهي به نه سگهيو آهي. البته ڪارونهوار ۽ سماجي رابطن طور هي ٻولي مقبول ۽ معروف رهي آهي. انهيءَ ڪري مختلف دؤرن ۾ سرجندڙ نظم توڙي نثر ۾ سنڌي ادب جي عالمانه روشني پسي سگهجي ٿي. جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي هڪ زنده جاويد ڪرامت کان گهٽ نه آهي. جيئن ته شاهه صاحب سير ۽ سياحت جو دلدادو، ٻوليءَ جو ڄاڻو ۽ عام ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ وارو شاعر هو. ان ڪري هن سماجي خرابين کي اهڙن ڪردارن هٿان دور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪي ڪردار معاشري جا ڌڪاريل ۽ پوئتي پيل ڪردار هئا. پر سماج ۾ ادب ۽ احترام جي لحاظ کان اُنهن ڪردارن کي وڏو مان ۽ مرتبو مليل هو. سنڌي سماج ۾ عورت کي انتهائي عزت جي نگاهه سان ليکيو ويجي ٿو ۽ "نياڻي ست قرآن" جهڙا اصطلاح اسان وٽ مروج آهن. نياڻيءَ جي ميڙ تي خون بخشجيو وڃن. ايتري قدر جو اڳاٽي وقت ۾ ڌاڙيل عورت جي زيورن ڪسڻ کي به عيب سمجهندا هئا. عورت جي پوتيءَ جي پلاند جي اهميت پٽڪي جي ور کان به مٿانهين هوندي هئي. انهن سماجي قدرن پٽاندڙ شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ اڪثر عورتن جي ڪردارن کي نمايان ڪيو آهي. حقيقت پسند ڪيفيتن ۽ ڪردارن ذريعي جنهن انداز ۾ ٻوليءَ جي سونهن، سينگار نزاڪت، سلاست ۽ بلاغت جو اظهار ڪيو ويو آهي، ان جو پيو ڪو ٻ مٽ ثاني نه آهي.

اُوٺي اچ اُباڪرا، پڻ ٿا پلاڻين.
پَهَ پَارسيون پَانَ ۾، ڏير ڏهاڙي ڏينَ.
هوت پَنهون ٿا نين، پاروچي ٻولي ڪِئو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سسئي چوي ٿي تہ اڄ ماٺ ميٺ ۾ اوني اُٺ پلاڻين پيا. انهن جو پاڻ ۾ ڪو وچن ٿيل هو. هُو جيڪا سٽ سٽي آيا، اُن تي عمل پيا ڪن ۽ جڏهن ان منصوبي تي عمل پيا ڪن تہ هو پنهنجي بلوچي (پارسي) ٻوليءَ ۾ پهہ پچائين پيا. جيئن سسئي سمجهي نہ سگهي. مطلب تہ پاڻ سان پنهون وٺي وڃڻ جون ڳالهيون پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ پيا ڪن.

**ڪيفيتون ۽ سماج:**

ڏاريان ڏارئي ڏيهہ جا، جت نہ ٻائي رت،
آءٌ سُتي، هو هلڻا، پلاڻي پربت،
اکين جي آهت، ڪٽي ڇلايس ڇپرين.

سسئي پاڻ پنهنجي ڪيفيت ۽ حالت ڪي ننڊي پنهنجو ڏوهہ پاڻ کي ڏئي ٿي تہ " منهنجي اکين/ نگاهن انهن جي نيت کي چو نہ سڃاتو. جڏهن انهن اٺ پلاڻيا پئي تہ منهنجي نيڻن کي ننڊ چو اچي وئي. جتن تي کهڙي ميار، اهي تہ ڏاريان ۽ ڏاريون رت هئا. ڏوهہ تہ منهنجي اکين جو آهي جن ننڊ ڪئي ۽ هاٺي جبل جهاڳڻ تي مجبور آهيان. [ هتي لفظ "پربت" جبل لاءِ نہ، پر اُٺ لاءِ استعمال ٿيل آهي] لاڙ ۾ اڄ بہ اُٺ لاءِ لفظ پربت استعمال ٿيندو آهي. اٺ لاءِ اهو اصطلاحي لفظ آهي، معنيٰ وڏو پربت جهڙو جانور ـ شاهہ صاحب سسئيءَ جي پڇتاءَ ۽ پيڙائن جي ڪيفيتن کي عورتن جي نج ٻوليءَ ۾ استعمال ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اُهي لفظ عورت جي اندر جي عڪاسي ڪن ٿا.

مُنيس جهل مهار، ڪنيس ڪاهہ مَ ڪرهو،
مون نماڻيءَ جي نجهري، پيرو ڪج پتار،
ساجن توهان ڏار، ڏنر ڏينهن قيام جو.

مطلب تہ محبوب ۽ ور کان سواءِ عورت / ونيءَ لاءِ هر پل، هر گهڙي قيامت واري ڪيفيت کان گهٽ نہ آهي. اهڙيءَ ريت هن سُر ۾ جتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لفظ ڪيفيتن جو علامتي معيار رکنَ ٿا. اتي مادي ثقافت ۽ غير مادي ثقافت جي اصطلاحي معنيٰ بہ رکن ٿا.

**ڪرداري فطرت:**

عورت جي فطرت مطابق ڪيفيتن کي سمجهي هن سُر جو اڀياس ڪجي تہ گهٽائي بيت ڏاڍي آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي ويندا جيئن تہ تحقيق ڪندڙن ۾ اڪثريت مردن جي آهي ۽ جيڪي عورتون محقق آهن، تن جو تعلق پڻ شهري ٻوليءَ سان رهيو آهي. ان ڪري ٻهراڙيءَ جي ڪيفيت ۽ ڪردار، سماجي ٻوليءَ، انداز ۽ استعمال کي سمجهڻ کان سواءِ بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم جي پرک اڌوري رهجيو وڃي. مثال طور هيٺيون بيت ڏسو:

وارو ور وني ويا، ڏيرَ ڪري ڏورو،
ساجن ڏاران سرتيون، آتڻ آڏورو،
نيءَ سين نسورو، قهر ڪري هلئا

هن بيت ۾ "وارو ور وني ويا" ۽ "ڏير ڪري ڏورو" نج لاڙي لهجي جا محاورا آهن. "وارو" معنيٰ ور ورائي اچو ورائي ڏيو. "ڏير ڪري ڏورو" فراق ۽ جدائي لاءِ ڪم ايندڙ فقرو آهي. "ڏورو" لوڪ گيت. ڇوڪريءَ جي شاديءَ ۾ نڪيتيءَ جي گيت طور ڪم ايندو آهي.

**مفهوم:**

هن سُر جو مفهوم جدوجهد، سچائي، پراون جي پرک، پنهنجي منزل سڃاڻڻ، پراون جا پير پرکڻ، انهن کان بچڻ ۽ ڪاهليءَ جي نندا ڪرڻ، پنهنجو پاڻ کي ڪمزور، نماڻي ۽ عاجز سمجهڻ، پر همت نہ هارڻ، اڻٿڪ محنت ۽ جدوجهد ذريعي منزل تائين پهچڻ، تبديل ٿيندڙ حالتن کان آگاهي رکڻ، ريتن ۽ رسمن جي آڌار تي پنهنجن پراون کي سمجهڻ، مطلب تہ مردن جي سماجي تعلق جي اهميت سان پنهنجائپ ۽ ڌاريائپ کي سمجهڻ وغيره شامل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**مددي ڪتاب:**


1. انصاري عثمان علي "شاھ جو رسالو"،ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز،ڀٽ شاھ 1997ع
2. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، شاھ جو رسالو، جلد ڏھون، علامہ آءِ . آءِ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ 1996ع
3. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، ھڪ جلدي سنڌي لغت، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد 1998ع
4. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، شاھ جو رسالو جلد 8_9 علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيق رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ 1999ع
5. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، شاھ جو رسالو بمبئي عڪسي ڇاپو – 1967ع، اوقاف کاتو حڪومت سنڌ، 1995ع
6. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، "روشني" سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي حيدرآباد 2002ع
7. مرزا قليچ بيگ، سنڌي ويا ڪرڻ، چار ڀاڱا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1992ع
8. مرزا قليچ بيگ لغات لطيفي، مهراڻ اڪيڊمي آگسٽ 1998ع




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سُر ديسيءَ ۾ آيت، حديث، اقوال ۽ لفظ "ٻائيءَ" جو استعمال

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترين آيتون، حديثون، تاريخي ۽ اصطلاحي لفظ ۽ قول استعمال ڪيا آهن، جن جي تفهيم سان شاهه جي پيغام سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي. هتي ڪجهه اهڙن جملن جي معنيٰ ڏجي ٿي، جيڪي سُر ديسيءَ ۾ ڪتب آيل آهن:

**قرآن پاڪ جي آيت شريف:**

رسالي جي سر ديسيءَ ۾ هيءَ آيت سگوري بيت ۾ مذڪور ٿي آهي تہ:

اڄ پڻ وَسائي اوٺيين، مٿي مارڳ ماڪ،
پنهون نياڻون پاڻ سين، تاڙيون پيچي طاق
هَيُهات هَيهَاتَ لِمَاتُوعَدُونَ سُجي ٿي لوطاق
ڇُڪيءَ چوري چاڪ هاڙهي هوت هلي ويا.

(شاهوائي: سُر ديسي: داستان ٢. بيت ١)

يعني: اڄ اوٺي پنهونءَ کي ڪٽي ويا. "پري پري آهي اها ڳالهه، جنهن جو توهان کي ڏيپ ڏنو ويو آهي." مطابق جاءِ سڃي ٿي وئي، زخم ڏئي هاڙهي واري پاسي کان هوت هليا ويا.

اها آيت "هَيهَاتَ هَيهَات لِمَا تُوعدُونَ (ڪيترو پري آهي، جنهن جو اوهان سان وعدو ڪيو ويو آهي) سورة "مومنون" جي آيت نمبر ٣٦ آهي (ياد رهي تہ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، حوالي ۾ غلطي ڪندي، ان کي آيت نمبر ٣٧ ڄاڻايو آهي) ۽ لِمَا تُوعَدُونَ جو ترجمو "ڏيپ ڏنو ويو آهي" ڪيو اٿس، جڏهن تہ مناسب ترجمو آهي "وعدو ڪيو ويو آهي".

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ ان آيت جو ترجمو ۽ مطلب ڄاڻايو آهي تہ "ترجمو) دور دور آهي اها ڳالهه، جنهن جو توهان کي ڏيپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنو ويو آهي (قرآن پاڪ ۲۳: ۳۷). هي لفظ عاد قوم جي ماڻهن چيا هئا. جڏهن هود پيغمبر، ڪين گمراهيءَ کان باز آڻڻ جي ڪوشش ۾ خدا جي قهر جو ڏپ ڏنو هو. هتي مطلب آهي تہ جتن جي منزل دور آهي ۽ انهن کي پهچڻ نهايت مشڪل آهي (شاهہ جو رسالو گربخشاڻي: ايڊيشن ۱۹۹۲، ص ۵۷۰).

**نبي پاڪ صہ جي حديث شريف:**

رسالي جي سُر ديسيءَ ۾ هڪ حديث شريف جو حوالو ڏنل آهي تہ:

مڙي مُنڌ ڏي آئيون، ساهيڙيون سهجان،
اَلسفَرُ قِطعَةٌ مِنَ النار، هاري! موٽُ هتان،
سَگَ صِراط اَلمُستقِيمَ جو، اٿئي تان اڳيان
سي ڪيچي نيندءِ ڪيان؟ تنهنجو نينهن نفاق سين!

ترجمو: سهيليون حجت (لاڏ) وچان هن عورت (سسئيءَ) وٽ ميڙ ڪري آيون، چي: اي وسوڙل! "سفر دوزخ جي باهہ جو ٽڪر آهي". تون هتان واپس ور. اجا اڳيان تہ صراط جي پل جو وهنوار اٿئي، اهي ڪيچي توکي ساڻ ڪيئن نيندا، جو تنهنجي محبت دوئيءَ (ٻيائيءَ) سان ڀريل آهي. (آڏوائي: سُر ديسي، داستان ۲، بيت ۱).

مرزا قليچ بيگ مطابق اها حديث آهي "اَلسفَرُ قِطعَةٌ مِنَ النَار" ترجمو: سفر يا مسافري باهہ يا دوزخ جو ٽڪر يا ڀاڱو آهي (لغاتِ لطيفيَ، ايڊيشن ۱۹۹۴ع ص، ۱۶۸).

جيئن تہ اها حديث مختلف لفظن سان آئي آهي. صحيح مسلم ۾ هن طرح آئي آهي:

عَن اَبي هُرَيرَةَ اَن رَسُولَ الله ﷺ قَالَ اَلسفَرُ قِطعَةٌ مِنَ العَذَاب يَمنَعُ اَحدُكُم نَومُه وَطَعَامُه وَشرابُه فَاذا قَضيٰ اَحدُكم فَليُعَجِل اِلَيٰ اَهلِه (صحيح مسلم جلد۲ ص ۱۴۴)

ترجمو: حضرت ابوهريره کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرمايو تہ سفر عذاب جو هڪ حصو آهي، جو اهو سفر واري کي ننڊ ۽ کاڌي پيتي ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿو. جڏهن توهان مان ڪو سفر پورو ڪري تہ پوءِ تڪڙو گهروارن ڏانهن موٽي.“

**حضرت علي رضہ جو قول مبارڪ:**

رسالي جي سُر ديسيءَ ۾ حضرت علي رضہ جو هڪ قول ڏنل آهي تہ:

جَڏَن ”ڪُن فيڪون“ چئي، نيو آرياٽيءَ ارواح،
انگ اڳهين لکيو، مُنهنجو ميثاقاءَ،
مَن طَلَبَ شيئاً جَد وَجَدَ، اُتو عَليءَ شاهہ،
اڃا ان حديث جو، مون آسرو آهہ،
پنهونءَ جي پيغام تان، منهنجو موٽ مباحُ
سرتيون! دعا ڪجاءَ، تہ ميڙائو مون ٿئي!

ترجمو: جڏهن چيائين ”ٿيءُ ۽ ائين ٿي پيو“ (تڏهن) پنهونءَ (ڏاٽيءَ) منهنجو ارواح پاڻ ڏانهن ڇڪيو، تڏهن ازل کان ئي منهنجو ڀاڳ اتي لکيو ويو. شاهہ علي رضہ فرمايو تہ، ”جو ڪنهن شئي جي طلب ڪري ٿو ۽ ان لاءِ جفا ٿو ڪڍي، سو ضرور ان کي حاصل ٿو ڪري.“ اها حديث اڃا منهنجي لاءِ آڌار آهي. پنهونءَ جي پيغام مٿان منهنجو مرڻ روا آهي. اي سرتيون، دعا ڪجو تہ پنهونءَ سان منهنجو مُڪا ميلو ٿئي (آڏواڻي: سُر ديسي، داستان ۲ بيت ۲).

ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري شاهہ جي رسالي ۾ سُر ديسي، داستان ۲، بيت ۲ جي حاشيي، ايڊيشن ۲۰۰۳ع، ص ۱۹۲، ۽ شاهہ جي گربخشاڻيءَ واري شاهہ جي رسالي ۾ ايڊيشن ۱۹۹۲ع، ص ۵۷۰ ۽ مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب لغات لطيفي، ايڊيشن ۱۹۹۴ع، ص ۱۸۱ موجب جملو مَن طَلَبَ شيئاً جَد وَ جَدَ (جيڪو ڪوشش ڪري ڪا شيءِ ڳولي ٿو، سو اها شيءِ لهي ٿو) حضرت علي رضہ جو قول مبارڪ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## صوفياءِ ڪرام جا ٻه اقوال زرين:

سُر ديسيءَ ۾ صوفياءِ ڪرام جا ٻه قول، هڪ بيت ۾ ڏنا ويا آهن:

شَبَه سياهي آهي آريءَ چام ريءَ
ڪڏهن َپسي ڪانڌ ڪا، رءَ لالن لائي
ڌُود دل تان دور ڪري، ڪر ساجن! صفائي
مَن لا شيخَ لَه فَشيخَهُ الشيطَانُ لِن رءَ اونداهي
هوءَ جا هلي هيڪلي، سا گيربَ گمائي
بلاَ شيخً مَن تمشي فِي الطريق. اهڙي لوائي
تَڏهن توائي، ڪوڙين تَين ڪيتريون

ترجمو: پنهونءَ چام ڪان سواءِ مون لاءِ اونداهي آهي. پنهنجي پرينءَ ڏاران ڪٿي به ڪنهن تي ڪنهن ڪي لالاڻ (روشنيءَ جي چمڪ) ڏسڻ ۾ نه آئي. (مرشد بنا طالب لاءِ اونده آهي) اي سپرين! منهنجي دل تان ڪارنهن لاهي، ان کي اڇو اجرو ڪر. "جنهن کي ڪو شيخ (مرشد) نه آهي، تنهن جو مرشد شيطان آهي." انهيءَ بنا (مرشد ڪان سواءِ) اونداهي آهي. اها جنهن اڪيلي سر پنڌ ڪيو، تنهن کي خوديءَ گمراه ڪيو. جو مرشد بنا طريقت جي هلي ٿو (سو بنا پيڙيءَ سمنڊ تي هلي ٿو) اها اهڙي بُري وائي اٿئي، تنهن (مرشد) ڪان سواءِ ڪروڙين گمراه ٿيو وڃن (شاهه جو رسالو آڏواڻي: سُر ديسي، داستان۲، بيت ۳).

ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري شاهه جي رسالي (سُر ديسي، داستان ۲، بيت ۳، ۲۰۰۳ع، ص ۱۹۲ حاشيو) شاهه جي رسالي گربخشاڻي (ايڊيشن ۱۹۹۲ع ص ۵۷۰) ۽ مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب "لغات لطيفي" (ايڊيشن ۱۹۹۴ ص ۱۸۱) موجب جملو "مَن لا شيخَ لَهُ فَشيخُهُ الشيطَانُ (جنهن کي ڪوبه مرشد ڪونهي، تنهن جو مرشد شيطان آهي) صوفين جو قول مبارڪ آهي. اهڙيءَ طرح شاهه جي رسالي (آڏواڻي: سُر ديسي، داستان ۲، بيت ۳، ص ۱۹۲ حاشيو) شاهه جي رسالي (گربخشاڻي ص ۵۷۰) ۽ مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب "لغات لطيفي" (ص ۱۶۹) موجب جملو "بلاَ شيخُ مَن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يَمشِي فِي الطريق كَمَن يَمشِي فِي البَحر بلاَ سَفِينَةً (جيڪو مرشد کان سواءِ رستي تيَ هلندو، سو سمنڊ ۾ ٻيڙيءَ کان سواءِ هلندڙ وانگر آهي) صوفين جو قول آهي.

**ٻائي لفظ جي معنيٰ ۽ تاريخي پسمنظر:**

ڀٽائيءَ سُر ديسيءَ ۾ چيو آهي تہ:

آئون تان اهڙياءِ، جا ٻانهيءَ کي ٻائي چوان
مون ڪميڻيءَ لاءِ، پنهون تي پرت ٿيو.

ترجمو: آءٌ اهڙي آهيان، جو ٻانهيءَ کي سانئڻ سڏيان. مون ڪميڻيءَ جي ڪري پنهون ڏوبي تي ٿيو (شاهه جو رسالو، آڏواڻي: سُر ديسي، داستان ۴، بيت ۷).

اهڙو "ٻائي" لفظ سُر مومل راڻي ۾ بہ استعمال ٿيو آهي:

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا نہ محلن،
ٻائين ۽ ٻانهين جي، ٻندڻ ڪين ٻجهن،
لکين لاهوتين، اهڙيون اوريان ڇڏيون!

ترجمو: جوڳين کي ڪاڪ محل جي طلسم ڪين روڪيو ۽ نہ وري هنن کي محلاتين ڀرڪايو. هو سانئڻن توڙي ڪنيزن (داسين) جي سونهن جي چار ۾ هرگز نہ ڦا اڙجن. سامين اهڙيون لکين صورتون انهيءَ کان اڳ آخر ۾ بہ نہ آنديون (شاهه جو رسالو آڏواڻي، سُر ديسي، داستان ۳، بيت ۶).

ٻائي لفظ جي معنيٰ لطيف جي شارحن وٽ ڪهڙي آهي؟
ڀٽائيءَ پنهنجي بيتن جي سٽن ۾ ٻانهيءَ کي ٻائيءَ جي ضد ۾ بيان ڪيو آهي:

"ٻائين ۽ ٻانهين جي، ٻڌڻ ڪين ٻجهن".

"آئون تان اهڙياءِ، جا ٻانهيءَ کي ٻائي چوان"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان موجب "ٻانهيءَ" جي معنيٰ ٻيدياڻي، نوڪرياڻي آهي تہ ضد ۾ استعمال ٿيل لفظ "ٻائيءَ" جي معنيٰ ٿيندي "مالڪياڻي يا آسودي".
لطيف جي شارحن بہ ٻائيءَ جي، معنيٰ اهڙي لکي آهي، مثال طور غلام محمد شاهوانيءَ ٻائيءَ جي معنيٰ "بيگم ۽ بيبي" لکي آهي (شاه جو رسالو شاهواڻي، ايڊيشن ١٩٩٣ع، ص ٥٢٦ حاشيو).
ڪلياڻ آڏوانيءَ، ٻائيءَ جي معنيٰ لکي آهي: "سائڻ" ۽ حاشيي ۾ لفظ ٻائيءَ جي معنيٰ "بيگم" لکي اٿائين. (شاه جو رسالو آڏواڻي ايڊيشن ٢٠٠٣ع، سُر مومل راڻو، ص ٢٥١).
علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ٻائيءَ جي معنيٰ "راڻي" لکي آهي (شاه جو رسالو آءِ آءِ قاضي ايڊيشن ١٩٨٦ع، ص ٨٢٨).
ٻائيءَ جي لغت ۾ معنيٰ ڪهڙي آهي؟
"ٻائي" لفظ "ٻائو" لفظ جو ضد آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ موجب "ٻائو: ٽڪاڻي جو سنڀاليندڙ پروهت، گرو، هندو فقيرن جو لقب (جامع سنڌي لغات جلد ١، ص ٤٦٣).
ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي موجب ٻائو: هندو فقيرن جو لقب، هندن ۾ عزت جو لقب (تحقيق لغات سنڌي ص ٤٧).
ان طرح ٻائيءَ جو تعلق بہ مندر واري تقدس سان واسطو رکي ٿو. يعني اهڙي عورت، جيڪا برهمڻ يعني مذهبي عورت هجي يا پاڪباز هجي. هتي اڳ عبادتگاهن ۾ عورتون "ديوداسيون ۽ ٻائيون" هونديون هيون. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "ٻائيءَ" جي معنيٰ لکي آهي "سگهڙ زال، هندو عورتن جو عزت وارو لقب". ڪانتي ٻائي، راڌا ٻائي وغيره. ڏسو (جامع سنڌي لغات، جلد ١، ص ٤٦٣).
يعني ٻائيءَ جي شروعاتي معنيٰ پاڪباز عورت ۽ پوءِ ان جي معنيٰ آسودي عورت ٿي وئي. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ٻائيءَ جي معنيٰ عورت لکي ٿو. (تحقيق لغات سنڌي ايڊيشن ١٩٨٠ع، ص ٤٧).
"ٻائي" لفظ جو تاريخي پسمنظر ڇا آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻائي لفظ تاريخ ۾ ملي ٿو جو راجا ڏاھر جي ڀيڻ جو نالو ھو.
سنڌ جي قديمي تاريخي ڪتاب "چچ نامي" ۾ ان جو نالو ٻن طرحن سان ملي ٿو:

(١) مايين: چچ نامو. ص ٧٣ـ ٧٤ـ ٧٨ـ ٨٠ـ ٨٣.

(٢) ٻائي: چچ نامو. ايڊيشن ١٩٩٤ع. نسخو "س" (ص ٤٠ حاشيو). ص ١٩٣. فارسي ايڊيشن جو نسخن ن ۽ "ب" ۾ (ص ٢٨٠ حاشيو) ص ١٩٤. فارسي ايڊيشن جو (ص ٢٨٢ حاشيو).

تاريخ معصوميءَ ۾ ص ٥٣ تي "ٻائي" نالو آيو آھي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مطابق مائيءَ جي معنيٰ آھي ماءُ، امڙ، ڪابہ عورت. ڪنھن بہ عورت کي سڏ ڪرڻ لاءِ عزت وارو لفظ (جامع سنڌي لغات جلد ٥. ص ٢٥٨٢).

معلوم ٿئي ٿو تہ ٻائي ۽ مائيءَ جي معنيٰ ھڪ ھجڻ ڪري ٻائيءَ کي ڪٿي ڪٿي چچ نامي ۾ مايين (مائي) استعمال ڪيو ويو آھي. پر اصل ۾ اھو ٻائي ھوندو. جيئن چچ نامي جي ڪجھ نسخن ۽ تاريخ معصوميءَ ۾ "ٻائي" نالو آيو آھي.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ ۾ جانورن ۽ پکين جا اهڃاڻ

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو. تہ شاهه صاحب پنهنجي پوري ڪلام ۾ سڀ کان وڌيڪ "سسئي- پنهونءَ" جي عشقيہ داستان کي ڳايو آهي. سڄا سارا پنج سُر هن داستان کي ڏنا اٿس، جن مان "سُر ديسي" بہ هڪ اهم سُر آهي. جنهن سُر جي تصوير هن ريت ٿي بيهي: ڏيرن ۽ ڏاگهن جو اچڻ. پنهونءَ کي پاڻ سان نيڻ ۽ سسئيءَ جو ڏکن ڏولاون ۾ پوڻ. جنهنڪري هوءَ زمين ۽ آسمان جي جاندارن جيئان سرگردان نظر پئي اچي. شاهه سائين ان جي عڪاسي هن ريت ڪئي آهي:

جيئن سو هَرڻُ، هُماءُ، سرگردان سَنسارَ ۾،
پَکَ نہ ڪوڙي پٽيين، ڏر سر ڏري نہ ساهُ.
جيڪُس تنہ مُلاءِ، سَسُئَيَ سُورَ پراٿيا.

(بلوچ- سُر ديسي ٥-٢١)

انهيءَ تصوير کي وڌيڪ چٽو ڪندي، لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

پيئي ڪٿي پَساهَ، ڏُکي ڏِيئي وَتَ جيئن.
اَڄ ڪ سَنجَهہ صُباحَ، چُندا ڪي تہ مُنڌَ مُئي.

ڪنهن بہ آفاقي شاعر لاءِ اهو ضروري آهي تہ هو ڪائنات جي صفحهٔ هستيءَ تي نمودار ٿيندڙ شين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙو تہ اَمر ڪري ڇڏي، جو پل ڪٿي، اها شيءِ ختم بہ ٿي وڃي، پر ان جو عڪس ۽ اولڙو سندس شاعريءَ جي فني ۽ فڪري ڏارائن ۾ سمائجڻ ڪان پوءِ ڪڏهن بہ ختم ٿي نہ سگهي. شاهه صاحب ڪائنات ۾ نمودار ٿيندڙ شين تي پوريءَ طرح نظر رکي آهي، نہ فقط ايترو، پر هو انهن جي خوبين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خامين، خاصيتن ۽ ڪارج ڪان بہ چڱيءَ ريت واقف آهي.

شاهہ صاحب جي دور ۾ سنڌونديءَ تي نڪو براج هو ۽ نہ وري پاڻي جمع ڪرڻ لاءِ ڍنڍ. اُن ڪري درياءُ ٻارهن ئي مهينا پيو موج مستيءَ سان لس ليٽ ڪندو رهندو هو، جنهنڪري چؤطرف سبز ساوڪ، گلن ڦلن ۽ ميون جا باغ، وڏا ڪيت ۽ گهاٽا جهنگ هوندا هئا، جتي پکي، پسون ۽ حيوان پيا پلجندا هئا. جهنگ جي انهن جانورن ۽ پکين کي وڏي قومي دولت سمجهي، شاهہ صاحب انهن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هتي آءٌ فقط سُر ديسيءَ ۾ آيل جانورن ۽ پکين جو بيان ڪريان ٿو:

## سُر ديسيءَ ۾ جانورن جا اهڃاڻ:

سنڌ ۾ انيڪ جانور، پکي ۽ پسون موجود آهن، مگر لطيف سائين انهن ساهہ وارن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ سان گهاٽو تعلق رکن ٿا.

بنيادي طور تي جانورن جا بہ قسم ٿين: هڪ پالتو (گهرو) ۽ ٻيا جهنگلي. سُر ديسيءَ ۾ شاهہ صاحب پنهي جو ذڪر ڪيو آهي، جن ۾: اُٺ، ڏاند، روجهہ، هاٿي، هرڻ، سَرهَ ۽ مرون سرفهرست آهن، هيٺ هرهڪ جو ڌار ڌار ذڪر ڪجي ٿو:

### (۱) اٺ:

اُٺَ ويري، اوٺارَ ويري، ويري ٽَڙم ڏير
گربخَشائي (ديسي ۱_۲۷)

هي هڪ قداور جانور آهي ۽ سندس ڳچي ڊگهي ٿئي، جنهن جي مدد سان پنهنجو مٿو هيڏانهن هوڏانهن آسانيءَ سان ڦيرائي سگهندو آهي. هن جي جسم جو رنگ هلڪو خاڪي ٿئي ٿو. پيرن ۾ کُرَ ڪونہ ٿيندا اٿس، مگر هرهڪ پير ويڪرو ۽ ٻن حصن ۾ ورهايل ٿيندو اٿس. انڪري هي جانور "ٻڌي کُرن وارن جانورن" (Artio_dactyla) ۾ شامل آهي. هن جي پيرن هيٺيان هڪ گدي هوندي آهي، جنهنڪري ڪيس واريءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي هلڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي. اٺ جي پٺيءَ تي هڪ يا ٻه ٿوها (Humps) ٿيندا آهن. سنڌ ۾ هڪ ٿوهي وارو اُٺ ملي ٿو. جڏهن تہ ٻن ٿوهن وارا اٺ عربستان جا آهن.

شاهه صاحب رسالي ۾ اٺن جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي ۽ سنڌن ڪيترائي نالا بہ ٻڌايا آهن. جهڙوڪ: **ڪرهو، ميو، ڏاگهو، چانگو، پور، ليڙو، گنگو، گورو، توڏو، بوتو، ڪنوات، مهري، شتر، اولاڪ، لاڏو، پربت، روڏو، جمازه وغيره.**

سُر ديسيءَ جي مطالعي مان پوريءَ طرح پروڙ پوي ٿي تہ هن سُر ۾ بہ سڀ کان وڌيڪ ذڪر اٺ جو ئي ٿيل آهي. جهڙوڪ: ڪرهو، اُٺ، ڏاهو، توڏو، گورو، گنگ، چانگو، ليڙو، بوتو، ميو، روڏو وغيره. اهڙيءَ ريت عمر جي لحاظ کان بہ اٺ جا ڪيترائي نالا آهن، جن مان ڪجهہ هن سُر ۾ ڏنل آهن، جيئن:

گَئونرا هَلَن نہ گَسَ ۾، ڏَوڪَ ڏَهلِيا جت،
چَوسالَ ئِيءَ نہ چَلِيا، ٿي تنگ نهاري تَتَ،
سُوڏِي اُتَ سيڌُ چئي، پوءِ پانچارِئن پَرَتَ،
اِنَ اَٺانگي پَنڌَ جي، ڪا نيشن پوءِ نَرَتَ،
سَسُئيءَ وَڏي سَتِ، جا ايهيءَ پر پَنڌُ ڪَري.

بلوچ (ديسي ٢_١٣)

ڪتاب "**سنڌ جا ٿڻائتا جانور**" ۾ عمر جي لحاظ کان، اٺ جا نالا هن ريت ڏنل آهن:

**لاؤرو:** ڪير ڏائڪ ٻچو.

**ڏيڙ يا ڪنوات:** هڪ کان ٻن سالن وارو ٻچو

**ٻهاڻ:** ٻن کان ٽن سالن جي عمر وارو اٺ

**ٽهاڻ:** ٽن کان چئن سالن جي عمر وارو اٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڇٽ:** ڇئن ڪان پنجن سالن جي عمروارو اٺ

**دوڪ:** پنجن ڪان ڇهن سالن جي عمر وارو اٺ. انهيءَ عمر ۾ ڪيس هيٺين ڄاڙيءَ ۾ ٻه ڏند نڪرندا آهن.

**چؤگو:** يعني ڇئن ڏندن وارو. هي اٺ ڇهن ڪان ستن سالن جي عمر جو ٿئي.

**ڇڳو:** معنيٰ ڇهن ڏندن وارو. هي ستن ڪان اٺن سالن جي عمر واري اُٺ جو نالو آهي.

**نيش:** يعني پورو جُوان اُٺ. اٺن سالن جي عمر ۾ اٺ کي ٻنهي ڄاڙين جي پاسن ۾ ٻه تکا ڏند (جن کي فارسيءَ ۾ "نيش" چئبو آهي) نڪرندا آهن. ان وقت هي پورو جوان ليکيو ويندو آهي.

**ارعوش:** يارهن سالن جي عمر واري اٺ جو نالو. هن عمر ۾ ڪيس ٻيا ٻه چار نيش نڪرندا آهن.

يارهن سالن جي عمر ڪان پوءِ اُٺ پوڙهو ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. اُٺ جي عمر ٽيهن سالن تائين ٿيندي آهي.(۳)

ماٺهو اُٺن خصوصاً سنڌن مادين (ڏاچين) جا ولر ڏاريندا آهن. جنهن کي "وڳ" يا "گلو" چئبو آهي.

جهوڪون نہ جُهڻگن، وڳ نہ پسان وٽ ۾.

اُٺن کي صبح جو اوٺاري جهنگ ڏانهن ڪاهي ويندو آهي. سارو ڏينهن چاري پياري، رات جو سياري جي مند ۾ گهٽو ڪري گهر جي اوٺي يا لوڙهي جي ٻير ۾ ۽ اونهاري ۾ ڪنهن مقرر هنڌ ٻٽ يا مٿاريءَ تي جهيڪي (ويهاري) ڇڏيندو آهي.

چاريو لنب لطيف چئي، واڳئين وهارين.

جنهن جاءِ تي اٺ کي ٿانيڪو ڪري ويهارجي، ان کي "جهوڪ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڏيندا آهن، جيئن شاهه صاحب فرمائي ٿو:

جهڄان پسي جهوڪ، آيل سنگهارن جي.

هن جانور جي سنڌي ثقافت ۾ وڏي اهميت رهي آهي. ماڻهو کيتيءَ جو ڪم به انن کان وٺندا هئا ۽ واپار لاءِ به انن جا قافلا ڪم ايندا هئا. سنڌ کان نڪري هڪ طرف اهي قافلا ڪڇ ڀڄ ۽ ڪاٺياواڙ ڏانهن مال کڻي ويندا هئا ته ٻئي طرف قنڌار ۽ هرات وڃي دنگ ڪندا هئا. انهيءَ ڪري سنڌ جا شوقين ماڻهو ٻڌايائين انن کي اهميت ڏيندا هئا. پر اٺ جڏهن پنهنجي طبيعت جي ڪري هلڻ کان گس گساءِ ڪندو هو ته اوٺيءَ لاءِ پريشانيءَ جو باعث ٿيندو هو. اهڙي پريشانيءَ واري حالت پيدا ڪندڙ کي شاهه صاحب سندس ڪُرُ ياد ڏياريندي فرمائي ٿو ته:

ڪَرَها ڪُرُ سُڃاڻ، پٺڪو ۽ پانهنجو،
اَصُل آهي آهنجوَ، ناليرو َنڏاڻ،
ڪَرَها اُسان ساڻ، ڪي چانگا ڪڄ چڱائيُون

بلوچ (سُر ڪنيات ٣_١١)

شوقينن جي شوق جي ڪا حد ئي ڪانهي. پنهنجي رزق کي هو گهڻو سينگاريندا هئا. انن کي ڳلن سان مهارون، ريشمي جُهلون ۽ سونيون ناڪيليون پارائيندا هئا. مطلب ته انهن جي سينگار تي خاص ڌيان ڏنو ويندو هو. ان بابت شاهه صاحب ٻڌائي ٿو ته:

نَوَ نيئر، ڏهَ ڏاوَٽيُون، پَندرهن پيِنڌ پيَاس،
ٻَغلَ مَنجهه ٻَگهاڙيُون، لِڱين لوهَ لڳاسَ،
جُه ساجَنَ سنيِرياس، ته ڄَرڪَ چِنائِين هيڪَرَي

بلوچ (سُر ڪنيات ۴_١٧)

يا

مَيا تو مَهَارَ، سَڄي، پايان سون جي.

بلوچ (ڪنيات ٣_٩)

يا وري اُنن جي ڳچيءَ ۾ ڳانا ۽ مالهائون به وڌيون وينديون هيون ۽ ڳوڏن ۾ گهنگهرو ٻڌا ويندا هئا:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اٺ فطرتاً موڳو آهي. چوڙي ڇڏبس، تہ جيڏانهن منهن لڳندس هليو ويندو، موتڻ جي ڪانہ ڪندو. سياري جي موسم ۾ مستي بہ گهٽي ڪندو آهي، جنهنڪري مالڪ سان بہ وڙهي پوندو آهي. شاهہ صاحب هن موڳي لاءِ مالڪ کي رستو ٻڌائيندي چوي ٿو:

اُيي اَڙائينس، ڇَڏئو تہ چيڪُ ٿِئو،
ڪَارايان ڪِرِئو وَڃي، پَلاٽي پائينس،
ڏانوڻِ ٿنہ ڏائِينس، جيئن چَري ءِ چنگهي پٽُو.

بلوچ (ڪنيات ۴_۱۴)

اُٺن کي محفوظ رکڻ لاءِ، جيئن ڪو چور چورائي نہ سگهي يا وري اٺ پاڻ ڪيڏانهن هليو نہ وڃي، اڳين پيرن ۾ سَنگهر (لوهہ جي مضبوط ڪڙين جي ٺهيل زنجير نموني رسي) ڏئي هڪ پاسي ڪڙي ورائي قابو ڪري ڪلف لڳائي ڇڏبو آهي، جنهنڪري اٺ ڊوڙي نہ سگهندو آهي، باقي آهستي آهستي هلي ۽ چَري سگهندو آهي. اِن کان سواءِ "ڪي ماڻهو رواجي حالتن ۾ سياڻن اُٺن کي سَنگهر جي بدران ڏانوڻ ڏئي ڇڏيندا آهن، هي رگيل ڪل جي ڳَشن، ناريل جي تاندورن واري رسي، يا ڪُهري مُڃ يا اَڪواري مان وَٽي ٺاهيندا آهن. چِرَ جو ڏاوڻ وڏيڪ جٽاءُ ڪندو آهي"(۴) شاهہ سائين رحہ بہ سسئيءَ کي مت ڏيندي چوي ٿو، تہ جڏهن اوپرا اٺ (ڏيرن جا اٺ) ڏٺئي تہ تون انهن گورن کي وارن سان ونگي ڇڏين ها، تہ پلاڻڻ وقت توکي خبر پئجي وڃي ها. تنهنجي ٿوري لاپَرواهي جي ڪري توکي هاڻ سور سهڻا پوندا:

اَڳڻ مٿي اوپَرا، ڏِٺئي جَڏ توڏا،
وَنگِيئي نہ وارَن سين، ٿن گورَن جا گوڏا،
تہ لَڪَن جا لوڏا، هوندَ نَ سَنئہ سَسُئي.

بلوچ (ديسي ۱_۹)

اڱڻ مٿي اوپَرا، جَڏِهن ڏِٺئہ اُٺَ،
ڏانيئہ نہ ڏاگهَن کي، اوڳي ساڻُ اَڳٺَ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ هُوندَ نہ تُنهنجي هَٿَ، سُورَ پرايا سَسُئي.
بلوچ (ديسي۱_۸)

**(۲)ڏاند:**

ڏاندن ساٽ سَيدُ چَئي، پيادين پهُچَن.
بلوچ (ديسي ۱_۱۰)

ڳئون جي نر کي ڏاند يا ڍڳو سڏبو آهي. شاھ صاحب ڏاند کي ٻڙد بہ سڏيو آهي، چوي ٿو تہ:

ڏاگهٽئُون ڏيرن، جي آندا ٻَڙدَ پينيور ۾.
بلوچ (ديسي ۱_۱۰)

ڏاند جو جسم پريل هوندو آهي. سندس ڪُر ننڍا ۽ ڪن وڏا ٿيندا آهن ۽ پنيءَ تي ڪلهن جي مٿان هڪ ٿوهو ٿيندو آهي. سندس سڱن جون پاڙون هڪ ٻئي کان پري هونديون آهن ۽ سڱ ٿورا مڙيل ۽ ٻاهرين پاسي پکڙيل هوندا آهن ۽ سندن ڇهنبن جو رخ مٿين پاسي ٿيندو آهي ۽ ڊيگھ اٽڪل ۳۵ س . م. ڏاند جو قد اٽڪل ۱.۲۰ کان ۱.۵۰ ميٽر. جسم جي ڊيگھ اٽڪل ڊيڍ ميٽرن تائين ۽ پڇ ۸۰ سينٽي ميٽر ٿئي، سندس مادي (ڳئون) کانئس ڪجھ ننڍي ٿيندي آهي.

ڏاند بار ڪڍڻ ۽ هر ڪاهڻ جي ڪم اچي ٿو ۽ سندس گوشت کاڌي طور استعمال ٿئي ٿو. ماديءَ (ڳئون) کي چار ٿڻ ٿيندا آهن ۽ سندس حمل جو عرصو ۱۰ کان ۱۱ مهينا آهي. ڏاند جا ڪيترائي رنگ ٿين، انهن جي نسبت سان ڪين هيٺيان نالا ڏنا ويا آهن:

**بگو:** جنهن جو اڇو رنگ هجي.

**پولو:** اهو ڏاند، جنهن جون اکيون، پڇ ۽ زبان اڇي هجي.

**ڇنرو:** اهو ڏاند، جنهن جو ڪوبہ رنگ هجي، پر پڇ تي اڇن وارن جو ڇڳو هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڀاڙهو ڪڪڙو:** هن جو رنگ هلڪو ڀاڙهو ٿيندو آهي.

**مشڪي:** ڪاري رنگ وارو ڏاند.

**ڪبرو:** ڀاڙهي رنگ وارو، جنهن تي اجرڪ وانگر ساڳئي رنگ جا چٽ هجن.

متي بيان ڪيل نالن وارا سيئي ڏاند سنڌ ۾ عام آهن. سنڌ ۾ ڏاند جا عمر موجب جدا جدا نالا بہ آهن. ڪير ڏائڪ کي "**گابو**" چون. جڏهن جوان ٿئي تہ "**وهڙو**" چونس ۽ هر ڪاهڻ جهڙو ٿئي تہ "**ڏاند**" سڏبو آهي. شاهہ صاحب ڏاند کي سندس عمر موجب سڏيو آهي. سُر ديسيءَ ۾ وهڙي جو ذڪر ڪندي سندس خاصيت بہ ٻڌائي ٿو:

هَٽِي چيلهہ چَرا ڪِئا، ڏُوه پَٽِي وَهُڙَن.

بلوچ (ديسي ١_١٠)

وهڙو جڏهن جوان ٿيندو آهي تہ پيرن سان زمين کي اُکيون هٽي، چرا ڪري وجهندو آهي. اهو زمانو هن جي وهيءَ جو هوندو آهي. مٿئين سٽ ۾ شاهہ صاحب بہ وهڙي جي جوان ٿيڻ ڪان پوءِ، مستيءَ ۾ اچي کُر هٽي زمين ۾ ڏکهي چري ڪٽڻ واري خاصيت بيان ڪئي آهي. ٻئي هنڌ گابن جو ذڪر ڪندي شاهہ سائين فرمائي ٿو:

وَسي تَڏهن وَسَ، مُندَ مڙيئي مينهہ جِي،<br>
کَٽُرُن کَيِتا چَڏِيا، جي مَڙيون ٿي مَسَ،<br>
گاباَ مَٿي گَسَ، ڏُکَ نَہ کَندا ڏُٻرا.

بلوچ (ديسي ٢_١٤)

مٿئين بيت ۾ شاهہ صاحب گابن کي ٻُڍڻ سان گڏ ياد ڪيو آهي. جيڪي ڪير ڏينديون آهن ۽ گابا ڪير ڏائڪ هوندا آهن. تڙ ۾ جڏهن برسات نہ پوندي آهي، تہ گاهہ سڪي ويندا آهن. سوائون ڳئون ڪيتو ڪري بيهنديون آهن ۽ ڪير نہ ڏينديون آهن. تڏهن سندن گابا بہ بک ۾ پيا مرندا آهن. پر جڏهن برسات جو وسڪارو ٿيندو آهي تہ هر طرف گاهہ ڦٽي پوندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. مال اهي تازا گاهه ڪائي متارا ۽ خوش ٿي پوندا آهن. ڪترون ڪيتو يعني ڏنگائي ڪرڻ، لتون هڻڻ ۽ ڦرڻ گهرڻ جي عادت ڇڏي ڪير ڏيڻ ۽ ڦرن ڪي ڏارائڻ ۾ رنڊڪ نه وجهنديون آهن.

سنڌ جهڙي زرعي ملڪ لاءِ ڏاند هڪ اهم جانور آهي، گهاڻو هجي يا نار جي ڳاڏي، هر هجي يا بيل گاڏي، ڏاند سنڌي هاريءَ جو ڏاڍو مددگار رهيو آهي. شاهه صاحب جي وقت ۾ ته خاص ڪري ڇجن توڙي مجن، سڪائن توڙي ميلن ملاڪڙن يا وري ڳوءِ جي خاطر ڀلا ڏاند ڏاريا ويندا هئا ۽ انهن جي ڳوءِ جا جشن منعقد ڪيا ويندا هئا. جيئن شاهه صاحب فرمائي ٿو:

ڏاگهنئُون ڏيرن، جي آندا ٻڙڏ ڀنيور ۾،
هَٿي چيلهه ڇَرا ڪٿا، وه ڀِٽِيَ وَهڙِن،
ڪُريءَ ڪُڙڪو اُن جو، هوند سُتي سَٿو سِين،
ڏاندَن ساٿ سَيدُ چَئي، پيادين پهُچَنَ،
جَن جو پيرُ نه لڳي پٽيين، ٿن آيَر سانُ اُنَ،
ڳَنگن ۽ جُنگن، مُنڌ اسُونهين ميڙئين.

بلوچ (ديسي ١_١٠)

هتي ڏاند جي رفتار ۽ پيادي عورت جي مجبوريءَ جو موازنو ڪيو ويو آهي. ڏاند جي قوت، سنڌ ۾ نه رڳو اندروني ملڪ ۾ سامان ڍوئڻ جي ڪري تسليم ڪئي وئي آهي، پر سنڌ ۾ زراعتي پيشي جي ڪري ڏاند جي وجود کي هميشه کان اهم سمجهيو ويو آهي، نه فقط ايترو پر واپاري لحاظ کان به سندس نسل اهم جڳهه والاري ٿو. ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر پنهنجي ڪتاب "**سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف**" ۾ ائٽڪن جي حوالي سان لکيو آهي ته، "ٿر ۽ پارڪر جون ڳئون تمام گهٽي انداز ۾ ٻاهرين ملڪن جهڙوڪ: ڪولمبو، بمبئي، پوني، ڪوئيٽا ۽ زنجبار ڏانهن برآمد ڪيون وينديون هيون."(٥) شاهه صاحب جي زماني ۾ جيتوڻيڪ سنڌ جي سڄي علائقي ۾ ڳئون پاليون وينديون هيون، جن مان ڏاندن جي حاصلات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان گڏ هتي جي مالدار ماڻهن ڪي گهه. مکڻ ۽ ڏڌ مان گهڻو فائدو پوندو هو. پر ڇاڪاڻ تہ اٺاٽ جو شڪار گهڻو ڪري ٿر جو علائقو رهيو آهي، انڪري ٿر جي ڳنوارن کي پنهنجي رزق خاطر مينهن جي سخت ضرورت ٿيندي هئي، جنهنڪري شاهه صاحب بہ پنهنجي ڪلام ۾ انهن ڳنوارن جي ڳالهه ڪري ٿو:

وَري وَڏيءَ وَسَ جون ڪيون ڳالهيون ڳنوارن
سَيدُ چَئي سَين، آهي تنوَهَ تُنهنجو آسَرو.

بلوچ (سارنگ ٣_١٥)

(٣) روجهہ:

رات ڏِٺائِين روجَهہ، پاڻءَ کِ اوٺِي آئيا.

بلوچ (ديسي ٥_٢)

روجهہ هڪ مشهور پهاڙي جانور آهي، جنهن کي "جابلو ڳئون" بہ چوندا آهن. شاهه صاحب ڪيس تصغيري حالت ۾ روجهڙي بہ سڏيو آهي. هنديءَ ۾ نيل گاءِ ۽ جهنگلي بيل سڏيندا اٿس. ڏادي متاري، رنگ جي ڪاري، پوري ۽ ڳاڙهي ٿيندي آهي. هن جا سڱ ساڙي ڪُشتو بنائي طبيب ڪم آڻيندا آهن. اڳ ڪراچي ضلعي جي جهنگلي ۽ پهاڙي حصن ۾ هي جانور هوندو هو ۽ هاڻي بہ بلوچستان جي پهاڙي علائقن ۾ ملي ٿو. لطيف سائين هي جانور بہ موجوده بلوچستان جي حب واري پاسي ڏٺو هوندو جو سسئيءَ جي حوالي سان چوي ٿو:

روجهہ ڏٺائين رات، هوت ڳوليندي حب ۾.

شاهه صاحب اڪيلي سسئيءَ کي پهاڙن ۾ مرندو محسوس ڪندي، سندس لاش تي، جيڪڏهن انسان ماتم ڪندڙ ڪونہ آهن تہ خوبصورت جهنگلي جانور ڪان ان جي مٿان روح جي رسم پوري ڪرائي ٿو:

ڏِکيءَ سنديون ڏنگرين، پسو! پٽون پُون،
مُئي پچاڻا مُنڌَ کي، روجَهہ رُڄَن ۾ رُون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پُوٽا اِيهين چُون، تہ مٿيءَ آسان کي مارٿو!
گريخشاٽي (معذوري ٦_١٣)

(۴)هرڻ:

جٿن سو هَرَڻُ_ هُماءَ، سَرگردان سَنسارَ ۾.
بلوچ (ديسي ٥_١)

هن مشهور جهنگلي جانور کي سنڌيءَ ۾ "هرڻ" ۽ هنديءَ ۾ "مرگهہ" سڏيندا آهن. شاهہ صاحب بہ هن کي پنهي نالن سان ياد ڪيو آهي. سُر ديسيءَ ۾ ڪيس "هرڻ" ۽ سارنگ ۾ "مرگهہ" چيو آهي.

سارنگ کي سارين، ماڙهُو مرگهہَ
مينهيُون.

ڪلياڻ آڏواڻي (سارنگ ١_١٧)

"جانورن ۾ سهڻي ۾ سهڻو جانور هرڻ سمجهيو ويندو آهي. سچ پچ تہ آهي ائين، بدن ناسي پورو، پيٽ اڇو، ڪن ڪنڊل، اکيون وڏيون ۽ ڪاريون، پُڇ ننڍڙو، ٽنگون سنهيون، وات بري ٻڪريءَ جهڙو، چال اهڙي ڏئي جو ڏسڻ مان ڍؤ ڪونہ ٿئي."(٦) سنڌي هرڻ قد ۾ وڏو ۽ بت ۾ ڀريل نظر ايندو آهي. ڪيس پري کان ڏسبو تہ ٻڪر جيئن ڏوپار پيو لڳندو. هن نسل جي صحتمند پهروءَ جو وزن ٣٥ کان ۴٥ ڪلوگرام ٿيندو آهي. هن جون اکيون ڏاڍيون سهڻيون ٿينديون آهن. چڙ تہ ڪجل پاتل اٿس. هن جي ڪارين ۽ وڏين اکين جو ڪو مثال ئي ڪونهي. اهوئي سبب آهي جو شاعر محبوب جي اکين جي هن سان ئي تشبيهہ ڏيندا آهن. هن جي نسل مان پيا جانور _ ڦاڙها، سَرهہ، گڏ ۽ سانبر آهن. جيتوڻيڪ هرڻ هڪ تيز رفتار جانور آهي ۽ هڪ اندازي مطابق هي ٨٠ کان ١٢٠ ڪلوميٽر لڳاتار ڊوڙڻ جي صلاحيت رکي ٿو. هرڻ ۽ سندس خاندان جي ٻين جانورن جو ماڻهو خوب شڪار ڪندا آهن. هونئن تہ هي جيڪو چال ماري ٿو سو ڪيس شڪاريءَ کان بچائي بہ سگهي ٿو پر هن ۾ هڪ اهڙي عادت آهي، جا سندس جان جي دشمن ٿيو پوي. اها هيءَ تہ هو جڏهن چرڪ پري تيز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻوڙندو آهي ۽ اوچتو ڪٿي ڪو دڙو يا ڪا مٿانهين اچي وئي ته اتي ويهي پٺتي نهاريندو آهي. جنهنڪري شڪاري وجهه وٺي ڪيس شڪار ڪري ڇڏيندا آهن.

هرڻ جي شڪار لاءِ سٺو وقت بهار ۽ برسات جي شروعات واري موسم آهي، ڇوته ان وقت وڻن ۽ ٻوٽن ۾ نوان گونچ ۽ پن وغيره نڪرندا آهن. هرڻ جڏهن انهن وڻن ۽ ٻوٽن جا پن يا ٻيو ڦٽل سائو گاهه چرڻ لاءِ نڪرن ته سندن شڪار سولائيءَ سان ڪري سگهبو آهي. باوجود پنهنجي نازڪ ۽ ڏاهڙ طبع جي، هرڻ اهڙو ته سورهيه آهي، جو هلڪي سلڪي ڏک کي ته ليکي ئي ڪونه. جيڪڏهن ڪيس پورو ڏک نه لڳو ته ڪونه ڪرندو. سسي، ڪنڌ، پيٽ ۾ ڇيرا نه لڳا يا ٿورا پاسيرا لڳا يا وري ٽنگ ڀڳي ته ٻَ ويندو هلندو. ايتري قدر جو اوجهريءَ ۾ پاسيرو ڏک لڳو ته به اوجهه ڪيرائيندو ڀڄندو ويندو. ان لاءِ وجهه وٺي ٻيو ڏک هڻي يا ٻوڙائي ٿڪائي جهلبو اٿس.

هرڻ جو گوشت ڪاڌي ۾ لذيذ ٿيندو آهي. هن جو گوشت رڌي به کائبو آهي، مگر شيخ ۾ پڪل وڏيڪ سٺو ۽ سوادي هوندو آهي. تنهنڪري چوندا آهن ته. "ٻاڪرو گوشت ته ٻوڙ، هرڻ جو گوشت ته شيخ".

هرڻ نازڪ طبع ۽ ڏاهڙ آهي. جنهنڪري ماڻهوءَ تي پري کان ئي نظر پيس ته ڇال ماري ڀڄي ويندو ۽ نازڪ طبع جي ڪري جهنگ ۾ اهڙن هنڌن تي رهندو آهي، جتي ماڻهن جو اير پير گهٽ هجي. ماڻهن جي بستيءَ ڏي ڪين لڙندو آهي. انهيءَ ڪري. "ٻارهن مهينن ۾ صرف هڪ دفعو، جڏهن ڀرين برسات پوندي آهي، تڏهن پاڻي پيئندو آهي. تڙن ۽ تراين ڏي ڪونه اچي، ڇوجو اتي ماڻهن جي اچ وڃ هوندي آهي."(٧) هن جي رهائش بابت رائچند هريجن لکي ٿو ته. "هرڻ جهنگ ۾ گوشائتن هنڌن تي ٿوهرن، چارين، ڦوگن يا ٻين وڻن جي گهاٽن ٿٻن يا ڏرڙن جي وچ ۾ خالي جاين تي پيرن سان زمين ٻهاري پاٽاري ٺاهيندا آهن. جتي رات جو يا ڏينهن جو ڪاڙهي تپڻ مهل آرام ڪندا آهن."(٨)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هونئن تہ هرڻ جهنگن ۾ رهن، پر ڪي شوقين پنهنجي شوق ۾ وندر خاطر گهرن ۾ بہ پالين. هرڻيون جولاءِ ۽ آگسٽ ڏاري ويامنديون آهن. سندس ٻچي (ڦر) ۾ هفتو ڪن تڪي ڊوڙڻ جي طاقت نہ هوندي آهي. ان وقت ڪيس جهلي گهر ۾ ٻڌي ڇڏبو آهي. روز صبح شام ٻڪري ڏارائبي اٿس. پهريائين چار پنج ڏينهن ڏارائڻ بعد هري ويندو، پوءِ پاٿيهي پيو ڏائيندو. گهر ۾ ڇوڙي ڇڏبو آهي. ڪجھ وَڏيرو ٿئي تہ اَن جي داڻن، مانيءَ جي ٽڪرن تي هيرائبو. سائو گاھ بہ آٽي ڏبو اٿس ۽ ڪنهن مهل ڇڏبو تہ ٻاهر وڃي گاھ وغيره ڪائي گهمي ڦري موٽي ايندو آهي. گهر ۾ ٻارن لاءِ اها هڪڙي وندر پڻ آهي.

مادي هرڻيءَ کي ننڍيون ۽ سنهيون ٦ کان ٨ انچن جون سڱيون ٿينديون آهن. ٽري هرڻ (نر) کي وڏا ڻلهيرا سڱ تقريباً ٻن فوٽن جيترا ٿين، جن تي سخت وڪڙ ڇلن وانگر ٿيند آاهن. اڪثر ماڻهو چوندا آهن تہ هرڻ جي ڄمار سڱن مان سهي ڪبي آهي، يعني جيترا سڱ ۾ وڪڙ اوترا سال ڄمار. هرڻ جي سڱن جا ڇيڙا تکا ۽ چهنبدار ٿيندا آهن. مٺل هرڻ جي سڱن جا ڇيڙا ڪپي، انهن کي گهڙي سنهو ڪري، نڪ جون ڦلڙيون (ڦليون) ٺاهيون آهن. جن تي ڇٽ ڪري انهن ۾ پارو وجهبو آهي تہ ان جي چلڪي جي ڪري ڏاڍيون سهڻيون لڳنديون آهن. ٽري عورتون خاص ڪري ڪنواريون جوان ڇوڪريون اهي ڦليون ڏاڍي شوق سان پائينديون آهن.

هرڻ جو هڪ قسم مُشڪ هرڻ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هن هرڻ کي سندس دُن ۾، مُشڪ جي ڳوڙهي ٿيندي آهي. جڏهن ان جي خوشبوءِ هرڻ کي محسوس ٿيندي آهي تہ هو ان جي ڳولا لاءِ سرگردان ٿي پوندو آهي. سَسُئي بہ جڏهن پنهونءَ جي ڳولا ٿي ڪري، تہ شاھ صاحب بہ سندس تشبيهہ هرڻ ۽ هماءَ پکيءَ سان ڏني ۽ فرمائي ٿو تہ سَسُئي سورن جو سبق بہ انهن کان ئي پرايو هوندو:

جيئن سو هَرَڻُ، هُماءُ، سَرگردان سَنسارَ ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڪ نہ ڪوڙي پَٽيين، ڏر سر ڏري نہ ساهُ،
جيڪُس تِنهہ مُلاءِ، سَسُئيَ سُورَ پرائيا.
بلوچ (ديسي ٥_١)

**(٥)سَرهُ:**

جَبَلَ ۾ جانارَ، سَرهَ گڏبئي سَسُئي.
بلوچ (ديسي ٥_٤)

سرهہ هرڻ يا ڦاڙهي جي شڪل جو جهنگلي جانور آهي. جنهن کي "سنڌ جو ڌاڪرو ٻڪرو" بہ سڏبو آهي. هن کي هڪ ننڍي ڏاڙهي ٿيندي آهي. جيڪا ڪاڏيءَ کان هيٺ پٺي لڙڪندي آهي. ماديءَ کي ڏاڙهي ڪانہ ٿيندي آهي. سَرهہُ جو رنگ اڪثر پورو خاڪي ٿيندو آهي. پر سياري ۾ اهو هلڪو ٿي ويندو آهي ۽ وڏي عمر وارن جو رنگ پڻ هلڪو ٿيندو آهي. نر جا سڱ وڏا ۽ خنجر وانگر پوئتي مڙيل ٿين ٿا. اهي نرڙ وٽ هڪ ٻئي جي ويجهو شروع ٿين ٿا ۽ متي هڪ ٻئي کان پري هٽندا وڃن ٿا ۽ سڱن جي ڊيگهہ گهڻو ڪري هڪ ميٽر کان ڏيڍ ميٽر ٿئي ٿي. سندس چوٽيون جبل سان گهڻ ڪري گڏل ٿين ٿيون. "هن جي مادي جا سڱ اٽڪل ٣٠ سينٽي ميٽر ڊگها ٿين ٿا. جيڪي گهڻو ڪري سڌا هوندا آهن. سَرهہَ جو قد اٽڪل ٩٠ س. م سندس جسم جي ڊيگهہ ١٠٥ ۽ پڇ وارن سميت ١٣ سينٽي ميٽر ڊگهو ٿئي ٿو. مادي نر کان ننڍي هوندي آهي. سنڌ جي ڏاڪٽي ڀاڱي ۾ البت نر ۽ مادي ٻئي ننڍا ٿيندا آهن."(٩)

هن جي رهائش بابت ڪتاب "**سنڌ جا ٿڻائتا جانور**" ۾ ڄاڻايل آهي تہ. "سَرهہُ اولهہ سنڌ جي ويران جبلن ۾ رهندو آهي. سندس رهائش جو خاص هنڌ کيرٿر ۽ پب جبل جا مٿاهان ڀاڱا آهن. هي جانور ڪراچيءَ جي ويجهو ٽڪرن وارن علائقن ۾ پڻ ڪڏهن ڪڏهن ڏسڻ ۾ ايندو آهي. تنهن کان سواءِ هي ٺٽي ضلعي ۾ موجود آهي. ڪنهن زماني ۾ سرهہ تيرٿ لڪي جبلن ۾ پڻ رهندو هو."(١٠) شاهہ صاحب جي ڪلام مان بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پانئجي ٿو تہ ھي جانور سسئيءَ کي پڻ جبلن ۾ مليو ھو ۽ اھو رات جو پوئين پھر ھو. پانيڻ جي پاڪار ھئي تہ مولا مھر ڪري ھڪ واري مون کي پنھون پسائج:

جَبَلَ ۾ جانارَ سَرَهَ گڏبئي سَسُئي،
پِنيءَ پوءِ پَوارِيين، پانيَڻ جي پاڪار،
ھوتاڻِي ھيڪارَ، مولي مون کي ميڙئين.

بلوچ (ديسي ٥_۴)

سرھُ اڪثر جبلن جي چوٽين تي رھندو آھي. سنڌ ۾ ھي سمنڊ جي سطح تي پڻ رھندو آھي. ھن جانور ۾ ٽپي ڏيڻ جو خاص نمونو نظر ايندو. جبلن جي لاھينءَ تي ھي جتي بہ ٽپو ڏيندو آھي، سندس پير اُتي ئي کپي بيھندا آھن ۽ پنھنجي جاءِ تان ھڪ تر بہ نہ ھٽندا آھن. ھي جبلن تي گوھيون ڏيڻ ۽ پچڻ جو ڏاڍو تکو ٿيندو آھي. پر سڌي زمين تي ايترو تيز ڊوڙي نہ سگھندو آھي. ٽڪرن تي مٿي بہ آسانيءَ ۽ تيزيءَ سان چڙھي ويندو آھي... ھن جي پيٽ ۾ ھڪ سائو ۽ قيمتي پٿر "بي_ زھر" ٿئي ٿو. ھي پٿر نانگ جي زھر ۽ ٻئي زھر جي علاج لاءِ استعمال ڪيو ويندو آھي. ھن جي ماديءَ کي بہ ٿڻ ٿيندا آھن ۽ اھا مارچ ڏاري ھڪ يا ٻہ ۽ ڪڏھن ڪڏھن ٽي ٻچا ڄڻيندي آھي."(١١) ۽ ھن جو گوشت تمام لذيذ ۽ سوادي ٿئي ٿو.

(٥)ھاٿي:

جيڪو جَبَلَ لنگھِيان، سو ھَيبَت جو ھاٿي.

بلوچ (ديسي ٦(٧)

ھاٿي ھڪ ڳرو، ٿلھو ۽ ڊگھو جھنگلي جانور آھي. ھن جون ٽنگون ٿلھيون ۽ ڪن وچڻ جيان وڏا ۽ ڊگھا ٿين. ھن کي ڊگھي سونڊ آھي، جا لچڪدار ھڏين جو مجموعو آھي ۽ مٿي ڪان پيرن تائين لڙڪندي رھندي اٿس. ھاٿي سونڊ ذريعي ڪائي پيئي ٿو ۽ شين کي زمين تان کڻي ٿو. ايستائين جو پٽ تي ھڪ ڪريل شيءِ کي بہ سونڊ ذريعي کنيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاٿي قد بت جي لحاظ کان تمام وڏو جانور آهي، پر سهونڊ ذريعي جيڪو آواز ڪڍندو آهي، سو تمام هلڪو آهي. ڄڻ تہ ٻار جون چيخون.

هاٿيءَ کي بہ ڏند تمام وڏا هوندا آهن. هونئن تہ هاٿي تمام ڪارائتو آهي، پر هن جا ڏند انتهائي ڪارآمد آهن. جن مان عاج حاصل ڪيو ويجي ٿو. جيڪو گهڻن ئي ڪمن ۾ گهربل هوندو آهي. ان لاءِ هي چوڻي مشهور آهي تہ: "هاٿي جيئرو لک تہ مئل سوا لک لهي."

هاٿيءَ کي الله تعاليٰ وڏي سمجهہ ۽ فهم سان نوازيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو انسان ڪيس جلدي ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪري وٺندو آهي. هن جو غصو بہ شديد هوندو آهي. جيڪڏهن بہ هاٿي پاڻ ۾ وڙهي پون تہ جيستائين هڪ مري نہ پوي، تيستائين سندن ويڙهہ ختم نہ ٿيندي آهي. امير ماڻهو هن کي پالي سواريءَ ۾ ڪم آڻيندا هئا ۽ اڳ تہ ميدان جنگ ۾ هي جانور ڪٽڪن کي ڪاهي ڳاهي ماري ڇڏيندو هو. چوندا آهن تہ "انڌو هاٿي لشڪر جو زيان". سنڌ ۾ ماضيءَ ۾ هاٿي هوندا هئا. پر هاٿي ڪونہ ٿين، پر شاهہ صاحب جي زماني ۾ سنڌ جي حاڪمن وٽ هاٿين جا ٽلا هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن امير ماڻهو هاٿيءَ ۽ شينهن جي ويڙهہ بہ ڪرائيندا هئا. مغلن جي راڄ ۾ تہ ان جو گهڻو رواج هو. شاهہ صاحب ان حقيقت کي سامهون رکندي فرمائي ٿو تہ:

اِي ڪيسر جو ڪم، جيئن هاٿيءَ کي هٽ هٽي
نهوڙي ناين سين، دمائينس نہ دم،
ڪلي وير قدم، ڪوڙي پر ڪٽي نهين.

هن جي عمر بابت ڪتاب "حيات الحيوان" جي مصنف ارسطوءَ جي حوالي سان لکيو آهيٰ تہ: هن جي عمر ٻئن سون سالن کان بہ وڌيڪ ٿيندي آهي ۽ ان جو مشاهدو بہ ٿي چڪو آهي. بقول ارسطو هن هڪ هاٿي ڏٺو جنهن تي هڪ خاص قسم جو نشان ٺهيل هو جيڪو تحقيق ڪرڻ کانپوءِ چار سؤ سال پراڻو ثابت ٿيو."(١٢)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**(٦) مرون:**

ڏکيءَ کي ڏکن جا، ڏاڃن تي ڏاجا،
لڳيس نائڪَ نيه جي، ڪُرُه اندرڪا جا،
ٿرنَ ۾ ٿاجا، ڪري مُنڌَ مرُن سين.

بلوچ (ديسي ٧_١١)

مرون يا سوئر ساڳئي جانور جا ٻہ نالا آهن. هن جي جسم جي ڊيگهہ پڇ کان سواءِ اٽڪل ١.٥٠ ميٽر، پڇ ٢٠ کان ٣٠ سينٽي ميٽر، قد ٧٠ کان ٩٠ سينٽي ميٽر ٿيندو اٿس. نر سوئر ماديءَ کان وڏو ٿيندو آهي. هن کي ڪنڌ کان پٺيءَ تائين ڊگها وار ٿيندا آهن ۽ اُن جو پڇ گوڏن تائين لڙڪندو آهي. هن جانور جو رنگ ڪاري سان گڏ اڇو يا ڀورو ٿيندو آهي، ننڍا ٻچا رنگ جا پورا ۽ وڏي عمر وارن سوئرن جو رنگ خاڪي ٿئي ٿو.

سوئر ٻيلن يا اهڙين جاين تي رهندو آهي، جتي وڏو گاهہ يا وڏو فصل ٻيٺل هجي. سنڌ ۾ دريائي ٻيلن ۽ ڪڇي ۾ عام جام آهي. هي جانور ڏينهن جو پنهنجي ڪکائين گهر ۾ ويهندو آهي ۽ شام يا صبح جو سوير ٻاهر کاڌي جي ڳولا ۾ نڪرندو آهي، سندس خاص کاڌو تلائن جي ڪنارن تي موجود ٻوٽن جون پاڙون ۽ ٻيٺل فصل آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن گوشت خوري بہ ڪندو آهي.

هي جانور ڊوڙڻ ۾ ڪافي تيز ٿيندو آهي. پر ڇيو وڃي ٿو تہ ڪيس ڪنڌ ۾ ڪلي هوندي آهي، جنهنڪري جلدي اُتي جو اُتي مڙي ڪونہ سگهندو آهي ۽ مڙڻ (ڦرڻ) لاءِ ٿورو گولائي چڪر ڪاٽي پوءِ ڦرندو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو وڏائي ڪندو ۽ ٻين تي نظر نہ ڌريندو تہ ڪيس چوندا تہ "ڪنڌ ۾ سوئر واري ڪلي اٿس".

سوئر ٻين سيني ڳُرن وارن جانورن کان وڌيڪ ٻچا ڄڻيندا آهن. هن جي ماديءَ کي ٻارهن (١٢) ٿڻ ٿين. سندس حمل جو عرصو اٽڪل ۴ مهينا هوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سال ۾ ٻہ دفعا ٻچا ڄڻيندي آهي، جنهن دوران ڇئن کان ڇهن تائين ننڍڙا سوئر پيدا ٿيندا آهن. سوئر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عمر ۲۰ کان ۲۵ سال ٿئي.

مرون وڙهڻ جو بہ ڏاڍو ٿيندو آهي، ڪتن ۽ ٻين جانورن سان پيو مرڻ گهڙيءَ تائين ويڙهہ ڪندو. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي گهٽي مار ڪڍجي يا گهٽي هدايت ڪجي ۽ مٿس ان جو اثر نہ ٿئي، تہ چوندا" اثر ئي نٿو ٿئيس، ماڻهو آهي الائي مرون." پر اهڙي سخت مزاج جانور کان بہ شاهہ صاحب نہ فقط سَسُئيءَ جا سور محسوس ڪرائي ٿو، پر ڪانئس اظهار بہ ڪرائي ٿو:

ڪي جي ڪَڍيا پارَ ڏکيءَ ڏونگر پاڻ ۾،
سُسئي سا ٿوارَ، مِرُون پِئا مامَري.

بلوچ (ڪوهياري ۲_۱۳)

يعني جڏهن سسئي سڄڻ کي ياد ڪندي رئندي پارَ ٿي ڪڍي تہ سندس اهڙي حالت ڏسي، جهنگ جا مرون بہ انهيءَ افسوس ۾ پيا ۽ ڪين بہ انهيءَ تي صدمو رَسيو. پنهونءَ جي جدائي بہ اهڙي جدائي آهي، جو ان ۾ ماڻهن ۽ مرن جا هينئڙا بہ ڦٽجي (ڏک ۾ ڳري) وڃن ٿا.

آريءَ جي اَفسوس ۾، ماڙهو، مرُون رُون،
اِن پَر سيئي هُون، هِنئڙا جَن ڦِٽجي وِئا.

بلوچ (معذوري ۲_۷)

**سُر ديسيءَ ۾ پکين جا اهڃاڻ:**

شاهہ صاحب پنهنجي سير سفر دوران قدرت جا گهڻا ئي ڪرشما ڏٺا ۽ هن جيڪي ڪجهہ ڏٺو پرکيو ۽ پروڙيو، ان تي فڪر ۽ تدبر ڪيو ۽ پنهنجي مشاهدي کي، بيتن ۽ واين ذريعي بيان ڪيو. هن ٿرن برن، ميدانن ۽ جهنگن ۾ بيشمار پکي ڏٺا ۽ انهن جا نالا، انهن جون فطري عادتون ۽ ڪردار پنهنجي ڪلام ۾ چڱيءَ ريت محفوظ ڪري ڇڏيا آهن:

ٻاهر ٻولي هنجهہ جي، اندر ڪوڙو ڪانءُ،
اهڙو ٽلهو ٿانءُ، پچين چوڻ پورا ڪرين.

جڏهن انسان مان ايڪي ۽ اتحاد جي برڪت ختم ٿي وڃي ٿي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو انتشار ۽ بربريت جو شڪار ٿي وڃن ٿا ته به ڪين پکين جي پريت مان سبق حاصل ڪرڻ لاءِ ٿي چوي ٿو:

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهائان ميٺ گهڻو.

سُر ديسيءَ ۾ شاهه صاحب مختلف پکين جي حوالي سان انسانذات لاءِ نوان نڪتا نروار ڪيا آهن. هن سُر ۾ جن به پکين جو ذڪر مليو آهي، انهن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو:

**(١)هُماءُ:**

ڪڻ بارائو باز ڪي، ڳجهه ڪي ڏي ۾ ڳل،
هماء ڏي تون هل، شڪرو ساڻ ڪٽي.

"باز، شڪرو ۽ هماءُ، هي سڀ پکي، سرڻ (هلِ) ۽ ڳجهه جي قبيلي جا آهن ۽ گوشت کائيندا، سواءِ هماء جي، جنهن بابت عام مشهور آهي ته هو پنهنجي چهنب سان، هڏيون سنهيون ڪري کائيندو آهي، پر ماس جي ويجهي ڪونه وڃي."(١٣)

بادشاهه جهانگير پنهنجي روزنامچي "تزڪ جهانگيريءَ" ۾ پڻ اهڙي تصديق ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته هڪ دفعي چڙي مار هماء پکي ڦاسائي منهنجي خدمت ۾ کڻي آيا. تجربو ڪيو ويو ته هو پنهنجي چهنب سان هڏيون سنهيون ڪري کائي رهيو هو. شيخ سعدي به پنهنجي شاعريءَ ۾ هن پکيءَ جي اهڙي خصوصيت جو ذڪر ڪيو آهي:

هماء برسر مرغان ازان شرف دارد،
ڪه استخوان خورد طائري نياز آزد.

(شيخ سعدي رحه)

هي سرگردان پکي آهي، جنهن وٽ ويهڻ جي وائي ئي ڪانهي. ياڻئجي ٿو ته سُسُئي پڻ سرگردانيءَ جو سبق هن ئي پکيءَ کان سکيو، جو وتي پئي جهر جهنگ ۽ جبل جهاڳيندي ۽ سور پرائيندي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهاوت عام آهي تہ "ٻتر پنهنجي ذات جو ويري". سنڌ ۾ تتر ڪاڻ ۽ لڙائڻ لاءِ پاليو ويچي ٿو.

سنڌ ۾ پرمي ماڻهن جو اهو عقيدو آهي تہ. ڪنهن ڪم سان ويندي، جيڪڏهن ساڄي پاسي يا هٿ تي تتر تنواريو تہ سٺائو (سياڳو) سوڻ ڄڻبو پر جي ڏائي (کاٻي) پاسي کان تتر تنوار ڪئي تہ بد سوڻ ليکبو. جيتوڻيڪ شاهہ صاحب انهن وهمن ۽ وسوسن کان پري هو، تہ بہ سَسُئي جي آس ٿو ڏيکاري تہ جنهن ساٿ ۾ سندس پيارو پنهون آهي، تنهن کي جبل جي لڪن مان لنگهندي شال سوڻ سڄايو ٿئي ۽ کاٻي طرف تتر نہ تنواري. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

ڪَرَڙا ڏُونگَرَ کَہ گهَٽي، جت رڻُ تتو رائو،
تترُ تئي مَ ٿن کي، ڏُونگر ۾ ڏائو،
جَڏِ جامُ پُنهون جائو، تَڏِ تتو سَولو طالعُ ساٿ جو.

بلوچ (ديسي ٦_١٢)

### ڪانءُ/ ڪانگ:

ڪارا ڏِنُرِ ڪانگ، لمَندا لَڪَن ۾.

بلوچ (ديسي ٦_١٧)

هي رنگ جو ڪارو گردن تي سفيدي، اکين جو تکو تورو تيڏو سياڻو پکي ٿئي. شاهہ سائين ڪانءُ کي اڏ ڊزن نالن سان ياد ڪيو آهي، جيئن ڪانگ، ڪانگڙو، ڪانگل، ڪانگو، زاغ، ڪنياتو وغيره.

ڪارو ڪوجهو ڪانءُ يا ڪانگ ڪنهن نہ ڏٺو هوندو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ليندو، بلڪ هرهڪ گهر جي در ديوار تي ويٺل ۽ هرهڪ وڻ جي شاخ تي ڏسڻ ۾ ايندو. اهڙي گهرائي ۽ ويجهڙائيءَ ڪري اڪثر گستاخ بہ رهندو آهي، جتي وهي اتي وٺِ لاهي، انڪري عام ماڻهو ان کي غليظ ۽ گندو سمجهندا آهن. جيتوڻيڪ هن جي ذات ذليل ۽ لات ٿقيل سمجهي وڃي ٿي، پر سنڌ جي پراڻي روايت موجب ڪانءُ قرب جو قاصد ۽ پريت جو پيامبر سمجهيو ويندو آهي، جنهنڪري وصل کان وانجهيل،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فراق جا قتيل، قرب جا ڪٺل، ڏکن جا ڏڏيل ۽ وڇوڙي جا ورتل هن پرندي کي پريت ۽ پيار سان پڪاريندا آهن ۽ هن کي قريبن جو قاصد سمجهي، هن جي ڪان ڪان ۽ ٺان ٺان کي "جيءَ ڪنياتا" جي وراڻي وراڻيندا آهن.

ڪانءُ داڻا چڳي، ماس مڇي به کائي ۽ ننڍن پکين جا ٻچا شڪار ڪري کائي وڃي. هن جي چمار چون ٿا ته ڏاڍي ڏکي ٿيندي آهي. پنهنجي بچاءَ لاءِ پوريءَ هوشياريءَ کان ڪم وٺندو آهي. هن جي سڃاڻپ پهاڪي طور ڪم ايندي آهي، چوندا آهن ته. "سياڻو جهڙو ڪانءُ"۽ "سياڻو ڪانءُ به ٽنگو ڦاسي". جيڪڏهن ڪنهن گهر جي ڇت، ٿنڀ يا مُنيءَ تي ويهي ڪانگ لنوي ته سنڌي ماڻهو چوندا ته اِجهو ڪو مهمان يا سڄڻ سائي پهتو. شاهه صاحب ڪانگ کي سڏي وڻ تي ويهڻ ڪان پوءِ خبرون چارون پڇي ٿو:

آءُ ڪانگا، وڻ ويهه، سُڏيون ڏي سائيهه جون.

شاهه سائينءَ جو پرين پرديس ۾، آهي، ڪانگا منهنجي پرين جون خبرون چارون ٻڌاءِ، ته تنهنجا سمورا پَرَ سون سان سينگاري ڇڏيان.

پرين جي پرديس ۾، تن جي ڪانگا ڪچ خبر،
ته سڀ مڙهايان سون سين پکي تنهنجا پَرَ،
گهمي مٿان گهر، ڏج پارانيا پرين کي.

## حوالا:

(١) ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهه جو رسالو، صفحو ٤٨١، ڇاپو ٻيو، ١٩٧٩ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، حيدرآباد.
(٢) ايضاً صفحو ٤٨١.
(٣) نثار احمد حداد، سنڌ جا ٿڻائتا جانور، صفحو ٨٩، ڇاپو پهريون، ١٩٧٦ع، سنڌ سائنس سوسائٽي، ڄام شورو، سنڌ.
(٤)رائچند هريجن، تاريخ ريگستان (جلد ٻيو)، صفحو ٣٠٦، ڇاپو ٻيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١٩٨٨ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/ حيدرآباد.
(٥) ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف، صفحو ٣٤١، ڇاپو پهريون، آگسٽ ١٩٩١ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، حيدرآباد.
(٦) محمد اسماعيل عرساڻي، نياريون وٽون، صفحو ٩٤، پهريون ڇاپو ١٩٨٠ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ.
(٧) رائچند هريجن: تاريخ ريگستان، جلد پيو، صفحو ٤٩٧ع، ڇاپو ٻيو، ١٩٨٨ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/ حيدرآباد، سنڌ.
(٨) ايضاً، صفحو ٤٩٩.
(٩) نثار احمد حداد: سنڌ جا ٿڻائتا جانور، صفحو ٨٧، ڇاپو پهريون، ١٩٧٦ع، سنڌ سائنس سوسائٽي، ڄام شورو، سنڌ.
(١٠) ايضاً، صفحو ٨٨.
(١١) ايضاً، صفحو ٨٨.
(١٢) مترجم مولانا محمد عباس فتحپوري: حيات الحيوان، جلد دوئم (اردو)، صفحو ٥٨٧، جولائي ١٩٩٢ع، اداره اسلاميات انارڪلي لاهور، پاڪستان.
(١٣) مرتب ڪريم بخش خالد: شاهه جو رسالو، سنڌ جي تاريخ جو ماخذ، صفحو ٣٧، شاهه صاحب جي ٢٢٦ هين عرس تي شايع ڪيل، سنڌ اطلاعت کاتو، ڪراچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسي ۽ سسئيءَ جو عزم

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون ست سورميون آهن: سسئي، سهڻي، سورٺ، مومل، مارئي، نوري ۽ ليلا.

شاهه صاحب سخاوت ڪان ڪم وٺندي، هڪڙي سسئيءَ جي شان ۾ پنج سُر چيا آهن: آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني. اهي سُر شاهه جي رسالي جو چوٿون حصو والارين ٿا. باقي سورمين لاءِ قناعت کان ڪم وٺندي، شاهه صاحب هڪ هڪ سُر چيو آهي.

سُر ديسيءَ تي ڳالهائڻ کان اڳ اچو تہ سسئيءَ کان پڇون تہ جڏهن ڪيچين جو قافلو ڀنڀور پهتو هو تہ ڪيس ڇا محسوس ٿيو هو. هنن جي اچڻ جي ڪيئن ۽ ڪنهن کي خبر پئي هئي، سسئي چوي ٿي:

ڪيچان آيو قافلو عطر آندائون،
ڪٿوري خوشبوءِ سين، وڻ ٽڻ واسيائون،
پسندي پنهونءَ جام کي وسريون وڃائون
خيما کوڙيائون، وريو بخت ڀنڀور جو!

قافلي وارن پاڻ سان عطر ۽ ڪٿوري آندي هئي ۽ خوشبوءِ سان وڻ ٽڻ واسي ڇڏيو هئائون. پنهون جام کي ڏسڻ سان عقل ۽ ڏاهپ موڪلائي ويا هئا. هو ڀنڀور ۾ رهي پيا، تنهنڪري ڀنڀور جو بخت وريو.

بر مڙوئي بوءِ، ڇپر ڇاڻون مُڪيون،
به به ٿي ڀنڀور ۾، هند مڙيئي هُوءِ،
راتين وري رُوءِ، گوندر لٿا گوليين.

بر بيابان توڙي جابلو علائقا خوشبوءِ سان واسجي ويا، ڀنڀور ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واه واه ٿي وئي. راڻين ۾ پاڻهين جا منهن خوشيءَ سان ٻهڪڻ لڳا. هنن جي اچڻ جي خبر خوشبوءِ مان هنڌين ماڳين پکڙجي وئي.
جڏهن ڏير پنهونءَ کي ڪٺي ويا. ان ڪان پوءِ جو احوال ٻڌائيندي سسئي چوي ٿي:

اڳڻ اُهيئي، جت نہ پسان جوءِ ۾،
اوطاقون اوٺين جون، سُڃيون سيئي،
اکڙيون روئي، ماڳ نهاري موٽيون.

پهرين ۾ پنهونءَ جي ڪچي وڃڻ ڪان پوءِ جو فرق ٻڌائيندي، سسئي چوي ٿي:

اڳي ايئن هياس، جئن پنهونءَ ڏوتر ڪپڙا
هاڻي ايئن ٿياس، جئن جت نہ نينم پاڻ سين!

—

جان جان هئڙم سک، تان تان سڀ سرتيون
جڏهن ڏسايس ڏک، تہ اوڏي ڪانَ اُبهي!

جيستائين سک هئم، تيستائين مون وٽ سرتين جا ميڙا لڳا پيا هئا، پر ڏکن ۾ ڪير ساٿ نہ ٿو ڏئي.
جڏهن هيءَ اڪيلي پيئور مان ڪيچ لاءِ نڪتي تہ واٽ تي پنهونءَ جي اُٺن جا پار پتا ڏيندي پڇي ٿي:

جُهوڙا جن جُهلن ۾، هيري لک هزار،
لڳا واٽ وٺن جا، پنهونءَ کي پالار،
آن کي ويندا گڏيا، اهڙيءَ سٽ سوار،
لنگهي ڪالهہ قطار، تون اُئي اڄ نهارين

يعني اُٺن تي جيڪي رنگين پٽيءَ پوش پيل هئا، انهن تي ٽٽونر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ لکن هزارن جا هيرا هئا. ويندي وٽن جون تاريون پنهونءَ کي لڳيون هونديون. اوهان کي اهڙا سوار ڏٺا. جواب مليس تہ "اها قطار ڪالهہ لنگهي وئي، تون اڄ پئي ڳولين."

شاهہ صاحب جن سسئيءَ کي چون ٿا تہ جڏهن تو ڏاريان اٺ پنهنجي اڱڻ تي ڏٺا هئا تہ سندن گس (رستو) وٺي فجر تائين ويٺي هجين ها ۽ مٽي جي وارن سان اُٺن کي زنجيرن وانگر قابو ڪرين ها، تہ پوءِ هيٺئن پنهونءَ کي ڪونہ ڪٺي وڃي سگهن ها:

اڱڻ مٽي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏٺئي ڏينهن
رٺي سڙڪ سسئي، ويهہ وهاٽيءَ سيئن،
چوٽيءَ سين چانگن کي جڙ زنجيرن جيئن
تہ هوت تنهنجو هيٺئن پنهون نيائون نہ پاڻ سين

لفظ سيلو يا سيلا (جمع) معنيٰ، وارن کي هڪ جاءِ تي ٻيهارڻ لاءِ ڏوري، ربين، ڪپڙي جو ٽڪر وغيره. هن سُر جي هڪ بيت جي هڪڙي سٽ آهي:

"سر هَنيو سيلا، لايو نينهن نندون ڪرين"

يعني مٽي کي ڏوري ويڙهيو، نينهن بہ ڪرين ٿي ۽ ستي بہ پئي آهين. اگر سمهڻ مهل ٻانهن مٿي هيٺان رکي سُمهجي تہ اها سيلي وارو ڪم ڏئي سگهي ٿي: منهنجي خيال ۾ سيلا، ٻانهن جي جاءِ تي علامت طور ڪم آيل آهن. شاهہ صاحب جن سسئيءَ کي چون ٿا تہ "نينهن بہ لائين ٿي، ۽ ٻانهن سيراندي ڪريو ستي پئي آهين، اهو غلط آهي":

ديسي سيڻ ڪجن پرديسي ڪهڙا پرين
لڏيو لاڏُوٽا ڪيو پنهنجي ديس وڃن،
پچاٽا پرين، ڪجي بس پنيور ڪان.

سسئي چوي ٿي تہ مٽي مائٽي ديس وارن سان ڪجي، پرديسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان نہ، اُهي پنهنجي ديس موٽيو وڃن. پوءِ انهن جي پويان وڃڻو پوي ٿو ۽ پنهور چڙهڻو پوي ٿو:

ڏُريائين ڏاريان، مٺ مٺيءَ جا نہ ٿيا،
مدِي ڏيرن من ۾، آءٌ ڪليو ڪيڪاريان،
صبح ٿي ساريان، تہ اُٺ نہ اوطاقن ۾.

ڪيچي ڏاريا هئا، مون هنن کي پنهنجو ڪيو، پر هنن مون کي پنهنجو نہ ڪيو. هُنن جي دل ۾ برائي هئي، هو پنهونءَ کي کڻڻ آيا هئا ۽ آئون ڪين ڪلي پليڪار پيئي چوان. صبح جو ڏٺم تہ اوطاقون اٺن کان خالي هيون.

سسئي جي پين سُرن وانگر هن سُر ۾ بہ مکيہ ذڪر سورن جو آهي، جيڪي ظاهر ۾ تہ سسئيءَ جي شاهديءَ کان پوءِ ڏيرن ۽ ڏاگهن جي اچڻ ۽ پنهونءَ کي پاڻ سان کڻي وڃڻ کان پوءِ شروع ٿين ٿا. ليڪن اصل ۾ جمڻ سان شروع ٿيا آهن. سسئي ماءُ جي ٿڄ، لوليءَ ۽ جهوليءَ کان محروم رهي، ڪيس احساس آهي تہ هوءَ نپايل آهي:

نڪو ڪيچ پنهور، نڪو مائٽ منڌ جو.

ڪيچ توڙي پنهور، ٻنهين ۾ سسئيءَ جو مائٽ ڪونهي.
ڇوري نِدوري، نڪو مائٽ مُنڌ جو.

هيءَ نياڳي ڇوري ڇني آهي، سندس ڪوبہ مائٽ ڪونهي.
ڪيس سور ڏيڻ وارا ڏير، ڏاگها (اُٺ) ۽ ڏونگر (جبل) آهن:
ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهين ڏنم ڏک،
سي سڀ پانير سک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي!

اُٺن، ڏيرن ۽ جبلن ڏک ڏنا. پر پنهونءَ سان ملڻ جي آسري تي اهي سک سمجهيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٿي وڃي، متان ذرا ذرا ٿي وڃي.

وارو ور وٺي ويا، ڏاڙهيءَ پنيا ڏير،
ڏينديس ڏاڍن ڏونگرين، انهين لاءِ اُلير،
ڪيچ پهچي ڪير، وڃڻ سين وس ڪريان

سسئي چوي ٿي ته پنهنجي ڏاڙهيءَ وارا ڏير پنهونءَ کي ڪٽي ويا آهن، تنهن کي ورائڻ ۾ مدد ڪريو. آئون جبلن تي تمام گهٽي ڳولا ڪنديس، ڪيچ پڄان يا نه، پر ڪوشش ضرور ڪنديس.

**پيغام:**

سسئي لنگهيو سو، مرد جنهن مات ڪيا،
جبل وڏو جو، نُونڻ مڙوئي نينهن کي.

شاهه صاحب جن چون ٿا ته سسئي، هڪ عورت، عزم ۽ اٽل ارادي سبب اهو جبل به لنگهي وئي، جيڪو مرد پار ڪري نه سگهيا. عشق جي اڳيان وڏو جبل به هيٺاهين هوندو آهي.

پڄان تان نه پڄان، وڃڻ سين وس ڪريان
سگهر مان سڄان، ته ڪا راٽي ۾ رڙي مُئي

سسئي چوي ٿي ته هوءَ ڪيچ پهچي يا نه پهچي، پر ويندي ضرور. ڇاڪاڻ ته وڃڻ سندس وس آهي، پر پهچڻ نه. اگر ڪيچ نه پهچي سگهي ته پوءِ شال سندس لاءِ اهو ٻڌجي ته هوءَ واٽ تي مري وئي.
شاهه صاحب جن چون ٿا ته پنهنجي اعليٰ ۽ ارفع مقصد لاءِ آخري دم تائين غيرمشروط جدوجهد جاري رکجي، ڪٽي ڇا به ٿي پوي، ڪٽي ڪجهه به نه ٿئي: ۽ ناڪامين کي خوشيءَ سان برداشت ڪرڻ جي همٿ به ڌارجي "ڪيچ پهچي ڪير، وڃڻ سين وس ڪريان."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاهہ جو سُر ديسي ۽ سسئيءَ جا دشمن

"ديسي" لفظ لاءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب لکي ٿو تہ "هي لفظ سنسڪرت لفظ "ديشي" جي پراڪرت صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏيهي يا پنهنجي مُلڪ جي". ڊاڪٽرصاحب اڳتي لکي ٿو تہ "ديسي هڪ راڳڻي جو نالو بہ آهي. جيڪا ديپڪ راڳ جي پنجن پارياڻن (زالن) مان آهي. راڳ مالا ۾ سندس تصوير هن ريت ڪڍيل آهي. ڳوري ورڻ يعني سُندس رُخسار من موهيندڙ آهن. نيري رنگ جو ويس اوڍيل اٿس. سارو بدن مٿين سان جهنجهيو پيو اٿس. ڪوئل جهڙو مٺڙو آواز اٿس ۽ پنهنجي پلنگ تي ليٽيل پتيءَ جي پرسان ويٺو هٿ ۾ ڪٽي بيٺي آهي ۽ ان سان ناز نخرو ڪري رهي آهي. هي راڳڻي ٻيپهريءَ جو ڳائبي آهي."

شاهہ سائينءَ جي سُر ديسيءَ لاءِ مون ٽن محققن جي رسالن جو مطالعو ڪيو آهي، جن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شامل آهن. انهن ٽنهي عالمن جي ترتيب ڏنل رسالن ۾ بيتن ۽ واين جو ڌار ڌار تفصيل هيٺ پيش ڪجي ٿو:

(١) ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري رسالي ۾ ڪل ست داستان آهن. ڪل بيتن جو تعداد ١٢٢ ۽ ڪُل واين جو تعداد ١١ آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي رسالي مان بلوچڪي زبان وارا اٺ بيت خارج ڪيا آهن ۽ لکي ٿو تہ اهي بيت شاهہ جا نہ آهن. جڏهن تہ مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي رسالن ۾ اٺ ئي بيت شاهہ جا ڄاڻايا آهن.

(٢) مرزا قليچ بيگ واري رسالي ۾ ڪُل بيتن جو تعداد ١٥٦ آهي ۽ ڪُل وايون ١٠ آهن.

(٣) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي رسالي جي هن سُر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪل بيت ١١٨ آندا آهن ۽ ڪُل وايون ١٠ ڏنيون اٿس.

هن سُر ۾ شاهه سائين سسئيءَ جا جيڪي دشمن ڄاڻايا آهن، تن ۾ ڏاگها، ڏير، ڏونگر، واءُ، سج، چنڊ ۽ ننڊ اچي وڃن ٿا. جهڙيءَ طرح شاهه سائينءَ اهو پسمنظر فلسفيانہ انداز سان پيش ڪيو آهي، اهڙيءَ طرح ڪنهن ٻئي شاعر جي وس ڪان اها ڳالهه ٻاهر آهي. ڏسو تہ شاهه سائينءَ اها منظرنگاري ڪهڙيءَ ريت ڪئي آهي:

اٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٽيڙم ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٽيا پنهونءَ پير،
پنجون ويري سج ٿيو، جنهن اُلهي ڪي اوير،
ڇهون ويري ڇپر ٿيو، جنهن سنول نہ ڪيا سير،
ستون ويري چنڊ ٿيو، جو ڪِرِيو نہ وڏيءَ وير،
واهيري جي وير، ڇُلون ڪريان ڇپرين!

شاهه سائين هن بيت ۾ ڄاڻايو آهي تہ سسئي انهن سڀني دشمنن جو مقابلو ڪندي، جدوجهد وسيلي پنهنجي پنهل جي ڳولا ڪري ٿي، ۽ ڪٿي بہ ڪُهجي ۽ ٿڪجي ڪانہ ٿي.

پيٽائي صاحب جو ڪمال ڏسو، جنهن وقت سسئيءَ وٽ ننڍس سرتيون ۽ ساهيڙيون اچن ٿيون ۽ صلاح ڏين ٿيون تہ جبل جو پنڌ ڏکيو اٿئي ۽ هرويرو مري کپي ويندينءَ تہ انهيءَ صلاح مُصلحت جي ڳالهہ هن ريت ٿو ڪري:

مڙي مُنڊ ڏي آئيون، ساهيڙيون سَهَجا،
اَلسفر قِطعةٌ منَ النار، هاري! موٽ هتا،
سَڳ صِراط مُستَقِيمَ جو، آٿي تان اڳٿا،
سي ڪيچي نيندين ڪٿا؟ تنهنجو نينهن نفاق سين

سسئي! سيني ساهيڙين ۽ سرتين کي چوي ٿي تہ آئون پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيڻ ڪي پنهنجي لاءِ ستن بادشاهين جهڙي غنيمت سمجهي ٿو: ڇوجو هي عشق ٿي آهي. جيڪو پُنهل ڪان نہ رڳو ڪيچ مڪران ڇڏائي ٿو. پر سسئيءَ جهڙي نبل ۽ اسونهين عورت ڪان بہ لڪن ۽ پهڻن جو پنڌ ڪرائي ٿو. سنڌيءَ ۾ هڪ پهاڪو آهي تہ "جبل سان متو هٽبو تہ ڦاٽي پوندو". پر هي عشق ئي هو. جنهن پرتياڻيءَ ڪي ايڏي سگهہ بخشي. جو هو جبل جهڙي آفتي پڪن سان اهڙيءَ ريت نبرد آزما رهي ۽ ڪاميابيءَ جي حدن کي ڪراس ڪندي. لاحد جي اُن مقام تي پهتي. جتي زمان ۽ مڪان بہ سسئيءَ جي عظمت کي سجدا ڪندي نظر آيا. اهڙو پسمنظر شاهہ سائينءَ جي هيٺين بيت ۾ سمايل آهي:

ڪوڙا ڏونگر ڪہ گهٽي، جت برپٽ بيران،
ڏاهن ڏاهپ وسري، ٿٿا حريف ٿي حيران،
سسئي لنگهئو سيد چئي، محبت سين ميدان
جہ جو آرياڻي اڳوڻ تنهن کي ڪانهي ڀاڪ ڀهير ۾!

اسان جي سنڌي سماج ۾ سؤڻن ۽ ساڻن کي بہ وڏي اهميت حاصل آهي. قديم وقت ڪان وٺي ماڻهو جڏهن ڪنهن سفر تي اُسرندا آهن تہ راهہ ويندي ڪي پکي يا جانور ڏسندا آهن تہ اُن مان بہ هو پنهنجي سفر لاءِ پيشنگوئي ۽ اڳڪٿي طئي ڪري وٺندا آهن. شاهہ سائينءَ بہ سنڌ جي مزاج جي گهرائيءَ جي تهہ تائين ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. شاهہ سائينءَ جي سُر ديسيءَ ۾ اهڙا بہ بيت آهن. جن ۾ ڪاٻي پاسي ڪان تتر جو ٻولڻ بدسوڻ ۽ نياڳ جي علامت سمجهيو ويندو آهي ۽ پيو مالاري پکي، جيڪو تر ۾ اڃا تائين آهي ۽ جيڪڏهن واڻ تي ڪاٻي پاسي ڪان اُڏامندو آهي ۽ ساڄي طرف ڏانهن ويندو آهي تہ ان کي بدسوڻ سمجهيو ويندو آهي. شاهہ سائين اهڙي منظرنگاري بيتن ۾ هن طرح بيان ڪئي آهي:

ڪرڙا ڏونگر ڪہ گهٽي، جت رڻ تتورائو،
تتر ٿئي مَر تن کي، ڏونگر ۾ ڏائو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن ڇام پنهون ڇائو تڏهن ٿي وس وٽڪار ۾.

سڀي هٽ ساٿين جي، مَر وانءَ مالاري،
ڏائي جا ڏيرن جي، مَٿج سا تاري،
مان نه ورمن وچ ۾، اولاڻي آري،
اسونهين ويچاري، ڪنهن پر مڙي ڪيچ ڪي.

شاه سائين پنهنجي ذات وسيلي هرهڪ ست ۾ جهڙيءَ ريت فلسفي کي بيان ڪيو آهي، اهو ڪنهن به طرح دنيا جي فلسفين کان ڪنهن به ريت گهٽ ڪونهي. مان هتي هڪ اهڙو مثال پيش ڪندس، جنهن ۾ سسئيءَ جي سورن جو ذڪر ٻڌائيءَ هڪ بيت ۾ ڪيو آهي: گويا درياهه کي ڪوزي ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. ايران ۽ بلوچستان ۾ هڪ قسم جو هرڻ آهي، جنهن جي دُن (ناف) مان ڪٿوريءَ جي سُرهاڻ نڪرندي آهي ۽ اُن هرڻ کي اها خبر نه هوندي آهي ته اها سُرهاڻ ڪٿان اچي ٿي ۽ اهو هرڻ سڄي عمر ڏينهن توڙي رات ڊوڙندو رهي ٿو. انهيءَ هرڻ جي اڳين ڇنگهن ۾ سنڌ نه ٿيندو آهي، اُن ڪري اُهو هرڻ نه ويهي سگهندو آهي، ۽ نه ليٽي سگهندو آهي ۽ سڄي عمر ڊوڙي ڊوڙي مري ويندو آهي. قدرت واري هن کي دُن ۾ جيتري مُشڪ سان نوازيو آهي، اوترو ڪيس اڻ ڄاڻ رکيو آهي، جنهن کي هو سمجهي نه ٿو سگهي ته اها خوشبوءِ ڪٿي آهي. پر اُن مشڪ ڏيندڙ هرڻ جي حياتي سرگرداني ۾ گذري ٿي ۽ انهيءَ تي ئي لطيف سائينءَ جيڪي عڪس چٽيا آهن، انهن جو اولڙو هنن سٽن تي جرڪي رهيو آهي ته:

جيئن سو هرڻ هُماءُ، سرگردان سنسار ۾،
هو پڪ نه ڪوڙي پٽين، هيءَ سرڏري نه ساهه
جيڪس تن مُلاءُ، سسئيءَ سور پرائيا.

مٿين بيت ۾ هرڻ سان گڏ هُماءُ پکيءَ جو به ذڪر ٿيل آهي، هُماءُ اهو آسماني پکي آهي، جيڪو سڄي عمر آسمان ۾ پرواز ڪندو رهي ٿو اُتان ئي آنو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاهي ٿو ۽ اهو آنو آسمان ۾ ٺي هلندي هلندي ڦٽي پوي ٿو جنهن مان پيو هُماءُ پيدا ٿئي ٿو. سنڌ جي هڪ پٺي صوفي شاعر فقير خوش خيرمحمد هيسباڻيءَ به اهڙو ذڪر هيٺئين سرائڪي بيت ۾ هن ريت ڪيو آهي ته:

ڪر ويکو انصاف آني دا، جيکو آسمانون آندا
نال ڦٽڻ دي ڦرپچون تي جاندا ڪيڏا ڪسب ڪماندا
ڪر عروج اصل تي ويندا، ويکو هوش هُماءُ دا
خوش خيرمحمد تين ڪيون وطن وساريا، جو تون هوين مُرغ هوادا.

بهرحال شاهه صاحب جي سچي رسالي ۾ سسئيءَ جي ايتري اهميت ۽ عظمت آهي، جنهن پلاري پٽ ڏٺيءَ کي ايترو مجبور ڪيو جو هڪ ٺي سسئيءَ جي ڪردار کي پنهنجي رسالي ۾ پنجن سُرن ۾ قلمبند ڪيو اٿس. آءُ ته ائين به چوندس ته سسئي پيتائيءَ جي رسالي جي ڳچي ۾ نَوَ لکو هار آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسي ۽ شاهه سائينءَ جي حقيقت نگاري

ديسي سنسڪرت لفظ "ديشي" جي پراڪرت صورت آهي ۽ معنيٰ اٿس "ڏيهي"، پنهنجي ملڪ جي. سُر ديسي هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي. سُر ديسيءَ ۾، سسئيءَ جي ڏکن ڏولاون، جدوجهد ۽ پڪي اِرادي جو ذڪر، لطيف سائينءَ ڏاڍي پُراثر انداز ۾ ڪيو آهي. علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي ترتيب ڏنل، شاهه سائينءَ جي رسالي جي سُر ديسيءَ ۾ ست داستان آهن، جن ۾ ١٣٧ بيت ۽ ١١ وايون ڏنل آهن.

سُر ديسي، سسئي پنهونءَ جي قصي جي پنجن سُرن مان هڪ اهم سُر آهي، جنهن ۾ لطيف سائينءَ ڪٿي سسئيءَ جي ڪمزور هئڻ جو ذڪر ڪيو آهي، ڪٿي غفلت جي ننڊ ڪي نِنديو آهي تہ ڪٿي سسئيءَ جي ڏيرن ڪي دغا ۽ دوکي ڪرڻ تي بہ نِنديو آهي تہ ڪٿي سسئيءَ جي همت، حوصلي، پُختي ارادي ۽ جدوجهد ڪي ڳايو آهي.

سُر ديسيءَ ۾ لطيف سائينءَ، ڪمال مَهارت سان، هر منظر ڪي چٽيو آهي ۽ اعليٰ آرٽ جو نمونو پيش ڪيو آهي. ۽ پنهنجي شاعريءَ ڪي نہ رڳو حق ۽ سچ جو ويس پارايو آهي، پر فني ڪمال ۽ فڪري گهراين ڪي بہ آسمان جي بُلندين تي پهچايو آهي.

جيستائين پيغام جو تعلق آهي تہ لطيف سائينءَ هميشہ حق، سچ ۽ سُونهن جي بيان سان گڏ ڪمزور، بيڪس، مجبور ۽ مظلوم ماڻهن جو ساٿ ڏنو آهي. ظلم ۽ ناحق ڪي نِنديو آهي. سندس ڏات، ڏانءَ ۽ پيشڪش جو انداز بنهه نِرالو آهي.

لطيف سائينءَ جي فلاسافي، جهان ۾ اَمن، آشتي، سُک، سلامتي، خوشي ۽ خوشحاليءَ جي فلاسافي آهي. پيار، محبت ۽ ڀائيچاريءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرچارُ آهي. اِنسان دوست روين ۽ انساني اُمنگن تي مشتمل فڪري اُڏام آهي. سندس پيغام عالمي ۽ آفاقي پيغام آهي.

## شاهه سائينءَ جي حقيقت نِگاري:

لطيف سائينءَ جي شاعري حقيقت تي مُبني آهي. جنهن جا ڪجهه مثال سُر ديسيءَ مان پيش ڪجن ٿا:

سسئيءَ جا ڏير (چنرو، هوتو ۽ نوتو) جڏهن ڀنڀور ۾ اچي مهمان ٿي رهن ٿا ۽ رات جو پُنهونءَ کي شراب پياري، اُٺ تي ڪٽي هليا ٿا وڃن ۽ صبح جو جڏهن سسئيءَ کي "ڪاريءَ وارا ڪک" ٿا نظر اچن، تڏهن سندس دل جي ڪيفيت ڪهڙي بيهي ٿي، اُها هِن بيت مان ئي پَسي سگهجي ٿي:

ڏُريائين ڏاريان، مٺ مُئيءَ جا نہ ٿِيا،
مَدي ڏيرن مَنَ ۾، آءٌ ڪِليو ڪيڪاريان،
صُبُح ٿي سارِيان، تہ اُٺ نہ اوطاقن ۾.

اِهڙيءَ صورتحال ۾ سسئيءَ جي دل آخر ڪهڙو فيصلو ڪيو هوندو ۽ ڪهڙي قسم جا خيال سندس دل ۾ جنم وٺندا هوندا؟ اِن حقيقت کي لطيف سائينءَ هيئن اظهاريو آهي:

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪِهڙا پرين!
لَڏيو لاڏوٽا ڪيو، پنهنجي ديس وڃن،
پُڇاڻان پرِيُن، ڪَجي بس ڀنڀور ڪان.

سسئيءَ سان جتن جاڙ ڪئي، پر هنا تہ پنهونءَ جا ڀائر، اُن ڪري ڪين پٽي ۽ پاراتا نہ ٿي ڏئي، بلڪ دعائون ڏيندي چوي ٿي:

جَتا! شال جيؤ! جيئو ٿا جاڙون ڪريو،
ڀانيَڻِ کي ڀروچ رِي، ڀيلي ناهہ ڀيو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چنڻ تان نہ پيس، هي سَگَ نہ چنڻ جهڙو!

سسئيءَ جي سوچ جي هڪڙي هيءَ بہ تصوير آهي، جنهن ۾ هوءَ پنهنجي سهيلين سان مخاطب ٿئي ٿي:

جي ڄاڻان ڄتن، پوءِ پٽاندرُ هيترو
آءٌ ڪيئن ملان ٿن، سَرتيون سُور پرائيان.

ڪيس ڏيرن جي ڏاڍاين ۽ ڏنگاين جو احساس تہ ٿئي ٿو، پر اُن جي پرواهہ نہ ٿي ڪري، هن کي فڪر آهي تہ شال سندس محبت مياري نہ ٿئي، شل سندس ڏينهن اجايو نہ گذري:

ڇاجي ڏنگا ڏيرَ منهنجو ڏينهنُ ڏنگو نہ ٿئي
اٺن اوٺيڙن جي، ڇا وهيٽو ويرَ،
هيءَ ڪميٽي ڪيرَ جا اُمرَ کي آڏو اچي!

سسئي پنهل پريان جبل جهاڳي ۽ ڪشالا ڪٽي ٿي پوءِ بہ اٺن آريچن ۽ جتن لاءِ سندس دل مان دعائون نڪرن ٿيون اهو عشق جو ڪمال آهي:

اُسَ مَ لڳي اوٺيين، ليڙان لُڪَ مَ لڳ،
الله آريچن کي، ڪوسو واءُ مَ وڳ،
جَتَ جَهان ۾ جڳ، مُنهنجي پرت پُنهونءَ سين

سسئي جڏهن پنهنجي وَرَ جي پُٺيان وڃڻ جو پڪو فيصلو ڪري وٺي ٿي، تڏهن پنهنجي سهيلين جي سمجهائڻ تي ڪين هن طرح مخاطب ٿئي ٿي:

پُنهونءَ سين پريت جي، ڪو جو پيچ پيوم،
پَنيي هن پنيور ۾، وهڻ وهُ ٿيوم،
متيون مونڻ سنديون ڪاڪَيون ڪين ڏيوم،
سرتيون ساهُ سندوم، ٿيو حوالي هوت جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سسئي پنهنجي ڏکن، ڏولاون، تڪليفن ۽ اذيتن کي ياد ڪندي، سهيلين سان هن طرح به ڪٿي مخاطب ٿئي ٿي، جو فطري امر آهي:

ڏاگهن، ڏيرن ساڻ، ڪَرهن ڪيچِيُن ساڻ،
متان ڪا ٻي لنئُن لائي، (وائي)

سسئي سموريءَ جدوجهد ۾ ڪٿي به مايوس ۽ نراس نہ ٿي ٿئي، هن کي خدا ۽ محبوب جي حمايت جي خاطري آهي:

سمر جنين نہ ساڻ، هوت حماتي تن جو،
ڪري ڇيڄ ڇپر ۾، پُنهوَن ايندو پاڻ،
ٽيندي ريجهہ رهاڻ لحظي منجهہ لطيف چئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ديسيءَ جي لغت ۽ ٻوليءَ جو بيان

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو شمار دنيا جي انهن ممتاز تاريخ نويس شاعرن ۽ صوفين ۾ ٿئي ٿو، جن پنهنجي ڪلام ۾ مقامي قصن ۽ ڪهاڻين کي موضوع بڻايو آهي. شاهه جو رسالو سنڌ جي جاگرافيائي، تهذيبي، ادبي، ثقافتي ۽ تحقيقي تاريخ جو ماخذ آهي. هن پنهنجي رسالي ۾ انساني زندگيءَ جي مختلف رخن تي روشني وڌي آهي. رسالي جا سُر گهڻو ڪري عوامي داستانن سان واسطو رکن ٿا ۽ زندگيءَ جو ڀرپور عڪس پيش ڪن ٿا.

سسئيءَ جي ڪردار کي شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ پنجن سُرن ۾ منظوم ڪيو آهي. سسئيءَ جا ڏير پنهونءَ کي ڪانئس جدا ڪري وڃي ڪيچ مڪران مان ٿا نڪرن، هيءَ ويچاري مقصود ۽ منزل جي خاطر برپٽ بيابان لتاڙيندي، جبل جاڳيندي پئي وتي. سسئيءَ جو سياءُ، هرڻ هماءَ جهڙو آهي، جيڪي هن سنسار ۾ سدائين سرگردان هوندا آهن:

جيئن سو هرڻ هماءُ، سرگردان سنسار ۾،
هو ڀڳ ڪوڙيِ پٽئين، هوُ ڏر سر ڏري نه ساءِ،
جيڪس تن ملاءِ سيئيَ سور پرايا.

—

ڏريائين ڏاريان، مٽ مٺيءَ جا نه ٿيا،
مدي ڏيرن من ۾، ڪليو ڪيڪاريان،
صبح ٿي ساريان، ته اٺ نه اوطاقن ۾.

پنيور سنڌ ۾ قديم ۽ تاريخي شهر آهي. پنيور ٺٽي کان ۲۰ ميل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پري اولهه طرف درياءَ سنڌ جي ڪناري تي هڪ شاندار ۽ وڏو واپاري مرڪز هو. پوري دنيا سان هتان ڪاروبار هلندو هو ۽ ڪيترن ئي ملڪن جا جهاز لنگر انداز ٿيندا هئا. لاڪيٽي لطيف پنهنجي رسالي جي سُر سسئيءَ ۾ هن شهر جو بار بار ذڪر ڪيو آهي:

ڪاڏي منهن مڪران جو، ڪاڏي ڪيچ ٿيو،
ڀڃڙو ساٿ ڀنڀور تان، ڪڏهين ڪونہ پيو،
ڪوهيارو ڪامَ هٿي، چوري چت ويو،
جنهين جت نيو، تن اٺن گھوري آهيان.

**شاهہ صاحب ۽ ٻولي:**

شاهہ صاحب ڪي پنهنجي حياتيءَ ۾ تي شيون ساڻ هونديون هيون. قرآن مجيد، مثنوي مولانا روم ۽ شاهہ ڪريم جو رسالو. انهن ٽنهي مقدس ڪتابن رکڻ واري جي علمي حيثيت ڪي ٻوليدان ئي ڄاڻي سگهي ٿو. شاهہ صاحب هڪ ٻرڪ ٻولي دان هو ۽ هن سنڌي ٻوليءَ ڪي لغت سان مالامال ڪيو آهي. جهڙوڪ: صرف اٺ لاءِ هيٺيان لفظ ڪم آندا اٿس:

چانگو، مَيو، ليڙو، ڪرهو، توڏو، ناقو، ڪنواٽ، ٻودو، مهري، پانچاريو، ڪرهل، لاڏو، ٻور، ٻتارو، ٻور، ٻوتو وغيره.

اهڙيءَ طرح بهادر لاءِ بہ ڪيترائي لفظ استعمال ڪيا اٿس، جهڙوڪ:

پهلوان، پانوَ، وريام، وير، مانجهي، جهونجهارو وغيره.

اهڙيءَ طرح شاهہ صاحب ماءُ جي لاءِ ڪيترائي لفظ، گاهن جا بيشمار نالا ۽ قسم ڏئي ٻوليءَ جي لغت ۾ اضافو ڪيو آهي ۽ زبان جو ايترو وسيع ۽ ڪثير ذخيرو شايد دنيا جي ڪنهن شاعر ڪم آندو هجي، جنهن ۾ ضرب الامثال، محاورا، پهاڪا ۽ معياري ۽ ادبي فقرا بيان ڪيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويا هجن.

مثال طور سُر ديسيءَ مان هيٺيان فقرا ڏجن ٿا:

آئون پيادي پنڌين، نماڻي نڌر.
(ديسي، ٥_١٢)

ديسي سيڻ ڪجن پرديسي ڪهڙا پرين
(ديسي، ١_١٢)

ڏريان ٿي ڏاريا مٿ مٺي جا نہ ٿيا.
(ديسي، ١_١٣)

زاريءَ ڏاران زور، هلي ڪونہ حبيب سين
(ديسي، ٣_١٨)

سنجهي مون نہ سنڀاليو، صبح ساريم سور.
(ديسي، ٣_٩)

ظلمت جا زمين جي سا نرمل نور ڪريج
(ديسي، ٧_١٦)

گولي ٿيان گلبوءِ جي مون نيو پاڻ سين
(ديسي، ٣_٥)

منهنجو وس واڪا، ٻڌڻ ڪم پروچ جو.
(ديسي، ٦_١)

مون نماڻيءَ جي نجهري پيرو ڪر پيتار.
(ديسي، ١_١)

ورا! مَر وسارج، آهيان تنهنجي آسري
(ديسي، ٧_١٦)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اردو پاگو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



جتوئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

ايڊمن: صاحب خان "سورهه" ميرائي

Cell No: 0344 - 3919786

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سید مظہر جمیل

# ادبیاتِ عالم اور نغماتِ لطیفی

## (بحوالہ سُر سسئی آبری اور سُر دیسی)

